# ئانا

ميكسىم گوركىي

# ماءُ

ميڪسم گورڪي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ماءُ

## ميڪسم گورڪي

روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو

١٩٨٦ع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سنڌيڪار:- م - ع ڏيپلائي

تعداد : هڪ هزار

دفعو: ٻهريون

قيمت ٣٥ رپيا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ( ١ )

هر روز اسر جو ڪارخاني جو گهوگهو زور سان اونائيندو هو، ۽ مزورن جي بستيءَ مٿان ڳريءَ ۽ ڳريءَ فضا ۾ پکڙجي ويندو هو. اُن جي سڏ جي تعميل خاطر ڪيئي انسان فرحت ۽ طاقت بخشيندڙ ننڊ ۽ مٺڙن سپنن مان ڇرڪ ڀري جاڳي پوندا هئا.

هو تکا تکا اداس ۽ بيزار حالت ۾، پنهنجن ننيڙن سادن گهرن مان ڊچندڙ سرڻن وانگر نڪري پوندا هئا ۽ ٿڌيءَ ۽ اونداهيءَ فضا ۾، ڪچي رستي تان، انهيءَ ڪارخاني جي اوچين پٿر جي جاين ڏي روانا ٿي ويندا هئا، جو جڻ ته ڏاڍيءَ لاپرواهيءَ ۽ آڪڙ سان سندن انتظار ڪندو رهندو هو.

هنن جي پيرن هيٺان گپ چر چر پيئي ڪندي هئي، هو ڳرن ۽ ننڍا ڪرن آوازن سان، گارگند ۽ ڦٽ لعنت جي شور ۾، فضا کي چيري ڇڏيندا هئا. لوهي پيرن جي بيهودي ڪڙڪڙ ۽ ٻاڦ جا سوسات وڌندا ويندا هئا. دونهين جا ڪڪر ڪارن بخارن سان نڪرندا، وڌندا، سڄي ڳوٺ تي ديو وانگر ڇانئجي ويندا هئا.

شام جو لهندڙ سج جنهن وقت جاين جي درين مان ٽڪل ٽٽل ٻاچولن کي ڏسندو هو، ته ان وقت ڪارخانو، ماڻهن کي پنهنجن پٿريلن ٿهه خانن مان اهڙيءَ طرح اوڳاري ڪڍي ڇڏيندو هو، جو جڻ ته ڪو گند ڪچرو هجي. ويچارا پورهيت تيل ۾ ٻڏل ڪاراٽيل ڇهرن، ٻکئي پيٽ ۽ چڪندڙ ڏندن سان، هڪ پيرو وڙي رستي تي نڪري ايندا هئا. سنڌن ٻلن سان مشين جي تيل جي ٻانس ٻيٺي اينديءَ هئي. هاڻي هنن جو آواز ڪڙائيءَ وارو، جوشيلو ٻلڪ سرهائيءَ پريل به ٿي ويندو هو: هڪڙي ڏينهن جو ٻيو به ڪم پورو ٿي ويو، گهر ۾ ڪاڏو ۽ آرام سندن اوسيڙي ۾ هوندا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪارخاني جون مشينيون ڏينهن کي گڙڪائي ويون، لوهي پرزن ضرورت آهر پورهيتن کان محنت نچوڙي ۽ چڪي ورتي. ڏينهن جو نالو نشان به نه رهيو، ۽ انسان پنهنجي قبر ڏانهن وک کن اڳتي وڌي ويو. انهيءَ هوندي هن وقت هو دونهين سان ڏتيل شراب خاني جي فرحتن جو اميدن پريو اوسيڙو ڪري رهيو هو، هائي هن کي اطمينان هو.

آچر ۽ بين موڪل جي ڏينهن تي ماڻهو ڏهين بجي صبح تائين سمهندا هئا. پرڻيل ماڻهو اٿڻ کان پوءِ بهترين لباس پهري عبادت جي واسطي نڪري پوندا هئا. هو نوجوانن کي سندن مذهبي بي راه رويءَ تي چينيي، عبادت کان پوءِ ”پيروگي“ (سنبوسا) کائي، وري اچي دڳها تي، شام تائين سمهي رهندا هئا.

سالن جي گڏ ٿيل ٿڪ سندن بک ماري ڇڏي هئي، انهيءَ ڪري شراب پي، هاضمي کي تيز ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رنيي ويندا هئا ۽ ”وودڪا“ (روسي شراب) جي تيز ۽ ڪئوڙن ڍڪن کي چاڙهي پيٽ کي گرماش پهچائيندا هئا.

هو سانجهيءَ تائي رستن ۽ پيچرن تي هوا خوريءَ لاءِ نڪرندا هئا. پر آنهن سان گهٽن وٽ ربڙ جا جوتا ئي هئا، سي خشڪ رستي هوندي به اهي ئي جوتا پائيندا هئا، ۽ جن وٽ ڇٽيون هونديون هيون، سي وري آهي به کڻي نڪرندا هئا، ڪٿي موسم ڪهڙي به وڻندڙ خوشگوار ڇو نه هجي.

دوست هڪبئي سان ملڻ مهل سدائين ڪارخاني، مشين ۽ پنهنجي فورمين بابت ڳالهه ٻولهه ڪندا هئا ۽ ڪڏهين به اهڙيءَ ڪنهن شيءِ جي ڳالهه ٻولهه ئي ڪانه ڪندا هئا، جنهن جو لاڳاپو سندن ڪم سان نه هجي. اتفاق سان ڪن پريشان خيالن جون ٿڙيل ٻڪڙيل چڻگون، سندن حياتيءَ جي رکيءَ ۽ اڻنگيءَ هڪجهڙائيءَ ۾، ٽمڪنديون هيون ـ مڙس گهٽو ڪري گهرن ۾ اچي زالن سان اٽڪندا ۽ جهڳڙندا هئا ۽ کين مارون ڪيندا هئا. نوجوان ڊڙي گهٽي ۾ دوستن وٽ وڃي نڪرندا هئا، جتي اڪارڊين (ساز)

books.sindhsalamat.com    www.sindhsalamat.com

وڄائيندا، اڻ سهائيندڙ راڳ ڳائيندا، نچندا، گاريون ڏيندا ۽ بدمست ٿي ويندا هئا.

سخت پورهئي جي ڪري هو ٿڪل ٽٽل ته اڳيئي هوندا هئا، ان ڪري ڪين نشو جلدئي وٺي ويندو هو ۽ سمجهه ۾ نه اچڻ جهڙي، اڄرج ۾ وجهندڙ پريشاني سندن سيني ۾ خلش پيدا ڪندي ٻاهر نڪرڻ لاءِ رستو ڳوليندي هئي ۽ ڪين جهڙي ڪري وجهندي هئي. انهيءَ ڪري هو پنهنجن احساس کي آٿت ڏيڻ وارو معمولي ڪان معمولي وجهه به هٿان ڪونه وڃائيندا هئا، ۽ ناليءَ ماتر جيترائڻ سان هڪٻئي تي وحشين وانگر اچي ڪڙڪندا هئا. منجهن خون خرابيون ۽ رتو ڇاڻ ٿينديئي رهندي هئي ۽ سندن روز مره جا جهيڙا، ڪڏهين ڌڪ ڦٽ، ڪڏهين قتل ۽ ڪڏهين خونريزيءَ تائين وڃي پهچندا هئا.

هنن جا هڪٻئي سان ناتا ۽ لاڳاپا ضرور هئا، پر انهن ۾ ديپل ساڙ ۽ دشمنيءَ جو احساس لڪو لڪو سدائين موجود رهندو هو، ۽ هي احساس منجهن ناسور بڻجي چڪو هو، جنهن جو ڪو علاج ئي ڪونه هو. ماڻهن کي اهو روحاني روڳ، متن مائٽن کان ورثي ۾ مليل هو، ۽ هو ڄمنديئي اها بيماري پاڻ سان کڻيو ايندا هئا، جا مرڻ گهڙيءَ تائين اونداهي پاڇولي وانگر ڪين چنبڙي پيئي هوندي هئي، ۽ ڪاٿن اهڙيون حرڪتون ڪرائيندي هئي، جي پنهنجي بي رحم بيوقوفين ڪري بنهه نفرت جوڳيون پيپون پاسنديون هيون.

نوجوان آچر جي ڏينهن دير سان گهر موٽندا هئا، اڪثر ڪري لٿا ليڙون ٿيل، پيرن ڪان وٺي مٿي تائين ڌوڙ ۾ پيپوت ٿيل، گپ چڪ سان پربل، اکيون سڄيل ۽ نڪ مان رت وهندڙ هوندو هون. ڪڏهين اچي ٻئاڪن ۾ پوندا هئا، ڇي "دشمن جا ڏند ڀڃي ڇڏياسون!" ۽ ڪڏهين پنهنجي بي عزتيءَ تي ڏکوئجي، خفي ٿي ڳوڙها ڳاڙيندا ايندا هئا. هو نشي ۾ چور ۽ بي حسي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ ٻڌل، رحم جوڳا ۽ افسوسناڪ هوندا هئا، ۽ کين ڏسبو ٻنهان پيٽي ايندي هئي.

گهٽو ڪري مائٽ پنهنجن ٻارن کي ڪنهن پٽ جي پاڇولي يا ڪنهن گٽي جي فرش تي نشي ۾ بي هوش ۽ بي خبر پيل اچي لهندا هئا. انهيءَ تي وڏا، کين نهايت بد شد ڳالهائيندي، گهٽي شراب پيڻ جي ڪري سدن ڪمزور تي ويل جسمن جي چڱيءَ طرح مرمت ڪري، عجيب ويچار ۾ پئجي، وڃائڻ تي سمهاري ڇڏيندا هئا. اهو سيڪجهه پريات تائين ٿيندو هو. ڇاڪاڻ جو جڏهن ڪارخاني جي گهگهوءَ جي ڪوڪ، ڪوڙي صبح جي سيني کي، ڪنهن ڪاريءَ ڏار وانگر چيري، اندر گهڙي ايندي هئي، تہ کين يڪدم جاڳايو ويندو هو.

هي مائهو هونئن تہ پنهنجن ٻارڙن کي ڏاڍيءَ بيدرديءَ سان مار ڪٽ ڪندا ۽ گاريون گند ڏيندا هئا، پر ڳڀروئن جي ويڙهه ۽ شراب پيڻ انهن جي زندگيءَ جو هڪڙو ضروري جزو ڪري مڃيو ويو. جڏهن پيئر جوان هئا تہ هو پاڻ بہ جهڳڙندا ۽ بد مست ٿي ويندا هئا ۽ سندن مائٽ بہ کين ساڳيءَ طرح مار ڪٽ ڪندا ۽ ڇيڀيندا هئا. زندگيءَ جو سدا ڪان اهوئي رنگ هو، جو هڪ گدلي ناري وانگر صدين کان آهستي آهستي مگر هڪجهڙو اُئين ئي وهي رهيو هو. روز مرهہ ساڳيون ڳالهيون ڪرڻ ۽ ساڳئي نموني سوچڻ، ويچار ڪرڻ ۽ هلت هلڻ جي روش جون ٻاڙون، جبل جي پٿر وانگر بنهہ اونهيون ۽ مضبوط لڳي ويئيون هيون ۽ ڪنهن جي بہ سيني ۾ اِها اميد ئي ڪانہ ٿي جاڳي، تہ هو ڪو نئين نموني ۾ سوچي ۽ ڪنهن ٿي ڪا قير گهير آڻي تي سگهيا.

گاهي گاهي ٻن پرڳڻن مان نـوان مائهو ڪارخاني واريءَ بستيءَ ۾ اچي سهڙندا هئا. مائهن جو هنن نون شخصن ڏانهن وقتي ڌيان رکبو انهيءَ ڪري ڇڪجي ويندو هو. جو هو نوان هئا. اِها مٿاڇري دلچسپي رکبو انهيءَ ڪري پيدا ٿيندي ۽ ڪجهه

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وقت هلندي هئي، جو نوان ماڻهو نين جاين جا نوان قصا ڪٿيندا هئا يوءِ پورهيت آهي ڳالهيون ٻڌي ٻڌي نيٺ ڪٿ تي پوندا هئا، ڳالهيون پراڻيون ٿي ويندريون هيون، ۽ هر ڪنهن جو ڌيان بدلجي پراڻي وهڪري ۾ وهڻ لڳندو هو. آنهن ڳالهين مان اِهو ته صاف ظاهر ٿيندو هو ته پورهيتن سان هر هنڌ ساڳيو ويل هو، پوءِ جيڪڏهن اها ڳالهه سچي هئي ته ڳالهين ۾ باقي رهندو به ڇا هو؟

انهيءَ هوندي به نوان ماڻهو ڪن اهڙين چيزن جو به ذڪر ڪندا هئا، جي بستيءَ وارن لاءِ نيون هيون. انهن بابت ڪوبه بحث نه ڪيو ويندو هو، پر ايترو ضرور هو، جو ٻڌندڙ اهي ڳالهيون شڪ ۽ شبهي سان ٻڌندا هئا. ڪي ته هرو ڀرو منجهائڻ ڪٿ ۽ خفي ٿيندا ۽ اڻلکو خطرو محسوس ڪندا هئا؛ پر ڪي اهڙا به هئا، جن ڪي اميد جو هلڪڙو پاڇولو مونجهاري ۽ ويچار ۾ وجهي ڇڏيندو هو ۽ هو انهن اڻ سهائيندڙ ٻچارن ڪي دل ڪان ٻاهر ڪيڻ لاءِ وڌيڪ شراب پيئندا هئا، تـه جيئن اهي ٻچارون سندن زندگيءَ ڪي وڌيڪ ڪن ورن وڪڙن ۾ ڦاسائي نه ڇڏين.

جيڪڏهين بستيءَ وارن ڪي ڪنهن نئين ماڻهوءَ ۾ ڪا غير معمولي ڳالهه ڏسڻ ۾ ايندي هئي، ته هو انهيءَ کي گهڻيءَ دير تائين شڪايت جـو سبب بنايو پيا ڦرنـدا هئا. جيڪو به ماڻهو ڪانئن مختلف هوندو هو تـه ان ڪان پيا ڪن هٽندا ۽ چڙ ڪندا هئا. چڻ تـه ان هنن جـي آداس ۽ هڪجهڙيءَ گذرندڙ حياتيءَ ڪي ڏوڏي تي ڇڏيو. هو جيئنوئيڪ ڏکي حياتي گذاريندا هئا، پر انهيءَ ۾ به هڪ قسم جي ماٺ ۽ سانت ضرور هئي. هو سمجهندا هئا ته اسان ڪي حياتي جيڪر ائين ئي پيڙهندي رهي، ته چڱو. ڇو جو ڪين تـه ڪنهن چڱائيءَ ۽ بهتريءَ جي اميد ڪانه هئي ۽ پڪ هين ته جيڪا به ڦير گهير ٿيندي، سا پاڻ سان نت نيون تڪليفون ڪٺيو ايندي.

جيڪي به ماڻهو ڪي نوان ويچار پيش ڪندا هئا، ته بستيءَ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وارا اُنهن ڪان ڪن هٽندا ۽ پاسو ڪندا رهندا هئا. ان ڪري نوان ماڻهو ايترو ترسي ڪونہ سگهندا هئا ۽ لڏو ڪٽي هليا ويندا هئا. اتفاق سان ڪو اهڙو نئر هوندو هو، جو اتي رهي پوندو هو، تہ ان کي ٻيا ٻہ ٻستيءَ وارن جهڙو ٿيڻو پوندو هو، يا تہ سيني ڪان الڳ پنهنجي منهن حياتيءَ جا ڏينهن گهارڻ لڳندو هو ـــــ ۽ ـــــ پنجاهہ سالن جي لڳ ڀڳ اهڙين حياتين گذارڻ بعد اُنهن مان هرڪو ماڻهو مري کپي ويندو هو.

# (٢)

”ميڪائيل ولاسوف“ جي حياتي ٻه اهڙيءَ ريت پئي گذري. هو هڪڙو اڻ گهڙيو، رکي منهن وارو مستري هو. هن جو سڄو بدن گهنڊيدار وارن سان ڀريل هو. هن جون ننڍيون ننڍيون اکيون، گهاٽن ڀرن جي هيٺيان شڪ ۽ ڪيني ڪي ڀالينڊڙ ٻچڙن سان چلڪنديون ۽ چمڪنديون هيون. هو ڪارخاني جو سڀ کان سٺو مستري ۽ بستيءَ وارن ۾ وڏيڪ همت ڀريو مڙس هو، پر پنهنجن بالادستن ڪي رکو منهن ڏيندو ۽ ڏاڍي بيپرواهيءَ سان هلندو هو، انهيءَ ڪري پئسو ٿورو ڪمائيندو هو. هو سيڪنهن موڪل واري ڏينهن ڪنهن نه ڪنهن شخص کي مار ڏيندو هو، جنهن ڪري سيئي ماڻهو ڪانئس ڊڄندا هئا ۽ ڪنهن کي به ڪين وڻندو هو. چڪر کي لتر تي پڄڻ جي هر هڪ ڪوشش، ان جي اڳيان سوڀاري ڪانه ٿيندي هئي. ماڻهو جڏهين هن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ ايندا هئا، ته هو وڏيرڙو پٿر يا ڪاٺ جي پٽي يا لوهه جي سيخ کڻي، ٽنگون ويڪريون ڪري دشمن جي انتظار ۾ ماٺ ڪري بيهي رهندو هو. هن جون وارن سان ڇانيل ٻانهون ۽ اکين کان وٺي ڳچيءَ تائين، منهن تي پکڙيل ڪاري گهاٽي ڏاڙهي، ماڻهن کي ڊيڄارڻ لاءِ ڪافي هيون. ماڻهو هن جي ننڍڙين ۽ تکين اکين کان خاص ڪري ڊڄندا هئا، ڇاڪاڻ جو انهن جي نظرن جا تير ماڻهن کي ڦٽي وجهندا هئا. جنهن هن جي اکين ۾ اکيون وجهي ٿي نهاريو، ته محسوس ٿي ڪيائين، ته هو ڪنهن وحشي قوت جي سامهون بيٺو آهي، جنهن ڪا تر جيتري به ٻپ يا رحم ڪانهي کان سواءِ حملي ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

”ڪتي جا ڦر. پيچي وڃو هتان. سمجهيو؟“ هن خفي تي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چيو ٿي. هن جا وڏا وڏا پيلا ڏند سندس ڏاڙهيءَ مان چمڪڻ لڳندا هئا، ۽ ماڻهو سچ پچ ته رفو چڪر ٿي ٿي ويا ۽ ويندي ويندي مٿس، گارين جا دس چاڙهيندا ٿي ويا.

”ڪتي جا قر!“ هن ماڻهن ڏي ڏسي ڪو ايترو ٿي چيو، نفرت ۽ بچان جي ڪري سندس اکيون وڌيڪ تيز ٿي، ٿي ويون ۽ پوءِ هو مٿي ڪي پوئتي ڪري، ماڻهن جي پوئتان ٿي پيو ۽ ٻاڪا ڪندي ٿي ويو:

”اڙي، ڪير تو مرڻ گهري؟“

ڪو به مرڻ ڪين گهرندو هو.

هو ٿور ڳالهائو هو ۽ ”ڪتي جا قر“ وارو فقرو ڪيس وڻندو هو. هو پوليس وارن، عملدارن ۽ پنهنجي ڪارخاني جي هلائيندڙن کي سڏائين اها گار ڏيندو هو ۽ پنهنجي جوءِ کي به هميشه ”ڪتي“ چئي نوازيندو هو.

”اڙي ڪتي! ڏسين نٿي ته منهنجي پتلون ڦاٽي پيئي آهي؟“

هن جو پٽ ”پاويل“ جڏهن چوڏهن ورهين جو ٿيو، تـه هڪڙي پيري ڪاوڙ ۾ هو ان کي وارن کان وٺي اٿارڻ ٿي هو، ته پاويل هڪڙ ڳرو منرڪو ڪٽي ورتو ۽ ڪو منهن ڪري چيائين:

”خبردار!“

”ڇا؟“ پيءُ پنهنجي سنهڙي، ضعيف ۽ قداور پٽ ڏانهن وڌندي پڇيو، هو اهڙيءَ طرح اڳتي وڌي رهيو هو، ڄڻ ته جهڙالي جو ڪارو پاڇولو بيد جي وڻ ڏانهن وڌي رهيو هجي.

”گهٽوئي ٿي چڪو، هاڻي آءٌ وڌيڪ سهي ڪونه سگهندس،“ پاويل ائين چئي، مترڪو مٿي ڪنيو.

پٽس هن ڏانهن نهاري، پنهنجا وارن وارا هٿ ٻڌيءَ پويان کڻي لڪايا.

”ڇڱو،“ هن ٺلي ماتر مشڪي چيو، پوءِ ٿڌو ساهه کڻي چيائين: ”تون به ڪتي جو قر آهين.“

۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ پنهنجي زال کي چيائين، ”هاڻي مون

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪان پڇسو نہ گهرجانءِ. اڄ ڪان وٺي توکي پاويل ڪمائي ڪارائيندو.“
۽ تون شايد پنهنجي سموري ڪمائي شراب ۾ دف ڪري ڇڏيندين؟“ هن دل جهلي پڇيو.

”ڪتي جي ڌيءَ! تنهنجو ان ۾ ڇا! جيڪڏهين ضرورت پيئي تہ بي زال بہ وٺي ايندس.“

هن بہ بي زال تہ ڪانہ آندي، پر ان وقت ڪان وٺي مرڻ گهڙيءَ تائين، اٽڪل بہ سال کن، پنهنجي پٽ ڏانهن ڪو بہ ڌيان نہ ڏنائين ۽ ان سان وري ڪڏهن بہ، ڪين ڳالهايائين.

وتس هڪڙو ڪتو هو، جو بہ جهڙس ئي ٿلهو متارو ۽ جانئو هو. هي ڪتو صبح جو ساڻس گڏجي ڪارخاني تائين ويندو هو ۽ سانجهيءَ ٽائي ڦاٽڪ تي سندس انتظار ڪندو هو موڪل جو ڏينهن ميڪائيل ڳتن جا دروازا ڪڙڪائيندو رهندو هو ۽ اهڙن موقعن تي ڪنهن سان بہ ڳالهائڻ بنان مائهن جي منهن ۾ غور سان ڏسندو ويندو هو، ڄڻ تہ، ڪنهن جي ڳولا ۾ هو ۽ سندس ڪتو پنهنجو پڇ لٽڪائيندو سڄو ڏينهن پنهنجي مالڪ جي پويان لور لور ڪندو وتندو هو. موٽي اچڻ تي هو پاڻ بہ کاڌو کائيندو هو ۽ پنهنجي پيالي مان ڪتي کي بہ کارائيندو ويندو هو. ان کي نڪي گاريون ڪڍندو هو ۽ نہ وري ماريندو هو، پر ساڳئي وقت ڪڏهين پيار بہ ڪونہ ڪندو هو. کاڌي کائڻ کان پوءِ سندس زال جڏهين بہ ميز صاف ڪرڻ ۾ دير تي ڪئي، تہ سيئي برتن ڪٽي پٽ تي اڇلائي، پنهنجي اڳيان شراب جو شيشو رکي، پٺ کي پٺ ڏيئي؛ اکيون بند ڪري، وات ڦاڙي، ڀيانڪ آواز ۾ ڪو دکدائڪ گيت ڳائڻ شروع ڪندو هو. ڏکن ڀريا بي سرا آواز سندس وڪڙيل مڇن ۾ ڦاسي پوندا هئا ۽ اٽڪيل مانيءَ جي ڀورن کي اڏائي ڇڏيندا هئا. هو پنهنجن مڇن ۽ ڏاڙهيءَ کي ٿلهين آڱرين سان ٽپڪيون هڻندو ڳائيندو رهندو هو. سندس ڳائي جا لفظ کرو کر ۽ اڻ ڇٽا هوندا هئا ۽ سندس سر ائين ٻيو لڳندو هو، ڄڻ تہ ڪو گدڙ سياري ۾ اونايون ڪندو هجي. اهو شغل ابستائين

هلندو هو، جيستائين شراب جو شيشو پورو نہ ٿيندو هو. پوءِ هو يا تہ بينچ تي پئجي رهندو هو، يا ميز تي مٿو رکي ڪارخاني جي گهگهوءَ جي وڄڻ تائين پيو هوندو هو. ڪتو بہ پريشان لٻتي پوندو هو.

هو چڪيءَ جي بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي پيو. پنج ڏينهن وڇائي تي ڦٿڪندو ۽ لڇندو رهيو، منهن ڪارائجي، اکيون ڏرا ڏيئي ويس. هو ڏند ڪرٽيندو رهيو. ڪڏهن ڪڏهن جوٽس کي چيائين ٿي:

”مون کي سنکئي ذرو ڪاراءِ.... مون کي زهر ڏيئي ڇڏ....“

ڊاڪٽر ليٽريون پڏڻ لاءِ چيو، پر ائين بہ چيائين تہ ”هن جي آپريشن ڪرڻ ضروري آهي ۽ کيس اڄ ئي اسپتال پهچايو وڃي.“

”جهنم ۾ وڃي پو! آءٌ تنهنجي هٿن کان سواءِ ئي مري وبندس. ڪتي جا ڦر!“ ميڪائل سهڪندي چيو.

ڊاڪٽر جي وڃڻ کان پوءِ جڏهين جوٽس اکين ۾ پاڻي آڻي چيس تہ ”آپريشن ڪرائي وٺ.“ تہ ان کي بہ ٺونشو ڏيکاري چيائين: ”جيڪڏهين آءٌ چڱو ڀلو ٿي پيس تہ توکي بہ چڱو مزو چکائيندس!“

صبح ساڻ، ڪارخاني جي سيٽي وڄڻ وقت هو مري ويو. ڏوليءَ ۾ سندس منهن ڪليل هو. ٿرڙ گهنجيو پيو هوس، ڇڙ تہ ڪنهن تي چڙيل هجي. جوٽس، پٽس، سندس ڪتي، دانيو ويسوف شيڪوف (هڪڙي جهوني چور ۽ شرابيءَ جنهن کي ڪارخاني مان ڪڍي ڇڏيو ويو هو) ۽ بستيءَ جي ڪن فقيرن گڏجي کيس دفنايو. جوٽس ماٺ ميٺ ۽ ڪجهہ رني، پاويل بنهہ ڪونہ رنو. بستيءَ جي جن ماڻهن هن جنازي جي ٿالي ماٿر جلوس کي ڏٺو، تن پنهنجي ڇاتيءَ تي صليب جا نشان ٺاهي ورتا. منجهانئن هڪڙي چيو: ”ڪتي جو ڦر ويو، لوڪ تان ڏر تہ لٿو. چڱو ٿيو جو مري ويو.“

”ڪتو هو ۽ ڪتي جي موت مئو،“ ٻئي چيو. ميت پورڻ کان پوءِ ماڻهو هليا ويا، پر سندس ڪتي تازيءَ مٽيءَ تي ويهي، قبر کي پئي سونگهيو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ان کي بہ ڪنهن ماري ڇڏيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پنهنجي پيءُ جي موت کان ٻه هفتا پوءِ، آچر جي ڏينهن، پاويل نشي ۾ چور ٿي گهر آيو. هي ٿڙندو ٿاٻڙندو دروازي ۾ گهڙيو، رڙهندو وچي ميز وٽ پهتو. پيءُ وانگر تختي تي مڪ هڻي، ماءُ ڏي مهڙ ڪري رڙ ڪري چيائين: ”ماني!“

ماءُ ٻچڙي جي پرسان ويهي، هن جي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي، سندس مٿي کي سيري پنهنجي ڇاتيءَ تي رکيو، پر پٽس کيس پري هٽائي ڇڏيو.

”امان جهٽ ڪر!“

”نادان ٻار!“ هن جي ماءُ افسوس ۽ محبت سان چيو ۽ هن جو هٿ پري ڪري ڇڏيو.

”۽...... آءٌ پائيپ ٻه پيئندس! مون کي ڏي بابي جو پائيپ......“ پاويل پنهنجي ٿلهيءَ زبان کي جيئن تيئن ڪري ڇوريندي ٻڙ ٻڙ ڪئي.

هو پهريون ڀيرو نشي ۾ چور ٿيو هو. شراب سندس بدن ضعيف ڪري ڇڏيو هو، پر سندس سمجهه اڃا ختم ڪانه ٿي هئي ۽ سندس ذهن ۾ وري هي سوال اڀري رهيو هو:

”ڇا آءٌ نشي ۾ آهيان؟“ ”ڇا آءٌ نشي ۾ آهيان؟“ هو جيجل ماءُ جي نرميءَ ۽ مهربانيءَ جي ڪري ڪي قدر مونجهاري ۾ ڦٽجي ويو ۽ هن جي اکين ۾ پاڻي ڏسي ڏاڍو متاثر ٿيو. هن روئڻ تي گهريو، ۽ انهيءَ جذبي کي لڪائڻ ۽ ڳوڙهن کي روڪڻ لاءِ اهڙي حالت ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو، ڄڻ ته نشي اڳي کان به وڌيڪ وڪوڙي وڌو هوس.

ماڻس، هن جي پگهر سان ڀريل منجهيل وارن تي هٿ ڦيرائيندي ڏنيون.

”توکي ائين نه ڪرڻ گهرجي ها،“ هن آهستي سان چيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هن جي دل ڪچي ٿيڻ لڳي. سخت الٽي اچڻ ڪان پوءِ ماٿس ڪيس هٿ تي لٽائي، سندس پيليءَ پيشانيءَ تي ڪڙو آلو ٽوال رکي ڇڏيو. اُئين ڪرڻ سان هن ڪجهه هوش سنڀاليو، پر مٿو اڃا به پئي ڦريس. اکيون اهڙيون ڳريون ٿي پيون هيس، جو ڪليس ٿي ٿيون. وات ۾ اڃا وٺلڙ مٽيءَ جي بوءِ جهڙو سواد محسوس ڪندي، اڌ ڪلاڪ نيٺ ڪٽي، ماءُ ڏانهن نهاري، سوچڻ لڳو:

”اُئين پيو سمجهجي ته آءٌ اڃا شراب پيڻ ڪان گهٽو ننڍو آهيان. ٻيا ٻين تا، انهن کي ڪجهه به ٿئو ٿئي، مگر منهنجي طبيعت خراب ٿيو پوي.“

پري ڪان سندس ماءُ جو نرم ۽ جهيڻو اواز آيو:

”جيڪڏهين تو به پيڻ شروع ڪيو، ته منهنجو خرچ ڪيئن سهي سگهندين؟“

پنهنجون اکيون پوري، هن جواب ڏنو: ”هرڪو پئي ٿو.“ ماٿس ٿڌو ساهه کڻندي چيو، ”سچ ٿو چوي“ هن کي ڄاڻ هئي ته گنوئي هڪڙي جاءِ آهي، جتي ماڻهو کي مشڪل سان ڪي قطرا خوشيءَ جا حاصل ٿي سگهيا ٿي.

ماءُ چيو: ”تون شراب پيڻ شروع نه ڪر، پڙهين تنهنجي ۽ پنهنجي پيءَ ڪان به وڌيڪ پي ڇڏيو آهي. هن جي هٿان مون کي ڪو ٿورو ڏک پهتو آهي؟ ڇا! تو کي پنهنجي جيجل تي تر جيترو به ترس نه ٿو اچي سگهي؟“

اهڙا ڏک ڀريا نرم لفظ ٻڌندي ٻڌندي، پاويل کي خيال آيو ته ’ابي جي حياتيءَ ۾ امڙ جي وجود جو اتفاق سان احساس ٿي ٿيو. ڇاڪاڻ جو ابي جي خوف ڪان گهٽو ڪري ٻاهر گذاريندو هوس، ۽ ڪوشش ڪندو هوس ته جيئن بابي جي منهن تي نه چڙهان.‘ آهستي آهستي جيئن هن جو نشو گهٽبو ٿي ويو، تيئن ٿي ماءُ کي غور سان ڏسڻ شروع ڪيائين.

هوءَ قداور مگر ڪجهه قدر جهڪيل هئي. هن جي جسم تي سخت پورهئي ۽ مڙس ــــ ي مارڪٽ جا نشان هئا. هوءَ ڊيل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پيرن سان پاسو ڪري لنگهندي هئي، جڏهن ته ڪيس ڊپ هو ته متان ڪنهن شيء سان ٽڪرجي نه پوي. هن جو پيريل بيضوي چهرو، جنهن تي پيريء جا پيرا صاف ظاهر پئي ڏنا، ڪارين اکين جي ڪري چمڪيو ٿي. هن جي هنن چمڪندڙ اکين ۾ بستيء جي ٻين زالن وانگر ڊپ ۽ ڏک پريل هوندو هو. هن جي ساڄي پرونء جي مٿان اونهي ڦٽ جو نشان هو، جنهن ڪري پرون ڪجهه مٿيرو ٿي لڳو ۽ انڪري هن جو ساڄو ڪن به کاٻي ڪن کان ڪجهه مٿيرڙو ٿي معلوم ٿيو. انهن ڳالهين جي ڪري هن جي منهن جي ڪيفيت اهڙي پيئي لڳندي هئي، ڄڻ ته ڪا ڳڻتي هيس، جنهن ڪيس ڦڙت ۽ هوشيار ٿي رکيو.

هن جي ڪارن کهاٽن وارن ۾ اڇيون ليڪون چمڪڻ لڳيون هيون. هوء پيرن کان چوٽيء تائين نرم دليء، ڏک ۽ ملال، تسليم ۽ رضا جي پتلي هئي......

آهستي آهستي تي، ڪوڙها سندس ڳلن تان هيٺ ڳڙي رهيا هئا.

”امڙ، روء نه! مون کي پاڻيء جو ڍڪ ڏي،“ هن چيو.

”آءٌ تنهنجي لاء برف جو ٽورو پاڻي آڻيان ٿي، منهنجا ٻچڙا!“ چئي، هوء اٿي ۽ جڏهين هوء موٽي آئي ته پٽڙي کي ستل ڏٺائين. هوء گهڙي کن ته کيس ڏسندي رهي، پيالو سندس هٿ ۾ ڏڪندو رهيو ۽ برف اُن جي پاسن سان ٽڪرجي رهي هئي.

هن پيالو ميز تي رکيو ۽ ماٺ ڪري نبين ۽ ولين جي پاڪ تصويرن اڳيان گوڏن ڀر جهڪي پيئي. ٻاهرينء بدمست زندگيء جا آواز گهر جي دريء سان مٿو ٽڪرائي رهيا هئا.

سرء جي شام جي پيلي ڪارانڻ ۾ هڪڙي اڪاردين وڄڻ شروع ڪيو، ڪنهن چچريل آواز ۾ گانو ڳايو، ڪنهن ٻئي ورتيء ڪنن تي گارين جو وسڪارو پڌي ڏنو. زالن جا پريشان ڪندڙ ٽڪل ۽ جهيڙا آواز اچي رهيا هئا.

ولاسوف خاندان جي نٿيڙي گهر ۾ زندگي اڳي کان به وڌيڪ سانت ۽ ماٺ ۾، ٻين گهرن کان ڪجهه ٻئي انداز ۾ گذرڻ لڳي. هن جو گهر بستيء جي ڪنڌيء تي، ڊيڄ ڏانهن ويندڙ بند مٿان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هو. هي گهر جيتوڻيڪ ايترو اوچو نه هو، تنهن هوندي به ڪافي مٿي نهيل هو. گهر جي ٽينءَ پٽيءَ ۾ رڌڻو ۽ هڪ ڪوٺڙي اڏيل هئا. رڌڻي ۽ ڪوٺڙيءَ جــي وچ ۾ ويري ڏنل هئي، جتي ماءُ سمهندي هئي. باقي بـہ پاڳي ٽين پٽيءَ ۾ ٻن درين سان هڪڙو چورس ڪمرو هو، جنهن جي هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ پاويل جي کٽ ۽ ٻيءَ ۾ هڪڙي ميز ۽ بـہ ٻئنچون پيل هيون. باقي گهر جو ڪل سامان هو: ڪي ڪرسيون، ننڍڙي سينگار جي ميز جنهن ۾ تڪ لڳل هئي، ڪپڙن جي پيتي، ڀت تي ٽنگيل گهڙيال ۽ ڪنڊ ۾ رکيل بہ ٻاڪ تصويرون.

پاويل اهو سيڪجهه خريد ڪيو، جنهن جي ڪنهن نوجوان مان اميد ٿي سگهي ٿي. هن هڪ اڪارڊين باجو، زنجير واري قميص، پڙڪندڙ ٽاءِ، هڪڙو لڪڻ ۽ ربـڙ جا جوتا خريد ڪيا ۽ اهڙيءَ طرح جيڏن سرتن ۾ شامل ٿــي ويو. سانجهيءَ جو هو دعوتن ۾ وڃــي پولڪاءِ ۽ پيا ناچ سکندو هو. آچر جي ڏينهن ڏاڍو ٻـي اچي گهر نڪرندو هـو، پـر نشي جي ڪري سندس طبيعت سدائين خراب ٿي ويندي هئي. سومر جي ڏينهن صبح جو جاڳڻ مهل جن جي ٻتي ۾ سوز، چاتيءَ ۾ ساڙو ۽ منهن تي پيلاڻ ۽ تڪليف جا آثار ڏسبا هئا.

”ڇا ڪالهه رات چڱي گذري؟“ هڪ ڀيرو وري بہ سندس ماءُ پڇيو.

”واهيات!“ هن بيزار ٿــي ڪاوڙ مان چيو. ”انهيءَ ڪان تہ مڇيءَ جو شڪار چڱو آهي، يــا وري آءٌ هڪڙي بندوق خريد ڪندس ۽ شڪار تي ويندس.“

هو ڦڙتيءَ سان لڳو لڳو ڪم ڪندو رهيو. هن تي ڪڏهين بہ سستيءَ جي ڪري ڏنڊ نـہ پيو. هو نهايت ٺي ماٺيڻو ۽ ٿور ـ ڳالهائو نينگر هو. هن جون اکيون، ماءُ وانگر ٺي وڏيون ۽ نيريون هيون، جن ۾ بي اطميناني ۽ بي آرامي پئي بکي. هن پنهنجي لاءِ نہ بندوق ٺي ورتي ۽ نہ وري مڇيءَ جي شڪار تي ويو. پر ترت ٺي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سيني ڏنو تہ جنهن رستي تي پيا هلي رهيا هئا، تنهن کان هٽي، هو پيو نمونو اختيار ڪري رهيو هو.

هاڻي هو دعوتن ۾ گهٽو گهٽ تي ويو ۽ آچر ڏينهن تي جيتوڻيڪ سڄو وقت گهر کان ٻاهر رهندو هو، پر سدائين گهر ۾ بنا پيئڻ پيارڻ ۽ مدهوش تيڻ جي موٽي ايندو هو ...... ماڻس جي تکين نظرن جاچي ورتو تہ هن جو پورو منهن ۽ سنهڙيون اکيون وڌيڪ سنجيده ۽ چپ مضبوطيءَ سان ڀيڙجي، پڪا ۽ سخت ٻڌجي چڪا هئا. پڪ هئي تہ هن کي دل ئي دل ۾ ڪا لڪل شڪايت آهي، يا وري ڪنهن ڳڻتيءَ ۾ ورتل ٿو رهي ۽ ڪنهن بيماريءَ ۾ ڳرندو پيو وڃي ڦيريائين تہ ڪيترائي دوست يار اچي گهر گڏبا هئس، پر هاڻي، سندس نہ ملڻ جي ڪري، انهن بہ اچڻ ڇڏي ڏنو هو. ماڻس انهيءَ تي تہ خوش هئي، تہ سندس پٽڙو ڪارخاني جي ٻين نوجوانن کان مختلف هو، پر جڏهين ڏٺائين تہ هو پنهنجي آسپاس واري عام زندگيءَ جي گهمسان کان ڏار پنهنجي حياتيءَ جو منهن موڙي، پنهنجيءَ جاکوڙ ۾ لڳو ٿو رهي تہ هوءَ اڻلکو خوف محسوس ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ سگهي.

”پاشا! توکي پڪ آهي تہ تون چاڪ چڱو ڀلو آهين؟“

ماڻس ڪڏهين ڪڏهين کانئس پڇا تي ڪئي.

”آءٌ چڱو ڀلو آهيان، امان!“ هن جواب تي ڏنو.

”پوءِ تون اهڙو ڏيرو!“ ماڻس ٿڌو ساهہ کڻي تي چيو.

هن گهر ۾ ڪتاب آڻڻ شروع ڪيا، جن کي لڪ چپ ۾ پڙهي لڪائي تي ڇڏيائين. ڪڏهين ڪڏهين ڪنهن ڪتاب مان نقل ڪري، ڪاغذ لڪائي تي رکيائين.

ماءُ ٻٽ جي پاڻ ۾ ڳالهہ ٻولهہ ۽ ملاقات گهٽي گهٽ ٿيندي هئي. هو صبح سان چپ چاپ چانهہ پيي، ڪم تي هليو تي ويو ۽ ٻنپهرن جو موٽي تي آيو. انوقت ٻنهي ڄڻن پاڻ ۾ بہ چار ڳالهيون تي ڪيون. ان کان پوءِ سج لٿي تائين هو غائب تي تي ويو. سانجهيءَ تائين وهنجي، کاڌو کائي، اوير تائين هو پڙهندو

تي رهيو. آچر ڏينهن صبح ساڻ ٿـي گهران نڪري تي ويو، ۽ رات جو دير سان گهر موٽي تي آيو.

ماڻس کي سڏ هئي ته هو شهر ويندو آهي ۽ ڪڏهين ڪڏهين ناٽڪ به ڏسي ٿو، پر شهر مان ڪير به ساڻس گڏجڻ لاءِ ڪونه تي آيو. ائين پـئي پانيائين تـه پٽس ڏينهون ڏينهن تور ڳالهائو ٿيندو پئي ويو، پـر ساڳئي وقت ڏنائين تــه هو نوان نوان لفظ ڪتب آڻڻ لڳو آهي، جن جي معنيٰ ڪيس ته سمجهه ۾ ڪانه تي وٺي ۽ اڳي جهڙا اڻ گهڙيا ۽ بيڪار جملا يـه سنڊس ڳالهه ٻولهه ۾ هاڻي باقي نه رهيا هئا. پاويل جي نت نئين هلت چلت ماڻس جو ڌيان هن ڏي ڇڪايو. هـن جهلڪيدار ڪپڙا پائڻ ڇڏي، پنهنجي بدن ۽ ڪپڙن جـي سوڌ پائيءَ ۽ صفائيءَ ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو. هن جي چر پر ۽ اٿ ويهه ۾ وڌيڪ ڦڙتي، ۽ آزادي ۽ سادگي پيدا ٿي پئي هن مان رکـ منهائي ۽ بيپرواهي گم ٿيڻ لڳي. هن جي ماءُ انهن ڦيرين گهيرين کي ڏسيءَ جن کي پاڻ سمجهي نٿي سگهي، وڏيءَ ڳڻتيءَ ۾ پئجي ويئي. هاڻي هو ماءُ سان به نرالو ورتاءُ ڪرڻ لڳو. ڪڏهين گهر جي ٻهاري تي ڏنائين، ته ڪڏهين پنهنجو هنڌ پاڻ وڇائين، درست ٿي ڪيائين. مطلب ته ماءُ کي بـه ڪم ڪار ۾ مدد ڪرڻ لڳو. بستيءَ جي ڪنهن به مرد ماڻهوءَ هن ڪان اڳ ائين ڪڏهين به ڪين ڪيو هو.

هڪڙي ڏينهن هو هڪڙي تصوير ڪٺي آيو ۽ اچي پٽ تي ٽنگيائين. هـن فوٽوءَ ۾ ڏيکاريل هو، تـه ٽي ڄڻا هڪبئي سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ رڌل، وات وٺيو پئي ويا:

پاويل تصوير جـي سمجهاڻـي ڏيندي چيو، ”حضرت عيسيٰ مسيح نئين سر جيئري ٿيڻ کان پوءِ ايماس ڏانهن وڃي رهيو آهي.“

فوٽوءَ مان ماءُ خوش ٿي، پر چيائين ته ”جيڪڏهين تو کي مسيح سان اهڙي پريت آهي، ته پوءِ ڪليسا ۾ ڇو نه تو وڃين؟“

هن جـي ننڍڙي سهڻي ڪپٽ جي خانن ۾، جنهن کي هن جي ڪنهن ڊک دوست ٺاهيو هو، ڪتابن جو تعداد وڌڻ لڳو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هن جي ڪونڊيءَ ۾ هاٿي اڳي کان وڌيڪ فرحت محسوس ٿيڻ لڳي.
هو پنهنجي ماءُ کي سدائين ”امان“ چوندو هو، پر ڪڏهين ڪڏهين ڏاڍي پيار مان کيس چوندو هو:
”امي! منهنجي لاءِ ڳڻتي نہ ڪج. اڄ رات آءٌ دير سان ايندس.“
ماءُ کي پٽڙي جا اهڙا پيارا لفظ ڏاڍا وڻندا هئا، ڇاڪاڻ جو انهن ۾ هن کي پٽ جي ارادي جي مضبوطي ۽ نهنائي ڏسڻ ۾ ٿي آئي.
پوءِ بہ هن جو اڪيلو ۽ ڳنڀير وڌندي ويئي. اُن پريشانيءَ جو پتو تہ هن کي ڪونہ ٿي پيو، تہ اُها ڇا جي ڪري هئي، پر هن جي دل جو بار اڳي کان اڳرو ٿيندو ٿي ويو. سمجھ ۾ نٿي آيس تہ ڇا ٿي رهيو آهي. ڪڏهين تہ پنهنجي پٽ کان ناراض ٿي ٿي ويئي ۽ ان وقت سوچيائين ٿي:
”پلا، هي غام ماڻهن وانگر ڇو نٿو گذاري؟ جهڙو ملو- ڪندڙ ولبو وينو آهي- سندس عمر تہ اهڙي ڪانهي. ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن نينگريءَ سان تينهن لڳي ويو هجيس.“
پر ڇوڪريءَ واسطي تہ ڏوڪڙ کپن ۽ هو پنهنجي پوري ڪمائي ماءُ جي حوالي ڪري ڇڏيندو هو.
اهڙيءَ ريت، پاويل جي هنن منجهيل خيالن ۽ روز مره جي وڌندڙ انديشن سان پريل، اچرج ۾ وجهندڙ ۽ ماٺيڻي حياتيءَ جا ٻہ سال، هفتن ۽ مهينن جي صورت وٺي، هوا جي جهوٽي وانگر تڪڙو تڪڙو گذري ويا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هڪڙي ڏينهن شام جو پاويل دريءَ جو پڙدو ڏاري، پنهنجي ڪرسيءَ جي مٿان پٽ ۾ لڳل ڪليءَ ۾ ٽـين جي بتي ٽنگي، ڪنڌ ۾ ويهي پڙهڻ لڳو. ماڻس ٿانو ٿپا ڌوئي، رڌڻي ۾ رکي، اچي وٽس بيٺي. پاڻ مٿو مٿي ڪري سواليه نظرن سان ڏانهس نهارڻ لڳو.

”ڪجهه به ڪونهي- نهيو!“ هوءَ چپن تي چپن ۾ ائين چئي موٽي رڌڻي ۾ هلي ويئي. هن جون بنيٺيون ڦڙڪيون پئي، سانت ۾ ڪونه هيون. هوءَ پنهنجن خيالن ۽ ويچارن سان ٿالي ماٿر وڙهڻ ڪان پوءِ، هٿ ڌوئي وري پٽڙي وٽ آئي.

”مون توکان پڇڻ ٿي گهريو ته آخر تون هر وقت ڇا پڙهندو رهندو آهين؟“ هن آهستي آهستي پڇيو.

پاويل ڪتاب پوريندي چيو، ”ويهي رهه، امي!“

ماءُ، پچڙي جي پر ۾، چيلهه ڪري سڌي ويهي، ڪنهن اهم ڳالهه ٻڌڻ جو انتظار ڪرڻ لڳي.

پاويل ماءُ ڏانهن نهارڻ کان سواءِ ڳالهائڻ شروع ڪيو. هن جو آواز جهيڻو ۽ ڪنهن سبب جي ڪري کهرو ۽ ترش هو:

”آءُ اهي ڪتاب پڙهان ٿو، جن جي قانوني طرح منع ٿيل آهي. هـي ڪتاب پڙهڻ کان انهيءَ ڪري روڪيو ويو آهي، جو هنن ۾ پورهيتن بابت سچيون حقيقتون بيان ٿيل آهـن. هي ڪتاب لڪ چڇپ ۾ ڇاپيا وڃـن ٿا. جيڪڏهين مون کي اهـي ڪتاب پڙهندي، سرڪار سڳوريءَ ڏسي ورتو ته، پوءِ مون کي جيل جي هوا کائڻي پوندي، جيل جي هوا! رڳو انهيءَ ڪري جو آءُ حقيقت کان واقف ٿيڻ گهران ٿو- سمجهيءِ؟“

هن جو ساهه منجهڻ لڳو. هن اکيون کولي پچڙي ڏانهن ڏٺو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چڻ تہ هو ڪو ڏاريو هو. هن جو آواز گهٽو اونهو، پريل، وٽندڙ ۽ ڪڙڪيدار هو. پٽس پنهنجن نرم ۽ سنهڙين مڇن تي هٿ ڦيريو ۽ پاسيرين نظرن سان ڪنڌاتو نهاريائين. ماءُ کي پچڙي جي ڊپ اچي ورايو ۽ هن جي دل ڌڪ ۾ پرجي آئي.

”تون آخر ائين ڇو ٿو ڪرين، پاشا؟“ ماءُ پڇيو.

”انهيءَ ڪري، جو اءُ حقيقت کان واقف ٿيڻ گهران ٿو“ پٽ ڪنڌ مٿي کڻي، ڏانهس نهاريندي، ماٺ ميٺ ۾ سنجيدگيءَ سان جواب ڏنو.

هن جي آواز ۾ نرميءَ سان گڏ پڪائي ۽ اڪين ۾ ضد ۽ هوڏ جو چمڪات هو. ماءُ سمجهي ورتو تہ پٽس ڪنهن گجهيءَ ۽ پوائتيءَ شيءِ هٿ ڪرڻ لاءِ حياتي وقف ڪري، جان جوکي ۾ وجهي ڇڏي آهي. هوءَ زندگيءَ ۾ هر ڪنهن چيز کي اٽل ڄاڻندي، ڪجهہ پڇڻ بنا قبوليندي هئي. اهوئي سبب هو، جو هوءَ گجهہ گوهہ ۾ گپچ ڳاريندي هئي. هن تي صدما ۽ سختيون ايتري قدر تہ حاوي ٿي ويا هئا، جو وات مان اکرئي ڪين اُڪلندو هوس.

”امڙ، روءُ نہ!“ پاويل نرميءَ ۽ پيار مان چيو، پر هن کي ائين پئي لڳو تہ چڻ پٽس هن کي الوداع ڪري رهيو آهي.

”ويچار ڪري ڏس، اي مٺي، اسان جي حياتي ڪيئن ٿي گذري!“

”تون بہ تہ آهين نہ،“ هن وڏيڪ چيو، ”چاليهہ سال گذري ويا ۽ ڪوبہ سک ڪونہ ڏٺئي. بابي سائينءَ سدائين توکي ماريو. هاڻي سمجهہ ۾ ٿو اچيم تہ هو سندس سيني پريشانين ۽ حياتيءَ جي مڙني ڪڙين گهڙين جي ڪاوڙ، توتي چنڊبندو هو. ڪا شيءِ مٿس حاوي ٿي ويئي هئي ۽ ان جي بار کان ڪيس پتوئي ڪونہ ٿي پيو تہ هو پاڻ ڪهڙي شيءِ آهي. ٽيهہ ورهيہ لڳاتار پورهيو ڪيائين انهن ڏينهن کان ڪم ڪرڻ لڳو هو، جڏهين ڪارخاني ۾ فقط بہ ڪاتا هئا ۽ هاڻي آن ۾ ست ڪاتا آهن!“

ماءُ پنڙي جون ڳالهيون ڏاڍي پابوهہ ۽ پيار مان ٿي ٻڌيون،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پر ساڳئي وقت کو نا معلوم ڊپ اچي ورائيندو هوس. پٽس جي نوراني نيڻن ۾ دل کي ڇڪيندڙ چمڪو هو. پاويل اٿيو ۽ ماءُ جي ڳوڙهن هاڻي منهن جي ويجهو آيو.

اڄ هن ان حقيقت تي ڀرپور تقرير ڪئي، جنهن کي پليءَ پٽ پرجهي ۽ پروڙي ورتو هئائين. هڪ شاگرد، جنهن کي پنهنجي ڄاڻ تي فخر ۽ سچائيءَ تي پورو پورو ڀروسو ٿئي ٿو، تنهن پنهنجي ڀرپور جوانيءَ جي سمورين قوتن اتندڙ آدمن سان، انهن شين بابت ڳالهيون ٻولهيون ڪيون، جيڪي ڪيس چڱيءَ طرح سمجهه ۾ اچي چڪيون هيون.

هن اهي ڳالهيون ان ڪري ڪونه ٿي ڪيون ته هن کو ماءُ کي مڃائڻ تي گهريو، پر هو ائين ڪرڻ سان خود پنهنجو آزمودو لهي رهيو هو. ڪڏهن ڪٿي لفظن نه ملڻ ڪري هبڪي بيهي تي رهيو ته پوءِ تي ويچاريائين ته سامهون کو ڏکن ۽ سورن کان ساڙو ٿيل چهرو بس آهي جنهن جا پيار ڀريا نيڻ ته ته تمنديءَ، حيرت ۽ اچرج جي عالم ۾ ڏانهس آداسائيءَ سان ڏسي رهيا هئا. ماءُ جو هيءُ حال ڏسي، دل پرجهي ٿي آيس. هاڻي هو جيجل ماءُ ۽ ان جي حياتيءَ بابت ڪجهه چئي رهيو هو.

”توکي ڪڏهين ڪا گهڙي خوشيءَ جي نصيب ٿي. توکي پراڻي زماني جا ڏنو، جنهن کي ياد ڪري، ڪن لاءِ جڏي جيءَ کي آٿت ڏيئي سگهين؟“ هن پڪساهيءَ پڇيو.

هن سيڪجهه ٻڌو ۽ ڏکوئيندڙ انداز ۾ مٿو لوڏيائين. هن جي دل ۾ ڪنهن اڻلکي خوشيءَ گڏيل ۽ ڏکدائڪ خيءَ جو احساس ايرڻ لڳو، جنهن ڦٽيل دل تي ملم جو ڪم تي ڏنو. اڄ پهريون ڀيرو هن پاڻ ۽ پنهنجي زندگيءَ بابت ڪنهن ماڻهوءَ جي واتان ڪجهه ٻڌو هو. هنن لفظن هن جي ستل جذبن کي هيڪر سجاڳ ڪري ورتو ۽ نامعلوم طريقي سان هن جي حياتيءَ جي وسائل بت ۾ ست پيدا ڪري ورتو. گذريل جوانيءَ جا اپرندڙ آدما ۽ احساس وري جيئرا تي پيا. هوءَ جڏهين اڃا ننڍي نيتي هئي ته هن ساهيڙين

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سان حياتيءَ بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي هئي. هن هر هڪ شيءِ بابت تفصيل سان کولي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ گهري ٿي، پر سندس سمورين ساهيڙين ۾ ٻاڻ رکيو شڪايت ٿــي ڪيائون ۽ پيو ٿيو پلو. هنن ڪڏهين به آنهيءَ جو سبب ڳولڻ جي ڪوشش نٿي ڪئي، ڇُٽي ته آخر حياتي ڇو دکي ۽ ڪٺن ٿي پيئي هئي. پر هن وقت ٻُٽس ساهيون وينو هوس ۽ هن جـي اکين، چهري ۽ لفظن جي تاثير ڪان، هن جي بدن جون رڳون به متاثر ٿي رهيون هيون. هوءَ دل ئي دل ۾ پنهنجي ٻچڙي کـي ٻڌي رني هئي، جـو ماءُ جي حياتيءَ کان پليءَ يت واقف هو، جيڪو هن سان سندس دکن ۽ دردن، ڪشتن ۽ ڪشالن ڪاڻڻ جون ڳالهيون ڪندي، پنهنجي جان جهورپندو پئي رهيو.

”ماڻُن تي ڪڏهين رحم نٿو ڪيو وڃي....“

هن کي اها چاڻ هئي ته پاويل ڙالن جي حياتيءَ بابت جيڪي به ٿي چيو، سا ڇاڻل سچاڻل ڪڙي حقيقت هئي. ماءُ جي سيني ۾ قسمين قسمين گڏيل سَڏيل جذبا لهرون ڏيئي اپرڻ لڳا. هي جذبا نوان ۽ نرم، مٺڙا ۽ وڻندڙ هئا، جن ماءُ جي وسائل دلڙيءَ کي گرم ڪري ڇڏيو:

”پلا پوءِ تــون ڇا تــو ڪرڻ گهرين!“ هــن پاويل کي ٽوڪيندي پڇيو.

”پهرين پـڙهڻ ۽ پوءِ ٻين کـي پڙهائڻ گهران ٿو. اسان پورهيتن کي پڙهڻ گهرجي. اسان کي اها سڌ لهڻ گهرجي ته اسان جي حياتي ايڏي دکي ۽ ڪٺن ڇو آهي.“

هوءَ ڏاڍي سرهي ٿي، جڏهين ڏٺائين ته سندس پٽ جي سدا سخت ۽ سنجيدن نيرن نيڻن ۾ نرم ۽ نازڪ روشني پرجي چڪي هئي. ماءُ مرڪڻ ۽ مرڪڻ لڳي جيتوڻيڪ هـن جي ڳلن جي گهنجن ۾ ڳڙيل ڳوڙهـن جا موتي اڃا تائين چمڪي رهيا هئا. هن کي ٻه ڌارِ ڌار جذبا ورائي ويا. هڪڙي پاسي هن کي پنهنجي ٻچڙي تي فخر پئي ٿيو جنهن حياتيءَ جي ڪوڙاڻ ۽ ڪساري کي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اهڙي موُهيندڙ ۽ سندر نموني ۾ سمجهي ورتو هو. هُن پاسي ڪيس احساس هو ته پٽس جي عمر ڪچي آهي ۽ هو پين جي پيٽ ۾ طرحين طرحين ڳالهيون ڪيو ڪري ۽ هن اڪيلي سر بي ترس حياتيءَ جي خلاف جدوجهد ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو آهي- حالانڪ اهڙي حياتي گذارڻ ۽ ڏکيا ڏينهن گهارڻ، سيڪنهن جو نيم ٿي ويو هو، ۽ هوءَ پاڻ به ساڳئي جند ۾ پيسجي رهي هئي. هن پنهنجي پٽڙي کي چوڻ تي گهريو، "منڙا ٻچڙا تون اڪيلي سر ڪري به ڇا ٿو سگهين؟"

پر ساڳئي وقت ويچار ٿيس، ته جيڪڏهين هن ائين چيو ته ساراه ۽ قدر دانيءَ جو هن جو اُهو جذبو گهٽجي ويندو، جو پنهنجي پٽ لاءِ محسوس ٿي ڪيائين- اُنهيءَ پٽڙي لاءِ جنهن اُتي جو اُتي ثابت ڪري ڏيکاريو هوس، ته هو ڪيترو نه هوشيار آهي.......... ۽ جنهن کي هوءَ پوريءَ طرح پروڙڻ ۽ پرجهڻ کان لاچار هئي.

پاويل پنهنجي مٺڙيءَ ماءُ جي چپن تي مرڪ، پيشانيءَ جي سرن ۾ گنڀيرتا ۽ محويت ۽ نيڻن ۾ نينهن جا گهرا نشان ڏسي سمجهي ورتو ته هو پنهنجي ماءُ کي انهيءَ گهريءَ حقيقت کان، جنهنجي پاڻ وڪالت تي ڪيائين، واقف ڪرڻ ۾ سوڀارو ٿي ويو آهي. هو پنهنجن لفظن جي تاثير تي ڀرپور فخر ڪرڻ لڳو. پاڻ تي ڀروسو وڌي ويس. هاڻي هو جوشيلي انداز ۾ ڳالهائي رهيو هو. ڪڏهين مرڪيائين ٿي ته ڪڏهين پيشانيءَ تي سر ٿي وڌائين. ڪڏهين سندس لفظن ۾ نفرت ۽ ٻچان جي گونج جو عنصر غالب ٿي ٿي ويو. مائس هي ڪيرا ۽ ٻرندڙ لفظ ٻڌي، اچي ڊني. هن پنهنجو مٿو ڌوڏي، پنهنجي ٻچڙي کان آهستي پڇيو:

"پاشا، سچ پچ ائين ٿي ٿيندو آهي ڇا؟"

"هائو، نس پس ائين!" هن مضبوطيءَ سان جواب ڏنو. هن پوڙهي ماءُ کي انهن ماڻهن بابت ڪجهه ٻڌايو، جيڪي پاڻ جهڙن جي مدد ڪرڻ لاءِ آيا هئا. ۽ ساٿين ۾ سچائيءَ ۽ صداقت جو ٻج پوکي رهيا هئا. انهيءَ سچ ۽ صدق جي پاسي وٺڻ جي ڪري

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اُنهن کي ڏاڍن جي هٿان ڏيورون وانگر شڪار ٿيڻو، قيد خانن ۾ وڃڻو ۽ سخت پورهئي سان سزائون سهڻيون ٿي پيون.

”مون اهڙن سڄڻن کي ڏٺو آهي، سي امي، مون اُنهن کي ڏٺو آهي، پين سچ کي سڃاتو آهي. هو ڌرتيءَ جا بهترين سپوت آهن!“ هو جذبات جي وهڪري ۾ وهندو، سيڪجهه چوندو پئي ويو.

اهڙن شخص جي ويچار ماءُ کي ديچاري ڇڏيو. هن وري به پٽڙي کان پڇڻ تي گهريو ته سچ پچ اُهو سيڪجهه صحيح هو ڇا؟ پر همت نه پڏائين. هوءَ تيرس ۾ پئجي اُنهن سڄڻن جون ڪهاڻيون ۽ قصا ٻڌي رهي هئي، جن کي پاڻ ته ڪانه ٿي سمجهي سگهي پر هنن سندس ٻچڙي کي اهڙيون پوائتيون ڳالهيون ڪرڻ ۽ ويچارڻ سيکاري ڇڏيون هيون. نيٺ پٽس کي چيائين: ”صبح ٿيڻ وارو آهي، هاڻي وڃي هنڌ تي سمهي رهه ۽ ٿورو آرام ڪر.“

”هائو، هيئنرڳي تو وڃان،“ هن خوش ٿي چيو. ماءُ ڏي نهاري، جهڪي، وري پڇا ڪيائين، ”پر جيڪي مون چيو سو تو سمجهيو؟“

هن ٿڌو ساهه کڻي چيو ته ”هائو ٻچا، مون سمجهيو.“ ۽ هن جي اکين مان لڙڪ لڙي پيا هن پوءِ اُوچتوئي ڪنهن جذبي کان مغلوب ٿي، پريل آواز ۾ چيو، ”تون تباهه ٿي ويندين!“

هو اٿيو ۽ ڪمري جي پٺي پاسي هليو ويو.

”خير! هاڻي توکي سڌ پئجي ويئي آهي ته آءٌ ڇا پيو ڪريان ۽ ڪيڏانهن وڃي رهيو آهيان. منهنجو رڳو هي نمائو عرض آهي ته پلائي ڪري تون مون کي آڏو نه اچجانءِ!“

”منهنجا مٺڙا، منهنجا ٻچڙا! چڱو ته ائين هو ته تون مون کي ڪجهه به نه ٻڌائين ها،“ ماءُ سڏڪا پريندي چيو.

پاويل ماءُ کي ٻانهن کان کڻي سوگهو جهليو ۽ جنهن پاٻوهه ۽ پيار مان ”مٺڙي امڙ“ چيائين، تنهن کان هوءَ ڏاڍو متاثر ٿي ۽ هبڪندي هبڪندي چيائين، ”آءٌ ڪجهه به ڪين ڪڇنديس،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪجھہ بہ ڪين چوندي‌س. پر تون پنھنجو... پنھنجو خيال رکجانءِ!“

هن پنھنجي ٻچڙي جي لاءِ امڪاني خطري جي اڻاڪي تصوير کي ويچار ۾ آڻيندي، هن جي جانٺي بدن ۽ ڏگهي قد کي پيار ڀرين نظرن ۾ سمائيندي، ڌيل ۽ درد ڀرئي لهجي ۾ چيو، ”تون ڏينھون ڏينھن وچي پٺوڻو ٿيندو. توکي جيئڻ کپي. تيئن حياتيءَ جون گهڙيون گهار. آءٌ تنھنجي رستي ۾ ڪنھن قسم جي روڪ نہ وجھنديس پر رڳو ايترو چوڻ گهران ٿي تہ چڱيءَ طرح خيال رکجانءِ. تہ ڪنھن ماڻھن سان ڳالهائڻ گهرجي ۽ ڪهڙن سان نہ سڄڻ ۽ ڏڄڻ جي پرک ڪج. هنن جي ويچارن ۾ وڃجا ٿين ٿا. هو هڪبئي کان وڌيڪ وچن ٿا. هنن جي حياتي لالچ ۽ ڪيني سان ڀريل ٿئي ٿي. هو هڪبئي کي ڏک ڏيڻ ۾ سرها ۽ سکي ٿين ٿا. هڪڙو پيرو ڪين سندس صورت آرسيءَ ۾ ڏيکار، هنن کي سچ چئہ ۽ پوءِ ڏس تہ هو توکان ڪيئن نہ ٿا وٺن وچن، نفرت ڪن، تنھنجي بويان پون ۽ توکي نهوڙي نيڻ لاءِ گهات گهڙين.

ٻئس دروازي ۾ بيھي آنهن ڏک، تجربي ۽ تڪليف جي احساس سان ڏنل لفظن کي ٻڌي، مرڪي ڏنو. جڏهين سمجهيائين تہ امڙ ڳالهہ پوري ڪئي آهي تہ چوڻ لڳو، ”امڙ! سچ ٿي چئين! ماڻهو واقعي خراب آهن. پر جڏهن مون کي اها سڌ پيئي تہ دنيا ۾ هڪڙي اهڙي شيءِ بہ آهي جنھن کي حق ۽ سچائي ڪوٺجي ٿو، تہ سڀ ماڻهو مون کي وڻڻ لڳا.“

پوءِ هن کان هڪ ٻي ڪل نڪري ويئي ۽ چيائين، ”آءٌ ڀانئان بہ ڪونہ ٿو چاڻاڻ ت، ائين ٿيو ڪيئن! ننڍي هوندي آءٌ ٿيني کان ڊڄندو هوس. جڏهين وڏي وڏو ٿيس تہ پڻ کان ٻچاڻ اچڻ لڳم. ڪٿ کان سندن ڪميڻائيءَ ۽ نيچپڻي جي ڪڙي ۽ ڪن کان الائي چو، شايد ائين ٿي. پر هاڻي تہ مون کي هرڪا شيءِ ٻئي نموني ۾ نظر ٿي اچي، شايد انهيءَ ڪري جو ماڻهن جا ڏيل مون کي دکي ٿا لڳن ۽ شايد انهيءَ ڪري بہ جو مون اها ڳالهہ سمجهي ورتي آهي تہ ماڻهو پنھنجين سيني بڇڙاين ۽ پنھنجن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سيني ڏکن لاءِ پاڻ جوابدار نہ آهن. سنگ ۽ ڪسنگ ڪي انهيءَ ۾ وڏو دخل آهي ۽ حالات بہ کين لاچار ڪن ٿا جڏهن ڪان مون اِها ڳالهہ سمجهي آهي، تڏهن کان منهنجي دل نرم ٿي پيئي آهي،

هو ڳالهائيندي ڳالهائيندي بيهي رهيو، ڇڻ تہ پنهنجي اندر جو آواز ٻڌي رهيو هو. هو پوءِ ڪجهہ سوچي چوڻ لڳو، ”تڏهين چئبو تہ ماڻهوءَ ۾، سچائيءَ کي سمجهڻ کان پوءِ، اهو ڦيرو اچي وڃي ٿو!“

”منهنجا يسوع! تو ۾ ڏاڍو پوائتو ڦيرو اچي ويو آهي،“ ماٿس ڏانهس نهاريندي، چپن ۾ چيو.

هن جي سمهي رهڻ کان پوءِ ماٿس، پنهنجي هنڌ تان ماٺ ميٺ ۾ اٿي، ڏانهس وڌي ويئي، هو سنئون ستو پيو هو. صاف ۽ سفيد وهاڻي تي هن جي پوزيءَ شڪل جا گنڀير ۽ شوخ نشان وڏيڪ ڪلي پيا هئا. ماٿس سمهڻ جو لباس پهريل، پيرين اگهاڙي، پيئي هٿ ڇاتيءَ تي رکي، ڇپ ڪري اچي پڄڙي جي مٿان بيٺي. هن جا ڇپ ڇريا پئي، پر منجهانئن آواز ڪونہ ٿي آيو. شيلا نين موتين جيڏا لڙڪ هن جي ڳلن تان وهي هيٺ ڪري رهيا هئا.

ماڪ ۽ پٽ وري بہ آهائي ٻمانتيڪي حياتي گهارڻ لڳا هڪٻئي کان ڏسڻ ۾ پري پر حقيقت ۾ ٻنهہ ويجهو.

## ( ۵ )

هئتي ڪن ۾ موڪل جي ڏينهن پاويل گهر مان ٻير ٻاهر ڪڍندي، ماءُ ڏانهن منهن ڪري چيو، ”ڇنڇر جي ڏينهن ڪي ماڻهو شهر مان مون سان ڳڻڻ ايندا.“

”شهر مان!“ مائس ورائيو ۽ اوڏيءَ مهل ئي سڏڪا ڀرڻ لڳي.

”امان، ڇا ڳالهه آهي!“ پاويل خفي ٿي پڇيو. هن ڪپڙي جي پلاند سان ڳوڙها اگهي، ٿڌو ساهه ڀري، ورائيو: ”مون کي خبر ناهي، ڪا خاص ڳالهه ڪانهي.“

بس! ٻجي وئينءَ؟“

”ها!“ هن ڳالهه مڃيندي چيو.

هو ماءُ ڏانهن جهڪيو ۽ پٽس وانگر کهري لهجي ۾ چيائين، ”ٻپ ۽ ٻيچڙي اسان سيني جي ٻيڙي ٻوڙي ڇڏي آهي. اسان جا حاڪم اسان جي ٻيچڙي جو فائدو ٿا وٺن ۽ اسان تي تهان پوءِ وڌيڪ سختي ۽ ڏاڍائي ڪن ٿا.“

”خفي نه ٿيءُ!“ مائس ڏک ڀريل انداز ۾ چيو – ”آءٌ ڀلا ڪيئن نه ٻجان؟ سڄي حياتي ٻچندي گذاري اٿم، منهنجي روح تي ٻپ ۽ خوف طاري آهي.“

”امڙ! مون کي معاف ڪر ڇا ڪريان، جو رستو اهوئي آهي.“ هن نرميءَ سان چئي، روانو ٿي ويو.

هن جي دل سڄا سارا ٽي ڏينهن ڏڪندي رهي. جنهن به ويل اهو ٿي سوچيائين ته ڏاڍا ۽ ڀوائتا انسان هن جي گهر ۾ ايهي ايندا، ته ڪانئس ڇرڪ نڪري ٿي ويو ۽ هيانو ڪاڇي تي وينس. اهي ئي ماڻهو هئا، جن پٽس کي دڳ لاتو ۽ اها واٽ ڏيکاري هئي، جنهن تي هو هن وقت پنڌ ڪري، هلي رهيو هو.

ڇنڇر جي ڏينهن سانجهيءَ، ٽائي پاويل ڪارخاني مان گهر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آيو، هٿ منهن ڌوتائين، ڪپڙا بدلايائين ۽ ٻاهر نڪرندي، ماڪ ڏي مهڙ ڪرڻ کان سواءِ چيائين، ”جيڪڏهين ڪو اچي ته چئجانس تہ آءٌ اجهو ڪي اجهو آيس، ۽ خدا جي واسطي تون ڊڄ نہ.“

هوءَ هيٺائيءَ جي ڪري ٻنهي تي ويهي رهي. ٻاوڀل متاچري نموني ۾ ڏانهس نهاري، صلاح ڏيندي چيو، ”اٿيئن نيڪ نہ ٿيندو ڇا.........جي اڄ تون ڪنهن ٻئي ٻاسي وڃي.......... گهڙي گذاري اچين؟“

”نہ نہ! آءٌ ڇو وڃان!“

نومبر جي پڇاڙي هئي. ڏينهن جوئي برف سان ڍڪيل ڌرتيءَ تي وڏيڪ سنهڙي ۽ خشڪ برف پئجي چڪي هئي. هن ٻنس جي ويندي ان جي ٻيرن هيٺيان برف جي چيچڙ جو آواز ٻڌو. دل ۾ ڪينو ۽ ساڙ ساندي، اونداهيءَ ۾ ڪنهن ڪي ٽاڙي درين جي ٽاڪن ڪي چنبڙي، گهٽي گهٽي تائين ٻيهي رهي.

۽ پوءِ ٻئي هٿ ٻنهي تي رکي، دروازي ۾ اکيون وجهي، ويهي رهي........ ڪيس ائين پئي سمجهہ ۾ آيو تہ ڪي ٻچڙا ۽ بد نيت ماڻهو عجيب و غريب ڪپڙا پائي، اونداهيءَ ۾ چر پر ڪري رهيا هئا جلدئي گهرجي چوڌاري ٻين ۽ ڪڙين تي هلڻ جي چر پر جا جهڪا آواز اچڻ لڳا ۽ ٻتين تي آڱرين جا سرڙات محسوس ٿيڻ لڳس. هن جي ڪنن ۾ اهڙو آواز پرڻ لڳو، ڄڻ ڪو شخص سينڊ هٽندي ڪا ڌن قائم ڪندو هجي. آواز جي ڪري ماٺ ۾ اڻ لکي چر پر پيدا ٿي. ڏکويل، سرياو ۽ مدڙ آواز، اونداهيءَ ۾ پتڪڻ لڳو، ڄڻڪ ڪنهن جي گولا پئي ڪيائين. هي آواز ويجهو ايندي ايندي، دريءَ وٽ پهچي، هڪدم گم ٿي ويو- ڄڻ تہ پٽ جي ڪانئن ۾ ٻيهي ويو هجي.

ڏيڍيءَ مان ٻيرن جو هلڪو آواز اچڻ لڳو. ماڪ چرڪ پري اٿي ڪڙي ٿي. هنجا پيرون چڪجي آيا.

دروازو کليو، جنهن مان پهرين هڪڙي گهچي ظاهر ٿي. آن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي مٿي تي ڏکڻ وارن سان وڪري ٽوپي پيل هئي. ان کان پوءِ دروازي مان هڪڙو ڏکو جسم جهڪندي سامهون آيو، جنهن ايڻو ٽي، سڄو هٿ مٿي کڻي سلام ڪري، ٿڌو ساهه کڻي چيو، ”آداب!“

ماڪ ڪجهه به ڪين، پر نوڙي سلام وراڻيائين.

”پاويل گهر آهي؟“ اٿين چئي، نئين آيل شخص اطمينان سان سمور جو جيڪٽ لاٿو، ۽ ٽنگ مٿي ڪري، ٽوپيءَ سان بوٽ تي لڳل برف ڇنڊي ڇڏي. هن پيو بوٽ به اٿين صاف ڪري ورتو. پوءِ پنهنجي ٽوپيءَ کي ڪنڊائتو اڇليندي، ٽڪڙو ڪمري جي ٻيءَ ڪنڊ ۾ وڃي، ڪرسيءَ کي ڏسي وائسي چڪاسيندي ڄڻ اها خبر ٿي وٺڻ چاهي ته ڪرسي هن جو بار سهي سگهندي يا نه. مٿس ويهي رهيو، ۽ وات ڏئي هٿ رکي آرس ڀڳائين. هن جو بدن ڊولائتو ۽ وار ننڍا ڪترايل هئا، ڏاڙهي وٺيل هيس، البت مڇون هيٺ پئي لڙڪيس. هن پنهنجي وڏين پورين اکين سان ڪوٺيءَ جي وڏي ويچار سان چڪاس ڪندي، ٽنگ ٽنگ تي چاڙهيندي، ڪرسيءَ تي جهولي وانگر پاڻ لوڏيندي چيو، ”هيءَ جهوپڙي اوهان جي پنهنجي آهي يا مسواڙ تي ورتل اٿو؟“

”مسواڙ تي آهي“ ماڪ، جا هنجي سامهون ويٺي هئي، تنهن جواب ڏنو.

”جاءِ ڪا اهڙي سٺي ڪانهي“ هن رايو ظاهر ڪيو.

”پاشا اجهو ڪي اچهو آيو، توهان ڪجهه ترسو“ ماڪ چيو

”ها، ان لاءِ ته ترسيو ويٺو آهيان.“ قداور شخص جواب ڏنو.

هن جي آٿت ۽ اطمينان، صبر، نرم آواز ۽ سنئين سڌي چهري کي ڏسي ماڪ به دل ٻڌي. هن جي اکين مان صاف دلي ۽ دوستي پئي بکي، ۽ نگاهن جي اونهاڻ مان سرهاڻ جا شعلا پئي ايريا. هن آيري، نوڙيل ۽ ڏکين ٽنگن واري بدن ۾ هڪ قسم جي ڪشش ۽ قرب هو. هن جي قميص نيري ۽ پتلون ڪاري مگر ويڪري ۽ ڍري هئي، جنهنجا پائنچا بوٽ جي هيٺان اچي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

گسي چڪا هئا. ماءُ هن ڪان پڇڻ تي گهريو، ته هو ڪير هو، ڪٿان آيو هو ۽ پٽس ڪـي ڪيتري عرصي ڪان ڄاڻي سڃاڻي، ته ايتري ۾ هو پاڻ ئي نوڙيو ۽ ڳالهائڻ شروع ڪيائين.

”تنهنجي نـراڙ تـي اهڙي زور سان ڪنهن ڌڪ هنيو هـو نانيڪا * ؟“ هن پڇيو.

هن جي آواز ۾ همدردي هئي ۽ اکين مان سرڪ جهلڪا پئي ڏنا. ليڪن ماءُ ڪي انهيءَ سوال تان ٻچان ويئي ۽ هن جي جذبات کي ڌڪ لڳو.

”ابا! تنهنجو انهيءَ سان ڪهڙو واسطو؟“ هن چپ پيڙي، رکو منهن ضرور ڪيو، پر نهايت سهڻي نسوني ۾ ورائيو.

هن ماءُ ڏانهن چڱيءَ طرح نوڙندي چيو، ”خفي نـه ٿيءُ جيجي، سـون رکـو انهيءَ ڪري پڇيو جو منهنجي ماتيجي ماءُ کي به اهڙوئي زخم هو جهڙو تنهن جي پيشانيءَ تي آهي. هن کي سلس مڙس، جو موچڪو ڏنڊو ڪندو هو، تنهن پنهنجي ڪاٺ جي قالب سان ماريو هو. پاڻ ڪنياڻي هئي ۽ هو. موچي هو پٽي هڪبئي کـي هٿ چڙهي ويـا هئا. آها منهن جـي ماءُ سدائين پڇتائيندي رهي، ڇاڪاڻ جو هو شرابي هو. اف! هو ڪيس ڏاڍو مارينڊو هو. مون کي اهو ڏسي اهڙو ڏپ اچي ورائيندو هو، جو ٽڙڪٽي وني ويندي هيم.“

انهيءَ تي ... لاجواب تـي پيئي ۽ خيال ٿيس ته رکو منهن ڏيڻ ڪري متان پاويل ڪاوڙجي نه پوي.

هوءَ ٿورو کلي، پر حجاب ڪندي چيائين: ”آءٌ اصل ۾ خني ڪانه ٿي هيس، پر تـو اوچتوئي اوچتو سوال پڇيو. خـدا ڪيس جنت ۾ جاءِ ڏئي، مون کي به پنهنجي مڙس ئي ماريو هو. تون تاتا ي ¢ آهين ڇا؟

* يوڪرين ۾ ماءُ کي پيار مان نانيڪا (جيجي) چوندا آهن.

¢ پراڻا ڪپڙا خريد ڪندڙن کي عام طور تي ”تاتاري“ چيو ويندو هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هن پير چوريا ۽ اهڙيءَ طرح ڪليو، جو ڪن ٻه ٺڙڪڻ لڳس. ٻر پوءِ ڳنڀير ٿي جواب ڏنائين، ”نه، هن وقت نه.“

ماءُ ٻه هن جي چرچي کي سمجهي ويئي ۽ چيائين: ”تنهنجو ڳالهائڻ روسين جهڙو ته ڪونهي؟“

”منهنجو لهجو روسين کان ٻه چڱو آهي. آءٌ خوخول * آهيان، ڪانيف شهر جو رهاڪو آهيان.“ مهمان ٻه چرچو ڪندي چيو.

”هتي گهڻو وقت ٿيو اٿيئي؟“

”شهر ۾ آئي ته ورهه کن گذري ويو اٿم، البت ڪارخاني ۾ مهينو کن ٿيندم. هتي مون کي چڱا ساٿي ملي ويا آهن، تنهنجو پٽ ۽ ٻيا ڪي ماڻهو. انهيءَ ڪري خيال اٿم ته هاڻي شهر ۾ ئي رهبو.“ هن پنهنجيون مڇون وٽيندي چيو.

هن شخص پٽس کي چڱو ڇيو هئو، تنهنڪري ماءُ هن جو ٿورو لاهڻ ٿي گهريو.

”چانهه جي پيالي ته ضرور پيئندين؟“ ڪانئس پڇيائين.

”رڳو آءٌ ڪونه پيئندس. پلي ته پيا ٻه اچن ته پوءِ سڀني جي گڏي خاطري ڪجانءِ،“ ڪلهن کي نالي ماتر لوڏيندي چيائين.

ٻين جو ٻڌي، ماءُ کي وري اچي، ڏپ ورايو ۽ سوچيائين، شل، پيا ٻه هن جهڙائي هجن.

ايتري ۾ ڏيڏيءَ ۾ وري پيرن جا کڙڪا اچڻ لڳا. دروازو تيزيءَ سان کليو ۽ ماءُ وري اٿي بيهي رهي. هن جڏهين ڏٺو ته هڪڙي ڇوڪري، رڌڻي ۾ گهڙي ويئي ته اچرج ۾ پئجي ويئي. هن ڇوڪريءَ جو قد ننڍو هو ۽ منهن ڳوٺاڻين جهڙو سادو، وار سونهري هئس، جي هڪڙيءَ چوٽيءَ ۾ ڳنڍيو ٿيل هئا.

”دير ته ڪانه ٿي اٿم؟“ ڇوڪريءَ نرميءَ سان پڇيو.

”نه، دير ڪانه ٿي آهي - ٻيا آئي آهين؟“ ’خوخول‘ دروازي مان نهاريندي پڇيا ڪئي.

---

* آڪٽوبر انقلاب کان اڳي، روسي يوڪرين جي رهاڪن کي چرچي ۾ ”خوخول“ چوندا هئا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”نه ته پيو چا .... تون پاويل ميڪائلو وچ جي ماءُ آهين؟ منهنجو نالو نتاشا آهي ....“

”تنهنجو پدري * نالو چا آهي؟“ ماءُ پڇيا ڪئي.

”واسيليونا- ۽ تنهنجو نالو؟“

”پلاگيا نلوونا.“

”هاڻ اسين ٻئي هڪٻئي جون واقف ٿي ويونسين.“

”جي ۽!“ ماءُ ڇوڪريءَ ڏانهن نهاريندي ۽ مرڪندي چيو. هاڻي هن جي آواز ۾ هلڪي گونج هئي.

”سيءُ ته ڪونه ٿو ٿيئي؟“ 'خوخول' ڇوڪريءَ جي اوورڪوٽ لاهيندي چيو.

”حد کان ٻاهر! ٻنين ۾ ٻاهر ته مصيبت جي هوا آهي.“ هن جو آواز اونهو، لطيف ۽ نرمل، وات ننڍڙو ۽ چپ پريل هئا. سڄو بدن صوف وانگر تازو، گول ۽ گرِدار هوس.

هوءَ پنهنجو ڪوٽ وغيره لاهڻ کان پوءِ، ننڍڙن هٿن سان، جي ٿڌ جي ڪري سڄي پيا هئا، پنهنجن ڳلن جهڙن ڳلن کي مهٽيندي، ڪڙيءَ سان فرش تي ڪڙ ڪڙ ڪندي، ٻيءَ ڪوٺيءَ ۾ هلي ويئي.

ماءُ دل ئي دل ۾ چيو ته، هن ڇوڪريءَ هيڏيءَ برف ۾ رٻڙ جا جوتا نه پاتا آهن!

”مار! آءٌ ته ٿڌ ۾ ٺريجي پئي آهيان،“ ڇوڪريءَ ٿڙڪندي چيو.

اهو ڏسي ماءُ کي کِلُ پئجي ويئي ۽ چيائين: ”ڏيءَ! ڳڻتي نه ڪر، اجهو ٿي سماوار کي ڪوسو ڪريان.“

هن کي ائين محسوس ٿيو ته هوءَ ڄڻ ڪا ورهين کان ڇوڪريءَ جي واقف هئي ۽ سائس اهڙي ته پيار، همدرديءَ ڀاڀوهه سان پيش آئي، جڻڪ پيٽ جائي هئس.

پر واريءَ ڪوٺيءَ ۾ هلندڙ گفتگو ٻڌي، هن جي چپن تي سرڪ تڇڙ لڳي.

---

* روسين جي نالي جا ٽي ڀاڱا ٿين ٿا- ذاتي- پدري ۽ خانداني.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”نخودڪا، ڇا پيو سوچين؟“ ڇوڪريءَ پڇيو.

”خاص ڳالھ تہ ڪانھي،“ ’خوخول‘ آهستي جواب ڏنو ”امڙ جون اکيون تہ ناھوڪيون آھن. آءٌ سوچيان پيو تہ منھنجي ماءُ جا نيڻ بہ اھڙائي ھجن ھا. آءٌ امان بابت اڪثر ويچاريندو آھيان، ۽ ائين پيو ڀائيندو آھيان تہ ھوءَ جيئري آھي.“

”تہ تہ ڇيو ھو تہ ھوءَ فوت ٿي ويئي،“ ڇوڪريءَ ڇيو

”منھنجي ماتيجي ماءُ فوت ٿي چڪي آھي. آءٌ پنھنجي سڳيءَ ماءُ جي ڳالھ پيو ڪريان. ھوءَ شايد ھوتان جي درن تي پني رھي ھوندي ۽ ووڏڪا پيئي پيئندي ھوندي، جڏھين بہ گھٽو پيئندي ھوندي، تہ شايد پوليس وارا بہ کيس ٺٺوڙ ھٽي ڪيندا ھوندا.“

”ڇورڙو ڇنو آھي“ ماءُ ٿڌو ساھ کڻي ڇيو.

ايتري ۾ نتاشا، وڏي تکي، نرم، پائيدار ۽ جوشيلي انداز ۾ ڪا ڳالھ ڪري ويئي. خوخول جو آواز وري گونجڻ لڳو:

”توهن اڃا ٻار آھيو. تو دنيا ڪانہ ڏٺي آھي. توکي دنيا جو تجربو گھٽ آھي! انسان کي جنم ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آھي، پر کيس شرافت ۽ فضيلت سيکارڻ ان کان بہ ڏکيو آھي.“

”ھاءِ ويچارو!“ ماءُ پنھنجو ٻاڻ ڇيو ۽ دل گھريس تہ خوخول وٽ وڃي ان بابت ھمدردي ڪري. پر ايتري ۾ دروازو کليو ۽ ڊاتيلو نالي نام ڪٽئي چور جو پٽ نڪولائي وسوف شيڪوتي اندر گھڙي آيو. ھيءُ شخص سڄي ڳوٺ ۾ پنھنجي اڻ گھڙيائيءَ جي ڪري مشھور ھو. سدائين رکي ۽ سڃيل منھن ۽ ڪڙي مزاج سان ڦرندو گھاريندو ھو. ڪنھن کي ڪين وڻندو ھو ۽ سڀيئي پيا چيڙائيندا ۽ چرچا ڪندا ھئس.

”نڪولائي! ڇا ھي؟“ ماءُ ششدر ٿي پڇيو.

”پاويل آھي؟“، ھن پنھنجي کھري ڏکي منھن کي اگھندي، سلام دعا ڪرڻ ڌاران، ماءُ کان پڇيو.

”نہ....!“ ماءُ جواب ڏنو

ھن نوڙي ڪونيءَ ۾ ڏٺو ۽ اندر وڃي چيائين: ”سلام اي ساٿيو!“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هي ٻه هنن سان ........!، ماءُ کي اها ڳالهه نه آئڙي. وري جڏهين ڏنائين تــه نتاشا ساڻس ملي ڏاڍي گڏ گڏ ويٺي ٿئي، تــه ويتر عجب لڳس.

نڪولائي جي پويان ٻيا ٻه ڄڻا نه آيا، جن مان هڪڙي کي هــوءَ سڃاڻندي هئي. هــن جو مهانڊو سهڻو، مٿو ويڪرو ۽ وار گهنڊيدار هئا. هي ڪارخاني جي هڪڙي جهوني پورهيت سيزوف جو پاڻيٽيو هو. ڪيس فيدور ڪري سڏيندا هئا. ٻيو شخص لچارو هو، هن جا وار سڏا هئا ۽ ڪٽي اهڙي ڏنل هيس، ڄڻ ته وار مٿي سان لٽيءَ سان ڇهتايا ويا هجن. ماءُ هــن کي ڪونه سڃاتو، پر سندس دل دهلجي ڪانه ويئي. ايتري ۾ پاويل به ٻه ڄڻا ٻيا به ساڻ ڪري اچي نڪتو. هنن نوجوان مزدورن کان ماءُ اڳيئي واقف هئي.

”تو سماوار ٻــه چاڙهي ڇڏيو آهــي ڇا؟ ڏاڍو چڱو، وڏي مهرباني!“ پاويل جهيڻي ۽ نرم آواز ۾ چيو.

”ڀلا آءُ تورو وودڪا کڻي اچان؟“ هن پڇيو.

ويچاريءَ کي اِن ڳالهه جو، جنهن جي بيان ڪرڻ لاءِ لفظ نٿي مليس، شڪريو بجا آڻڻ ئي نٿي آيو.

”نه، اسين شراب ڪونه واپرايون،“ پاويل ڏاڍي مٺڙي نموني ۾ مرڪندي چيو.

هن سمجهيو ته پٽس مٿس ٺٺولي ڪندي، آنهيءَ ساڻين وارين خطري کي وڌائي بيان ڪيو هو.

”ڇا، هنن ماڻهن کي قانون خطرناڪ تو چوي؟“ـــ هن چپن ۾ پڪندي چيو.

”ها، اهي ساڳيا!“ پاويل جواب ڏيئي، ٻيءَ ڪوٺيءَ ڏانهن هليو ويو.

”سچ پچ!“ هن وراڻيو، ۽ وڏڙن وانگر ويچار ۾ پئجي سوچڻ لڳي، هي اڇا تائين ٻار آهي!

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

( ٦ )

پاڻي ٽهڪڻ لڳو، ته ماءُ سماوار کڻي ڪوٺيءَ ۾ آئي. مهمان ميز جي چوڌاري گول چڪر ڏاهيو ويٺا هئا. نتاشا ڪنڊ ۾ لالٽين جي هيٺان ڪتاب کوليو ويٺي هئي.

"هن عام ماڻهن جي حياتي ايڏي ڪٺور ۽ ڏکي ڇو آهي!" نتاشا چيو.

"هو پاڻ ايڏا ڪٺور ڇو آهن ۽ ٻين کي ڇو ٿا ڏکوئين؟" خوخول وچ ۾ ڳالهايو.

"اها ڳالهه سمجهڻ جي لاءِ، هيءُ به ڏسڻ ضروري آهي، ته هن پنهنجي زندگي شروع ڪيئن ڪئي؟ هائو نه؟"

"منهنجا ٻچڙا چڱيءَ طرح ڏسو، ۽ سمجهو،" ماءُ چانهه تيار ڪندي، پڙڪندي چيو.

سيپٽي ماٺ ٿي ويا.

"امان ڇا آهي؟" پاويل نراڙ ۾ گهنج وجهي پڇيو.

"ڇا آهي؟" هن ڪنڌ مٿي کنيو ته سيپٽي ڏانهس نهاري رهيا هئا.

"اڙي- مون ته پاڻيهي پاڻ سان پٽي ڳالهايو،" هن گهٻرائجي چپن ئي چپن ۾ چيو، ۽ دل ۾ سوچيائين ته، "جيڪڏهين اوهان سچ پچ ڏسڻ گهرو ٿا ته پوءِ ضرور ڏسو."

"چانهه جي مهرباني ناتيڪا!" خوخول ورائيو.

"پهريائين چانهه پي ته وٺ، پوءِ پيو ڳڻ ڳائج،" هن چيو. پوءِ پٽ ڏانهن اهڙيءَ طرح نهاريائين، جڻ ڪا غلط ڳالهه ڪري ويٺي هجيس. بچتاءُ ڪندي، چيائين، "ابا، آءٌ شايد اوهان جي ڪم ۾ رنڊڪ پيئي وجهان."

"گهر وارا مهمانن جي ڳالهين ۾ ڪا رنڊڪ وجهندا آهن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چا؟" نتاشا جواب ڏنو. "ٻر جهٽ ڪري مون کي چانهه ڏي، آءٌ ڏڪان پيئي، پير ته ٺري ٻرف ٿي ويا اٿم!" هن جي لهجي ۾ ٻارن وانگر شڪايت جو عنصر وڌيڪ هو.

"اڃهو، ڌيان ٿي،" ماءُ تڙ تڪڙ ۾ چيو.

نتاشا چانهه پيڻ کان پوءِ وارن کي پٺن پويان اڇل ڏيندي، پيلي جلد وارو تصويرن سان ڪتاب کڻي پڙهڻ شروع ڪيو. ماءُ چانهن به پئي ٺاهــي ۽ ورهائي ته ڪتاب به پئي ٻڌو. ڳالهه ڏي ڪن به ٿي ڏنائين ته ٿاڌون ٽپن کي آهستي آهستي پئي ڪنيائين، ته جيئن ڪڙڪو نـــ ٿئي. نتاشا جو ڪڙڪيدار آواز سماوار جي سوُن سوُن ۾ ملي ويـــو ۽ ڪونيءَ ۾ انهن جهنگلي انسانن جون آڪاڻيون ۽ ڳالهيون شروع ٿي ويون، جي ڪنهن وقت غارن ۽ چرن ۾ رهندا هئا ۽ ٻترن سان شڪار ڪندا هئا. هي آڪاڻيون ته الف ليلي جي داستان وانگر ۽ ديون ٻـــرين جي قصن ڪهاڻين جهڙيون هيون- هوبهو انهن جهڙيون. هن جي اندر اڌمو ڪاڌو ته پٽ کان پڇي ته "ابا هنن ۾ ڪهڙي اهڙي ڳالهه آهي، جنهن تي بندش وجهڻ ضروري آهي؟" هوءَ پنهنجي ڀڄڙي ڏي ڏسندي ڏسندي ڪڪ ٿي پيئي، ڪتاب به ڪونه پئي وٺيس، تنهنڪري ماٺ ميٺ ۾ ويٺي مهمانن کي جاچڻ لڳي، اهڙيءَ ريت جو ڪنهن کي به اها ڳالهه محسوس نه ٿئي.

پاويل نتاشا جي پرسان ويٺو هـــو ۽ هيءُ ٿي شخص هو، جو سيني ۾ سهٽو هو. نتاشا ڪتاب تي نوڙيل هئي، تنهنڪري گهڙيءَ گهڙيءَ وار ناهٺا ٿي پيس، جي هر هر اڇي منهن تي پيٺي اڳيان پيس. ڪنهن ڪنهن مهل هـــوءَ ڪتاب مان منهن ڪڍي، پيارا پيارا نوراني نيڻ کڻي، متو ڏوٽيندي، هلڪي آواز ۾ پنهنجي راءِ به ڏيندي ٿي رهي. خوخول ميز جي ٻئي پاسي ڏاڍيءَ بيپرواهيءَ سان ٽنگون ٽيڙي ويٺو هو. اکيون ڦرڙائيندي، پنهنجي نڪ جي هيٺيان، مڇن ڏانهن ڏسي، انهن کـــي وٽيندو پئي رهيو. وسوف شيڪوف ڪرسيءَ تي ٻيد وانگر سڌو ويٺو هو. سندس هٿ گوڏن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تي رڪيل هئا، منهن تي ماتا جا داغ، پيرون چٽ، سنهڙا سنهڙا چپ هئس. اهڙو موڪو ٿيو ويٺو هو، ڄڻ ته ساهه ئي ڪونه هوس، جذبوئي ڪونه هوس، پٿر جو پتلو هو، پيو ڪجهه به نه! هن جون نننڍڙيون اکيون پتل جي سماوار ۾ ڪٿيون پيون هيون. هو پتل جي چلڪي ۾ اهڙيءَ طرح پنهنجو اولڙو ڏسي رهيو هو، ڄڻ ڪنهن آرسيءَ جي اڳيان پٿر جو پتلو هجي. فيدور ڪتاب پڙهندي چپ پئي چوريا، شايد پاڻ به آڪاڻي دهرائيندو ٿي ويو. هن جو سنگتي ماڻ ڪريو اٿيئا ٿي نوننون گوڏن تي ۽ هٿ تي ڳل رکيو نوڙيو ويٺو هو، ۽ اهڙيءَ طرح پئي مرڪيو، ڄڻ ته ڪنهن وڏي اونهي ويچار ۾ ويٺو آهي. پاويل سان جيڪي ڇوڪرا گڏجي آيا هئا، تن مان هڪڙي جا وار ڳاڙهسرا ۽ اکيون سائيرڙيون هيون. شايد انهن مان هڪڙو هي ويچارو ۽ بي آرام ٿي ڏٺو، پاسا پئي ورايائين، شايد ڪجهه چوڻ ٿي گهريائين. ٻيو ڇوڪرو جنهن جا وار سونهري ۽ ننڍڙا ڪتريل هئا، تنهن رکي رکي پنهنجي وارن تي هٿ پئي ڦيريو ۽ ڌرتيءَ تي اهڙيءَ ريت پئي ڏٺائين، جو پوريءَ طرح هن جو منهن به ڏسڻ ۾ ڪونه ٿي آيو.

ڪوٺڙيءَ ۾ آرام ڏيندڙ فضا ضرور پيدا ٿي پيئي هئي پر ڪجهه اوپري اوپري پئي لڳي نتاشا جي آواز جي پويان، ساهه کي پنهنجي جوانيءَ واريون شور شار سان ڀريل سانجهيون پئي ڏسڻ ۾ آيون، يادگيريون تازيون پئي ٿيس- ڇوڪرن جي اڻوڻندڙ ٻولي، رڌي ڇرڇ گهيا، جن مان سدائين ووڊڪا جي ٻانس پيئي ايندي هئي.... هن کي جڏهين اچي ڳالهيون ياد پيون ته پنهنجو پاڻ تي رحم ڪائڻ لڳي، جيءُ جلي ويس ۽ هانءُ ڪاچي ويس.

ڪيس سنڌس شاديءَ وارا ڏينهڙا دل تي تري آيا سنڌس شادي ڪيئن ٿي، ساڳئي نموني جي هڪڙيءَ دعوت تي ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا ۽ سنڌس مڙس هڪڙي اونداهيءَ ڏيڏيءَ ۾ ورائي جهلي، پيٽ ۾ هٿي پڇبو هوس:

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”مون سان شادي ڪندينءَ؟“ هن رڪي ۽ کهري نموني ۾ پڇيو هوس، ڪيس ڏاڍي تڪليف پهتي هئي ۽ هن جي دل ڦٿجي پيئي هئي، ليڪن هو ساڳئي ڏکوئيندڙ انداز ۾ سندس ڇاتي مهٽيندو، ۽ سندس منهن تي، پيٽ مان ڪوسي هوا ڪڍي، هٽندو رهيو. هوءَ پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندي، ڪجهه پاسيري ٿي مس هئي، ته هن رعبدار گهري آواز ۾ چيو هوس، ”وڃين ڪيڏانهن ٿي؟ ٻڌين ٿي، مون کي جواب ڏيندي وڃ.“

هوءَ جواب وري کهڙو ڏئي ها، لڇ ۽ تڪليف جي ڪري هن ڪان ساهه ئي ڪنيو نٿي ٿيو. ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ ڏيڍيءَ جو دروازو کوليو ۽ هن پنهنجون ٻانهون ڪٿي ڍريون ڪيون.

”اڄ جي ڏينهن آءٌ حجامڻ کي موڪلينديس،“ هن چيو ۽ ٿيو به ائين.

”آءٌ اهو سمجهڻ گهران ٿو ته ماڻهن کي کهڙي نموني ۾ رهڻ گهرجي ۽ نه اِهو ته هو رهن ۽ هلن چلن ڪيئن ٿا،“ وسوف شيڪوف جو احتجاج ڪندڙ آواز آيو.

”بلڪل درست آهي،“ گاڙهن وارن واري اٿي بيهندي چيو.

”آءٌ تنهنجي راءِ سان بدل ڪونه آهيان!.“ فيدور ڪڙڪو ڪري چيو.

انهي تي اچي بحث ڇڙيو. لفظ آلا ٻڌجي اُبرڻ لڳا. ماءُ کي پتوئي ڪونه ٿي پيو، ته هي سمڻ ڇاتي متو هو. سيني جا منهن ڦاٽي هٽي ويا هئا. پر نه ڪنهن کي منيان لڳي ۽ نه وري هنن ڪنا لفظ ڪتب آندا، جيڪي هوءَ سدائين ٻڌندي ٿي آئي.

شايد هنن کي ڇوڪريءَ جي اڳيان ڪنا لفظ ڪم آڻيندي لڄ ٿي اچي،“ هن فيصلو ڪري ورتو.

نتاشا جي منهن جو سانتيڪو نمونو ماءُ کي وڻي ويو. هوءَ هر ڪنهن ماڻهوءَ ڏانهن گهوڙهائيءَ سان ڏسي رهي هئي، اهڙيءَ طرح جڻڪ سندس اڳيان ڪي ٻار ويٺا هجن.

”اي ساٿي، گهڙي ڪن ترسو!“ هن ڪڙڪو ڪري چيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

انهي تي سيپٽي ماٽ ۾ اچي ويا ۽ ڏانهس نهارڻ لڳا.

”اهي ماڻهو سورنهن آنا صحيح آهن، جيڪي چون ٿا، ته هنن کي هر ڪنهن شيءِ جي سڌ ۽ ڄاڻ هئڻ گهرجي. اسان کي پنهنجي ٻڌيءَ ۽ سمجھ کي عقل ۽ ڏاهپ جي سوجهري سان روشن ڪرڻ گهرجي، ۽ انهن کي سوجهرو ڏيکارڻ گهرجي، جن جي سمجھ تي لاعلميءَ جي اونده ڇانئجي چڪي آهي. اسان وٽ هر هڪ شيءِ جو سچو، صحيح ۽ ايمانداريءَ وارو جواب هئڻ گهرجي. اسان کي سڌ هئڻ گهرجي ته سچ ڇا آهي ۽ ڪوڙ ڇا آهي. اسان ۾ ڪوڙ ۽ ڪچ، صاف دليءَ ۽ سچ کي پروڙڻ جو مادو ۽ سگهه هئڻ گهرجي.“

خوخول هن جا لفظ ٻڌي، پيرويءَ ۾ ڪنڌ ڌوڻي رهيو هو. وسوف شيڪوف، ڳاڙهن وارن وارو ۽ هڪ ٻيو ڇوڪرو جو پاويل سان گڏجي آيو هو ۽ ڪارخاني ۾ ڪم ڪندو هو، پنهنجي ڌار ڌار ٿاهيو ويٺا هئا ۽ ماءُ کي ڪنهن سبب جي ڪري ڪونه ٿي آئڙيا.

نتاشا پنهنجي ڳالهه پوري ڪئي ته پاويل اٿيو:

”اسان کي رڳو پيٽ ڀرڻ لاءِ مانيءَ گهرجي ڇا؟ نه، اُئين ڪونهي،“ هن تنهي ڄڻن ڏانهن نهاريندي سانت سان چيو ”جيڪي ماڻهو اسان جي پٺن تي سوار آهن ۽ اسان جون اکيون بند ڪري ڇڏيون اٿن، تن کي ٻڌائڻو آهي، ته اسين سڀ ڪجھ ڏسي رهيا آهيون. اسين نڪي ڇسا ۽ بيوقوف آهيون، نه وري نرا ڍور، جو اسان کي رڳو ڪتي پيٽ جي واسطي مانيءَ جو جو پور گهرجي ۽ ٻيو ڪي به ڪين. اسين اهڙي حياتي گهارڻ گهرون ٿا، جا انسانن جي لائق هجي ۽ هنن جي منهن تي پوي. اسان کي اهو ڪري ڏيکارڻ گهرجي، ته هنن اسانکي جنهن غلاميءَ جي حياتيءَ ۾ رکيو آهي، سا اسان کي ذهني طور نه رڳو سندن جهڙو، پر ڪانئن مٿيرو ۽ اڳيرو ٿيڻ کان ڪنهن به حالت ۾ روڪي نٿي سگهي.“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڀاويل جي واتان هي لفظ ٻڌي ماءُ جي دل وڏي ۽ فخر سان ڀرجي ويئي. هن جو سمورو خوشيءَ ۾ ايرڻ لڳو. سندس ڳالهائڻ جو ڍنگ ڪهڙو نه سهڻو ۽ تقرير ڪهڙي نه تاثير واري هئي!

خوخول چيو، ”ڪيترائي ماڻهو آهن، جن کي کائڻ ۽ هنڍائڻ لاءِ گهڻوئي ٿو ملي، پر ايمانداري جي انگ وارن ماڻهن جي قلت ۽ ڪمي آهي. اسان کي هن غليظ زندگيءَ تي اهڙي پل جوڙڻي آهي، جنهن تان اڳتي انساني برادريءَ جي سنگ ۾ پهچي سگهجي. اسان جو اهوئي فرض آهي، ساٿيو!“

انهيءَ تي وسوف شيڪوف ڪر ڪر ڪندي اعتراض اٿاريو، ”جڏهين وڙهڻ جو وقت اچي ويو، ته پوءِ هٿ تي هٿ رکي ويهڻ ۾ ڪهڙو فائدو؟“

هيءَ محفل اڌ رات کان پوءِ پوري ٿي. وسوف شيڪوف ۽ ڳاڙهن وارن وارو ڇوڪرو، پيئي اڳ ۾ نڪري ويا، جا ڳالهه ماءُ ٻيءَ وري به ڪانه وڻي.

”آخر تڪڙ ڪهڙي لڳي هين، ڪهڙي پئي سگهين!“ هنن جي مرڪلائڻ مهل سوچيائين.

”نخود ڪا، مون کي. گهر ڇڏي ايندين؟“ نتاشا پڇيو.

”ضرور!“ خوخول جواب ڏنو.

”هڙيءَ موسم جي واسطي تنهنجا هي جوراب مناسب ڪونهن“ ماءُ ان وقت نتاشا کي چيو، جڏهين هوءَ رڏٽي ۾ ڪوٽ وغيره پائي رهي هئي. ”آءٌ توکي گرم جوراب آڻي ڏيان؟“

نتاشا ٿهڪ ڏيئي جواب ڏنو: ”مهرباني، پلاگيا نلوونا! ليڪن گرم جوراب سين وانگر چڀن ٿا.“

”تنهنجي لاءِ اهڙا جوراب ناهينديس جو پيرن ۾ ڪونه چڀندا،“ ماءُ جواب ڏنو.

نتاشا اڌ کليل نيڻ کڻي ماءُ ڏي نهاريو، هن جي ڏيان ۽ غور سان نظرون ڪپائي ڏسڻ جي ڪري، ماءَ پريشان ۽ ڪکي وکي ٿي ويئي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”منهنجي چريائيءَ تي چڙجانءِ نه، مون جيڪي چيو سو دل سان چيو،“ ماءُ نهايت نرميءَ ۽ آهستگيءَ سان چيو.

نتاشا بي اختيار ٿي ماءُ جي هٿ کي زور ڏيندي، ساڳيءَ طرح نرم لهجي ۾ آهستي سان چيو: ”تون ڪهڙي نه چڱي آهين!“

”خدا حافظ، نانيڪا!“ خوخول، دروازي مان نوڙي نڪرندي، ماءُ جي اکين ۾ اکيون وجهندي، نتاشا جي پويان ويندي چيو.

ماءُ پنهنجي پٽڙي ڏانهن ڏٺو. هو دروازي ۾ بيٺي، مرڪندو رهيو.

”مرڪين ڇو پيو؟“ ماءُ گهبرائجي پڇيو.

”خاص ڳالهه نه ڪانهي، ائين ئي دل خوش ٿي ويئي.“

”آءٌ پوڙهي ۽ ٿوريءَ سمجهه واري سهي، پر چڱيءَ ڳالهه ڪي نه پروڙيو وٺان،“ هن ڪجهه خفي ٿيندي چيو.

”اهو نه پاڻ چڱو، پر ڪهڙو نه چڱو ٿئي، جو هاڻ سمهي وڃي آرام ڪرين- دير ٿي ويئي آهي“ پاويل چيو.

”وڃان ٿي.“

هوءَ تڙ تڪڙ ۾ ميز تان ٿانو ٿپا ڪٺا ڪرڻ لڳي- اڄ هوءَ ڏاڍي خوش هئي، اهڙي سرهي، جو خوشيءَ کان پگهر ۾ آلي ٿي ويئي هئي. هن کي اها خوشي هئي، ته هرڪا ڳالهه نهايت سهڻي سليقي ۽ خير خوبيءَ سان ختم ٿي.

ماءُ پنهنجو رايو ڏيندي چيو: ”پاشا، ڏاڍو چڱو ڪيئي. خوخول ڏاڍو چڱو آهي ۽ هوءَ ڇوڪري، ڪهڙي نه ڦڙت چالاڪ نينگري آهي! هوءَ آهي ڪير؟“

”ماستريائي آهي،“ پاويل ڪوٺڙيءَ ۾ ٽلندي مختصر جواب ڏنو.

”غريب ٿي ڏسجي، ڪپڙا نه معمولي ڪپڙا هئس. انهن ۾ نه لڳندي ويرم ٿي ڪانه لڳندي. هن جا ماٽ ڪٿي آهن؟“

”ماسڪو ۾،“ پاويل جواب ڏنو. ان بعد ماءُ جي اڳيان اچي نهايت نرميءَ ۽ سنجيدگيءَ سان چيائين: ”هن جو پيءُ وڏو ماڻهو آهي، لوهه جو واپار ڪري ٿو، ڪيتريون ئي پنهنجون

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جايون اٿس. ليڪن ڀِٽس هن ڪي ڏڪاري ٿو، ڇاڪاڻ جو هن پنهنجي حياتيءَ لاءِ هيءَ وات اختيار ڪئي هئي. هوءَ ناز ۽ نعمت، آرام ۽ آسائش ۾ پلجي وڏي ٿي ۽ جيڪي طلبائين ٿي، سو ٿي مليس؛ پر هاڻي هن کي، رات وگڙي ۾ پيرين پيادو چار پنج ميل ٻڌ ڪرڻو ٿو پوي."

هيءَ ڳالهه ٻڌي ماءُ ششدر ٿي، ٻت ٻڻجي، ڪرنڙيءَ ۾ ويهي رهي. پرن ڪي گهنجائيندي پٽڙي ڏانهن نهاريائين، گهڙي ڪن رکي پڇيائين: "هن وقت شهر ڏي وئي آهي؟"

"ها ـــ!"

"اڙي! بابا، ڊني به ڪانهِ!"

"واهه، هوءَ ٿي ڊڃي!" پاويل کلي ڏنو.

"پر ڇو؟ رات جو هتي سمهي ٿي سگهي ٿا، مون سان گڏ سمهي رهي ها."

ائين چڱو نه هو. ممڪن آهي ته ڪيس صبح جو ڪو ڏسي وٺي ۽ اسين اهو نٿا گهرون.

ماءُ ويچارن ۾ ٻڏي ويئي ۽ مانٺ ڪري دريءَ مان ٻاهر ڏسندي رهي.

"مون کي پتوئي ڪونه ٿو پوي، ته ان ۾ پوائتي ۽ خراب ڪهڙي ڳالهه آهي جو ان جي منع هجي! اوهين اهڙي ته ڪا ڳالهه ڪريوئي ڪونه ٿا. ڇا ٿو پائنين؟" ماءُ هي سڀڪجهه يڪساهيءَ چئي ويئي. اهوئي خيال ڪيس وري وري ستائي رهيو هو، جنهن جي پڪ ڪرڻ ٿي گهريائين.

هن پوري يقين ۽ پڪ سان ماءُ جي نيڻن سان نيڻ ملائيندي چيو: "اسين ڪوبه غلط ڪم ته ڪونه ٿا ڪريون، پر اهو ياد رک، ته هڪڙي ڏينهن اسين سڀئي ساڻي سرڪار مائي باپ جا مهمان هونداسين."

ماءُ جا هٿ ڪنبڻ لڳا.

"خدا گهريو آهي ته توهين ڪنهن نه ڪنهن ريت بچي ويندا،" هن هيٺي آواز ۾ چيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پتس وراڻيو: ”نہ، آءٌ توکي ڌوڪو ڏيڻ نٿو گهران. اسين بچي نٿا سگهون. جوکي ڪيتريون ئي مرليون وڃائين، پر نانگن جي پرن ۾ هٿ وجهڻ وارا نيٺ ئي ڏنگجيو پون ٿا“

اِهو مشڪي ۽ ڪلي ڏنو.

”وڃ، وڃي سمهہ، هاڻ تڪجي پيئي آهين. خدا حافظ“

”سڀ هليا ويا. ڇاٽي هوءَ هڪڙي ڇڙي دريءَ وٽ اچي بيٺي، ۽ ٻاهر نهارڻ لڳي. فضا ۾ تِــڌ ۽ ڪڪرن جو مليل سمو هو. ننڍڙين ۽ ننڍاڪرين جاين تان هوا برف جي ڦوٽين کي اڏائيندي پئي ويئي. پٽين سان بہ ٽي وڃي لڳي ۽ خفي ٿي، موتي ڌرتيءَ تي پکڙجندي ٿي ويئي. برف جي خشڪ ۽ ننڍڙن ڦيرن جي پٺ بہ ٽي ورتائين ۽ انهن کي تيزيندي پکڙيندي هلي پئي ويئي.

”يسوع، اسان تي رحم ڪر!“ ماءُ جهيڻي ۽ جهڪي آواز ۾ چيو.

ماءُ جي ڇاتي ڏک ۾ پرجي ويئي ۽ هن جي نيڻن جي نيرن پيالن مان لڙڪ لارون ڪري وهڻ لڳا. هن کي ڊپ وٺي ويو تہ ڇاٽي ڇا ٿيندو! خوف ۽ خطرو هن جي جيءَ سان جاڙون ڪرڻ لڳو. هن جي دل جو ٻڪيڙو ٻيوس پتنگ وانگر ڦڙڪڻ ۽ ڦيريون پائڻ لڳو. هن جي اکين اڳيان هڪڙو اهڙو برف سان ڍڪيل ميدان گهمي ويو، جنهن ۾ تکي ۽ شوخ هوا ڪيهون ڪندي، متو تڪرائيندي پئي ڦري. ميدان ۾ ڪنهن ڇوڪريءَ جو نالي ماتر ڪارو پاڇولو ٽڪي رهيو هو ۽ هوا ان جي پيرن مان ڇوها ڪندي ڪپڙن کي اڏائيندي ۽ ڳلن تي برف جون ڦوٽيون اڇليندي، تکي تکي نڪري ٿي ويئي. هوءَ ڏاڍيءَ ڏکيائيءَ سان اڳتي وڌي رهي هئي. هيانءُ ڦاڙ غوغاءُ ۽ تِــڌ ويران وڌ هئي. هن جو بدن اهڙيءَ طرح اڳتي نوڙي چڪو هو، ڄڻ ڪو ننڍڙو ۽ نازڪ ٻوٽو، سرءَ جي تکيءَ ۽ شوخ هوا جي ڪري ڇٻو ٿي پيو هجي؛ سندس ساڄي پاسي ڪان جهنگ پٽ ٻٽيو بيٺو هو. هي جهنگ ڄڻ ۾ هو ۽ منجهس نوڙها سنهڙا وڻ ۽ ٻوٽا، پنهنجي لاچاريءَ تي سوسات پري رهيا هئا. سامهون، گهٽو پري، شهر جون بجليون پئي چمڪيون.

”يسوع! اسان کي ڇوتڪارو ڏياريندڙ، رحم ڪر!“

ماءُ ڊپ ۾ ڪنبندي آهستي چيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تسبيح جي داڻن وانگر، هڪ هڪ ٿي، ڏينهن گذرڻ لڳا. هفتا ۽ مهينا ٿيا، وقت وچڻ لڳو. هر هڪ ڇنڇر جي ڏينهن پاويل جا دوست هن جي گهر اچي ڪٺا ٿي ٿيا. هر هڪ مجلس ۾ سنجيدگيءَ سان مسئلن تي سوچي، ماڻهو، انهيءَ ڏاڪڻ تي ڏاڪو ڏاڪو ڪري، چڙهندا ويا، اُن آخري ڏاڪي ڏانهن، جنهن آخري ڏاڪي تي پهچڻ، مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هنن جي نظر ۾ ضروري هو.

پراڻن سان گڏ نوان دوست گڏبا ويا. قافلو وڌندو ۽ ويجهندو ويو. ولاسوف گهر جي ننڍڙي ڪوٺڙي ماڻهن سان پربي ٿي ويئي. نتاشا ٿڪجي ٽنجي ٿڌ ۾ ٺڙڪندي ايندي رهي، ڪيس ڇبن تي شڪايت ڪانه هئي، بلڪ هن جي منهن تان سرهاڻ ۽ خوشيءَ جا جذبا ظاهر ٿي ٿيا. پاويل جي ماءُ هن جي لاءِ جورابن جي جوڙي آڻي ورتي ۽ هن جي ننڍڙن پيرن ۾ پائي گڏ گڏ ٿيڻ لڳي، جڏهن ته محنت ساب پيئي هيس. پهريائين ته نتاشا کلي ڏنو، پر پوءِ سانت ۾ اچي، سنجيده ٿي ويئي.

هن بنهه ڏورانهن ماڻهن ڏانهن اشارو ڪندي آهستي چيو: ”منهنجي به هڪڙي وڏي پيڻ هئي. هوءَ به ڏاڍي مهربان ۽ نرم دل هئي. پلاگيا امڙ، ڪهڙي نه عجيب ڳالهه آهي، جو ويچارا پورهيت پورهيو به ڏاڍو ڪن، ٿڪجيو شل ٿيو پون، ڪٺن حياتي گهارڻ، تنهن هوندي به هنن وڏن ماڻهن جي مقابلي ۾ وڌيڪ پيارا ۽ محبت پريا ٿين ٿا.

پلاگيا چيو: ”تون به ناهوڪي آهين. پنهنجي ماءُ بيءُ، گهر بار، سيني ڪان جدا.“ هن ٿڌو شوڪارو پريو ۽ پنهنجا ويچار ظاهر ڪرڻ لاءِ لفظن نه ملڻ سبب ماٺ ٿي ويئي. پر نتاشا جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

منهن ڏانهن نهاري، هڪڙو پيرو وري به ڪنهن اڻ لکي احساس جي ڪري، هن جي دل ۾ شڪراني جو جذبو پيدا ٿيو. هوءَ سندس سامهون ٿي، پٽ تي ويٺي رهي، ڇوڪري ڪنڌ کي اڳيرو نوڙائي، ڪجهه ويچاري، مرڪندي رهي.

”ماءُ پيءُ ڪان جدا؟“ هن دهرايو ”اِها ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي. منهنجو پيءُ ڏاڍو کهرو ۽ ڪڙڪ ماڻهو آهي. ادو به جهڙس ئي آهي، سندس ئي جتيءَ ۾ پير پاتو آتس. شراب پڻ پيئندو آهي. منهنجي وڏي ڀيڻ ڏاڍي دکي آهي.... هنَ جي شادي هڪڙي اهڙي ماڻهو سان ڪئي ويئي آهي، جو ڪانئس عمر ۾ گهڻو وڏو آهي. اُن جي ڳچيءَ ۾ ڪئي گهنڊڻي ٻڌي اٿن.... پر آهي پئسي وارو، ڪميڻو ۽ ڪنجوس. پنهنجي امڙ جي يادگيري مڙيئي ستائيندي اٿم. هوءَ هڪڙي وسوڙل ۽ سنئين سڌي زال آهي، ساڳي اوهان وانگر. هڪڙي ننڍڙي نوريڙي وانگر، ڦڙتيءَ ۽ تڙ تڪڙ ۾ ڪم کي آڪلائي وٺندي آهي، پر ڊڄندي به سڀڪنهن ڪان آهي. ڪڏهين ڪڏهين ماءُ سان ملڻ جي اهڙي اهڙي اڪير ٿيندي اٿم، جو سک ڦٽي پوندو اٿم ۽ ننڊ حرام ٿي پوندي اٿم!“

”ويچاري نياڻي!“ ماءُ افسوس مان متو ڌوڻيندي چيو. ڇوڪريءَ يڪدم ڪنڌ مٿي ڪئي، هٿ ائين اڳتي وڌايو، ڄڻ ته ڪنهن شيءِ کي اک ڪان هٽائيندي هجي.

”اڙي نه! ڪڏهين ڪڏهين ته آءٌ اهڙي خوش هوندي آهيان، جو حد ڪان ٻاهر! ڏاڍي خوش!“

هن جي شڪل ٽڙي پئي. هن جا نيرا نيڻ چمڪڻ لڳا. هن پنهنجا هٿ ماءُ جي ڪلهن تي ڪئي رکيا.

”ڪاش توکي سڌ هجي ها.... ڪاش تون سمجهي سگهين ها، ته اسين ڪيڏو نه وڏو ڪم ڪري رهيا آهيون!“ هن نرميءَ ۽ پروسي جوڳي انداز ۾ چيو.

پلاگيا جي دل ۾ اهڙو اڇرج جهڙو جذبو جاڳيو، جنهن ۾ ڪجهه رشڪ جي ملاوت به ٿي ڏٺي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هن پٺ تان اٿندي ڏک ڀريئي لهجي ۾ چيو: ”آهه ته هاڻي پوڙهي ٿي ويٺي آهيان، ڪٿي اهي ڳالهيون سمجهي سگهان. پيريءَ جوانيءَ سان گڏ سان گڏ مت به ڪسي ورتي اٿم.“

هاڻي پاويل گهٽ ڪري بحثن ۾ حصو وٺندو هو ۽ اڳي ڪان اڳرو ڏسبو هو. سندس گفتگو ۾ نهايت اونهائي هوندي هئي. هو ڏيرو ٿيندو ويو. ماڻس کي ائين پيو لڳندو هو ته جڏهين هو نتاشا سان ڳالهائيندو هو ۽ ڏانهس نهاريندو هو، ته هن جي نظرن واري سختي نرم ٿي پوندي هئي، آواز ۾ وڌيڪ حسن ۽ شگفتگي پيدا ٿي ويندي هئي ۽ اندازئي نرالو ٿي ويندو هوس.

”ڏٺي ڪري ته ائين ٿي ٿئي،“ ماءُ ويچاريو ۽ مرڪي ڏنو. هنن جي مجلس ۾ جڏهين به بحث تيز، گهرو ۽ شديد ٿي ٿي ويو، ته خوخول اٿي ٿي بيٺو ۽ جهومندي، اڳتي پوئتي نوڙندي ۽ جهڪندي، نهايت نرم لفظن ۽ سادن سوڌن جملن ۾ اهڙيون ڳالهيون ٿي ڪيائين، جو سيڪو تڏو ٿي ٿي ويو. ويسوف شيڪوف سدائين پين کي ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ لاءِ پيو اڀاريندو هو. پاڻ ۽ ڳاڙهن وارن واري سندس يار، جنهن کي هي سيئي سموئلوف چوندا هئا، سدائين بحث چوريندا هئا. سندن ڀنيرائي گول متي واري ايوان بوڪن ٿي ڪئي. هي شخص ائين پيو ڏسبو هو. چڻ ته وهنجڻ جي جاءِ مان وهنجاري ڪڍيو اٿس. ياڪوف سوموف هميشه صاف ۽ اوجل رهندو هو. هي شخص ٿورو، مگر سهڻو ۽ سنو ڳالهائيندو هو، ۽ هر وقت پاويل ۽ خوخول جو پاسو وٺندو هو. ويڪريءَ پيشانيءَ وارو فيڊور به ساڻن سر ملائيندو هو.

ڪڏهين ڪڏهين نتاشا جي بدران هڪڙو ٻڍو پيو ٿي آيو، جنهن جو نالو نڪولائي ايوانووچ ورتو ٿي ويو هو عينڪ پائيندو هو، سندس ڏاڙهي ڇڊي ۽ ڀوري رنگ جي هئي. هو ڪنهن ڏورانهين پرڳڻي ۾ پيدا ٿيو هو، تنهن ڪري ”و“ کي عجيب انداز ۾ ڇڪي اچاريندو هو ۽ پين کان ڪجهه الڳ پئي لڳو. هن روز مره جي ڳالهين سان خاص دلچسپي هوندي هئي- گهرو

ڳالهيون ، ٻارن بابت ، واپار ، پوليس، مانيءَ ، گوشت بابت. مطلب ته هو انهن مسئلن تي ڳالهائيندو هو ، جن جو انسان جي روزاني حياتيءَ سان واسطو رهي ٿو. هو اهڙيءَ ريت ڳالهائيندو هو ، جو انهن سيني ڪوڙين چٽڀاٽيءَ وارين ، واهيات ۽ ڪل جهڙين ڳالهين ۽ شين جا ٿوپا اڏيءَ پوندا هئا ، جيڪي عام ماڻهن لاءِ نقصانڪار هونديون هيون. ماءُ ائين پائيندي هئي ته هو ڪنهن ڏورانهين ديس کان آيو هو ، اهڙي ديس کان ، جنهن ۾ هر ڪنهن شخص سک ، آرام ۽ ايمانداريءَ سان حياتي گذاري ٿي هتي جي هر هڪ شيءِ هن جي لاءِ نرالي ۽ عجيب هئي. هو اهڙيءَ حياتي گهارڻ تي هريءَ مري نه سگهيو هو. ان ڪي اڻٽيٽي حقيقت سمجهي قبول ڪري نه سگهيو هو. ڪيس هيءَ حياتي ڪانه ٿي وڻي ۽ انهيءَ ڪري هو پڪو پهه پچائي چڪو هو ته انهيءَ کي بدلائي ، نئين رنگ ۽ ڊنگ ۾ سهڻي ۽ سليقيدار بنائيندو. هن جو جذبو پرپور ۽ اونهو ماڻيٺو هو. هن جو منهن هيڊاڻ ڏي مائل ۽ اکين جي پاسن کان سر ۽ گهنج پٽجي چڪا هئس. هن جو آواز نرم ۽ هٿ هميشه گرم ٿي رهيا. هن جڏهين به پلاڳيا کي ڪيڪاريو ٿي ته هن جو سچو هٿ پنهنجن آڱرين ۾ ٿي ورتائين ، ماءُ کي انهيءَ مان آرام ۽ آٿت ٿي مليو.

هنن محفلن ۾ شهر جا پيا ماڻهو به شامل ٿيڻ لڳا. گهڻو ڪري هڪڙي قداور سنهڙي ڇوڪري ٿي آئي ، جنهن جو منهن ويڪرو ۽ پيلو ، اکيون وڏيون ۽ نالو ”ساشا“ هو. هن جي هلت چلت ۽ ات ويهه ۾ مڙساڻا پار هئا. هن جلدئي پنهنجا گهاٽا ڪارا پرون ميڙي ٿي ورتا ۽ ڳالهائڻ مهل سندس ڏگهي نڪ جون سنهڙيون ناڪيون ڦڙڪڻ ٿي لڳيون.

بهرين پهرين هن تکيءَ ۽ وڏيءَ آواز ۾ اعلان ڪيو هو :

”اسين ـــ سوشلسٽ آهيون....“

ماءُ هي پڌي مات ٿي ويئي ، خوف اچي ورايس. اچرج ۾ پئجي ، ڏسندي رهي. هوءَ پڌي چڪي هئي ته سوشلسٽن زار کي قتل ڪيو هوءَ هيءَ سندس جوانيءَ واري دؤر جي ڳالهه هئي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ان وقت هي قصو مشهور هو تہ نوابن ۽ زميندارن زار کان بدلي وٺڻ جو پڪو پهہ پچايو آهي، ڇاڪاڻ جو هن سندن زرعي غلام ۽ ڪڙمي، آزاد ڪري ڇڏيا هئا. قسم هڻي ڪنيو آهي تہ هو ايستائين وار ڪونہ ڪترائيندا، جيستائين زار کي قتل نہ ڪرائيندا. انهيءَ ڪري هنن کي سوشلسٽ چيو ٿــي ويو. پلاگيا کــي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪانہ ٿي آئي پٽس ۽ ان جا دوست پاڻ کي سوشلسٽ ڇو ٿا چوڻ.

سيني ماڻهن جي وڃڻ کان پوءِ هوءَ پاويل وٽ ويئي ۽ کانئس پڇيائين: ”پاشا، تون سوشلسٽ آهن ڇا؟“

”ها! تون ڇو ٿي پڇين؟“ هو ائين چئي هميشہ وانگر ماءُ سامهون سڌو سنئون ۽ ڪڙو تــڙو بيٺو رهيو. هن جي ماءُ ٿڌو ٿوڪارو ڀريو ۽ اکيون ڪٽي هيٺ ڪيون.

”پاويل! سچ ٿو چئين....؟ پر هو ماڻهو تہ .... زار جي خلاف آهن .... هنن هڪڙي زار کي ماري بہ ڇڏيو هو.“

پاويل ڪوٺڙيءَ ۾ ٽهلڻ لڳو. هن پنهنجا هٿ ڳلن تي گهمائيندي ٺورڙو ڪلي جواب ڏنــو: ”اسان کي اهڙي قسم جــي حرڪت ڪرڻ جي ڪابہ گهرج ڪانهي.“

ان کان پوءِ هو دير تائين ماڻس کي سمجهائيندو رهيو، ڏاڍيءَ نرميءَ سان، گنڀيرتائيءَ سان ماءُ هن جي منهن ڏانهن ڏٺو تہ خيال آيس: ”هي ڪو بـــہ جڏو ڪم ڪونـہ ڪندو! ڪڏهين بـــہ ڪونہ ڪندو!“

ان کان پوءِ اهو ڀوائتو هن جي لفظ اڳيان وري ورجايو ويو، تان جو ان جي تکي ڌار بہ مٺي ٿي ويئي. هاڻي ماءُ جي لاءِ بہ هي لفظ نئون نـــہ رهيو، پراڻو ٿي ويو. ٻين لفظن وانگر، جيڪي ورهــين کان سندس زبـان تي هئا ۽ پيئي ورجائيندي ۽ ونندي هئي. ليڪن هــن کي ساشا ڪين وڻي ۽ ان جي حاضر هوندي هوءَ ڪجهہ بي آرام رهندي هئي ۽ گهٻرائجي ويندي هئي. هڪڙي ڏينهن هن، ان ڇوڪريءَ بابت خوخول سان ڳالهہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪئي. چپ اهڙا ڪٽي پڪوڙيائين، جڻ ته هوءَ ڪيس بنهه ڪانه ٿي وڻي.

”اوفوه، ڪهڙي نه ڪڙڪ ڇوڪري آهي! سيني تي حڪم ٿي هلائي، هي ڪريو، هو ڪريو!“

خوخول ٺهڪ ڏيئي کليو.

”ڪهڙي نه نيڪ ڳالهه ڪئي اٿيئي؟ بلڪل درست نانيڪا! پاويل تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟“ ماءُ کي اک سان اشارو ڪندي چيائين: ”هيءَ شريف طبقو آهي.“

”هوءَ نهايت نيڪ ۽ چڱي ڇوڪري آهي.“ پاويل خشڪ انداز ۾ چيو.

”نيڪ آهي،“ خوخول جواب ڏنو، ”ليڪن هڪڙيءَ ڳالهه کي سمجهي ڪانه سگهي آهي. هوءَ چوي ٿي ته ڪرڻ گهرجي، اسين چئون ٿا ته پڙي سگهون ٿا ۽ ڪرڻ گهرون ٿا.“ ۽ هو ڪنهن اهڙيءَ چيز تي بحث ڪرڻ لڳا جا ماءُ جي سمجهه ۾ نه آئي.

ماءُ اهو به محسوس ڪيو ته ساشا پاويل سان سيني کان وڌيڪ سختي ٿي ڪري ۽ ڪڏهين ڪڏهين هن تي خفا به ٿيو پوي. اهڙي وقت تي پاويل ڪجهه به ڪونه ٿو ڪڇي، رڳو کليو ڏئي ۽ نرم مگر پيار ڀرئي انداز سان ان جي منهن ڏانهن ائين تو نهاري جيئن ڪنهن وقت تتاشا ڏانهن نهاريندو هو. ماءُ کي هيءَ ڳالهه به ڪين آئڙندي هئي.

پلاڳيا هي ڏسي اچرج ۾ پئجي ويندي هئي، ته هي شخص جڏهين ڌارين ملڪن جي مزدور تحريڪ جون خبرون اخبارن مان پڙهندا هئا ته متن حد کان ٻاهر خوشيءَ ۽ سرهاڻ جو چانولو پئجي ويندو هو. ان وقت سيني جي نيڻن ۾ خوشيءَ جو نور ڀڪڻ لڳندو هو. هو ننڍڙن ٻارن وانگر خوش ٿي ٽڙيا ٿي، هنن جي کل ۾ خوشيءَ جو نظارو صاف، شفاف ۽ معصوم ٿي پاسيو، ۽ هو هڪٻئي جي پٺي ڏاڍي پيار مان ٺپريندا هئا.

”اسان جا جرمن ساٿي زنده باد!“ ڪنهن رڙ ٿي ڪئي، ڄڻڪ خوشيءَ جي نشي اچي ورايو هوس.

”اٽليءَ جا پورهيت زنده باد!“ هنن نعرو ٿي هنيو.

جڏهين هي پنهنجن ڌورانهن همراهن بابت، جن کي نه پاڻ ڄاڻندا ۽ نه سڃاڻندا هئا ۽ نڪي انهن جي ٻولي ۽ ڳالهه ٻولهه سمجهي سگهندا هئا، نعرا هڻندا هئا ته ائين سمجهندا هئا ته هنن کي معلوم ڄاڻن پري رهندي به سندن آواز ٻڌي ۽ خوشيءَ کي سمجهي ورتو هو.

”ڪهڙو نه چڱو ٿئي، جو اسين هنن کي خط لکي سگهون،“ خوخول چيو. هن جي اکين ۾ اپار محبت جي چمڪ هئي. ”ته جيئن هنن کي سڌ پوي ته هتي روس ۾ به سندن اهڙا دوست رهن ٿا، جي پڻ ساڳئي رستي جا پانڌيئڙا آهن ۽ ان جوئي ڀلاءُ ڪندا رهن ٿا. هنن جي جيئري رهڻ جو مقصد به ساڳيوئي آهي. سندن سوڀون ۽ ڪاميابيون، خوشين ۽ خوشحالين جو راز به ساڳيو آهي!“

جڏهين هو فرينچن، انگريزن ۽ ڊچن جو ذڪر ڪن ٿا ته سندن چپن تي اهڙيئي مشڪ، چمڪ ۽ چهراٽ هوندي آهي، ڄڻڪ هو پنهنجي هم قوم، ۽ هموطن دوستن جي ڳالهه ٻولهه ڪري رهيا آهن، اهڙن دوستن جي، جيڪي کين پيارا لڳن ٿا، جن جي هو عزت ڪن ٿا ۽ جن جي خوشيءَ ۽ ڏک ۾ هو شريڪ ۽ ڀاڱي ڀائي ٿين ٿا.

هڪڙيءَ ننڍڙي ڪوٺڙيءَ ۾، جنهن ۾ ساهه پئي منجهيو، ۽ گهٽ ٿي رهي هئي، تنهن ۾ سڄيءَ دنيا جي پورهيتن سان هڪڙي روحاني ناتي جنم ورتو هو. انهيءَ احساس ماءُ کي به متاثر ڪيو ۽ سيني کي هڪڙي عظيم ناتي جي تار ۾ پوئي ڇڏيو. ماءُ جيتوڻيڪ انهيءَ احساس جي پوري معنيٰ سمجهڻ کان قاصر هئي، تنهن هوندي به اها انهيءَ احساس جي طاقت هئي، جنهن ايڏي منهنجن خوشي، سرهاڻ، اميد ۽ مخموري پيدا ڪئي هئي.

”ڪهڙي نه اچرج جي ڳالهه آهي!“ ماءُ هڪڙي ڏينهن خوخول کي چيو، ”سڀئي ماڻهو اوهان جا ساٿي آهن- يهودي،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آرمينيائي ۽ آسٽريليا وارا. توهين سيني جي لاءِ خوش ٿا ٿيو ۽ سيني جي لاءِ ڏک تو ٿئيوَ!“

خوخول چيو: ”سيني جي لاءِ جيجل، سيني جي لاءِ. اسان کي ڪوبہ ڪڙم ڪونہ گهرجي، ڪابہ قوم ڪانہ گهرجي. ماڻهو يا تہ اسان جا سڄڻ آهن يا ڏچڻ، گهڻگهرايا سڳهرا - سيئي پورهيت اسان جا سڄڻ آهن، سيئي پئسي ۽ وڏن پيٽن وارا ۽ سيئي حڪومتون اسان جون جاني دشمن. تون روءِ زمين ڏي نهار ۽ ڏس تہ اسين ڪيترا اڻ ڳڻيا ۽ ڪيتري طاقت وارا آهيون، تہ پوءِ تنهنجي دل جي درياءَ ۾ خوشيءَ جون لهرن پٺيان لهرون اٿنديون! فرينچ ۽ جرمن بہ جڏهين زندگيءَ کي انهيءَ خيال سان ڏسن ٿا، تہ انهن کي بہ اهوئي تو لڳي، اٽليءَ وارا اهه... ...وني سمجهن ٿا، ناڻيڪا! اسين سيئي هڪڙيءَ ماءُ جو اولاد آهيون. سموري دنيا جي پورهيت برادريءَ جو نہ ٽٽڻ جهڙو عقيدو، اسان جي حياتيءَ کي سوز ۽ ساز بخشي ٿو. اهوئي عقيدو اسان جي دلين کي گرمائي ٿو. اسان جي دل وري انصاف ۽ عدل جو آهو اپ آهي، جنهن ۾ اهو عقيدو سج وانگر چمڪندو، چلڪندو رهي ٿو، سڀ کي هڪجهڙو سوجهرو ڏئي ٿو، اسان مان ڪنهن کي ڪنهن جي ذات پات، نام ۽ گام سان ڪو واسطو نہ آهي؛ اَن مان اسان کي نڪو اچي لاءِ نڪو ساءُ. هڪڙو سوشلسٽ سموريءَ عمر جي لاءِ اسان جو روحاني ڀاءُ ٿي رهندو ماضي تہ گذري ويو، پر حال ۽ آئندي جي واسطي، تہ اسان جا ڳانڍاپا ۽ لاڳاپا ريشم جي ڳنڍين وانگر سدا مضبوط رهندا.

هي ٻارڙو معصوم پر مضبوط ۽ پڪو عقيدو، هن جي مجلسن ۾ وري ورجائڻ ۾ ٿي آيو ۽ پيري پيري سان وڌيڪ اوچي مناچري تي اپري اچڻ ۽ قري گهري هڪڙي وڏي طاقت بڻجڻ ٿي لڳو. جڏهين ماءُ اها ڳالهہ سمجهڻ لڳي، تہ هن کي پاڻ مرادو سمجهہ ۾ اچڻ لڳو تہ دنيا بيشڪ هڪ اهڙيءَ شيءِ کي جنم ڏنو آهي، جيڪا سج وانگر ظاهر، ڪليل، عظيم، سچي ۽ چڱي آهي، جنهن کي هوءَ پنهنجن اکين سان ڏسي سگهي آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪڏهين ڪڏهين هنن يارن، وڏي آواز ۾، خوش ٿي، عام رواجي گيت ٿي ڳايا، جن مان هرهڪ ڇٽو ڀلي پٽ واقف هو. ڪڏهين وري نئين قسم جا، گنڀير، سريلا ۽ سهڻيءَ ڏن وارا واڳ ٿي ڳايائون. هي راڳ هيٺانهن سرن ۾ آلا پيا ٿي ويا. انهن گيتن ۽ راڳن جي اهڙي عزت ٿي ڪئي ويئي، جهڙي ديولن جي دعائن جي. ڳائيندڙن جا منهن ڳاڙها ٿي، پگهر سان پرجي ٿي ويا. ٻرندڙ لفظن پربور قوت جو مظاهرو ٿي ڪيو.

ماءُ تي خاص ڪري هڪڙي نئين گيت جو وڏو اثر پيو. هن گيت ۾ انهيءَ زخمي روح، جيڪو شڪ ۽ هانءَ هورائيءَ جي منجهيل سنجهيل پيچرن ۾ اڪيلي سر، ڀٽڪي رهيو هجي، تنهن جي ستائيندڙ ۽ ڏکوئيندڙ ويچارن جي پچار ڪيل ڪانه هئي، بلڪ هن ۾ انهن ماڻهن جو ماتم ۽ روڄ راڙو هو، جن کي گهرجن چيچري، اڌ چريو ڪري ڇڏيو هجي، ۽ جن کان انهن رنگ، روپ ۽ ليڇڻ کسي ورتا ويا هجن. اُن ۾ اڪيون پوري، هيڏيءَ ساريءَ فضا ۾ پريشان ٿيندڙ ۽ ڀٽڪندڙ طاقت جا ماتمي تڏا شوڪارا به ڪونه هئا. اُن ۾ ته پريشان ۽ گهٽگهون، ڪندڙ انڌي جوش جي چيڙ چاڙ ۽ دانهن ڪوڪ به ڪانه هئي. هن گيت ۾ ڏک ۽ بدلي کي نه سڃاڻي سگهڻ وارو احساس، جنهن ۾ تعميري صلاحيت هئڻ جي بدران مرگهو پيچ ڊاهه ۽ تباهيءَ جي پچار هجي، سو به ڪونه هو. مطلب ته انهيءَ گيت ۾ پراڻيءَ غلاميءَ ۽ محتاجيءَ واري دنيا جي ڪنهن چيز جي لغار به ڪانه هئي.

ماءُ کي ان گيت جا سخت لفظ ۽ کهري ڏن ڪانه وڻي، پر لفظن ۽ ڏن جي پويان ڪا ٻي شاندار ۽ شاناڻي چيز هئي، جنهن لفظن ۽ ڏن کي پري هٽائي ٿي ڇڏيو ۽ دل ۾ ڪنهن اهڙي شيءِ جو احساس اڀاريو ٿي جا عظيم ۽ اٿاهه هئڻ جي ڪري ويچار جي احاطي ۾ اچي ڪانه ٿي سگهي هن آها ساڳيءَ شي نوجوانن جي نرمل نيڻن ۽ مٺڙي منهن ۾ ڏٺي ۽ سمجهائين ته ان سان سيئي معصوم ۽ همدرد دلڀون پربون پيون هبون اهڙي قوت جي اڳيان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪنڌ جهڪايو، جيڪا نڪي لفظن سان بيان ٿـي سگهي ٿي ۽ نه وري ڏن سان ئي اپري ٿي سگهي، هـن انهيءَ گيت کي ٻين راڳن کان وڌيڪ جذبي ۽ اتساه ٿي پڙو.

هنن سيني چٽن هن گيت کي ٻين راڳن کان وڌيڪ نرمل ۽ سريلي سنگيت سان ٿي ڳايو ۽ ان جو اثر وڌيڪ ڀرپور ٿي ٿيو، جنهن سيني کي مارچ جي مـن موهيندڙ ۽ ايندڙ بهار جي ڀرين ڏينهن جي هير وانگر لپيٽي ٿي ورتو.

”هاڻي اهو وقت اچي ويو آهي، جڏهين اسين هن گيت کي رستن تي ڳايون!“ وسوف شيڪوف چيو.

وسوف شيڪوف جو پيءُ جڏهين ٻيو پيرو، چوريءَ جي ڏوهه ۾، جيل اماڻيو ويو، ته هـن پنهنجن همراهن کي چيو: ”هاڻي توهان سيئي منهنجي گهر ۾ ڪٺا ٿي سگهو ٿا.“

هاڻي اهو حال هو، جو روزانـو شام جو ڪونه ڪو شخص پاويل سان گڏجي، هـن جي گهر تـي آيو. هو گڏجي پڙهڻ تي وبنا ۽ نوٽ ٿي ورتائون. هو ڪم ۾ اهڙا رنيي ٿي ويا ۽ اهڙي تڪڙ هين، جو کين هٿ منهن ڌوئڻ به وسري ٿي ويو. هو مانيءَ پيا چانهه ٿي ويهندا هئا، ته اتي بـــ ڪتاب هٿن ۾ هئڻ ۽ بحث مباحثو پيا ڪندا هئا. هنن جي گفتگو ڏينهون ڏينهن ويئي وڌيڪ پيچيدي ٿيندي. هاڻي ماءُ سمجهي سگهي نٿي، ته هو ڇا پيا چون ۽ ڇا بـــابت پيا ڳالهائين.

پاويل گهٽو ڪري چونـــدو هو: ”اسان کـــي ڪا اخبار ڪڍڻ گهرجي.“

زندگيءَ جي رفتار تکي ۽ سر گرم ٿيندي ويئي. سيئي ساٿي هڪبئي پويان ڪتابن مٿان ڪتاب اهڙيءَ ريت پڙهڻ لڳا، جهڙيءَ طرح ماکيءَ جي مک هڪڙي گل مان رس چـــوسي وري وچي ٻئي کي لڳي.

هڪڙي ڏينهن وسوف شيڪوف چيو: ”اسان جـــي باري ۾ ڳالهيون ٻولهيون شروع ٿي ويون آهن. جلدئي پڪڙ پڇاڙ ۽ اسان جون گرفتاريون شروع ٿيڻ واريون آهن.“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خوخول جواب ڏنو: ”ٻچي ته پيدائي رڇ جي واسطي ٿي آهي.“
ماءُ هن جي جيئن پوءِ تيئن قريب ايندي ويئي، هن جڏهين
ڪيس نانيڪا ڪري ٿي پڪاريو، ته ائين ٿي ڀانياڻين، ته ڇڻ ڪو
ننڍڙو ٻيڻگر هن جي ٻلن تسي تدڙا پيو ڪيڍي. پاويل آچر جي
ڏينهن ڪم مان واندو نه هوندو هو، ته خوخول هن لاءِ ڪانيون
ٿي ڦوڙيون. هڪڙي پيري هو تختو ڪلهي تي رکي ڪٽي آيو ۽
ڪهاڙي کڻي جهٽ پٽ ڏيڍيءَ جي واسطي در جوڙي اڳيون
ڳريل دروازو ڪيڍي، نئون دروازو جڙي ورتائين. ٻئي پيري هن
پٽ کي لنمي ڇنپي ورتو. هو ڪم ڪرڻ وقت هميشه سيندو هٺندو
هو، ۽ ان ۾ ڪانه ڪا دل ڀڄائيندڙ ۽ اداسائي پيدا ڪندڙ ڏن
سمائي ڇڏيندو هو.

هڪڙي ڏينهن ماءُ پٽ کي صلاح ڏيندي چيو: ”ڇو نه،
خوخول کي مسواڙي ڪري گهر ۾ رهائجي. توهان ٻنهي جو ڀلو
ٿي پوندو ۽ هڪٻئي ڇي گهرن ڏانهن ڊوڙڻو ڪونه پوندو.“

پاويل ڪلهي کي جهٽڪو ڏيندي چيو: ”پنهنجي لاءِ ملهه
ڏيئي مصيبت ڇو ٿي ڳنهين؟“

هن چيو: ”اجائي ڳالهه نه ڪر، منهنجي سڄي حياتي سورن
۾ گذري ويئي آهي، سور به بيان ڪنهن سبب جي. هن شخص
جي ڪري جيڪڏهين ڏکن ۾ ڪٽي ٿورڙو واڌارو ٿيو، ته ڇا ٿي
پوندو. اڳي ڪهڙو سک ڏنو اٿئون، جو هينئر ڏکن جا ڏجها سهي
ڪونه سگهنداسين.“

انهيءَ تي پاويل چيو: ”تنهنجي مرضي. هو جيڪڏهن هتي
آيو، ته آءٌ خوش ٿيندس.“

ائين پوءِ خوخول به هن گهر ۾ رهڻ لڳو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ( ٨ )

بستيءَ جي هن ننڍڙيءَ ڪوٺڙيءَ ۾ ماڻهن جون اکيون کپي ويون. سيڪو ان ڏانهن نهارڻ ۽ ڌيان ڏيڻ لڳو. ڪيترين ئي شڪي جاسوسي اکين، اک ڇنڀ ۾ ان ڪوٺڙيءَ جي ڀتين، ڇتين ۽ درين ۽ دروازن ۾، نظرن جي تيرن سان، ڇيد ڇيد ڪري وڌا. افواهن جون داغدار ڪنيزاتيون جاءِ جي مٿان ڦرڪڻ ۽ ڦٿڪڻ لڳيون. ماڻهو سمجهڻ لڳا، ته نالي جي ڪناري تي، هن گهر ۾ ڪا مڙيوئي ڳجهي ڳالهه ۽ اسرار ڀري شيءِ آهي. هو انهيءَ چيز کي ڏيکاري، گهر کان ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. هو وات ڦٽي درين مان جهاتيون پائڻ ۽ شيشن تي هٿ هڻي کڙڪو ڪرڻ لڳا. ائين ڪري، پوءِ ڊپ کان ونڻ تي پڳا، ڄڻ کي شرارتي ۽ ڊڄڻا ٻار هجن.

هڪڙي ڀيري پلاگيا کي، شرابخاني جي مالڪ بيگنتسوف رستي تي روڪيو. هي پوڙهو شڪل صورت جو سهڻو، مهانڊي جو ملوڪ هو. سدائين ڪرمزي رنگ واري مخمل جي صدري پائيندو هو ۽ پنهنجي تونئريل ڳاڙهيءَ ڳچيءَ ۾، ريشمي ڪارو رومال پيو هوندو هوس. هن جي سنهڙي ۽ ڏکي نڪ تي ڪنهيءَ جي هڏي مان جڙيل عينڪ چڙهي پيئي هوندي هئي. ان ڪري ماڻهن مٿس نالوئي رکيو هو: "هڏي جون اکيون."

هن جواب ملڻ جي اوسيڙي ڪيڻ کان اڳ ۾ ئي ماءُ کان، سوالن پٺيان سوال پڇڻ شروع ڪيا:

"طبيعت ڪيئن آهي پلاگيا؟ پٽهين ڪيئن آهي؟ شادي ڪرڻ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تي مرضي تہ ڪانہ اٿس؟ عمر ۾ ڪهي تہ مناسب اٿس. پڙڻ جي شادي ڪري مائٽن کي جلدي بار لاهڻ گهرجي. سيڪو انسان ڪٽنب ۾ رهي، جسماني ۽ روحاني ٻنهي حالتن ۾ سکي ٿي سگهي ٿو. آءٌ تنهنجي جاءِ تي هجان، تہ گهٽو اڳي هن جي شادي ڪري ڇڏيان ها. وقت ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي. هن وقت سيڪنهن کي ڌيان سان ڏسڻ گهرجي، تہ اڄڪلهہ اڳلو ڇا پيو ڪري. ماڻهن جا لڇڻ ۽ ويچار ٻيئي ضرورت کان وڌيڪ ٻي لغام ٿي ويا آهن. نوجوانن ۾ اڄڪلهہ عبادت جو انگ ئي ڪونهي. عبادت کان ائين ٿا ڇرڪن، جيئن ڪانءُ پڇي ڪمان کان. عام جاين تي بہ ڪونہ ٿا ڏسجن. ڪونين جي ڪندن ۾ لڪيو لڪيو ٿا ڳالهيون ڪن. آءٌ اهو ڄاڻڻ گهران ٿو تہ آخر هي شخص سس پس، سس پس ڇو ٿا ڪن ۽ ٻين کان پري ڇو ٿا رهن؟ اها ڪهڙي ڳالهہ آهي، جا ڪو شخص ٻين جي اڳيان، ڪانو ڪلايو چوڻ کان هٻڪي ۽ ڊڄي ٿو؟ راز! راز جي تہ هڪڙي ئي جڳهہ آهي، ديول، اسانجي ديول، ان کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ هنڌ ڳجهي ڳالهہ ڪانہ ٿي ڪئي وڃي! ٻيون مڙيئي ڳالهيون، جيڪي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪيون وڃن ٿيون، سي پريشان ذهن جون پيدا ڪيل ٿين ٿيون. خدا ڪري تنهنجي تندرستي چڱي رهي. پلاگيا!"

پوءِ عزت وچان پنهنجي ٽوپي لاهي، ان کي لوڏي، وڏي واڪي سلام ڪري، ماءُ کي حيران پريشان ۽ ششدر ڪري ڇڏي هليو ويو.

ٻئي ڀيري ولاسوف جي پاڙيسرياڻي ماريا ماءُ کي بازار ۾ هلندي ملي. هوءِ مائي هڪڙي لوهار جي زال هئي ۽ ڪارخاني جي وڏي دروازي تي چاڀڙي ڪٽي ڏول وڪڻي گذر ڪندي هئي. هن ماءُ کي ڪلهي تي هٿ رکي چيو: "پٽهين جو خيال ڪر، پلاگيا!"

"تنهنجو ڪهڙو مطلب آهي." ماءُ پڇيس.

ماريا هيڏانهن هوڏانهن نهاري نهايت راز واري لهجي ۾ چيو: "افواهہ اٿي رهيا آهن. وڏا وڏا افواهہ مائي ٻڌجي پيو هو هڪڙي

”لِڪل انجمن“ ناهي پيو _ خلستين * وانگر، ۽ ان وانگرئي پنهين جي مرضي ته ڪنهن جي مرمت ڪرڻ جي: آهي.“
”ماريا، اها گڏهپائي آهي. مائهو جڪ ٿا مارين!“
”دونهون پــ اتي ٿيندو آهي، جتي ڪجهه دکندو آهي،“ چابڙيءَ واريءَ چيو.
ماءُ هي سڀئي ڳالهيون پنهنجي پنڙي سان ڪيون. مگر پاويل انهن کي خيال ۾ بـــ ڪونه آندو. خوخول بہ ڪلي ڏنو ۽ بس. چڻ تہ ڪا ڳالهہ ئي ڪانہ هئي.
ماءُ چيو: ”نينگريون بہ هڙئي ناراض آهن. تون ڪهڙو نـــ چڱو نينگر آهين! ڪنهن تہ نينگريءَ لاءِ سٺو جوڙ ٿي سگهين ٿو. محنتي آهين، شراب بہ ڪونہ ٿو پيئن.. پر ڪهڙو نہ ڪنور آهين، جو انهن ڏانهن اک کڻي بـــ ڪونہ ٿو نهارين. هنن جـو چوڻ آهي تہ رولاڪ چوڪريون شهر مان تو وٽ اچن ٿيون.“
”هائو، پوءِ پلا!“ پاويل نراڙ تي گهنج وجهي، خفي ٿيندي چيو.
خوخول ٿڌو شوڪارو ڀــري چيو: ”ڪچري جي هر هڪ شيءِ مان ڌپ ايندي آهــي ۽ ان ڪان بچاءُ ويندي آهـي. ڪهڙو نہ چڱو ٿئي، امڙ! جو انهن چرين کي رڳو ايترو سمجهائي سگهين، تہ شادي ڪرڻ جو مطلب ڇا آهي؟ هنن حياتيءَ ۾ انهيءَ مان ڇا ٿو سري! شايد هو اڻچاٿائيءَ جي ڪري، ابهرائيءَ سان، پنهنجي پوريان پاڻ اچي پيون آهن. قسمت ڦٽي اٿن،“
ماءُ چيو: ”برابر! سڀئي چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿيون. ۽ سمجهن بہ ٿيون، پر هنن جي ڀاڳ ۾ لکيو بہ ڇاهي؟“
پاويل چيو: ”جيڪڏهين هو سمجهي وڃن تہ جيڪر سچي ۽ صحيح واٽ هٿ اچي وڃين. هنن جي لاءِ ڪيترئون ئي واهون آهن.“

* ”خلست“ معني ”ڇهڪ،“ ۽ روس ۾ هي نالو هڪڙيءَ مذهبي جماعت کي ڏنو ويو هو، جنهن جا ميمبر قطار ناهي نڪرندا هئا ۽ رستن تي هر پنيون پنهنجي اڳئين کي ڇهڪ هڻندو ۽ صبر شڪر ۽ قناعت جا مذهبي ڪلما پڙهندو ويندو هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ماءُ هن جي سخت چهري ڏانهن ڏسندي چيو: ”توهين انهن کي پڙهايو ڇو نٿا؟ ذهين ڇوڪرين کي هتي سڌي سکهو ٿا.“
پاويل خشڪ لهجي ۾ جواب ڏنو: ”انهيءَ سان ڪجهه به ڪونه ورندو.“
خوخول وچ ۾ پوندي چيو: ”تيئ به ڪوشش ڪري ته ڏسجي، هڙ ته ڪانه ٿي گسي.“
پاويل ماٺ ٿي ويو، گهڙي کن رکي ڪچيو: ”سيئي يار جوڙو جوڙو ٿي ورهائجي ويندا، ڪن جي شادي ٿي ويندي، ڪي حسرت جون ترپون ،هتيندا رهجي ويندا، ۽ معاملو ختم ٿي ويندو.“
ماءُ ويچار ۾ پئجي ويئي. هوءَ پاويل جي هن ملن واريءَ مت کي ڏسي، منجهي پيئي. هن ڏنو پئي، سيئي شخص، ويندي خوخول جهڙي ڪڙڪ ۽ پختي ماڻهوءَ سوڌا، پٽس سان صلاح مشورو ڪندا هئا، پر ساڳئي وقت هن ڪان ڪن هٽندا ۽ ڪؤ به ڪائيندا هئا. پٽس ڏاڍو سخت ماڻهو هو، تنهنڪري سيڪو هرو پرو پيار به ڪونه ڪندو هوس.
هڪڙيءَ رات، ماءُ هنڌ تي ليٽي مس هئي، خوخول ۽ پاويل ڪتاب پئي پڙهيو، وچ ۾ پڙدو ٽنگيو پيو هو. ڇوڪرن سمجهيو ته ماءُ سمهي رهي آهي. ائين ڪندي، ماءُ جي ڪنن تي هنن جي گفتگوءَ جو پڙلاءُ پئي پيو:
”مون کي نتاشا پسند آهي،“ خوخول چئي ڏنو.
”مون کي خبر آهي....“ پاويل ڪجهه دير ترسي جواب ڏنو.
خوخول اٿيو ۽ آهستي سان پيرين اگهاڙي ڌرتيءَ تي ٽهلڻ لڳو. هيئنئين آواز ۾ اباڻڪي انداز ۾ سيٽي وڄائڻ لڳو. هن وري به ورجايو: ”خبر ناهي، ته هن اها ڳالهه محسوس ڪئي آهي يا نه؟“
پاويل ڪچيوئي ڪين.
”تنهنجو خيال ڇا ٿو چئي؟“ خوخول وري پڇيو.
”هن ڪي، انجي سڌ پئجي چڪي آهي. انهيءَ ڪري، ته انچ ڇڏي ڏنو اٿس.“ پاويل جواب ڏنو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خوخول زور سان ڏرتيءَ تي پير رڳڙيو. وري سندس سيني جو جهڪو آواز ڪوٺڙيءَ ۾ پرڻ لڳو.

”جيڪڏهين آءٌ ڪيس چوان، ته چا ٿيندو؟“ هن پڇيو.

”چا چوندين؟“

”چوندس ته آءٌ....“ خوخول نرمائيءَ سان چوڻ شروع ڪيو.

”ضرورت ڪهڙي آهي؟“ پاويل ڳالهه اڌ ۾ ڪپي وڌي.

ماءُ محسوس ڪيو ته خوخول ٿهلندي ٿهلندي بيهي رهيو آهي ۽ چپن ۾ پيو مشڪي.

”منهنجو خيال آهي ته جڏهين ٻه ڪنهن نينگريءَ سان نينهن لڳي وڃي، ته ان کي چئي ڏجي، نه ته ڪوبه نتيجو ڪونه نڪرندو ۽ انسان اجايو پيو اندرئي اندر ۾ ڳرندو ۽ ڇجهرندو.“

پاويل زور سان ڪتاب ڪٺي بند ڪيو.

”تون ڀانئين ٿو، ان سان ڪهڙو نتيجو نڪرندو؟“ هن پڇا ڪئي.

بيٺي ڪجهه وقت لاءِ ماٺ تي ويا.

”پوءِ ڀلا؟“ خوخول صلاح پڇي.

”آندري، توکي ڀرپائين پاڻ کان پڇڻ گهرجي، ته آخر توکي ڪپي چا؟ ڪٺي سمجهه ته هوءَ توکي ڀانئي ٿي...... مون کي انهيءَ ۾ شڪ آهي، پر ڪٺي ائين سمجهه.... ۽ توهان ٻنهي جي شادي ٿي وڃي ٿي، ته پوءِ اوهان جي جوڙي نهندي! هوءَ آهي پڙهيل ڪڙهيل ماستريائي ۽ تون بار ڊوئيندڙ پورهيت. اولاد ٿيندو ۽ انهن جي پيٽ ڀرڻ لاءِ توکي رات ڏينهن هڪ ڪرڻو پوندو، رت وڃڻو ڏيئي پيٽ وٽو حاصل ڪرڻو پوندو ۽ تنهنجي حياتي مانيءَ، ٻارن ۽ مسواڙ جي لاءِ جنڊ جي منٿين پڙ وانگر، پيئي ڦرندي. چچ وانگر پيو آن چٽيندين، پر خالي جو خالي هوندين. ساڳئي وقت اسان جي عظيم ۽ شاندار مقصد لاءِ تون بيڪار ٿي پوندين. نه رڳو تون، پر هوءَ به - توهان ٻيئي.“

هو وري به ماٺ تي ويا، پاويل کان ڪٺي تي رهيو ٿيو،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هن ڪجهيو، پر اڳي کان ڪجهہ نرم ٿي: ”آندري، اهڙو خيال دل مان ڪڍڻ ٿي بهتر ٿيندو. هن ويچاريءَ کي بہ ڇو ٿو ڏجهي ۾ وجهين.“

اهڙي تہ سانت ٿــي ويئي، جو ڀت تــي ٽنگيل گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ بہ صاف پئي پڌي.

خوخول چيو: ”منهنجي هڪڙي دل محبت ڪري ٿي ۽ ٻي دل نفرت. انهيءَ کي ٿي چئبو آهي چريائپ ۽ سودا.“

پنن جي اٿلائڻ جو آواز پئي آيو. پاويل وري ڪتاب پڙهڻ ۾ لڳي ويو هو. ماءُ اکيون ٻوري ليٽي پيئي، هوءَ ساهہ کڻندي بہ پئي ڊني. کيس خوخول تي قياس پئي آيو، پر پٽس تي انهيءَ کان بہ وڌيڪ.

”ويچارو غريب،“ هن سوچيو.

اوچتوئي اوچتو خوخول چوڻ لڳو: ”تنهنجو خيال آهي، تہ آءٌ ڪجهہ بہ نہ چوان؟“

”ايمانداري تہ اِهوئي ٿي گهري،“ پاويل آهستي سان چيو.

خوخول نا اميد ۽ اداس ٿــي چيو: ”چڱو پاويل! ائين ٿي ڪندس. پر سوچ تہ سهي، توتي جي اهڙي گهڙي آئي، تہ ڪهڙو نہ پريشان ٿيندين!“

”مون لاءِ بہ آها ڏکي گهڙي اچي ويئي آهي.“ پاويل جي انهي گنڀير لهجي ماءُ کي حيران ڪري ڇڏيو، ڇو تہ انهيءَ مان صاف ظاهر ٿيو، تہ خود پاويل بہ نتاشا سان بيحد محبت ٿو ڪري.

هوا سوسٽ ڪري اچي پيت سان لڳي. گهڙيال پنهنجي رفتار سان گهڙين جي گذرڻ جو اعلان ڪندو رهيو.

”چرچا تہ نہ ڪر!“ خوخول جهيڻي آواز ۾ چيو.

ماءُ ڪٽي ويهاڻي ۾ منهن هنيو. هن سڏڪا پئي ڀريا.

صبح جو هن ائين پئي ڀانيو تہ آندري ننڍڙو ٿي ويو آهي ۽ هنجي شخصيت اڳي کان بہ وڌيڪ وڻندڙ ٿي پيئي آهي. پٽس تہ اڳي وانگر سنهڙو ۽ ماٺيڙو هو. اجا تائين هوءَ خوخول کي آندري

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪري ڪونيندي هئي، پر اڄ وات مان نڪري ويس، ”اندر يوشا پنهنجي جتي ٿهرائي وٺ، نه ته ٿڏ ۾ ٺيڀجي ۽ ونجي پوندين.“

”ڀڳهار تي نئون جوڙو وٺندس،“ هن ڪلندي جواب ڏنو ۽ پنهنجون ڏکيون ٻانهون ماءُ جي ڳچيءَ ۾ وجهي چيائين، ”ڪنهن کي ڪهڙي خبر، شايد تون ئي منهنجي ماءُ آهين! تون رڳو انهيءَ لاءِ اها ڳالهه نٿي مڃين، جو آءٌ بد صورت آهيان. ائين آهي نه؟“

ماءُ ڪڇي ڪانه، پر هٿ تي ڪٿي هٿ رکيائينس. ايڏو ته قرب ڪرڻ لڳيس، جو اکر به ڪين اڪليس. ڏاڍو قياس ٿيس. پانيائين، ته ڪجهه چوان پر.......

بستيءَ ۾ ماڻهو انهن اشتراڪين جو ذڪر ڇيڙڻ لڳا، جيڪي ڳاڙهيءَ مس سان لکيل پرچا ورهائي رهيا هئا. انهن پرچن ۾ ڪارخاني جي جوڙجڪ ۽ بندوبست تي ڪڙي تنقيد ڪيل هئي، پيٽرز برگ ۽ ڏکڻ روس جي هڙتالن جو احوال هو ۽ پورهيتن کي استدعا ڪئي ٿي ويئي، ته هو پنهنجي فائدي جي لاءِ متحد ٿي وڃن ۽ ايڪو قائم ڪن.

اڌڙوٽ عمر جا جهونا، جيڪي ڪارخاني مان ڪافي ڪمائيندا هئا، سي چڙي پيا ۽ اچي مچريا. چيائون ته "هي ڦڏئي آهن، هنن جو ته هٿي مٿوئي ڦاڙي وجهڻ گهرجي." ائين چئي: هي شخص، اهي پرچا کڻي سڌو پنهنجي مالڪن وٽ وڃي نڪتا.

پر نوجوان پرچن کي ڏاڍي پاهوهه ۽ چاهه مان پڙهڻ لڳا.

"بلڪل ٺيڪ آهي،" هنن چيو.

پورهيت، جيڪي سڄي ڏينهن جي پورهئي کان پوءِ ٿڪجي ٽنجي ٿي پيا، سي گهڻي قدر لاپرواهه ۽ ارڏا ٿي پيا.

انهيءَ مان ڇا ٿيندو! اهڙين شين مان ٻه ڪو ڪم نڪتو آهي!"

ليڪن پرچن مان شور پيدا ٿي پيو، جيڪڏهن ڪنهن اچر جي ڏينهن ڪو پرچو ڪونه ٿي نڪتو، ته پورهيت هڪٻئي کي چوڻ ٿي لڳا: "هنن يارن اخبار ڪڍڻ بند ڪري ڇڏي ڇا!"

پر ٻئي ڏينهن تي اخبار ميدان ۾ اچي ٿي ويئي، ۽ پورهيتن ۾ چوٻول شروع ٿي ٿي ويو.

ڪارخاني ۽ شراب خاني ۾ اهڙا ماڻهو اچڻ لڳا، جن کي ڪنهن به ڪونه ٿي ڄاتو سڃاتو. هي ماڻهو هر هنڌ ٿـي پهتا. طرحين طرحين جا سوال ٿي پڇيائون ۽ ٻين جي ڪمن ڪارين ۾ ٽپي ٿي پيا. ماڻهو هنن شخصن کان ڇرڪڻ لڳا، ۽ هنن جي دلين

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ ويچار آيا ۽ ويا ٿي، ڇو جو نون ماڻهن پراڻن تي ڇانئجي وڃڻ جي هر طرح ڪوشش پئي ڪئي.

ماءُ ڏٺو ته هن ساري هلچل ۽ شور شار جو سبب سندس پٽ هو، جنهن ڪري ماڻهو ائين وڏندا تي آيا، جيئن مٺاڻ تي ماڪوڙيون. ماءُ دل ئي دل ۾ پٽ ڪي پڌائڻ لڳي، پر ساڳئي وقت ٻچڙي جي سلامتيءَ جي اوني ۽ ڳڻتيءَ به ورائي ورتس.

هڪڙي ڏينهن سانجهيءَ تاڏي ماريا هن جي دريءَ وٽ اچي ڪڙ ڪڙ ڪئي. هن دري کولي، ته ماريا گوشاٽتي تي، ڪليءَ طرح ڪيس چيو: ”پلاڳيا، هوشيار ٿجانءِ! هي هٽ وٺي اچي مصيبت ۾ پيا آهن. اڄ رات تنهنجي، مازن جي ۽ وسوف شيڪوف جي گهرن جا جهاڙو ورتا ويندا.“

اِن چوڻ کان پوءِ ماريا جا ٿلها چپ هڪدم ٻيڙجي ويا. هن نڪ مان سون سون ڪندي، اکيون ڇنڀيندي، هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. هوءَ شايد رستي تي ڪنهن کي تاڙي رهي هئي.

”۽ ياد رکجانءِ، پر ائين سمجهه ۽ نڪي آءٌ ڪجهه چاٽان ٿي ۽ نڪي مون توکي ڪجهه ٻڌايو، نه اڄ آءٌ هتي توسان ملي آهيان!“ ائين چئي، هوءَ هلي وئي.

در بند ڪري، ماءُ وچي ڪرسيءَ ۾ ڪري پر وري خيال ٿيس، ته ٻچڙي کي ڪو خارو آهي، سو اٿي کڙي ٿي. ڪپڙا بدلائي، مٿي تي شال رکي، سڌو فيدور مازن جي گهر وڃي نڪتي- هو ويچارو بيمار پيو هو، تنهنڪري ڪم تي ڪونه ويو هو. ماءُ گهر ۾ گهڙي، ته مازن دريءَ جي پرسان ويهي ڪتاب پڙهي رهيو. هو ۽ ساڄيءَ ٻانهن کي آڱوٺو پيئي لوڏيائين، سندس آڱوٺو غير فطري طور تي وڌيل هو. هيءَ خبر ٻڌندي ئي هو پريشان ٿي ويو. جا رنگ بدلجڻ لڳس. هو يڪدم اٿي ويو.

”ڇڳيءَ گهاٽيءَ ۾ آياسين!“ هن ڪرڪندي چيو.

”ڇا ڪرڻ گهرجي؟“ پلاڳيا ڏڪندڙ هٿ سان ترارڙ تان پگهر اگهندي پڇيو.

”ترس- دل نہ هار!“ فيدور گهنبيدار وار پيشمانيءَ تنان هٿائيندي چيس.

”تون تہ پاڻ ئي گهبرائجي ويو آهين،“ ماءُ چيو.

”آءٌ؟“ هن ٿڪائيءَ کان ڪٽي ڪنڌ هيٺ ڪيو ۽ ڏاڍو ڪٽ ٿيو. ايتري ۾ کلي چيائين: ”هون .... انهيءَ ڳالهہ کي اتي ڇڏي، پاويل کي سڌ ڏيڻ گهرجي. پر موڪليان ڪنهن کي. پر توهان تہ گهر هلو. آءٌ پاڻيهي تو بندوبست ڪريان. هي ڪو اسان کي ماري ڪونہ وجهندا!“

ماءُ گهر تہ پهتي پر سک ڪونہ آيس. ڪتاب ڪٽي ڳڌ ڪيائين ۽ انهن کي ڇانيءَ سان لائي زمين تي هيڏانهن هوڏانهن هلڻ لڳي. چلهہ کان تي منن تائين تي آئي؛ پاڻ تي باهہ ۽ پاڻيءَ جي وچ ۾ بيٺل ڏٺائين. خيال هوس تہ پاويل اڄهو تو ڪارخاني مان دڪندو اڃي پر هو نہ آيو. نيٺ هوءَ هلي هلي ٿڪجي پيئي. ڪتاب ميڙي سبڙي رڌڻي ۾ رکي انهن تي چڙهي ويهي رهي ۽ اتان اٿندي پئي ڏٺي، تہ ٻن جو پاويل ۽ خوخول بہ اچي نڪتا:

”توهان کي پتو پئجي ويو؟“ ماءُ هنن کي ڏسي رڙ ڪئي. پاويل مرڪيو ۽ چيائين، ”ها، پتو پئجي ويو. تون ڏڄين بيٺي ڇا؟“

”ڏاڍي ....“

خوخول چيو، ”ڏڄجي ڇو، انهيءَ مان ڪهڙو فائدو!“

پاويل چيو، ”اڄا سماوار ۾ باهہ ڪانہ ٻاري اٿيئي؟“

ماءُ ڪتابن ڏانهن اشارو ڪري، دل جي ڏاڍائيءَ سان چيو، ”هنن ڪتابن جي ڪري.“

پٽس ۽ خوخول ۾ ٽهڪڙو پئجي ويو، جنهنڪري ماءُ جي پيٽ ۾ ساهہ پيو. پاويل کي ڪتاب کنيا ۽ اڱڻ ۾ وڃي انهن کي لڪائڻ لڳو.

خوخول سماوار جي هيٺان باهہ ٻاريندي چيو، ”نانيڪا، انهيءَ تہ ڪا ڳالهہ ئي ڪانهي. ها، ڏڄڻ خود آهي جيڪي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ائين اشرافن ۽ پورهين کي اجايو تنگ ڪندا ٿا وتن. ڇا ٿيندو؟ ٻه چار پوڙها، ڇيلهه سان تلوارون ٻڌي، بوٽن جا سڳا سيٽي، اچي هر ڪنهن شيءِ کي اٿلائيندا پٿلائيندا. هنڌ جي هيٺان ۽ رڌڻي ۾ جهاتيون پائيندا. جڏهين ڪجهه به هٿ نه ايندن ته ناسون ڦونڊجي ۽ مٿو ڦوڪجي ويندن، ڏاڍا ڪٽ ۽ لڄي ٿيندا، ۽ شرم کي پرچائڻ لاءِ اهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندا ته هو ڏاڍا ڪڙڪ ۽ ڪاوڙ جا ٽڪا آهن. هنن کي خبر آهي ته سندن ڪم ڪهڙو نه نفرت جوڳو آهي. هڪڙي پيري هو منهنجو سامان اٿلائيندي پٿلائيندي اهڙا اچي ڪڪ ٿيا، جو اڌ ۾ ڇڏي ڀڄ پائي آئي پڳا. ٻئي پيري مون کي وٺي وڃي جيل ۾ هنيائون. چار مهينا آئي هوس. جيل ۾ هٿ تي هٿ رکي ويهڻ ۽ انتظار ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪم ڪونه ٿئي. ان بعد ڪورٽ ۾ سڏايو وڃي ٿو. سپاهي سڙڪ تي پهرو ڏيندا وٺي هلن ٿا. آئي ڪو وڏو عملدار پڇا ڳاڇا ڪري ٿو. آهي اهڙا ڪي هوشيار نه هوندا آهن. اجايون سجايون آڏيون ابتيون ڳالهيون پڇندا آهن ۽ پڇاڙيءَ جو حڪم ڏيندا آهن ته قيديءَ کي وري جيل وٺي وڃو. اهڙي طرح هنڪي، هيڏانهن هوڏانهن گهليو گيٻداڙيو وڃي ٿو. نيٺ به هنن کي پنهنجي پگهارن کي سڄائي ڪرڻ لاءِ ڪجهه ته ڪرڻ گهرجي. ۽ پوءِ قيديءَ کي ڇڏي ڏنو وڃي ٿو، ۽ بس."

ماءُ چيو، "تون ته، اندريوشا، عجيب غريب ڳالهيون پيو ڪرين!"

سماوار جي ٻاهه کي ڦوڪون ڏيئي ڏيئي، منهن ڳاڙهو ڪرڻ کان پوءِ، هن ڪنڌ کڻي، مڇن تي هٿ ڦيري چيو، "عجيب غريب وري ڪهڙيون آهن!"

"ڇڻ ته اڄ تائين توکي ڪنهن ڏکويو ۽ نه هجي!"

"دنيا ۾ ڪو اهڙو ساهوارو به آهي جنهن کي ڪنهن ڏکويو نه هجي؟ مون کي اهڙا اهڙا ڏک ڏنا ويا آهن. جو هاڻي جهڙا تهڙا ته منهنجي ليکي ۾ ئي ڪونهن. جڏهين دنيا وارا آهن ئي اهڙا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تہ پوءِ اڪيلو ڪري بہ ڇا ٿو سگھي؟ جيڪڏهين اهڙين ڳالهين جو خيال ٿو ويهي ڪجي، تہ ڪم ۾ رخنو ٿو پوي. تڪليف رسي ۽ ان تي زالن وانگر پار ڪيڏي ويهي روئجي تہ ان مان ورندو بہ ڇا؟ رڳو وقت ويندو علاج تہ ڪونہ ٿيندو. حياتي آهي سا ڪھڙي بہ روپ ۾ گذري تي ويئي. ڪو وقت هو، جو ماڻهن جون حالتون ۽ حرڪتون ڏسي، سهي ڪو نہ سگهندو هوس. نيٺ سمجهيم تہ اهو نيڪ ڪونهي. ماڻهوءَ ڪي پاڙيوارن تي بہ ڀروسو نہ رهيو آهي، ان ڪري هو اڪيلي ڪان اڳيئي هن جي ڳچيءَ ۾ هٿ وجهڻ لاءِ تيار ويٺو آهي. اهڙيءَ طرح حياتيءَ جا ڏينهن گذرندا رهن ٿا نانيڪا!“ هو مرڪندي مرڪندي هيءَ سموري ڳالھ ڪري ويو.

خوخول جي تقرير ماءُ جي دل مان گهرجي تلاشيءَ جو جوف ڏاڍي سهڻي طريقي سان ختم ڪري ڇڏيو. هن جون وڏيون خوشيءَ پريون اکيون ڏسي، ماءُ محسوس ڪيو تہ هو ڪهڙو نہ ڦڙت ۽ سمجهدار شخص آهي!

ماءُ ٿڌو شوڪارو ڀريو.

هن ڏاڍي خلوص سان چيو، ”خدا شال توکي سدائين خوشيءَ جي هندورن لوڏي!“

خوخول سماوار وٽ وڃي، ان جي سامهون پٽ تي ويهي رهيو. هن ڏاڍيءَ ڪڙائيءَ سان چيو، ”جيڪڏهن مون ڪي ٿوري بہ خوشي ملندي، تہ وٺڻ کان انڪاري ڪونہ ٿيندس. پر اُنهيءَ جي واسطي ڪٿي پن ڪونہ ڪندس.“

پاويل اڳڻ مان واپس وريو.

”هنن کي هاڻي ڪجهہ بہ ڪو نہ ليندو،“ هن وڏي يقين ۽ پڪ سان چيو ۽ هٿ ڏوڻڻ لڳو ۽ ائين ڪندي ماءُ ڏي منهن ڪري چيائين:

”جيڪڏهن هنن کي شڪ پيو تہ اوهان ڏڄو پيا تہ هو ضرور سوچيندا تہ هن گهر ۾ ڪانہ ڪا اهڙي شيءِ ضرور آهي، جو هنن کي ڏکڻي وني ويٺي آهي. توکي خبر آهي تہ

اسان کوبہ غلط کم کونہ تا کريون. انصاف اسان جي پاسي آهي ۽ اسين پنهنجون حياتيون ان جي واسطي قربان ۾ پلهار ڪري ڇڏينداسون. جيڪڏهن اسان جو ڏوهہ بہ رڳو اهو آهي، ڇو انصاف لاءِ پاڻ تا پتوڙيون تہ پوءِ ڏچڻ جو ڪهڙو ضرور؟"

"پاشا! آءُ ٺيڪ ٿي وبنديس،" هن وعدو ڪيو، پر اجا گهڙي ڪانہ گذري تہ هن نهايت ڏکويل انداز ۾ چيو، "ڪاش، هو جلدي اچي، سيڪجهہ ڏسي وائسي هليا وڃن، تہ اسان جو آڌڪو بہ لهي پوي."

رات گذري ويئي، پر هو نہ آيا. ماءُ ڀانيو تہ ڇوڪرا مون کي ضرور ڇيڙيندا ۽ چيڙائيندا، سو انهن کان اڳ ٿي پنهنجو پاڻ چرچا ڪرڻ لڳي، ۽ چيائين تہ "مان تہ اجائي پئي ڏنيس!"

انهيءَ پريشان ڪندڙ سانجهيءَ ڪان مهينو ڪن پوءِ نيٺ پوليس اچي نڪتي. نڪولائي وسوف شيڪوف پاويل ۽ آنڊريءَ سان گڏجڻ آيو هو. ٽيئي ڄڻا اخبار بابت ڳالهيون ڪري رهيا هئا. ڪافي دير ٿي چڪي هئي، آڌي رات اچي ٿي هئي، شايد ڪڪڙن دس ٻه پئي ڏنا. ماءُ وڃي هنڌ تي ليٽي هئي ۽ گهيرٽ پئي آيس. اڱين سنڌس ڪنن ۾ هلڪا هلڪا ڳٺيءَ ڪاڏا آواز پرڻ لڳا. ان ڪان پوءِ آنڊري پين تي هلي وڃي، رڌڻي جو دروازو بند ڪيو. ٻاهران گهوڙي جي هڪار جو آواز آيو. دروازو کليو ۽ خوخول رڌڻي ۾ گهڙيو.

”گهوڙن جا آواز پيا اچن.“ هن تڙ تڪڙ ۾ چيو.

ماءُ هنڌ تان ٽپ ڏيئي اٿي بيهي رهي ۽ ڏڪندڙ هٿن سان ڪپڙا پائڻ لڳي، تہ ايتري ۾ پاويل در مان ظاهر ٿيو ۽ آهستي چيائين، ”وڃ وڃي سمهي رهہ. تنهنجي طبيعت ٺيڪ نہ آهي.“

ڏيڍيءَ ۾ سر سر ٿي. پاويل در ڏانهن وڌيو ۽ در ڪوليندي چيائين، ”ڪير آهي؟“

اڱين ڪندي هڪ پورو لباس پهريل، قداور شخص ظاهر ٿيو. هن جي پويان هڪڙو ٻيو شخص بہ هو. ٻہ سي- آءِ- ڊي جي پوليس وارا، پاويل کي هٽائي، هن جي ٻنهي پاسن ڪان ٿي بيٺا.

”ڳٺتي نہ ڪر، اسين آهيون ڪونہ آهيون، جن جو اوسيڙو پئي ڪيوءِ؟“ هڪڙو ڳرو آواز آيو، جنهن ۾ چرچي جو جزو وڌيڪ هو.

جنهن شخص هيءَ ڳالهہ ڪئي، سو هڪڙو سنهڙو ۽ ڏيرو عملدار هو. هن جون مڇون چڏيون ۽ ڪاريون هيون. فيدياڪن نالي هڪڙو مڪاني سپاهي ماءُ جي بستري وٽ وڃي پهتو.

”سائين، هيءَ هن جي ماءُ آهي،“ هن هڪڙي هٿ سان

عملدار کي سلام ڪيو ۽ ٻئي هٿ سان پلاگيا ڏانهن اشارو ڪيو.
۽ هي خود پاڻ آهي،" هن پاويل ڏانهن اشارو ڪندي چيو.
"پاويل ولاسوف؟" عملدار اکين ۾ شور وجهي پڇا ڪئي.
پاويل هاڪار ڪندي، ڪنڌ ڌوڻيو.
"مون کي تنهنجي جاءِ جي تلاشي وٺڻي آهي،" عملدار مڇن کي وٽيندي، ڳالهه ڪندو ويو. "مائي، اٿ، ۽ هو ڪير آهي؟"
دروازي ۾ جهاتي پائڻ کان پوءِ هو ٻيءَ ڪوٺڙيءَ ۾ هليو ويو.
"توهان جا نالا؟" هن جو آواز آيو.
ڏيڍيءَ واري درواري ۾ ٻه مشير ڏسڻ ۾ آيا. هڪڙو ٻنيءَ ۾ ڪم ڪندڙ پراڻو مزور تور ياڪوف ۽ ٻيو ٻنيءَ ۾ ڪاٺيون جهوڪيندڙ رهين هو. هو هڪڙو ٿلهو متارو ۽ ڪارو انسان هو ۽ تور ياڪوف جي جاءِ ۾ هڪڙي ڪوٺي مسواڙ تي ڪري رهندو هو.
"نلوونا، خوش آهين؟" هن ماءُ کي نهايت رڪي ۽ ڳري آواز ۾ چيو.
ماءُ ڪپڙا پائيندي، پنهنجو ٻيڄڙو دور ڪرڻ لاءِ چپن ۾ پڙ پڙ ڪرڻ لڳي.
"اڄ تائين نه اڻين سلوسين ۽ نه ڏٺوسين: پرائي گهر ۾ اڌ رات جو ماڻهو پيا اچن. ماڻهن کي سمهڻ جي ۽ هنن کي پراين گهرن ۾ گهڙڻ جي. پنهنجو ته خيال ئي ڪونه ٿو پوين!"
ڪوٺڙي ماڻهن سان ڀرجي ويئي اصل تازو پالش ٿيل جوتن جي هٻڪار پئي آئي. ٻن سي- آءِ- ڊي جي سپاهين ۽ مڪاني پوليس جي عملدار ڪبٽ مان ڪتاب ڪڍي کٽي ميز تي ڍير ڪيا. ٻين ٻن چٽن پٽ تي زور سان مڪون هنيون، ڪرسين جي هيٺان ڏٺو. هنن مان هڪڙو چڙهي ماڻهوءَ وانگر چلهه جي مٿان چڙهي ويو. خوخول ۽ نڪولائي وسوف شيڪوف هڪڙي ڪنڊ ونڀي، هڪٻئي جي ڀرسان بيٺا هئا. نڪولائيءَ جو ماتا چڳهيل منهن ڦاٽي هٽي ويو ۽ هو پنهنجن ننڍڙين پورين اکين سان وڏي آفيسر ڏانهن ڏسندو رهيو. خوخول بيٺي مڇن تي هٿ ڦيريو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جڏهين ماءُ ڪوٺڙيءَ ۾ گهڙي، ته هو ٿورو مرڪيو ۽ ڪيس اشارو ڪيائين.

هن ڪي ڏيڍ اچي ورايو، پر انهيءَ ڏپ ڪي لڪائڻ لاءِ، هوءَ اڳي وانگر جهڪي ڪانه ٿي هلي، بلڪ سرو قد ٿي، پنڊ پهڻ وانگر هلندي رهي. ائين ڪرڻ ڪري منجهس خود پسنديءَ وارو انداز پيدا ٿي پيو. هوءَ پنهنجا پير تڪڙا تڪڙا ڪڻي همت جو اعلان ڪري رهي هئي، پر سندس پيرون گهنججي رهيا هئا.

عملدار پنهنجي سنهڙين ۽ سفيد آڱرين سان ڪتاب ٿي کنيا، پنا ٿي اٿلايا ۽ ڦڙتائيءَ سان هڪڙي پاسي ڪڻي ٿي ڦٽا ڪيائين. اهڙيءَ ريت ڪجهه ڪتاب ڪريا ۽ ڪجهه ميز تي پيا رهيا. ڪنهن ٻڙڪ به ڪانه ڪڍي. سي- آءِ- ڊيءَ وارا سپاهي جهاڙو ونندي، پاڻ پتوڙيندي، سهڪي اڌ مئا ٿي پيا هئا ۽ خارڻ مان هڪ ٻئي کان ٿي پڇيائون:

”هتي به ڏسي ورتو؟“

ماءُ پاويل جي پرسان پٽ سان لڳي بيٺي هئي- پٽ وانگر ٻانهون ٻڌيون، عملدار ڪي ٻئي جاچيائين. هن محسوس ڪيو ته سندس گوڏا جواب ڏيئي چڪا آهن. خشڪ ڳوڙهن سندس اکين تي پردو وجهي ڇڏيو هو.

”ڪتاب پٽ تي ڇو پيا اڇلايو؟“ نڪولائيءَ جو گهرو آواز، خاموشيءَ کي چيريندي، ٻڌڻ ۾ آيو.

ماءُ ڇرڪ ڀريو. توريا ڪوف پنهنجو مٿو ائين ڌوڻيو، ڄڻ ڪنهن ڌڪو ڏنو هوس. ريبن ناراضگي ظاهر ڪندي ڳالهايو ۽ نڪولائيءَ جي منهن ۾ اکيون کڻي ڪپايون...

عملدار اکين ۾ شور وجهي، ڪاوڙجي، نڪولائيءَ جي چميل ۽ ماتا جي داغن سان ڇچريل منهن ڏانهن نهاريو. هن ڪتاب جا پنا، اڳي کان به وڌيڪ تکا تکا اٿلائيندي، اڌين ڪڻي ٿي اکيون ڦوٿاريون ڄڻ ته کو سور هوس ۽ اڇهو ڪي اڇهو دردلي دانهن ٿي نڪريس.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وسوف شيڪوف وري چيو، او سپاهي، ڪتاب مٿي ڪٽي رک."

آنهيءَ تي سي. آء. ڊي جا سپيئي پوليس وارا ڏانهس ڏسي وري پنهنجي عملدار ڏانهن نهارڻ لڳا. عملدار منهن مٿي ڪري نڪولائيءَ جيءَ ويڪريءَ ۽ جانئي جسم ڏانهن نفرت سان نهاريو.

هو نڪ مان گهٽو ٿي، ڇوڻ لڳو، "هون. ڪتاب ڪٽي رکو." هڪڙي سپاهيءَ نوڙي ڪتاب ميڙڻ شروع ڪيا.

ماءُ پاويل کي ڪن ۾ چيو، "نڪولائيءَ کي زبان بند رکڻ گهرجي."

هن پنهنجو ڪلهو لوڏيو. خوخول ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو.

"هي بائيبل ڪير پڙهندو آهي؟"

"آءٌ پڙهندو آهيان." پاويل جواب ڏنو.

"هي مڙيئي ڪتاب ڪنهن جا آهن؟"

"منهنجا"، پاويل چيو.

"چڱو،" عملدار ڪرسيءَ تي اهلندي چيو. هن پنهنجي نازڪ آڱرين سان چپٽيون وڄايون، ميز جي هيٺان پيرن ٽنگون پکيڙي ۽ مڇن تي هٿ ڦيريندي، نڪولائيءَ کي چيو، "آندري نخودڪا تون آهين؟"

"ها"، نڪولائيءَ اڳتي وڌندي چيو. خوخول هنکي ڪلهي کان وٺي ڪٽي پوئتي ڇڪيو.

"هي ڪوڙ ٿو ڳالهائي، آندري آءٌ آهيان......."

عملدار پنهنجو هٿ مٿي ڪٽي آڱر سان وسوف شيڪوف ڏانهن اشارو ڪندي چيو، "حد کان اڳتي نه وڌ!" ائين چئي هو پنهنجا ڪاغذ ڦولهڻ لڳو.

چانڊوڪيءَ جي ڪرڻن ۾ وهنجندڙ رات، سهائيءَ ۽ سوجهري واري، ٿڌي ۽ بي نياز، دريءَ مان اندر پئي نهاريو. ڪو شخص آهستي آهستي ٿي، گهر جي پرسان اچي لانگهائو ٿيو، ۽ برف ان جي پيرن هيٺان چيپاٽجي ۽ چرچر ڪرڻ لڳي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”نخودڪا، هون! تون ئي آهين نہ، جنهن سياسي ڏوهن ۾ قيد ڪاٽيو آهي؟“ عملدار چيو.

”هائو، پهريون پيرو روستوف ۾ ۽ ٻيو پيرو ساراتوف ۾. صرف هڪڙو فرق آهي تہ آتي جا سي- آءِ- ڊي سپاهي وڌيڪ ۽ چالاڪ هئا.“

عملدار پنهنجي ساڄي اک بند ڪري، ان ڪي مهتيو ۽ پنهنجا ننڍڙا ننڍڙا ڏند ڏيکاريندي چيائين، ”تون انهن نالائقن کي سڃاڻين، جيڪي ڪارخاني ۾ خطرناڪ ۽ ڏوهہ جهڙا اشتهار ورهائين ٿا؟“

خوخول کي ڏاڍي ٻچان ٿي. هن نفرت وچان ڪلي ڏنو ۽ پير جي پڇن تي اتي بيٺو. ڪجهہ چوڻ تي گهريائين تہ ايتري ۾ نڪولائيءَ جو آواز وري فضا ۾ ٻرڻ لڳو:

”نالائقن کي اسين پهريون پيرو ڏسي رهيا آهيون.“

ٻنهي ماڻ تي ويئي- گهڙيءَ کن جي لاءِ ڪوبہ ڪونہ ڪڇيو.

ماءُ جي نراڙ وارو ڦٽ اڇاڻ ڏي مائل ٿي چڪو هو. هن جو ساڄو پرون مٿيرو چڙهي ويون. ريبن جي ڪاري ڏاڙهي عجيب نموني ۾ ڦڙ ڦڙ ڪرڻ لڳي. هو ڏاڙهيءَ ۾ آڱرين سان ڦڻي ڏيڻ لڳو ۽ نظرون ڌرتيءَ تي کپي ويس.

”هن ڪتي کي هتان وٺي وڃو،“ عملدار رڙ ڪري چيو.

سي- آءِ- ڊي جي ٻن پوليس وارن نڪولائيءَ کي ٻانهن کان جهليو ۽ انکي ڌڪيندا رڌئي تائين وٺي ويا جتي هن پنهنجا پير ڌرتيءَ تي رکي، هنن ٻنهي سپاهين کي ترسڻ تي مجبور ڪيو.

”ترسو، مون کي ڪوٽ پائڻو آهي،“ هن رڙ ڪئي. عملدار حاطي مان اندر گهڙيو.

”هتي ڪجهہ بہ ڪونهي. اسان سڀڪجهہ ڏسي ورتو ۽ ڦولهيو آهي.“

عملدار طنز ڪندي چيو،“ آپ اڪثين پيو ڏسجي. اسان جو واسطو هڪڙي تجربيڪار ماڻهوءَ سان پيو آهي. جهڙي تهڙي پتوڙ سان پلئہ ڪونہ پيو اٿئون.“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ماءُ هن جو هلڪو ۽ ھوڏي آواز ٻڌو ۽ ڏپ ويڙهي ويس. اُنهيءَ حالت ۾ هن جي هيٺين منهن ڏانهن نهاريائين، ۽ محسوس ٿيس تہ هو وڏو بيرحم ۽ ڪنو رذل دشمن آهي. هن جي دل ۾ عام ماڻهن جي لاءِ فقط رئيساڻيءَ وڏائيءَ واريءَ ٻچان ۽ نفرت کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي. ماءُ کي اهڙن ماڻهن سان گهٽ واسطو پيو هو، بلڪ هن اهڙن ماڻهن کي ڪڏهن خيال ۾ئي نہ آندو هو.

”شايد هي آهي ماڻهو آهن، جن جون، اشتهار ڏسڻ کان پوءِ متيون ٿي منجهيو پون!“ ماءُ سوچيو.

”آندري انيسيموف، فسادين جو ٻج، جيڪو نخودڪا جي نالي سان مشهور آهي، تنهن کي گرفتار ڪجي تو!“

”چو؟“ خوخول سانتيڪي نموني ۾ پڇيو.

”لنهيءَ جي سڌ پوءِ پونديئي،“ عملدار نهايت ڍيڍ پائيءَ سان جواب ڏنو. ”تون پڙهيل آهين. لکي پڙهي ڄاڻين ٿي؟“ هن پلاڳيا ڏانهن منهن ڪري پڇا ڪئي.

”نہ، هوءَ اڻ پڙهيل آهي،“ پاويل وراڻيو.

عملدار ڪڙو منهن ڪري تکو ٿي چيو، ”تو کان ڪنہ تو پڇان. هوءَ پاڻ جواب چو نٿي ڏئي؟“

ماءُ جي دل ۾ هن شخص جي لاءِ نفرت ۽ ٻچان اتلون کائڻ لڳي. اوچتوئي اوچتو هن کي اچي ڏڪڻيءَ ورتو، ڄڻ تہ ٿڌي پائيءَ ۾ ٽپي پيئي هئي. هوءَ وري ڪڙي تڙي ٿي بيهي رهي. هن جي نراڙ وارو وڏ قري آودو ٿي ويو ۽ ڀرون اکين تي اچي پيس.

هن پنهنجو هٿ اڳتي وڌائيندي چيو، ”رڙين جي ضرورت ڪانهي. تون اڃا ننڍو آهين، ۽ تو کي ڪهڙي خبر تہ ڏک ڇا کي چئبو آهي؟“

”امان، ڪاوڙ نہ ڪر. وقت جي ڳالهہ آهي،“ پاويل هن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

”پاويل، ترس!“ هن سنهي رڙ ڪئي ۽ ميز ڏانهن وڌي ويئي.

”توهين هن کي ڇوٽا وٺي وڃو؟“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

عملدار اٿي بيٺو. هن رڙ ڪري چيو، ”انهيءَ ۾ تنهنجو ڇا وڃي! ماٺ ڪر!- وسوف شيڪوف ڪي اندر وٺي اچو. اهو بـ قيد آهي.“

هاٿي هو اهي ڪاغذ پڙهڻ لڳو، جيڪي هٿ ۾ جهليو بيٺو هو.

نڪولائيءَ کي اندر آندو ويو. عملدار پڙهندي پڙهندي، بيهي رهيو. رڙ ڪري چيائين، ”ٽوپي لاهه!“

ريبن پلاڪيا وٽ آيو ۽ هن کي ٺونٺ هڻي چيائين، ”امڙ، پريشان نہ ٿيءُ.“

”آءٌ، ٽوپي بہ ڪيئن لاهيان، هي تہ هٿ بہ ڪونہ ٿا ڇڏين“، نڪولائيءَ ڪارروائيءَ جي ڪاغذن پڙهڻ جي آواز جي وچان اوچي آواز ۾ چيو.

”عملدار پوءِ ڪاغذ ميز تي اڇليندي چيو، ”هـنن تي صحيح ڪريو.“

ماءُ جڏهين ڏٺو تہ هـو. ڪاغذ صحيح ڪري رهيا آهن، تہ سندس ڪاوڙ ڍري ٿي ويئي. بي انصافيءَ، مجبوريءَ ۽ لاچاريءَ کي ڏسي، هن جو هيانءُ ڪاچي ويو ۽ اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيس. هن پنهنجي پرڻيل زندگيءَ جا سڄا سارا ويهہ ورهيہ، اهڙائي ڳوڙها ڳاڙيا هئا، پر هوءَ گذريل چند ورهين کان اَن ڳوڙهـن پريل ۽ ڏسڪن واريءَ حياتيءَ کي وساري چڪي هئي.

عملدار هن ڏانهن نهاريـو ۽ هُرو پرو ڪل منهن تـي آڻيندي چيائين، ”مائي، تون هاڻي ايترا ڳچ نہ ڳاڙ، ڪي لڙڪ آئيندي لاءِ بچائي رک.“

هن جي دل ۾ ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جي ٻي لهر ايرڻ لڳي.

”ماءُ وٽ هر ڪنهن ڳالهہ جي لاءِ ڪافي لڙڪ ٿين ٿا. ڪا ڪوٽ ڪانہ ٿئي. جيڪڏهن تنهنجي ڪا ماءُ آهي تہ هوءَ اها ڳالهہ ضرور ڄاڻندي هوندي.“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

عملدار جلدي ڪري پنهنجا ڪاغذ نئين ٿيلهي ۾ ڪٺي رکيا جنهن جو تالو چمڪي رهيو هو.

”هلو!“ هن حڪم ڏنو.

”خدا حافظ آندري، خدا حافظ نڪولائي!“ پاويل هٿ ڏيندي، نرم ۽ ٻي آواز گرمجوشيءَ سان چيو.

تون شايد تـرت ئي هنن سان اچي گـڏبين، عملدار کـلي ڪري چيو.

وسوف شيڪوف اونهو ساهه کنيو، رت اچي ڳچيءَ تي مڙيس ۽ اکين مان ٿانڊا وسڻ لڳس. خوخول وچ وانگر. منهن تي مرڪ آئي پنهنجو مٿو ڌوڻيو ۽ ماءُ کـي آئي پنهنجو مٿو ڌوڻيو ۽ ماءُ کي آهستي سان ڪجهه چيو. انهيءَ تـي ماءُ صليب جـو نشانو ناهيو ۽ چيو، ”خدا جاڻي ٿو، ته حق تي ڪير آهي.“

نيث سپيئي خاڪيورديءَ وارا وچـي ڏيڍيءَ ۾ گڏ ٿيا ۽ شور ڪندا، ڏڙها هڻندا، غائب ٿي ويا. سيني کان ڇڄاڙيءَ جو رهين ويو ۽ پاويل ڏانهن ڏاڍيءَ حسرت مان ڏسندو ويو.

”چڱ .... گو .... خدا حافظ!“ هن فڪرمند لهجي ۾ چيو ۽ کنگهندي، دروازي کان ٻاهر هليو ويو.

پاويل پانهون پويان ڪري، هٿ ٻڌي، زمين تي هلڻ شروع ڪيو. هن زمين تي ٽڙيل پکڙيل ڪتابن ۽ ڪپڙن ڪي پٺي اورانگهيو.

”ڏٺئي؟ هي ماڻهو ائين ڪندا آهن!“ هن دلگير ٿي چيو.

هن جي ماءُ انهيءَ سڄي ڳوڙ ڪـي ائين پٺي ڏنو، ڄڻ تـه يقين ئي ڪونه تـي آيس. هن ارمان ڪائيندي چيو، ”نڪولائيءَ کي ايتري تکي تيڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟“

پاويل وراڻيو، ”پانيان ٿو ته هو شايد ڊڄي ويو هو“

هن هٿ ملينديءَ، ڪاوڙجندي، چيو، ”اندر ڪهڙي آيا، ماڻهن کي جهلياڏون ۽ هليا ويا.... ڪهڙي ڪن ۾ سڀڪجهه ٿي ويو!“

هن جو پٽ سو ڪين جهليو ويو هو، تهنڪري ڪجهه آئت

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هوس پر هي جيڪي ڳالهيون ڏنيون هئائين ۽ جن کي سمجهي نٿي سگهي، تن هٿي منجهائي وڌو هوس.

”هن هيڏي منهن واري اسان ڏانهن نفرت ۽ حقارت سان ڏسي، اسان کي ڊيڄارڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي.“

پاويل پختي ارادي سان چيو. ”چڱو جيجي، اڄ ته هنن کي ناهي ونئون.“

هن ڪيس ”جيجي“ ڪري سڏيو، ۽ سندس لهجي ۾ اهو انداز هو، جيڪو ان وقت پيدا ٿيندو هو، جڏهن هو ماءُ سان بلڪل ويجهڙائي محسوس ڪندو هو. هوءَ پاويل جي پرسان وڃي بيٺي ۽ هن جي منهن ۾ نهاريائين، ۽ آهستي سان چوڻ لڳي، ”توکي هنن ڏکويو آهي؟“

هن جواب ۾ چيو، ”ها ....... بيحد ڏکويو آهي. وڌيڪ چڱو ته ٿئي ها، جو مونکي به هنن سان گڏ وٺي وڃن ها.“

ماءُ کي ائين سمجھ ۾ آيو ته ڄڻڪ سندس اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا هئا ۽ ان تڪليف جي گهٽائڻ جي خيال کان هن ٿڌو شوڪارو ڀريندي چيو، ”گهڻو وقت ڪونه گذرندو ته هي ڏائڻ توکي به وٺي ويندا.“

هن جواب ۾ چيو، ائين ته ضرور ٿيندو.“

هوءَ گهڙيءَ کن لاءِ ماٺ ۾ اچي ويئي. ڪانئس رهيو نه ٿيو، چپ چوريندي چيائين، ”پاويل، تون ڪهڙو نه سخت ماڻهو آهين. اهي ڏاڍيون ۽ اڙٻنگايون ڇڏي، ڪنهن وقت ته ماءُ جي جڏي جيءَ کي آٿت ڏيندو ڪر! منهنجي ڏک ۾ ڪهڙي ڪسر رهي آهي، جو تون وڌيڪ منهن جو هانءُ نپوڙين ٿو؟“

پاويل منهن مٿي ڪري، ماءُ جي ويجهو اچي آهستي سان چيو، ”امان، آءٌ ڇا ڪريان، مون کي آٿت ڏيڻ ته اچي ئي ڪو نه ٿو. توکي هنن ڳالهين جو عادي ٿيڻو ئي پوندو.“

هن ٿڌو ساهه کنيو ۽ پنهنجي ساهه پرجڻ کي روڪڻ جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪوشش ڪندي ڪن پل. ڪان پوءِ چيائين، ”تنهنجو ڪهڙو خيال آهي، امي هي ماڻهو نيٺي سيج تي ويهارين ٿا! ڇوڙي لاهيو ٿا ڇڏين، هڏا! پڇيو وڃهن، جڏهن به آءٌ انهيءَ باري ۾ سوچيندو آهيان ته......“ آف، منهنجا سڪيلڌا! هيءَ ڪهڙي هيبتناڪ چيز آهي!“

”هي ماڻهو روح کي به گهٽين ٿا، ۽ ان لاءِ هو جڏهن ماڻهوءَ جي روح کي پنهنجا گنديءَ ۽ گدليءَ مٺ ۾ جهلين ٿا، ته ويتر گهڻو سور ٿئي ٿو.“

پٺي ڏيهن سڌ پيئي ته بوڪن، سموئلوف، سوموف ۽ ٻيا پنج ڇهه به گرفتار ڪيا ويا آهن. سانجهيءَ تائيءَ فيدور مازن آيو. هن جي گهر جو جهاڙو ورتو ويو هو ۽ هن کي ان ڳالهه جي ڏاڍي خوشي هئي، ڇاڪاڻ جو ائين ٿيڻ ڪري هو پاڻ کي جوڌو سمجهي رهيو هو.
”فيدور تون ڏٺي ويو هئين ڇا؟“ ماءُ پڇيو.
هو پيلو پئجي ويو ته هنجي منهن جا گهنج نمايان ٿي پيا ۽ نڪ جون ناسون ڦڙڪڻ لڳس.
”مون کي ڊپ هو ته متان اهي سوئر مون کي مار نه ڏين. هڪڙو ٿلهو متارو ۽ دنئير لڳو پيو هو، ڪاري ڏاڙهي ۽ آڱرين تي وارڻي وار هئس. نڪ تي ڪاري عينڪ ڇاڙهي هئائين ڄڻڪ انڌو هو. ايڊيون ٿي داتهون ڪيائين ۽ پير پٽ تي ٿي هنيائين، جو حد کان ٻاهر! آءٌ توکي جيل ۾ وجهندس! رڙ ڪري چيائين. مون کي نه اڄ تائين ڏارين ته نهيو پر اپي امان به ڪونه ماريو هو. آءٌ سندن اڪيلو سڪيلڊو پٽ هوس، تنهنڪري هو مون کي گهڻو گهرندا هئا.“
ٿوري دير هن اکيون پوريون، چپ پيڙيا، ٻنهي هٿن سان پنهنجن ڪارن وارن کي پيشانيءَ تان هٽائي ٻڙي ڪيو: هن جلدئي ڳاڙهين اکين سان پاويل ڏانهن نهاريندي چيو، ”جي ڪنهن به منهنجو نالو ورتو ته پوءِ آءٌ تلوار وانگر وڃي مٿس ڪڙڪندس. چڪين ماس کپيندو سائس! ڇا ڪندا؟ مون کي ماري ڇڏيندا نه! ٻاڻ ڇڱو، ايڪوئي ڇڪتو ٿي ويندو!“
ماءُ وچ ۾ ڳالهائيندي چيو، ”ايڏو ڪو ڏاڍو مڙس، آهين. ليپئي سٽ به ڪونه، رکبي سيٽ گهٽي. وڙهي به سگهندين؟“
فيدور ڇاڙبن کي ڪرڻيندي چيو، ”وڙهندس ته ضرور.“

فيدور جي وچڻ کان پوءِ ماءُ پاويل کي چيو، ”سيني کان ٻهرن هيءُ هار کائيندو.“ پاويل ماٺ ۾ هو.

گهڙي کن کانپوءِ گذري تہ ايتري ۾ رڌڻي جو دروازو کليو ۽ ريبن اندر لنگهي آيو. هن مرڪندي ۽ مشڪندي چيو، ”اڇهو آءٌ وري اچي ويس. رات هو سون کي وٺي آيا هئا ۽ هاڻي آءٌ پنهنجي آيو آهيان.“ ائين چئي هن ڏاڍيءَ سڪ ۽ پاٻوهہ سان پاويل سان هٿ ملايو ۽ پلاگيا کي ڪلهن کان جهليو.

”ڪوپ کن چانهہ ملي وڃي تہ ڏاڍو چڱو،“ هن چيو.

پاويل هن جي ويڪري ۽ پريل منهن ۾ غور سان ڏٺو، هن جي ڏاڙهي ڪاري ۽ گهاٽي ۽ اکيون ڪاريون هيون. ائين پئي لڳو تہ هو ڪا اهم ڳالهہ ڪرڻ آيو آهي.

ماءُ رڌڻي ۾ سماوار کي ڪوسو ڪرڻ لاءِ هلي ويئي ريبن ميز تي ٺونٺيون رکي ويهي پاويل ڏانهن نهارڻ لڳو، ڄڻ تہ ڪا ڳالهہ ڪرڻي هيس.

”پوءِ پلا........ مون کي توسان صاف صاف ڳالهيون ڪرڻيون آهن. ڪجهہ ڏينهن کان تنهنجي چر پر کي ڏسي رهيو آهيان. تنهنجي پاڙي ۾ ئي رهندو آهيان. آءٌ ڏسان ٿو تہ تنهنجي گهر ۾ گهڻائي ماڻهو اچن ٿا، پر هو نڪي شراب پين ٿا ۽ نڪي ڪو هل هنگامو ڪن ٿا. پهريائين تہ اهائي ڳالهہ ڌيان ڇڪائڻ جوڳي آهي. جيڪي ماڻهو شرافت سان گذارين ۽ ماٺ ميٺ ۾ ڪم ڪندا رهن ٿا، تن تي نظر رکڻي پوي ٿي. خيال ٿو ٿئي تہ نيٺ ڪهڙي ڳالهہ آهي. آءٌ پاڻ ماڻهن جي اکين ۾ ٿيو پيو آهيان، ڇو جو آءٌ خود ڪجهہ گوشائتو گذاريان ٿو.“

هو پنهنجي ڪاري ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيريندو، پاويل جي منهن ۾ تڪيندو رهيو.

هن جي ڳالهين ۾ تڪ ۽ رواني اڳي جهڙي ئي هئي.

”ماڻهو تنهنجي باري ۾ ڳالهيون ٻوليون پيا ڪن. منهنجي جاءِ جو مالڪ توکي ملحد ٿو چوي، ڇاڪاڻ جو تون ديول ۾

ڪونہ ويندو آهين. ديول ۾ تہ آءُ بہ ڪو نہ ويندو آهيان. تنهن ڪان سواءِ هنن اشتهارن جي ڳالهہ آهي. اهي بہ تنهنجا ڪم آهن نہ؟"

"هائو!" پاويل وراڻيو.

ماءُ رڌڻي مان ڪنڌ ڪڍي، پوائتي ٿي، ڊڄندي ڊڄندي چيو، "چا پيو چوين! تون ئي هڪڙو چٽو آهين چا؟"

پاويل ۽ ريبن ڪِلڻ لڳا.

"چڱو چڱو، نيڪ آهي،" ريبن چيو.

ماءُ نڪ گهنجايو ۽ هلي ويئي. هنن يارن جي هنڙيءَ هلت ڪري ماءُ کي صدمو پهتو.

"پرچن جو چڱو اثر پيدا ٿيو آهي، ماڻهن کي جوش ٿو اچي. ڪين نہ؟"

"هائو!" پاويل جواب ڏنو.

"منهنجو مطلب آهي تہ مون سيئي پڙهي ورتا آهن. ڪي ڳالهيون انهن ۾ صاف ڪونہ هيون ۽ ڪي وري غير ضروري ۽ بيڪار هيون. پر جڏهن ڪو ماڻهو گهڻيون ڳالهيون ... گهرندو آهي، تہ ضرورت کان بہ تي لفظ وڌيڪ بہ چئي ويندو آهي."

ريبن مرڪيو ۽ هن جا صاف چلڪندڙ ۽ مضبوط ڏ ... پئي آيا.

"ان کان پوءِ جهاڙو ورتو ويو انهيءَ ڳالهہ تہ منهنجو ... ڏيڻ توهان ڏانهن ڇڪائي ڇڏيو. تون، خوخول ۽ نڪولائي، سيئي اول ئي پڌرو ڪري ڇڏيو هو، پنهن جي روش مان، تہ ...."

مناسب لفظن جي ڳولا ۾، هو ماٺ ۾ اچي ويو. هو دريءَ مان ٻاهر ڏسندي، آڱرين سان ميز تي ڪِڙ ڪِڙ ڪري رهيو هو.

"........ پڌرو ڪري ڇڏيو هو تہ توهان جو مقصد آخر آهي ڪهڙو .... يعني ڪ سائين منهنجا! اوهين پنهنجو ڪم ڪندا وڃو، ۽ آءُ پنهنجو ڪم ڪندو وڃان. خوخول ڏاڍو سٺو ماڻهو آهي. ڪڏهن ڪڏهن جڏهن آءُ هن کي ڪارخاني ۾ ڳالهيون ڪندي ٻڌندو آهيان، تہ اٿين پيو پائيندو آهيان، تہ هن کي موت کان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سواءِ پيو ڪوبہ شڪست ڏيئي نٿو سگهي. ماڻهو تہ ڪونهي پٿر آهي پٿر. پاويل، تو ڪي مون تي ڀروسو آهي؟"

پاويل ڪنڌ ڌوڻيندي وراڻيو، "هائو، مون کي توتي ڀروسو آهي."

"چڱو. هاڻي هيڏانهن نهار - چاليهن ورهين جي عمر جسو، توکان ڪافي قداور ۽ همٿ ڀريو آهيان. توکان ويهوڻي دنيا ڏٺي اٿم. در در جو پاڻي پيتو اٿم. ڪند ڪرڇ پٽڪيو آهيان. ڏهن سالن کان وڌيڪ عرصو فوج ۾ نوڪري ڪئي اٿم. ٻہ شاديون ڪيم. پهرين زال مري ويئي ۽ ٻيءَ کي ڪيڏي ڇڏيم. ڪاڪيشيا ٻہ ويس، ۽ دخوبورتسي* راهبن کي بہ ڏٺم. اهي ماڻهو زندگيءَ سان وڪ وڪ ۾ ڪٿي هلي نٿا چاڻن، بلڪل نٿا چاڻن. جهڙا چٽ، ڀچٽا، ڪوري ..."

ماءُ هن جو. اٿونڊڙ آواز ٻڌندي رهي. هن کي ڏاڍي خوشي ٿي، جو اڌڙوٽ عمر جو شخص سندس پٽ جي اڳيان دل کولي، سيڪجهہ بيان ڪري رهيو هو. پر ڪيس ائين پئي لڳو، تہ پٽس هن سان نهايت رکي نموني ۾ پيش پئي آيو. هن اها گهٽتائي پوري ڪرڻ خاطر مهمان نوازي شروع ڪري ڏني.

"ميخائيل، ڪجهہ کائي پي وٺ، ڳاهيون ڀولهيون پوءِ بہ پيون ٿينديون." هن چيو.

"امان مهرباني، مون کاڌو کاڌو آهي. تہ پوءِ پاويل تنهنجو خيال آهي تہ حياتي جهڙي هئڻ گهرجي تهڙي ڪانهي!"

پاويل اٿي کڙو ٿيو. ٻانهون پويان ڪري، هٿ ٻڌي، زمين تي ٿهلڻ لڳو.

"حياتي سڌوڻ رخ وٺي رهي آهي." هن وراڻيو.

"توکي بہ تہ سون وٽ پاڻيهي وٺي آئي نہ؟ هوءَ آهستي آهستي اسان پورهيتن ۾ ايڪو پيدا پيئي ڪري. هڪڙو اهو وقت بہ ايندو، جو اسين سڀ هڪ ٿي ويندا سون. حياتي اسان جي لاءِ

---

* راهبن جو هڪڙو فرقو (مترجم)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سخت ۽ ڪٺور آهي، وٽس انصاف به ڪونهي. انهيءَ هوندي به هوءَ پنهنجي ڪڙيءَ حقيقت کي اسان جي اڳيان کولي رکندي پيئي وڃي ۽ اهو ٻڌائيندي ۽ سيکاريندي وڃي ته سندس مسئلن کي ڪيئن جهٽ پٽ ۾ حل ڪري وٺجي!"

ريبن، پاويل جي ويچارن جي پٺڀرائي ڪندي، چيو، "سورهن آنا صحيح آهي." ماڻهن ۾ مڪمل تبديلي آڻڻ جي ضرورت آهي. جيڪڏهين ڪنهن ماڻهوءَ جي مٿي، ڪپڙن ۽ سڄي بدن جي وار وار ۾ جوءِ ۽ ليکون پئجي ويون هجن، ته حمام ۾ وٺي وڃوس، خوب وهنجاريوس پيا صاف ۽ اوجل ڪپڙا ڍڪايوس، پوءِ ڏسو ته کهڙو نه سهڻو ٿي ٿو نڪري. اُٻن آهي يا نه؟ پر ڪنهن جي اندر کي ڪيئن ٿو اوجل ڪري سگهجي؟ اصل ۾ ڳالهه آهيئي اها!"

پاويل وڏي جوش سان ڪارخاني ۾، مالڪن وٽ ۽ ٻين ملڪن ۾، پنهنجن حقن حاصل ڪرڻ لاءِ مزورن جي جدوجهد ۽ ڪوشش بابت تقرير ڪندو پئي ويو. ڪنهن ڪنهن مهل ريبن ميز تي اٿين تي مڪ هڻي، جڻ ته پاويل سندس دل وٺان تي ڳالهه ڪئي ۽ اهڙيءَ ريت هن تقرير جي اهميت تي واضح ڪئي. هن گهڙيءَ گهڙيءَ تي چيو:

"اصل ۾ ڳالهه آهي ئي اها!"

وچ ۾ هڪڙي هنڌ هن کلي چيو، "تون اڃا ٻار آهين. ماڻهو ڏاڍا ڏنگا آهن. ماڻهوءَ جي اندر جي ۽ ڪاٺ جي پور جي خبر خاوند کي. تون اڃا ماڻهن کي ٻرڪٽ سڪيوئي ڪين آهين."

پاويل ريبن جي، پرسان اچي بيٺو ۽ سنجيدگيءَ سان چيائين، "ٻار ۽ وڏي جي ڳالهه نه ڪر ڏسڻو هي آهي ته ڪنهن جا خيال صحيح آهن."

"تنهنجو مطلب آهي ته خدا بابت به اسان کي بيوقوف بڻايو ويو آهي؟ منهنجي به دل تي چوي ته، مذهب ڪنهن به ڪم جو ڪونهي."

ماءُ کان رهيو نه ٿيو. هوءَ به وچ ۾ ٽپي پيئي. جڏهن پٽس

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خدا بابت يا ٻيءَ ڪنهن اهڙيءَ چيز بابت ڳالهه تي ڪئي، جنهن جو لاڳاپو هن جي مقدس ۽ پياري ايمان ۽ عقيدي سان هوندو هو، ته هوءَ گهور ڪري پٽ جي نيڻن ۾ نهاريندي هئي ۽ التجا ڪندي هيس ته هو پنهنجي لامذهبيت جيءَ تيز ۽ تکن لفظن سان ماءُ جي دل کي نه ڏکوئي. پر انهيءَ لاديني‌ءَ جي پويان به ماءُ کي پٽ جي دلي اعتقاد جي هڪڙي جهلڪ تي نظر آئي، جنهنڪري ويچاري هيانءُ تي پٿر رکي ڪٿي ماٺ ڪندي هئي.

”آءٌ هن جي ويچارن کي ڪيئن تي سمجهي سگهان؟“ هوءَ دل ئي دل ۾ سوچيندي هئي.

هن ڀانيو تي ته هن اڌڙوٽ عمر وارڙي شخص کي به پٽس جي لفظن مان ساڳئي قسم جي تڪليف رسي هوندي. پر جڏهن زيبن اطميان سان پاويل کان اهو سوال پڇيو ته ماءُ کان رهيو نه ٿيو:

”جڏهن خدا جي ڳالهه ڪريو ته چوڻ کان اڳ ۾ ڪجهه سوچيو ۽ پوءِ ڳالهايو.“ هن اونهو ساهه کڻي وڏيڪ جوش سان چوڻ شروع ڪيو: ”اوهان جيڪي ڪيپو سو ويچاريو ۽ چئو، پر جڏهن توهان هڪڙو پيرو خدا کي وچ مان هٽائي ڇڏيندا، ته پوءِ مون جهڙي پوڙهي، دک درد ۾ ڪنهن جو آسرو ڳولهيندي؟“

ائين چوڻ کان پوءِ هن جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا ۽ ٿانون ماڃيندي سندس هٿ پئي ڏڪيا ۽ آ گريون پئي ٿڙيون.

پاويل ڪجهه نرمي اختيار ڪندي چيو، ”تو اسان کي سمجهيوئي ڪينهي!“

”امان، ڪاوڙ نه ڪر! خفي نه ٿيءُ،“ ريبن پنهنجي ڳري ۽ جهيٽي آواز ۾ چيو. پوءِ هو کليو ۽ پاويل ڏانهن ڏٺائين.

”آءٌ اها ڳالهه پلجي ويس ته تون ايتري پوڙهي تي چڪي آهين، جو تو ۾ ذرو به ڦيرو اچڻ ڏکيو آهي!“

پاويل ڳالهه کي جاري رکندي چيو، ”آءٌ انهيءَ پالڻهار ۽ بخشڻهار ڏئي سڳوري جي ڳالهه ڪونه ٿو ڪريان، جنهن تي تو کي ڀروسو آهي؛ بلڪ انهيءَ خدا، انهيءَ خدا جو ذڪر ٿو ڪريان،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جنهن جي نالي کان پادري اسان کي ائين ٿا ڊيڄارين ڄڻ آهو هڪڙو ڏنبو آهي، ۽ آهوئي نالو آهي، جنهن جي آڌار تي، سڀني ماڻهن کي ڪن انـدر جي ڪاڏن جي سياهہ خواهشن جي اڳيان سجدو ڪرايو وڃي ٿو، يا ائين ڪٿي چئجي تہ چند زهريلن ڏانگن جي اڳيان، نماڻن ۽ اٻـوجهن کي جهڪايو ۽ توڙايو ٿو وڃي. ڏانگ ڏنگيندا رهن ٿا ۽ نالو خدا جو ورتو پيو وڃي."

ريبن ميز تي منڪ هڻي، پاويل جي خيالن جي زوردار پٺڀرائي ڪندي چيو، "ٺيڪ آهي! هنن اسان کي هڪڙي خدا جو نالو ڏيئي ڇڏيو آهي ۽ هنن کي جيڪو بہ وسيلو ٿو ملي، سو ڪتب آڻي اسان سان ارڏايون ڪندا رهن ٿا. اماں، ڪجهہ تہ سوچ! خدا انسان کي پاڻ جهڙو پيدا ڪيو آهي. انهيءَ جو مطلب ٿيو تہ جيڪڏهن انسان سندس جهڙو آهي تہ هو انسان سان مشابهت رکند هوندو، پر اسين تہ ديون کان وڌيڪ چيرينڌڙ ۽ ڦاڙيندڙ جانورن جهڙا پيا لڳون. ديول ۽ ديـول وارا اسان وٽ هڪڙو ٻاڌو ڪٺو ٿا اچن. امڙ! اسان کي پنهنجو خـدا بدلائڻو پوندو ۽ ان کي تانون وانگر مانجي اوجـل ڪري چلڪائڻو پوندو. هنن ماڻهن ڪيس ڪوڙ ۽ بهتان ۾ ويڙهي سيڙهي ۽ ڍڪي ڇڏيو آهي ۽ اسان جي روحن کي ڪچلڻ لاءِ خـدا جو منهن ئي ڦيرائي ڇڏيو اٿن، تاڪ اسين اصل خدا کي سڃاڻي نہ سگهون!"

هو نرميءَ سان ڳالهائي رهيو هو، تنهن هوندي بہ هن جو هر هڪ لفظ ماءُ جي مٿي ۾ ٺتي ويٺو ۽ هوءَ هن جي چاپئين ڪاريءَ ڏاڙهيءَ جي حلقي ۾ ويڪري ماتمي مهانڊي کي ڏسي ڊڄي ويئي ۽ هن جي ڪارين اکين جـي انهيءَ چمڪاٽ کي سهي ڪا نہ سگهي، جنهن سنـدس دل ۾ هڪڙي درديلـي ڊپ کـي سجاڳ ڪري وڌو هو.

هن ڪنڌ ڌوڻي چيو، "آءٌ هلـي وينـدس. مون کان اهڙيون ڳالهيون ٻڌيون نٿيون ٿين." هوءَ ائين چئي، رڌڻي ڏانهن هلي ويئي. ريبن پاويل کي چيو، "ڏٺئي؟ دماغ ڪونهي جيڪو سوچي،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بلڪ دل آهي، اها دل جيڪا محسوس ڪري ٿي ۽ سيني شين جو مرڪز ٿئي ٿي. انساني جسم ۾ دل جي هڪڙي مکيہ جاءِ آهي ۽ دل جي جڳهه بي ڪابہ شي پُري نہ سگهندي."

انهيءَ تي پاويل مضبوط ارادي سان فيصلو ڏيندي چيو، "انسان کي فقط عقل ئي آزاد ڪري سگهي ٿو."

ريبن پنهنجيءَ ڳالهہ تي زور ڏيندي، وڏي واڪي چيو، "عقل طاقت پيدا نٿو ڪري! طاقت دل پيدا ڪري ٿي، دماغ اهڙي طرح ڪونہ ٿو بخشي!

ماءُ لٽا مٽائي، دعا گهرڻ کان سواءِ هنڌ تي ليٽي پيئي. هڪڙو ٿڌو ۽ اڏونٽڙ احساس، ڪيس وڪوڙي ويو هو. هن کي پهريائين ريبن ڏاڍو هوشيار ماڻهو لڳو پر جلدي ها ٿي هن ڏانهن سندس خصومت جو جذبو اٿي رهيو هو.

"بدعتي! ملحد، باغي! ...... هي هتي آيو ئي ڇو آهي!" هن جو آواز بڌندي ماءُ چيو.

هو پنهنجي ساٿي پروسي سان ڳالهائيندو ويو.

"پاڪ جاءِ ڪي خالي نٿو ڪري سگهجي. انسان جي دل ۾ ٿئيءَ سڳوري لاءِ جيڪا جڳهہ آهي، سا هڪڙو نازڪ مقام آهي. جيڪڏهن خدا جي خيال کي دل مان ڪپي ڪٽي ڦٽو ڪبو تہ هڪڙو وڏو ڦٽ ٿي پوندو. ڪنهن نئين عقيدي جي ضرورت آهي، پاويل! ضرورت انهيءَ ڳالهہ جي آهي تہ هڪڙو اهڙو خدا پيدا ڪيو وڃي جيڪو انسان جو دوست هجي!"

"حضرت عيسيٰ مسيح ئي اهڙي هستي هو." پاويل وراڻيو.

"يسوع مسيح ۾ روحاني جرائت تہ ڪانہ هئي. پر پاڻ سيزر کي بہ مڃيو هئائين. خدا پنهنجن پانهن تي، ڪنهن بہ انساني امداد کي ڪيئن ٿو چمائي سگهي. هو پاڻ ئي قادر مطلق آهي! هو پنهنجي وجود جو ائين تہ ورهاڱو ڪونہ ڪندو تہ هيءُ منهنجو ڀاڱو منهنجو وجود آهي ۽ هي منهن جو ڀاڱو انسان جو، حضرت عيسيٰ تہ واپار کي بہ مڃيو آهي. هن انجير جي

وڻ کي پاراتو ڏيئي ٻه چوڪ ڪئي - ڦل جهلڻ جي جوابداري انجير جي وڻ تي هئي ڇا؟ بلڪل اهڙي طرح، جهڙيءَ طرح جيڪڏهن انساني روح نيڪيءَ کي وجود ۾ نه آڻي سگهي، ته هو ڏوهاري ڪونهي. ڇا اها برائي مون پنهنجي روح ۾ پاڻ پوکي آهي؟“

ڪوٺڙيءَ ۾ ٻيئي آواز هڪبئي ۾ گڏيا ۽ جوشيلي انداز ۾ هڪبئي سان ٽڪرائيندا رهيا. پاويل جي ٿهاڻ ڪري پٽ لڏي رهيو هو. پاويل جي ڳالهائڻ ڪري پيو آواز چڱيءَ طرح ٻڌڻ ۾ نٿي آيو، پر جڏهين ريبن تي ڳالهايو، تہ هن جي سنجيدي ۽ اونهي آواز سان گڏ گهڙيال جي لڏڪڻي جو آواز بہ ڪنن تائين پئي پهتو.

”آءٌ اهو پنهنجن لفظن ۾ چوان ٿو، يعني ٻني ۾ ڪانئين جهوڪڻ وارن جي ٻوليءَ ۾: خدا هڪڙي چڻنگ آهي. هو دل ۾ رهي ٿو. انجيل ۾ آيل آهي تہ شروعات ۾ ڪلام هو ۽ ڪلام خدا هو. تہ پوءِ ڪلام روح آهي.“ ”ڪلام عقل آهي.“ پاويل پنهنجي ڳالهہ تي زور ڏنو.

”ائين بہ ٺهيو. تہ پوءِ خدا دل ۾ آهي ۽ عقل ۾ آهي، پر ديول ۾ ڪونهي. ديول خدا جو مقرر ٿي سگهي ٿي.“

ماءُ وڃي ستي. ڪيس پتوئي ڪونہ پيو تہ ريبن ڪيڏيءَ مهل اٿي هليو ويو.

پر انهيءَ واقعي کان پوءِ هو گهڻو ڪري ايندو رهيو. سندس اچڻ وقت پاويل جو ڪو دوست اچي نڪرندو يا اڳيئي ويٺو هوندو هو تہ ريبن ڪنڊائتو ٿي ويهي رهندو هو ۽ اکر بہ ڪين اڪلندو هوس، البت ڪنهن ڪنهن مهل ائين چئي ڏيندو هو، ”نيڪ آهي.“

هڪڙي ڏينهن هن سموري محفل کي پنهنجن ڪارين اکين سان گهوري ڏسندي، ڪک تي چيو، تہ ”اوهين شين بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ گهرجي، جيڪي آهن، نہ ڪہ جهڙيون ٿينديون.

آئندي جي ڪهڙي ڪل؟ هڪڙو پيرو انسان آزاد ٿيو، تہ پاڻيهي فيصلو ڪري وٺندو تہ سندس لاءِ سيني کان بهتر ڇا آهي؟ ماڻهن جي دماغ ۾ سندن چوڻ کان سواءِ اڳيئي گهڻو ڪجهہ پريو ويو آهي. هاڻي اهو وقت اچي ويو آهي، جو ڪين پاڻ سوچڻ، سمجهڻ ۽ پرجهڻ کپي. ٿي سگهي ٿو تہ هو هرڪا ڳالهہ ريتي ڇڏين. سموري حياتي ۽ سموري تعليم. ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ هو ديول جي خدا وانگر، هنن سيني شين کي بہ پنهنجو ويري سمجهن. هنن جي هٿن ۾ ڪتاب ڏيئي ڇڏيو تہ پاڻيهي جواب ڳولين. اصل ۾ اِنهيءَ جي گهرج آهي!"

جڏهن هو بہ ٽي ڇٽا هوندا هئا، تہ ڏگها ڏگها بحث ڇيڙي ڇڏيندا هئا، پر ايڏن ڏگهن بحثن تي مٿيان ڪنهن کي بہ ڪين لڳندي هئي. ماءُ هنن جا بحث ڪن ڏيئي ٻڌندي، لفظ لفظ تي ڌيان ڏيندي، ويچار ڪندي ۽ اها ڳالهہ سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي هئي، تہ آخر هنن جي هيڏن سارن بحثن ڪرڻ ۽ هيتري ساري وقت وڃائڻ جو ڪهڙو مطلب آهي! ائين ڪندي، هن کي ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ محسوس ٿيندو هو تہ ويڪرن ڪلهن ۽ ڪاريءَ ڏاڙهيءَ وارو شخص ۽ سندس قداور پٽ، ٻيئي نيڻن جو نور وڃائي ويٺا آهن: وات ڳولڻ لاءِ هو پهريائين هڪڙي پاسي ۽ پوءِ ٻئي پاسي ٿي ويا، هر ڪنهن شيءِ کي نور کان محروم مگر مضبوط آڱرين سان ٿي جهليائون، لوڏيائون، هڪڙيءَ جڳهہ کان ٻيءَ جاءِ تائين ٿي ويا؛ شين کي پٽ تي ٿي ڦٽو ڪيائون ۽ پيرن ۾ پيڙي ٿي ڇڏيائون. هو شين سان ٽڪرائيندا، انهن تان ٿڙندا ٿاٻڙندا ۽ محسوس ڪندا رهيا ۽ پنهنجي عقيدي ۽ اميد جي پلاند کي ڇڏڻ کانسواءِ انهن سيني شين کي پنهنجي رستي کان هٽائي ٿي ڇڏيائون.

هنن ماءُ ۾ اهڙن لفظن، جيڪي صاف گوئيءَ ۽ جرائت جي ڪري پهريائين کيس ڊيڄاري ڇڏيندا هئا، تن کي ٻڌڻ جي صلاحيت پيدا ڪري ڇڏي هئي. هاڻي اهي ساڳيا لفظ اڳي جيترو ڪونہ جنهنجهوڙيندا ۽ ولوڙيندا هئس. هوءَ انهن جو مقابلو ڪرڻ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سگهي ويئي هئي. ڪڏهن ته هن کي خدا جي هستيءَ کان انڪار ڪرڻ وارن هنن جي لفظن ۾ ڏٺيءَ سگهوري جي وجود جي پڪي ويساه جو جذبو محسوس ٿيندو هو، ان وقت هوءَ اهڙيءَ طرح مرڪندي هئي، ڄڻ ته سيني کي معاف ڪري ڇڏيندي هجي. جينوٽيڪ هن کي ريبن ڪون ته ٿي وٺيو، تڏهن به هن جي خلاف خصومت ۽ دشمنيءَ وارو جذبو ڪونه ٿي اپريس.

هوءَ هفتي هفتي خوخول جي لاءِ اچا ڪپڙا ۽ ڪتاب جيل ڏي ڪٺي ويندي هئي. هڪڙي پيري ڪيس ملاقات ڪرڻ جي موڪل به ڏني ويئي.

جيل تان موٽڻ کان پوءِ هن مهربانيءَ واري لهجي ۾ چيو، ”منهن ڪونه بدليو آهي. سيڪنهن سان سهڻي نموني ۾ پيش اچي ٿو ۽ هرڪو سائس ڀوڳ چرچو ڪري ٿو. هو ڏاڍيءَ تڪليف ۾ هجي ته به ظاهر نٿو ڪري، ڄڻ ته ڏک ئي ڪونهيس.“

ريبن پنهنجو رايو ڏيندي چيو، ”سورهن آنا صحيح آهي. ڏک هڪڙو پردو آهي، جنهن ۾ اسين ويڙهيل رهون ٿا. اسين ماڻهو اهڙيءَ پوشاڪ پائڻ تي هري مري ويا آهيون. انهيءَ تي پوءِ ڪهڙي وڏائي ڪبي. ماڻهن جي اکين تي پٽيون ته بڌل ڪونهن. سيڪجهه ڏسن وائسن پيا. پاڻيهي ڪٺي پنهنجون اکيون پوريندا، ته ڪين ڪير چوندو. پلا جي اسين ڪٺي بيوقوف ئي آهيون، ته پوءِ اسانجي ڳالهين کي ڏسي، ٿارڻ ڪانسواءِ ٻي واٽ به ڪهڙي اٿن!“

ولاسوف ڳوٺاڻي جي ننڍڙي ڪچي گهر، بستيءَ جي ماڻهن جو نزديڪ ڏيان پاڻ ڇڪايو. انهيءَ ڏيان ۾ شڪ گاڏڙ اڻڄاڻائيءَ وارو دوريءَ ۾ بيگانگيءَ جو جذبو به شامل هو، پر ساڳئي وقت ان ۾ پنهنجائپ ۽ پاڙيسيءَ جي ڳولا جو جذبو پڻ اڀري رهيو هو. جيڪڏهن پاويل وٽ انهن مان ڪو شخص اچي ٿي نڪتو ته چئن ئي پاسن ڏي ڏنگين نظرن سان ڏسڻ کان پوءِ ٿي چيائين، ”يار ڳالهه ٻڌ، تون ڪتاب پڙهين ٿو، تون قانون کان واقف آهين. تون مون کي سمجهائي ته سگهين ته.......“

ائين چئي، پوءِ اُن شخص ڪارخاني جي انتظام هلائيندڙن يا پوليس جي ڪنهن نا انصافيءَ جو قصو شروع ٿي ڪيو. منجهيل ڪنهن معاملي ۾ پاويل شهر جي ڪنهن ملاقاتي وڪيل ڏانهن چٺي لکي ڏيندو هو ۽ ٿي سگهندو هوس ته مسئلو پاڻ سمجهائڻ ۽ سلجهائڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

وقت گذرندو ويو ۽ ماڻهن کي به مٺ ايندي ويئي، ۽ هو هن سنجيده، گنڀير ۽ سلڇڻي نوجوان جي عزت ڪرڻ لڳا. جنهن هيڏيءَ سادگيءَ سان ڳالهيون ٿي ڪيون، همت کان ڪم ٿي ورتو، اکيون کم آڻي هر ڪنهن شيءِ ڏي ڌيان ٿي ڏنو، مستقل مزاجيءَ سان هر ڪنهن ڦڏي جي تهه تائين پهچي ٿي ويو، ۽ هر وقت ۽ هر حالت ۾ انهيءَ گڏيل ناتي کي ڳولي ٿي ورتو؛ جنهن ۾ سڀيئي ماڻهو ڳنڍيل هئا.

پر ”پوسل جي ڪوپڪ“ * واري واقعي کان پوءِ پاويل جي عزت ڏاڍي وڌي ويئي.

---

* روس جو سڪو. هڪ روبل ۾ هڪ سؤ ڪوپڪ ٿين ٿا (مترجم)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪارخاني جي چوڌاري پوسل هئي، جنهن ۾ سرنهن ۽ بــرج جا وڻ آپــري آيا هئا. هيءَ ڪارخاني کي اهــڙو ويڙهي ويئي، جڻ ڪنهن چٽيءَ اچي ورايو هجيس. آرهڙ جي موسم ۾ هن پوسل مان بخار اٿندا، ۽ ٿولين جون ٿوليون مڇر پيدا ٿي، اڏامي وڃي بستيءَ وارن کي بخار ۽ تپ ۾ مبتلا ڪندا هئا. پــوسل وارو ٽڪر ڪارخاني جي قبضي ۾ هو. نئين ڊائريڪٽر جو خيال هو، ته انهيءَ پوسل کي سڪائي ڇڏجي، اها زمين ڪتب آڻجي ۽ ان ۾ جيڪي وڻ اپــري آيا آهن، تن مان اگر حاصل ڪجن. هن انهيءَ ارادي کي ته دل ۾ رکيو، ۽ ظاهر هي ڪيو تـہ هرهڪ مزور جي پگهار مان هڪڙو ڪوپڪ ڪاٽي ونجي ته جيئن انهيءَ پئسي مان پوسل کي سڪائي مزورن کي مڇرن مان پيدا ٿيندڙ بيماريءَ ۽ نقصان کان بچائي سگهجي ۽ سندن حياتيءَ کي بهتر بڻائي سگهجي.

مزور اچي ڪاوڙيا، ڇــاڪاڻ ته منشين مڙن ۽ آفيسرن جي پگهار مان ته ڪوڏي بہ ڪانہ ٿي ڪاٽجي، باقي ڏوهه ڪيو اسان غريبن، جن جي پانديءَ پوري ڪانہ ٿي ٿئي.

چنچر جي ڏينهن ڊائريڪٽر ڪوپڪ ڪاٽڻ جو نوٽيس هٽارايو. انهيءَ ڏينهن پاويل ناچاق هو، تنهنڪري نڪي ڪارخاني ۾ آيو ۽ نڪي ڪنهن ڳالهہ جــو پتو پيس. ٻئي ڏينهن ٻنــيءَ ۾ ڪم ڪندڙ جهونو مزور سيزوف، جو هڪ ڏاهــو ماڻهو هو، ۽ قداور مستري مخوتين هن کي گڏجڻ آيا ۽ اچي ڪيس ڊائريڪٽر وارو فيصلو بہ ٻڌايائون.

سيزوف زوراٿتي نموني ۾ چوڻ لڳو، ”اسان مان جهونا جو ڪي گڏ ٿيا ۽ ان باري ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪيائون. يارن فيصلو ڪري اسان کي توهان ڏانهن انهيءَ ڪري موڪليو آهي تہ شايد توهان کي ڪجهہ معلوم هجي تہ اهڙو ڪو قانون آهي ڇا، جنهن موجب ڊائريڪٽر اسان کان ڪوپڪ اگهاڙي مڇرن جــو مقابلــو ڪري سگهي ٿو......!“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مخوتين جون ننڍڙيون اکيون ڪئي وانگر پئي چمڪيون.
هن شخص بہ ڪجهہ چوڻ تي گهريو، سو سيزوف جي ڳالهہ پوري ڪرڻ بعد چيائين، ”ڏسو تہ سهي، چار سال ڪن ٿيندا تہ هن مکي چوسن اسان کان حمام نهرائڻ لاءِ پئسا اڳاڙيا، ڪل ٽي هزار اٺ سؤ روبل ٿيا، سي ڪيڏانهن ويا؟ ڪنهن جي پيٽ ۾ گهڙي پيا! اسان تہ اڃا حمام جي شڪل بہ ڪانہ ڏٺي آهي!“

پاويل هنن کي سمجهايو، تہ اها ڪات بي انصافي آهي ۽ پوسل کي سڪائڻ جي ڪري مزورن کان وڌيڪ وري بہ ڪارخاني کي فائدو رسندو. پيئي يار نرڙ گهنجائي اٿي ڪڙا ٿيا، ماءُ هنن کي دروازي تائين ڇڏي آئي، ۽ کلندي چيائين، ”پوڙها بہ تو کان ٿا عقل وٺڻ اچن!“

هن انهيءَ جو جواب تہ ڪونہ ڏنو ۽ ڪجهہ لکڻ ويهي رهيو. ٿوريءَ دير کان پوءِ چيائين، ”امڙ، منهنجو هڪڙو عرض آهي. هيءَ چٺي کڻ، شهر وڃ، ۽ پهچائي اچ.“

”خطرناڪ آهي ڇا؟“ هن پڇيو.

”هائو. آءٌ توکي اهڙي هنڌ ٿو موڪليان، جتي اسان جا اشتهار ۽ اخبار ڇاپبي آهي. ضروري آهي تہ ايندڙ اشاعت ۾ پوسل جي ڪوپڪ جي آکاڻي ڪنهن نہ ڪنهن نموني ڇاپجي وڃي.“

”پوءِ تہ ٺيڪ آهي،“ هن وراڻيو.

هي پهريون ٿي پيرو هو، جو پٽس ڪيس ڪو ڪم سونپيو هو. هوءَ خوش هئي، جو ڪيس سڄي ڳالهہ بنانا ڪنهن رک رکاءُ ۾ هيڪ جي سمجهائي ويئي هئي.

هن ڪپڙا پائيندي چيو، ”پاشا، آءٌ سمجهان ٿي! هي ماڻهو سچ پچ اسان کي لٽي ۽ ڦري رهيا آهن! انهيءَ ماڻهوءَ جو نالو ڇا آهي- يگور ايوانووچ؟“

هوءَ گهر ۾ رات جو اوير آئي، پر خوش هئي ۽ سرهي ٿي پٽ کي اچي ٻڌايائين، ”آءٌ ساشا سان ملي هيس. هن توکي سلام ڏنا آهن. يگور ايوانووچ تہ ڏاڍو سادو ۽ کلمک انسان ٿي

ڏنو. اهڙيءَ طرح بئي ڳالهايائين، جهڙو گهر جو ڀاتي.“

پاويل نرميءَ سان چيو، ”چڱو ٿيو، جو اهي ماڻهو توکي وڻيا.“ ماءُ ورائيو پاشا، هو ته سُنوان سڌا ماڻهو آهن. منجهن ڏنگ ته ڏسجيئي ڪونه ٿو. جڏهن ماڻهو بغاوت ڪري ڇڏي ٿا ڏين ته کهڙا نه سهٺا ٿا لڳن. هو سڀ توکي چڱو ڪري ٿا ليکين.“

پاويل سومر جي ڏينهن به ڪارخاني ۾ ڪونه ويو، جو طبيعت اچا چاق ڪانه هيس. مانجهيءَ مهل فيدور وتس خوشيءَ ۽ جوش ۾ ڊوڙندو ۽ سهڪندو اچي پهتو.

هن ٻرياڻ ٿي رڙ ڪري چيو، ”اڄ ته هلون، سڄو ڪارخانو کاوڙجي پيو آهي. مزورن مون کي موڪليو آهي، ته توکي وٺي اچان. سيزوف ۽ مخوتين جو چوڻ آهي، ته تون هرڪا ڳالهه ٻين کان سهٺي نموني ۾ سمجهائي سگهندين. ڏس ته هلي ته ڇا ٿي رهيو آهي!“

پاويل اکر به ڪونه ڳالهايو ۽ اٿي ڪپڙا پائڻ لڳو. ”زالون به اچي نڪتيون آهن. هنن به چرچر شروع ڪري ڏني آهي.“

ماءُ امالڪ چيو، ”آءٌ به ٿي هلان. ڏسان ته سهي ماڻهو ڇا ڪري رهيا آهن؟ آءٌ به ٿي هلان!“

پاويل ورائيو، ”چڱو هل.“

هو ٽيئي ڄڻا ماٺ ماٺ ۾ تکا تکا رستي تي هلندا رهيا. ماءُ جوش جي ڪري ساهه به ڏکيو ٿي کنيو. هن پاڻيو ٿي ته ڪا وڏي ڳالهه ٿيڻ واري آهي. ڪارخاني جي دروازي تي زالن جو انبوهه لڳو پيو هو، ۽ ٻيهه ۾ ڪيڪون ۽ دانهون پئي پيون. جڏهن هو ٽيئي ڄڻا حاطي ۾ اندر پهتا، ته ماڻهن جو هجوم جيڪو، ڪاوڙ ۽ غصي ۾ ڦوڪبو نئي سمايو، سو ويڙهي وين. ماءُ ڏٺو ته سڀڪنهن ٻنيءَ جي پٺ ڏانهن پئي نهاريو، جتي سيزوف، مخوتين، ويالوف ۽ پنج ڇهه ٻيا جهونا جوڳي ۽ اثر رسوخ وارا مزور، پراڻي لوهه جي ڍير تي بيٺا هئا. هنن جي پٺن کان سرن جي پٽ هئي.

اينري ۾ ڪنهن رڙ ڪري چيو، ”اڙي ولاسوف اچي ويو!“

”ولاسوف؟ هيڏانهن اچڻ ڏيوس!“

”ماٺ ڪريو!“ ڪيترائي آواز آيا. ريبن به ڪو ويجهو بيٺو هو، تنهن گنڀير آواز ۾ چيو، ”اسان کي ڪوپڪ لاءِ وڙهڻو ناهي، بلڪ انصاف وٺڻو آهي. اصل ڳالهه ته اها آهي. اسان کي ڪوپڪ پيارا ڪونهن ۽ اسين اهڙن ڪوپڪن کي ڪمايون ٿا. اهي اسان جي هٿ جي ميرَ آهن. اهي ڪوپڪ پين ڪان ڳرا ضرور آهن، جيتوڻيڪ اوترائي گول آهن. انهن جي انهيءَ ڳراڻ ۾ ڊائريڪٽر جي روبل کان وڌيڪ انسان جو رت شامل آهي! ڪوپڪ ڇا آهن! ملهه انسان جي رت جو آهي، انصاف جو آهي. اها آهي اصل ڳالهه!“

هن جا لفظ انبوهه ۾ گونجي، داد حاصل ڪري رهيا هئا.

”ريبن، بلڪل ٺيڪ ٿو چئين!“

”استوڪر، * کهڙي نه سهڻي ڳالهه ڪئي اٿيئي!“

”اجهو ولاسوف اچي ويو!“ ماڻهن جا آواز، طوفان جي شور ۾ بدلجي ويا ۽ مشينن جي گڙ گڙ، ٻاڦ جا سوساٽ ۽ بجليءَ جي تارن جا زوزاٽ، سڀئي انهيءَ شور ۽ غوغاءَ ۾ گم ٿي ويا. ماڻهن جو هي حال هو، جو هيڏانهن ڊوڙي هوڏانهن پئي ڊوڙيا، هٿن جا اشارا پئي ڪيائون ۽ تکن ۽ شوخ لفظن سان هڪٻئي کي پئي آپاريائون. ٿڪل ۽ تنل سينن ۾ لڪي لڪي وچي سمهندڙ بي اطميناني سجاڳ ٿي پيئي هئي ۽ ٻاهر نڪرڻ جي واٽ ڳولي رهي هئي. اُن فاتحاڻي انداز ۾ فضا جي اوچاين تي لامارا پئي ڏنا ۽ موج ۽ مستيءَ ۾ پئي ڦيرا پاتا انهيءَ عالم ۾ هوءَ پنهنجا ڪارا پرڙا ۽ پکڙا پکيڙي ماڻهن تي گهمي ڪان گهڻو اثر وجهي، کين پاڻ ڏانهن ڇڪيندي ۽ ناڙيندي رهي. هوءَ پنهنجو روپ بدلائي باهه جو شعلو بڻجي، ماڻهن کي مٿي اپرڻ ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ پڙڪائي رهي هئي. ڏوڙ ۽ ڌڙ جا ڪکر ڪارونيار ڪري انبوهه جي مٿان ڇانئجي ويا، پگهر جي بوندن سان پريل ڇهرن

* پنيءَ ۾ ڪاٺيون! ڪوئلا وجهڻ وارو، آگٺڻ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تي جوش جا آثار نمايان ٿيندا پئي ويا. انهن جي ڳلن ۾ ڳاڙهاڻ، اکين ۾ ڏرا ۽ ڏندن تي ڪٽ چڙهيل هئي پر جوش ۽ جذبي جي ڪري منهنجن رت ٿي اڏامون ڪاڏيون ۽ آهي سڄي جا سچا گلاب جي گلن وانگر ٽڙي رهيا هئا ۽ جهومي رهيا هئا.

پاويل لوهه جي آنهيءَ ڍير تي چڙهي اچي بيٺو، جنهن تي سيرزوف ۽ مخوتين اڳيئي بيٺا هئا.

”پائرو!“ هن ڏاڍيان چيو.

ماءُ ڏٺو ته هن جو چهرو ڪهڙو نه پيلو هو ۽ چپ ڪيئن نه پئي ڏڪيس! هوءَ بنا ارادي جي، انبوهه کي چيريندي اڳتي نڪري ويئي.

”هي ڪير پيو ڏڪا ڏئي؟“ ماڻهن چڙي ۽ خفي تي ڪر ڪر ڪئي.

هن کي به ڌڪا ۽ ٺيلها ڏنا ويا، پر هن جي خواهش هئي ته وڃي پٽ سان گڏ بيهان، سو ڏونٺيون ۽ گهٽون هڻندي، رستو ڪندي وڃي پٽ وٽ پهتي.

جڏهن پاويل آخري اهم ۽ پريل لفظ چئي بس ڪيا ته هن ائين محسوس ڪيو ڄڻ هن جي نڙي، خوشيءَ جي شدت کان سڪي ويئي آهي. هن ۾ اهڙو ته جذبو پيدا ٿيو، جو هن جي مرضي هئي ته هوءَ پنهنجي دل جيڪا عدل ۽ انصاف جي خوابن سان پريل هئي، سا ڪڍي، ڪٽي خدا جي خلق اڳيان رکي.

”پائرو!“ انهيءَ لفظ مان قوت ۽ خوشي حاصل ڪندي چيائين، ”اسين اهي ماڻهو آهيون، جيڪي ديوليون ۽ ڪارخانا جوڙين ٿا، جيڪي زنجيرون ۽ روپيا ناهيون ٿا. اسان اها جيئري قوت آهيون، جنهن جي ڪري تنجڻ کان وٺي قبر تائين، ماڻهو پيٽ پرڻ ۽ جيئرا رهن ٿا؟“

”نيڪ آهي نيڪ آهي!“ ريمن زڙ ڪئي.

”هر هنڌ ۽ هميشه، اسين محنتي ۽ پورهيت سڀني ڳالهين ۾ اڳيان ڏسبا آهيون، پر اسان جو خيال سڀني کان پوءِ رکيو ويندو

آهي. اسان جي پرواهه ڪير ٿو ڪري؟ اسان جي ڀلائيءَ واسطي ڪو به ڪم ڪونه ٿو ڪري! اهو ته ٺهيو، پر اسان کي ڪو انسان به ڪونه ٿو سمجهي! ڪو به ڪونه! ڇڙڪ حيوان آهيون!"

"ڪو به ڪونه!" پڙاڏي جي آواز وانگر هڪڙو آواز آيو.

جڏهن تقرير ختم ٿي وئي، ته پاويل وڏيڪ سادگيءَ سان آهستي ڳالهائڻ لڳو.. ماڻهن جو ڌيان سڄو پاويل ڏانهن هو ۽ هو ڏاڍي غور سان هن جون ڳالهيون ٻڌي ۽ دل ۾ وهاري رهيا هئا. "اسين ايستائين پنهنجون حالتون سڌاري ڪونه سگهنداسين، جيستائين اسين اهو محسوس نه ڪنداسين ته اسين مڙيئي هڪجهڙا ۽ هڪٻئي جا يار ۽ رفيق آهيون. اسين دوستن جو هڪڙو اهو گهراڻو آهيون، جيڪو پنهنجن حقن جي واسطي، ڀڪيءَ ڪوشش جي خواهش واري ڏاڍي ۾ ٻوٽيل آهي."

"اصل مسئلي کي ڪٺو!" ماءُ جي پرسان بيٺل ڪنهن شخص ٻکل آواز ۾ رڙ ڪري چيو.

"گڙ ٻڙ نه ڪريو!" مختلف پاسن کان به آواز آيا.

ماڻهن جي منهن تي شڪ ۽ شبهي جا آثار پئي ڏٺا، پر ڪي اهڙيون به اکيون هيون، جيڪي وڏي ڌيان ۽ غور سان پاويل جي شڪل کي جاچي رهيون هيون.

"آهي هوشيار، پر بيوقوف ۽ چريو ڪونهي،" ڪنهن راءِ ظاهر ڪيو.

"ڳالهائي ته ڏاڍيءَ همت سان پيو،" هڪڙي ڪاڻي ڍڳهي مزور، ماءُ کي ٺونٺ هڻندي چيو.

"دوستو! وقت اچي ويو آهي ته اسين اهو محسوس ڪريون ته اسين پنهنجي پاڻ مدد ڪري سگهون ٿا. هڪڙي لاءِ سڀئي ۽ سڀني جي لاءِ هر هڪ. جيڪڏهين اسين دشمن جو سيس ٽوڙائڻ ۽ انهن کي شڪست ڏيڻ گهرون ٿا ته اهو اسان جو اصول هئڻ گهرجي ۽ اسان کي پڪ ۽ يقين هئڻ گهرجي ته اسين سڀئي هڪٻئي جا سچا هڏ ڏوکي ۽ مددگار آهيون."

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”يارو، بلڪل صحيح ڳالهه، پيو ڪري،“ مخوتين مڪ هوا ۾ لهرائيندي، زور سان چيو.

”ڊائريڪٽر کي سڏي وٺو!“ پاويل تقرير جاري رکي.

ائين پئي معلوم ٿيو ته اوچتو هوا جو زوردار جهوٽو آيو ۽ انبوهه هوا جي زور ۾ چڪجي پئي ويو. سڄو انبوهه جنبش ۾ اچي ويو ۽ ڪيترائي آواز آيا: ”ڊائريڪٽر کي سڏي وٺو!“

”هن کي سڏائڻ لاءِ هڪڙو وفد موڪليو وڃي!“

ماءُ اڳتي وڌي ويئي ۽ پنهنجي پٽ جي منهن ۾ ڏسڻ لڳي ان وقت هن جو منهن فخر ۽ شان سان چمڪي رهيو هو. هن جي دل جو ٽڪرو پاويل، جهوني عزت وارن مزورن جي وچ ۾ بيٺو هو ۽ هرڪو شخص هن جون ڳالهيون ٻڌي، هن جي ها ۾ ها ملائي رهيو هو. هن کي خوشي ته انهيءَ ڳالهه جي هئي، جو پٽس کي نڪا ڪاوڙ آئي، ۽ نڪي هن پين وانگر ڳاريون ٿي ڏنيون.

گارين، رڙين ۽ ٽڪن ۽ شوخ لفظن جي اهڙي پرمار شروع ٿي ويئي، جو چڻ ته ٽين جي ڇت تي ڳڙا وسي رهيا هئا. پاويل ماڻهن ۾ ائين پئي ڏٺو چڻ ته ڪا وڃايل شيءِ ڳولي رهيو هو.

”نمائندا؟“

”سيزوف!“

”ولاسوف!“

”ريبن! هن جا ڏند ڏاڍا تکا آهن!“

يڪدم ماڻهن ۾ ڪن جون ڳالهيون شروع ٿي ويون.

”هو ته پاڻهي پاڻ اچي رهيو آهي.“

”ڊائريڪٽر!“

انبوهه هڪڙي ڊگهي قد واري شخص کي رستو ڏيئي رهيو هو. هن جي ڏاڙهي ۽ منهن ڊگهيرڙو هو.

”مون کي اڳتي وڃڻ ڏيو!“ هن ٿوريءَ ۽ هلڪيءَ جنبش

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سان مزدورن کي پنھنجي رستي کان ھٽائيندي چيو، تہ جيئن کيس پين کي ڇھڻو نہ پوي. ھن جا پرون گھنجيل ھئا، ۽ ھو انسانن جي آقا جي تجربيڪار نظرن سان مزورن جي منھن جو اپياس ڪري رھير ھو. ماڻھو جلدي ٽوپيون لاھي سلام ڪرڻ لاءِ جھڪڻ لڳا، پر ھو سلام جو جواب ڏيڻ کان سواءِ اڳتي وڌندو رھيو ۽ ماڻھن ۾ مات ۽ پريشانيءَ جي چادر پکيڙيندو ويو. ھو گھبرائجي مرڪي رھيا ھئا. ۽ ھڪبئي سان ائين ڪنن ۾ ڳالھيون ڪري رھيا ھئا، ٻارن کي شرارت ڪندي ڪنھن ڏسي ورتو ھجي ۽ ھو ڦڪا ڦڪا ٿيندا ھجن.

ھو ماءُ جي اڳيان ٻہ لانگھائو ٿيو، ۽ ھن جون شوخ ۽ ڪڙڪ نگاھون مٿس پيون. نيٺ ھو لوھہ جي ڍير اڳيان وڃي بيھي رھيو. ڪنھن ماڻھوءَ ٽيڪ ڏيڻ خاطر ھٿ اڳتي وڌايو، پر ھن اھو قبول نہ ڪيو ۽ ٽپ ڏيئي ڍيو تي مٿي چڙھي، وڃي پاويل ۽ سيزوف جي سامھون بيٺو.

”ھي ڇا جو گوڙ آھي؟ اوھان ڪم ڇو بند ڪيو آھي؟“

ڪجھہ وقت جي لاءِ مات ٿي ويئي. ماڻھن جا مٿا لڏڻ لڳا. سيزوف پنھنجي ٽوپي ھوا ۾ گھمائي، ڪلھا اوڏي، ڪنڌ کٽي ھيٺ ڪيو.

”منھنجي سوال جو جواب ڏيو!“ ڊائريڪٽر وڏي واڪي چيو.

پاويل اڳتي وڌي آيو ۽ سيزوف ۽ ريبن ڏانھن اشارو ڪندي، بلند آواز ۾ چوڻ لڳو، ”اسان جي ساٿين اسان ٽن ڄڻن کي اھو اختيار ڏنو آھي تہ اسين اوھان کان اھو مطالبو ڪريون تہ توھان ڪوپڪ ڪاٽڻ وارو فيصلو رد ڪري ڇڏيو.“

ڊائريڪٽر پاويل ڏانھن نھارڻ کان سواءِ چيو، ”ڇو؟“

”اھو انھيءَ ڪري، جو اسين سمجھون ٿا تہ اھڙا محصول اڳاڙڻ بي انصافي آھي“، پاويل وڏي واڪي چيو.

”ڇا، اوھان ائين ٿا سمجھو، تہ پوسل کي سڪائڻ جي نالي ۾، اسين مزورن جي خياتيءَ سڌارڻ جي بدران، ھنن کي لٽيون ۽ ڦريون ٿا؟ اھا ڳالھہ آھي نہ؟“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

"ها"، پاويل جواب ڏنو.

ڊائريڪٽر پاويل ڏانهن نهاريندي پڇيو، ۽ تون به ائين ٿي ٿو ڀانئين؟"

"اسان سڀني جو اهوئي خيال آهي!"

"۽ تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟" هن سيزوف ڏانهن منهن ڪري پڇيو.

"منهنجو به اهوئي خيال آهي. چڱو ٿئي، جو اسانکي پنهنجا ڪوپڪ موٽائي ڏنا وڃن."

سيزوف وري به ڪنڌ جهڪايو ۽ ائين مرڪيو، ڄڻ ته ڪا خطا ڪئي هئائين.

ڊائريڪٽر ماڻهن جي انبوهه کي هڪڙيءَ نظر ۾ ڏسي، پاويل ڏانهن منهن ڪري، ڪجهه سوچي، چوڻ لڳو:

"تون ڪجهه پڙهيل ڪڙهيل ماڻهو ٿو ڏسڻ ۾ اچين. ڇو، توکي به انهيءَ ڪم جي فائدن جو پتو ڪو نه ٿو پوي؟"

"جيڪڏهن ڪارخانو پنهنجي خرچ سان انهيءَ پوسل کي کي سڪارائيندو ته هرڪو ماڻهو فائدو محسوس ڪندو،" پاويل ڇاتي واڻي، وڏي واڪي ڳالهه ڪئي ته جيئن سڀيئي ماڻهو ٻڌن.

انهيءَ تي ڊائريڪٽر ٻنهه رکو منهن ڪري چيو، "ڪارخانو ڪا خيراتي سبيل ڪانهي. آءٌ حڪم ٿو ڏيان ته توهين سڀيئي پنهنجي ٻنهنجي ڪم کي وڃي لڳو!"

هو لوهه جي ڍير تان لهندي، سنڀالي وکون کڻندو، پنهنجوئي منهن وٺي هلڻ لڳو.

ماڻهن مان بي اطمينانيءَ جا آواز اچڻ لڳا.

ڊائريڪٽر ٻيهي ڪڙڪ آواز ۾ پڇا ڪئي، "ڇاهي؟"

سڀيئي چُپ ماٺ ۾ اچي ويا، صرف هڪڙو آواز آيو، "توهين پاڻ وڃي اهو ڪم ڪريو!"

ڊائريڪٽر رک منهون تي، خاص لهجي ۾ چيو، "توهان جيڪڏهين پندرهن منٽن ۾ ڪم تي نه چڙهيا، ته سڀني تي ڏنڊ وڌو ويندو."

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هو وري به انبوهه کي چيري، رستو ڪري وچ لڳو. هو اڳتي وڌندو ويو ۽ پيانس- ماڻهن جي پٺ پٺ ۽ شور ۾ واڌارو ٿيندو ويو.

”ههڙي ماڻهوءَ سان ڳالهائڻ ڪو سولو آهي!“

”اهو آهي انصاف! هيءَ به ڪا زندگي آهي!“

هي ماڻهو پاويل ڏانهن وريا ۽ شور ڪري چوڻ لڳا، ”استاد افلاطون، هاڻي اسين ڇا ڪريون!“

”تقرير ته ڏاڍي سٺي ڪيائين، پر جڏهين مالڪ آيو ته ان جهڙيءَ مان ڪهڙو فائدو ٿيو؟“

”ولاسوف بڌاءِ ته اسين ڇا ڪريون؟“

جڏهين گهوڙ ماڳهين وڌي ويو، ته پاويل چيو، ”ساٿيو، منهنجي تجويز هيءَ آهي ته جيستائين هو ڪوپڪ ڪاٽڻ جي فيصلي روڪڻ جو وعدو نه ڪري، تيستائين ڪم تي نه وڃڻ گهرجي.“

ماڻهو جوش ۾ اچي ويا ۽ پنهنجي پنهنجي راءِ ڏيڻ لڳا.

”اسان کي ڇسو سمجهيو- اٿئي ڇا؟“

”انهيءَ جو مطلب ٿيو هڙتال!“

”صرف چند ڪوپڪن جي ڪري!“

”هڙتال نه ته ٻيو ڇا؟“

”سڀني کي ڪيڏي ڇڏيو ويندو!“

”ته پوءِ ڪم وري ڪير ڪندو؟“

”ڪم لاءِ ڪيترائي تيار وينا آهن. رکو نڪرو ته پتو پوي.“

”ڪير؟ هڙتال ٽوڙڻ وارا؟“

پاويل همت لهي اچي ماءُ وٽ ويٺو.

ماڻهن ۾ جوش ۽ ڪاوڙ هئي. سڀڪنهن وڏي واڪي بحث ٻئي ڪيو.

ريبن پاويل جي ويجهو اچي چيو، ”هنن کي هڙتال جي لاءِ ڪڏهن به تيار ڪري نه سگهندين. هي لالچي ۽ بي همت ماڻهو آهن.... سمجهيئي! ٽي سؤ ڪسان وڏيڪ ماڻهو تنهنجو ساٿ ڪونه

ڏيندا. ايڏو وڏو چيٽي جو ڍگ ھڪڙي دفعي ۾ ڪٿڻ ڏٺيو آھي.“

پاويل مات ٿي ويو. اڳيانس مجمعي جو رخ جھولي ۾ جھومي، بنا ڪنھن آواز جي، ڪانئس پڇيَ رھيو ھو. ھن جي دل دٻ ۾ ڌڙڪڻ لڳي. ھن ڪيءَ ڏسڻ ۾ ائين پئي آيو تہ سندس ھيڏي ساري جوشيلي تقرير، ائين ڪنھن خلا ۾ گم ٿي ويئي، جھڙيءَ طرح مينھن جي پاڻيءَ جا چند ڦڙا سڪل ڏوٽ ڌرتيءَ ۾، بنا ڪنھن نشان ڇڏڻ جي پيھي وڃن.

ھو ٿڪجي، دلشڪستو ٿــي، گھر ڏانھن واپس موٽي رھيو ھو. ريبن ساڻ ھوس. ماءُ ۽ سيزوف پويان پئي آيا ۽ سندس ڪنن ۾ ھي آواز اچي رھيو ھو:

توڻ تقريــر سٺي ٿو ڪرين، پــر اھڙي نــہ جو دل تي اثر ڪري. اصل ۾ تہ ڳالھہ اھائي آھي! توکي تہ ھنن جي دلين سان خطاب ڪرڻ گھرجي. چڻنگ ڪــي بنھہ وچون وچ آتــي ڇڏڻ گھرجي. توڻ ماڻھن کي دليلن سان مڃائي نٿو سگھين. جتيءَ ۾ پير پوئي ڪو نہ ٿو. صفا سنھڙو ۽ بنھہ ننڍڙو آھي!“

سيزوف چئي رھــيو ھيو، ”اسان پوڙھن جي واسطي پنھنجي قبر کوٽڻ جو وقت اچــي رھيو آھي، پلاگيا! پڇيءَ پر تي وڃنا آھيون. ھاڻي ٻــہ نئين قسم جا ماڻھو پيدا پيا ٿين. اسين ڪيئن گذاريندا ھئاسين؟ اسين ۽ توھين سدائين مٿو زمين تي ٽيڪيندا، گوڏن ڀر رڙھندا، وڏن ماڻھن جي اڳيان جھڪندا رھياسين. پر اڄ تہ ڳالھہ ٻي ٿي پيئي آھي! خبر ناھي ماڻھو وڌيڪ ڏاھا ٿي ويا آھن، يا ماڳھين رستو ڀلجي چڪا آھن. ڪجھہ بہ ڪٿي ھجي، ھي ماڻھو اسان جھڙا ڪونھن. نوجوانن کي ڪٿي ڏسو. ڊائريڪٽر سان ائين پئي ڳالھائيون ڄڻ تہ ھو بہ سندن جھڙو ھو. چڱو، پاويل ميخائلو وچ ورڻ ملنداسين. اھو چڱو آھي، جو توڻ ماڻھن سان ايتري بہ ھمدردي ٿو ڪرين ۽ انھن جي لاءِ ايترو ڪم ٿو ڪرين. مالڪ شال تنھنجي مدد ڪري! ٿي سگھي ٿو تہ توڻ ڪا وات کولي ڪيڻن. ڏٺي سڳورو توتي پنھنجي رحمت ڪري!“

ائين چئي، ھو ھليو ويو.

”ٻڏي وڃي مرن،“ ريبن ٻڙ ٻڙ ڪندي چيو، ”هي ڪي ماڻهو آهن. مٽي آهن مٽي. گپ ۽ گارو، جنهن سان ڦوڙن ۽ سرون لبي ۽ ليپي ڇڏجن. پاويل، ڏٺئي ته توکي نمائندي بڻائڻ جي واسطي ڪهڙن ڪنهن پٺي رڙيون ڪيون؟ آهي ڪي ماڻهو ڪي افواه اٿاريندا رهن ٿا ته، تون سوشلسٽ آهين ۽ توکي رکو وکوڙ مچائڻ تو اچي: هي آهي ڪي شخص آهن، جيڪي دل ئي دل ۾ سوچين ٿا ته نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيندس ۽ پوءِ دماغ درست ٿي ويندس.“

”پنهنجي خيال موجب هنن جيڪي ڪيو سو سڀ نيڪ هو،“ پاويل چيو.

”ائين ته بگهڙ به، جڏهن پاڻ جهڙن کي چيري ڦاڙيو ڪٽيو ڦٽو ڪن، ته ان وقت هو به نيڪ ٿا ڪن.“

ريبن جي منهن تي اداسائي ڇانيل هئي ۽ هن جو آواز وڏيڪ گنڀير ۽ ڪشش وارو ٿي پيو هو.

”ماڻهو ڦلها لفظ ٻڌڻ لاءِ تيار ڪونهن. تڪليف ڪرڻي پئي ٿي. لفظن کي رت ۾ وهنجارڻو پوي ٿو.“

پاويل سڄو ڏينهن ٿڪل ۽ اداس مسافر وانگر گهمندو وتيو. هن بي آراميءَ ۽ ڏک جي ڪيفيت طاري هئي. اکيون ٻٽي سڙيس. ائين پئي معلوم ٿيو ته هي اداس ۽ مايوس اکيون به ڪنهن شيءِ جي ڳولا ۾ هيون. ماءُ اڄ اهو سڀڪجهه سمجهي ورتو ۽ هن پنهنجي پٽ جي دل جو بار هلڪو ڪرڻ واسطي پڇيو:

”پاشا! ايڏو موڳو ۽ مايوس ڇو ٿي پيو آهين؟“

”مٿي ۾ سور آهي،“ هن وراڻيو.

”تون ليٽي پئو، ته آءٌ ڊاڪٽر کي سڏي ٿي اچان.“

”اجائي تڪليف نه ڪر،“ هن تڙ تڪڙ ۾ جواب ڏنو.

هو گهڙي رکي، جهيڻي آواز ۾ چوڻ لڳو، ”منهنجي عمر اڃا ننڍي آهي. مون ۾ ايتري طاقت به ڪانهي. ڏک رڳو اهو آهي، جو هنن جو مون تي ڀرسو نه ڄميو. هنن منهنجي مقصد کي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پنهنجو ڪري ڪون، چاتو، يا مون کي اچا تائين اها خبر ئي ڪانهي، ته پين ڪي پنهنجو ڪرڻ لاءِ، ڪيئن ڳالهائجي! يا جيڪو اصل مقصد هجي، سو ڪيئن ڪولي سمجهائجي ته جيئن ٻڌندڙ، نقصان ۽ فائدي کي سمجهي، مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ٿجي، ڪم کي لڳي وڃن. مون کي هاڻي ته پنهنجو پاڻ ڪان ئي ڇڄان ٿئي اچي."

ماءُ هن جي، ڳٽنين هاڻي منهن ڏانهن ڏٺو ۽ ڪيس آئت ۽ دلداري ڏيڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، "ٿورو ترس! هو، جيڪا ڳالهه اڄ سمجهي نه سگهيا آهن، سا سڀائي پاڻيهي سمجهي ويندا."

"سمجهڻي ٻوندين،" هن چيو.

"مون جهڙي کوپ به سمجهڻ لڳي آهي، ته هو به سمجهي ويندا."

پاويل اکيرو ئي ماءُ جي پر ورتي.

"جيجل، تون ڏاڍي چڱي آهين." هو اٿين چئي، وري بريرو تي ويو. ماءُ چرڪ پربو، اهڙيءَ طرح چڻ هنن نرم لفظن جو مٿس وڏو اثر ٿيو هو. هوءَ هيانءُ تي هٿ رکي، ويچار ۾ ٻڏي ويئي. مامتا جو مزو پئي آيس. هوءَ وري پٽ ڏانهن وڌي ويئي-

رات جو ماءُ وڃي هنڌ تي ليٽي پيئي ۽ ننڊ کڻي ويس. پاويل ڪتاب پئي ڏٺو ته اتري ۾ سي-آءِ-ڊي جا سپاهي گهر ۾ گهڙي آيا ۽ اچي شور مچاياٿون. هڪڙا حاطي ۾ ترسيا، ته ٻيا وري مٿي ڪوٺيءَ ۾ پهچي ويا. پيلي شڪل واري عملدار جي روش اڄ به اڳي جهڙي هئي. هو ڏاڍا ڏکيا چرچا ڪندو، اڳلن جي دل ڏکوئيندو، مزو وٺندو رهيو. ماءُ هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ وبهي پٽڙي ڏي تڪيندي رهي. پاويل پنهنجي زبان کي روڪي رهيو هو. هن ڪوشش پئي ڪئي ته مٿان ڪو اهڙو لفظ نه نڪري وڃي، جنهن مان سندس اصل جذبو پڌرو ٿي پوي. پر جڏهن عملدار ٺهڪ ڏيئي کليو، ته هن جون آڱريون آڪڙجي ويون. ماءُ به محسوس ڪيو ته ڏاڍيءَ ڏکيائيءَ سان هو پنهنجن جذبن کي روڪي، منهن تورڻ جواب ڏيڻ ڪان پاڻ جهلي سپاهين جا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چرچا سهي رهيو هو. ماءُ هاڻي اڳين جيترو ڪانه ٿي ڊڄي. رهيو کهيو جيڪو ڊپ هوس، سو به نفرت ۽ ٻچان ۾ گم ٿي چڪو هوس.

پاويل کيس اشارن ۾ سمجهائي ورتو ته ”هي اڄ بري ٿي آيا آهن، ۽ نيٺ مون کي گرفتار ڪري ويندا.“

ماءُ به سمجهي ورتو ۽ ڪنڌ جهڪائي ان جي تصديق ۾ چپ ٿي ويهي رهي.

ماءُ اٿين پاتيو ته پتر ان ڏينهن صبح جو جيڪا تقرير ڪئي هئي ۽ جيڪي ڪي مزورن کي سمجهايو هو تنهن جي ڪري هن کي جيل ۾ وٺو ويندو، پر هن جيڪي ٿي چيو، تنهن سان سڀني اتفاق ٿي ڪيو، تنهنڪري سڀني ماڻهن کي اٿي کڙو ٿيڻ گهرجي، جنهنڪري اهو ٿيندو ته هو گهڻي عرصي تائين قيد ۾ ڪونه رهندو.

هن گهر ٿيو ٿي ته ٻچڙي کي جهوليءَ ۾ ويهاري ويهي روئي، پر عمداڻ پرسان پيئو هوس ۽ پرون گنجهائي ڏسي رهيو هوس. هن جون سڀون پئي ڦڙڪيون ۽ چپ پئي ڏڪيا. پلاڳيا محسوس ڪيو ته عملدار جي اها مرضي هئي ته هوءَ ڪيچ ڪاڙي، شڪايتون ۽ منٿون ميڙيون ڪري. هن حواس بجا ڪري، پٽ جي هٿ کان جهلي، ساه روڪي، آهستي ۽ نرميءَ سان چيو، ”پاشا، خدا حافظ! تو پنهنجي، ڪهڙ جون ضرورتي شيون پاڻ سان کنيون آهن؟“

”هائو! همت نه هارج.“

”ڌڻي تنهنجي حفاظت ڪري.“

جڏهن سپاهي پاويل کي وٺي هليا ويا، ته هوءَ ديرڪي ديرڪي وڃي بينچ تي ويٺي ۽ سڏڪا ڀرڻ لڳي. هوءَ ڀت کي اهڙيءَ طرح ٽڪ ٻڌي ويهي رهي، جهڙيءَ طرح گهڻو ڪري مڙس ويهندو هو. هن وقت هوءَ پنهنجي ڏک ۽ هيڻائيءَ جي احساس ۾ ٻڏل هئي. هن پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪئي، ڀت سان لاتو، ۽ هڪڙو ڊگهو ساه کڻي، پنهنجيءَ دل جو سمورو ڏک درد ان ۾ سمائي ڇڏيائين. هن جي ذهن ۾ اها بي حس ۽ مٺل پيلي شڪل سامهون

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اچي شيطان وانگر بيٺي جنهن جون مڇون سنهڙيون ۽ اکيون ڳهنديون هنيل، گهڙي اڳ خوشيءَ وچان چمڪي رهيون هيون. هنجي دل جي دنيا تي، انهن ماڻهن جي خلاف نفرت ۽ بچاءَ جا ڪارا ڪڪر ڪارونيار ڪري ڇانئجڻ لڳا، جيڪي جيجل ماءُ جي گود، رڳو انهيءَ ڪري خالي ڪندا آهن، جو انهن جا ٻچڙا عدل ۽ انصاف جا گهوريا هوندا آهن.

رات ٿڌي هئي. مينهن جون ڦڙيون درين تي ٺڪ ٺڪ ڪري رهيون هيون. هن ائين پئي ڀانيو ته اکين ٻنان، ڳاڙهن منهن ۽ ڏڳهن هٿن وارا خاڪي جسم، رات وڳڙي ۾ سپاهين جي ڪڙٻن جو جهيڻو ۽ جهڪو آواز پيدا ڪندي، سندس گهر جي چوڌاري چوڪيدارن ۽ پهريدارن وانگر چڪر هڻي رهيا هئا.

اهڙي ماحول ۾ هن سوچيو ته ڪهڙو نه چڱو ٿئي ها، جو هو مون کي به سان وٺي وڃن ها!"

ڪارخاني جو گهگهو ماڻهن کي ڪم تي چڙهڻ لاءِ سڏي رهيو هو. گهگهوءَ جو آواز ڪجهه جهيڻو، اڻپورو ۽ نه هئڻ جهڙو پئي لڳو.

ايتري ۾ دروازو کليو ۽ ريمن اندر گهڙي آيو ۽ ماءُ جي سامهون بيهي، ڏاڙهيءَ مان مينهن جو پاڻي نچوڙيندي پڇيائين، "پاويل کي وٺي ويا ڇا؟"

ماءُ ٿڌو ساهه ڀري چيو، "ها! ابليس وٺي ويس."

"اهائي اميد رکڻ گهربي هئي،" هن ائين چئي، کلي ڏنو. "منهنجي گهر جو به جهاڙو ورتائون. ٽڪر ٽڪر ڪري ڦولهياڻون. گاريون گند ڏيندا رهيا، پر نقصان ٿورو ٿيو. هون! هن کي وٺي ويا! ڊائريڪٽر اشارو ڏنو، پوليس ڪنڌ ڌوڻيو ........... ۽ هڪڙو پيو ماڻهو به جهلجي وڃي سرڪاري مهمان ٿيو! هي شخص چڱو ڪم پيا ڪن. هڪڙا ماڻهن کي دهليو وڃن، اندر هٿن ۾ پيا ماڻهن جا کيسا خالي ڪريو وٺن."

ماءُ پاڻ جهلي نه سگهي، ۽ وڏي واڪي چيائين، "توهان کي پاويل جي حمايت ڪرڻ گهرجي! هن جيڪي به ڪيو سو سڀني ماڻهن جي لاءِ ڪيو."

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

"ڪنهن جي حمايت ڪرڻ گهرجي؟"

"سيني کي."

"هون. اما ڳالهه ته سمجهه ۾ اچيئي نٿي. پر انهن تي ڪو نه سگهندو!"

هو ڪلندو، ٻاهر نڪري ويو. هن جي مايوسيءَ وارن لفظن ماءُ جي دل ٻجهي وڌي.

"ڪنهن کي ڪهڙي خبر ته هو هن کي مارين، تڪليف ڏين...."

اوچتو اچي خيال پيس، ته پٽس مارن کائڻ ۽ ڦٽجڻ کان پوءِ رت ۾ لپجي پيو آهي. هن جو هيانءُ ڪانپي ويو ۽ دل تي دهشت طاري ٿي ويس. اکيون ٻه سڙڻ لڳيس.

انهيءَ ڏينهن هن کان چانهه پيڻ ۽ کاڌو کائڻ به ڪونه پڳو. سانجهيءَ ڌاري وڃي ڪو مانيءَ گرهو ڳڙيءَ کان هيٺ لٿس. رات هنڌ تي ليٽي پيئي ته اٿين پاسائين-ته هن کان اڳي سندس حياتي اهڙي ڪو ڪالي، خالي ۽ ويران ڪڏهن به ڪانه هئي. گذريل ڪن ورهين کان هن کي اهائي اميد هئي ته جلدئي ڪا سک جي گهڙي گهاريندا سين. هن جي چوڌاري نوجوانن ۽ ڇوڪرن جي خوشين ڀريل، شورشار وارڊون سرگرميون هونديون هيون. هن کي پنهنجي پٽ جو گنڀير ۽ سنجيدو مکڙو ڏسڻ جي هر ٻئجي وٺي هئي ۽ آهوئي مکڙو هو جنهن ماءُ جي دل ۾ نئين سهڻيءَ مڪر سونهيءَ زندگيءَ لاءِ هر ڪر پيدا ڪئي هئي. هاڻ هو وڃي ڇڪو هو ۽ ان مان نڪري هن جون سڀئي جوسشون ۽ اميدون ڌڪ تي وڃن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اهو ڏينهن، اها اوجاڳي ۽ ڳڻتيءَ واري رات تہ جيئن تيئن گذري ويئي، پر ٻيو ڏينهن ويتر وڌيڪ وحشتناڪ ۽ ڏکيو تي پيو. هن کي اميد هئي تہ ڪونہ ڪو اچي نڪرندو، پر سانجهين تائين ڪنهن ليئو بہ ڪونہ پاتو. وري نياڳي رات آئي. مينهن بہ تڏا ساهہ کڻي، وري وري پيٽ سان پئي نڪر ڪاڏا. هوا منگهہ مان سوساٽ ڪري پئي هيٺ ڪري. انهن تي اڳو ڇڻ ڇت نمي پيئي هئي. ڦڙن دلي حــي مٿان ڪري، وڇت پئي ڪئي. سڄو گهر ٺڌي زميو هو.

دک ۽ درد، چاتل ۽ سڃاتل ماحول کي بہ ڏاربن جهڙو ۽ بي جان ڪري وڌو هو. دريءَ تي ڪڙڪو ٿيو. هڪ، ٻہ........ هن کي ٻيپ تــہ ڪونہ لڳو، ويتر خوشيءَ مان اٿــي ڪڙي تي، چاڪاڻ، تہ اهڙن ڪڙڪن تي هوءَ هري مري ويئي هئي. هن کي ڪنهن حي اچڻ جو اُڪيئي آسرو هو، سو ڪڙ ڪڙ ٻڌي اٿي، شال ٺڪي، وچي دروازو کوليائين.

سمرنلوف اندر گهڙي آيو. پنيانئس ٻيو بہ شخص هو، جنهن جو منهن، مٿي نبل ڪالر ۽ نــراڙ ٺان هيٺ لٽل ٽوپيءَ حي ڪري، گهڻي قدر ڍڪيل هو.

”اسان تنهنجي ٺند ڦٽائي آهي؟“ سموئلوف سلام ڪرڻ کان سواءِ چيو. هن جي آواز ۾ دستوري انداز جي بدران پريشاني ۽ مايوسي هئي.

”آءٌ اچا سڀي ڪانہ هيس.“ هــن ورائيو ۽ اميد ڀربن نظرن سان ڏانهن نهاريندي رهي.

سموئلوف جي ساٿيءَ ٽوپي لاهيندي، ڏکو ساهہ کڻي، پنهنجو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ننڍڙو مگر سيرو هٿ اڳتي وڌايو ۽ ھڪڙي پراڻي سڄاڻوءَ وانگر پڇيو، ”اماں! سونکي ڪونہ سڃاڻي ڇا؟“

پلاڳيا ڪنهن سبب جي ڪري خوش ٿي چيو، ”تون آهين، يڳور ايوانووچ!“

”ساڪيو!“ هن پنهنجو ڪنڌ نوڙائيندي جواب ڏنو. هن جي مٿي جا وار ڪنهن مولوديءَ وانگر ڊگها هئا، منهن تي مرڪ هيس ۽ ننڍڙيون پوريون اکيون نرميءَ ۽ شفقت سان ماءُ ڏانهن نهاري رهيون هيون. هو گول مول، ٺندرو، ٿلهيءَ ڪچيءَ ۽ ننڍڙن هٿن وارو هو. هن جو منهن چمڪي رهيو هو. هن زور سان ساهه ٿي کنيو، ۽ هنجي ڇاتيءَ جي اونهائن ۾ ڪنهن شيءِ خرخر پئي ڪئي.

ماءُ چيو، ”ايستائين توهين هن ڪوٺيءَ ۾ هلو تہ آءٌ ڪپڙا مٽائي وٺان.“

سموئلوف ڏاڍيءَ بي آراميءَ سان چيو، ”اسان کي، تو ڏانهن ڪجهہ پڇڻو آهي.“

يگور ايوانووچ پئي ڪمري ۾ هليو ويو ۽ اتان ڳالهائڻ شروع ڪيائين.

”اماں، توکي تہ شايد خبر هوندي تہ اڄ صبح جو نڪولائي ايوانووچ جيل مان ڇٽي آيو آهي.“

ماءُ توڪ ڪندي چيو، ”مون کي تہ خبر ئي ڪانہ هئي نہ هو بہ ڪو جيل ۾ هو.“

”بہ مهينا ٻڌڻ ڏيهن. اتي هو خوخول سان بہ مليو هو، جنهن توکي سلام ڏنا آهن. پاويل باويل بہ مليو هوس، جنهن چوائي موڪليو آهي تہ دل نہ هارجانءِ. هن ائين بہ چيو آهي نہ سنهنجي پڌايل واٽ تي جيڪو بہ هلندو، تنهن کي جيل ۾ ڪجهہ ڏينهن موڪلڻ ماڻڻ جو وجهہ تہ پيو ملندو. اهڙي جي آقائن جي مهربانيءَ سان، اها ڳالهہ تہ پڪي ٿي ويئي آهي. اماں! سائي ڪا ڪم جي ڳالهہ ڪرڻي آهي. ڇاڻين ٿي تہ ڪالهہ گهڻن ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو آهي؟“

ماءُ پريشان ٿي، ڇيو، ”پاويل کان سواءِ، ڪن ٻين کي به جھليو اٿن ڇا؟“

يڪور ايوانووچ چيو، ”هو ته اوڻونجاهوڻ هو. ڪارخاني جا مالڪ ۽ هلائيندڙ اچا درجن کن ٻين کي به جھلائيندا، جهڙو ڪ هي نوجوان.“

”ها، مون کي به“ سوتلوف اڄهائيل آواز ۾ چيو.

ماءُ ٻلاگيا جي ٻيٽ ۾ ماٺ پيو. چاڪاڻ جو هن جي ذهن ۾ اها ڳالهه ايري آئي ته گهٽ ۾ گهٽ هو ڪڙو ڇڏو ته ڪونهي. ڪيڙا مناڻي، هوءَ مهمانن وٽ آئي. ان وقت هو سرهي ۽ خوش ٿي ڏسي ۽ هن شخص ڏانهن مرڪندي ڏٺي نهارياڻين.

”جيڪي ماڻهن کي جو جهليو اٿن، سو هنن کي ايتري دير ڊگهو ڪونه رکندا.“

يڪور ايوانووچ چيو، ”تنهنجو خيال صحيح آهي. جيڪڏهن اسين هن جو هي تماشو ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين ته کين ڇڏ ڏيڻ ٻيو ڪجهه ڪونه پوندو. پر جيڪڏهن اسان ڪارخاني ۾ اخبارون ۽ اشتهار ورهائڻ بند ڪري ڇڏيا، ته پوليس وارن کي، پاويل ۽ ٻيا ساٿي جيڪي قيد جي سوزن ۾ آهن، تن کي وڌيڪ تڪليف ڏيڻ جي لاءِ اها ڳالهه دليل ڪري ڪتب آڻڻ جو وجهه ملي پوندو.“

ماءُ کي اچي ڏپ ورائي ۽ چياڻين، ”اهي ماڻ تنهنجي ڇا مراد آهي؟“

يڪور ايوانووچ آهستي سان چيو، ”ڳالهه ته سڌي سنئين پئي آهي. ڪڏهن ڪڏهن پوليس وارن کي به عقل اچي ويندو آهي. تون ئي ڪٿي ويچار ڪر: پاويل آزاد هو ته اخبارون ۽ اشتهار ورهايا پئي ويا ۽ هن جي گرفتار ٿيڻ کان پوءِ نه اخبار نه اشتهار. انهيءَ مان هرڪو چوندو ته اها شرارت سڀ پاويل جي هئي. اڻين ڪونهي ڇا؟ جڏهن کين اها پڪ ٿي ويندي، ته پوءِ هو پاويل جي پوتي به ڪاڻ ڇڏيندا ۽ اسين پاويل کي هميشه جي لاءِ وڃائي ويهي رهنداسين.“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اهو ٻڌي، ماءُ هراسجي وئي. هن ٻيو سيءَ جي حالت ۾ چيو، "سمجهيم، سچ ٿو چوين! پر اسين ان باري ۾ ڪري ڇا ٿا سگهون؟"

سموئلوف رڌي مان ڳالهائيندي چيو، "گهڻو ڪري سيني ماڻهن کي وني ويا آهن. ڏسي شل پيڙو ٻوڙين! هاڻي اسان کي نه رڳو پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪم ڪرڻو آهي، بلڪ پنهنجن يارن کي، هنن ابليسن جي چنبي مان ڇڏائڻ لاءِ به گهڻو ڪجهه سوچڻو ۽ پاڻ ڀوڙڻو آهي."

بڪور ٿورو کلي چيو، "ڪم ڪرڻ وارا ماڻهو به ته ڪونهن. اسان وٽ ڪجهه ڪارگر اخبارون ۽ اشتهار پيل آهن، پر سوال آهي ته ڪارخاني ۾ اهي ڪيئن موڪلجن!"

"دروازي تي ٿي سيڪنهن جو جهاڙو ورتو. وڃي ٿو." سموئلوف چيو.

ماءُ سمجهيو ته هي شخص مون ۾ ڪجهه اميد رکي آيا آهن، تنهنڪري هن آڀهرائيءَ سان پڇيو، "پوءِ ڀلا اهو قصو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ آهي ڪا وات يار وسيلو؟"

سموئلوف دروازي تي اچي ويٺو ۽ ماءُ ڏي منهن ڪري پڇيائين، "تون ڀلا خوشيءَ واريءَ ڪارسو ذوواءِ کي سڃاڻين؟"

"هائو. پر ......؟"

"آن سان ڳالهه ڪر. ممڪن آهي ته هوءَ اهي شيون مزدورن تائين ڪجهه ڪوهه ۾ پهچائي سگهي."

ماءُ کي اها ڳالهه نه آئڙي. هن انڪار طور ڪنڌ ڌوڻيو.

"مان اهڙو ڪٿو ڪم ڪيو اٿو! هوءَ رڳو ڳالهيون ڪري ڇائي. ائين ڪرڻ سان سيني کي سڌ پئجي ويندي، ته هي ڇا پيو ٿئي ۽ ڪٿان پيو ٿئي!"

هوءَ گهڙي کن ويچار ۾ پئي ويئي. پوءِ ڪجهه مٺي ڪٿي چيائين، "اهي سڀئي شيون مون کي ڏيئي ڇڏيو، مون کي! آءٌ پائيهي تي انهيءَ جو بندوبست ڪريان. آءٌ ماريا کي چوندس

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۽ مون کي پنهنجي مدد جي واسطي ڪٿي پاڻ وٽ رکي. آخر مون کي ٻه پنهنجي ماءُ جو بندوبست ڪرڻو آهي- پوڙهي ماتي يا پيو ڪاڏي جو سامان ڪٿي، ڪارخاني ۾ وڃي رکي ايندس ۽ پوءِ سڀڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو."

هن ٻئي هٿ ڪٺي ڇاتيءَ تي رکيا ۽ هن کي پڪ ڏيارڻ لڳي ته هوءَ سڀڪو ڪم سهڻي نموني ۾ ڪندي ۽ اهڙي نموني ۾ ڪندي، جو ماڻهن جو ڌيان به ڏانهس ڪونه ڇڪبو. هوءَ ڏاڍيءَ خوشيءَ ۽ سرهائيءَ ۾ اچي چوڻ لڳي:

"هنن کي معلوم هئڻ گهرجي ته پاويل جا هٿ جيل کان ٻاهر به پهچي وڃن ٿا. هنن کي ان ڳالهه جو خيال رکڻ گهرجي!"

ٽيئي ڄڻا ڏاڍا سرها ٿيا. يگور هٿ ملائيندي ۽ مرڪندي چيو:

"واهه ڙي جيجان واهه! اها ته اهڙي چڱي ڳالهه ٿي، جو پر سال به ڪانه ٿي. ڏاڍي چڱي!"

اُتهيءَ تي سوڙلوف به هٿن جون ترپون ٺهڪائيندي چيو، "جيڪڏهن اها ڳالهه ائين ٿيندي، ته پوءِ آءٌ به جيل ۾ ائين نه ويندس، ته پوءِ آءٌ به جيل ۾ ائين ويندس جڻ ته هند تي سمهڻ نه وڃان."

يگور ويٺل ڙيءَ سان ڳالهائيندي چيو، "تون ته دنيا جي پهرين زال آهين!"

ماءُ مرڪي ڏنو. هوءَ اها ڳالهه سمجهي ويئي ته جيڪڏهن ڪارخاني ۾ اشتهار ۽ اخبارون ورهائيا رهيا ته اختياريءَ وارا اهو ڏوهه ٻئي تي مڙهي ڪونه سگهندا. هوءَ پائنڊ لڳي ته اهو ڪم سندس حڪمت عمليءَ سان، سهڻي نموني ۾ ٿي ويندو. هن کي ايڏي خوشي ٿي، جو هن جو سڄو بدن ڦڙڪڻ لڳو.

جنهن تي يگور چيس، "جڏهن تون جيل تي پاويل سان ملاقات ڪرڻ وڃين ته کيس چئج ته ماڻهين سڀڪجهه ۽ سرهي پيٺي گذاري."

"پهرياڻين آءٌ ويندس." سموڊلوف ڪاڻ لڳو.

"ته پوءِ کيس چئج، ته جيڪي به ڪم ڪرڻ جا اهن، سي سڀ آءٌ پاڻيهي ڪنديس. کيس ضرور ٻڌائج!"

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”۽ جيڪڏهين سموئلوف کي جيل نہ اماڻيو ويو تہ پوءِ؟“ يگور پڇا ڪئي.

”مجبوري آهي،“ هن چيو.

پيٽي مرد ماڻهو کلڻ لڳا. جڏهين ماءُ پنهنجي چوڪ محسوس ڪئي تہ هوءَ بہ ڪجهہ ڦڪائيءَ کان ۽ ڪجهہ چالاڪيءَ سان کلڻ لڳي، ۽ هن اکيون هيٺ ڪري چيو، ”پنهنجي ڏک پيڙي ٻين جا سور پلجو وڃن.“

”يگور چيو،“ اها تہ انسان جي فطرت آهي. ۽ ڏس پاويل جي اڀتري گهٽتي نہ ڪر. هو جيل مان اڳي کان اڳرو ٿي ايندو. اتي آرام ڪرڻ ۽ پڙهڻ لاءِ ڪافي وقت بچي ٿو. اسان جهڙا ماڻهو جڏهن ٻاهر هوندا آهن تہ اهڙن ڪمن لاءِ واند ڪائي ڪانہ هوندي اٿن. آءٌ ٽي ڀيرا جيل پوڪي چڪو آهيان. انهيءَ سان مون کي هرو ڀرو ڪا خوشي ڪانہ ٿي سري، پر هر ڪنهن ڀيري منهنجي دل ۽ دماغ کي ڪافي فائدو پهتو.“

”توکي ساهہ ڪٽندي تڪليف ٿي ٿئي ٿي“ ماءُ هن جي منهن ۾ نهاريندي چيو.

هن آڱر سان اشارو ڪندي وراڻيو، ”انهيءَ جو بہ سبب آهي. پوءِ ڀلا امان، آءٌ سمجهان تہ ڪم ٿي ويو؟ آءٌ سڀاڻي سڀيئي شمون توکي پهچائي ڇڏيندس. هڪڙو ڀيرو وري ڪاڏو ڪِهلجڻ لڳندو ۽ صدين جي اونداهيءَ ۾ روشنيءَ جو هڪ وڏيڪ دؤ ٻرڻ لڳندو. اظهار جي آزادي زنده باد! ماءُ جي دل پائينده باد! چڱو، موڪلائي، سلام ........“

”خدا حافظ“، سموئلوف کيس هٿ ڏيندي چيو.

”آءٌ تہ امڙ جي اڳيان اهڙي تجويز پيش ڪري نٿي سگهيس.“

”ڪنهن ڏينهن سڀني کي پتو پئجي ويندو،“ ماءُ هن جي دل وندرائڻ لاءِ چيو.

هن ماڻهن جي وڃڻ کانپوءِ ماءُ دروازو بند ڪري ڪوٺيءَ جي وچ ۾ گوڏن ڀر جهڪي ويهي گنگ ٻوڙ ۾ دعا گهرڻ لڳي. هن جو آواز ميٺهن جي آواز سان هم آهنگ ٿي ويو. ان وقت ماءُ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي دل ۾ انهن ماڻهن بابت هورا ڪورا هئي، جن پاويل کي هيءَ وات ڏيکاري هئي. هي سيئي سادا ماڻهو، هڪٻئي جي واسطي ٻنهه ويجها ۽ قربائتا هوندي به اڪيلا ۽ تن تنها پئي لڳا.

سج ايرندي سان هوءَ ماريا ڪارسونووا سان گڏجڻ لاءِ هلي ويئي.

خومچي واري جيڪا دستور موجب سٽپ ۾ پيريل ۽ گهڻ ڳالهائو هئي، تنهن هن کي چڱو مان ڏنو.

هن ماءُ جي ڪاهي تي هٿ رکي چيو، ڏک پري پيئي ڏسجين همٿ نه هار! وني وبس نه؟ پر پوءِ ڇا تي پيو! انهيءَ ۾ ڦڪي تين جي ڪهڙي ڳالهه آهي. اڳي ساڻهن کي چوريءَ جي ڏوهه ۾ جيل اماڻيو ويندو هو، پر هاڻي انهن کي پنهنجي حق جي گهر ڪرڻ تي جيل ۾ وڌو وڃي ٿو. ائين به ٿي سگهي ٿو ته پاويل کي جيئن ڳالهه ڪرڻ گهرجي هئي تيئن نه ڪئي هجيس، پر هن جهڪي ڪجهه ڳالهايو، سو سڀني جي ڀلي واسطي، ۽ سيڪو ماڻهو انهيءَ کان واقف آهي. توکي نه پريشان ٿيڻ ٿي نه گهرجي. ماڻهو پاڻ ڪٿي ائين نه چون، پر هرڪو ماڻهو چڱائيءَ ۽ لڳائيءَ ۾ فرق ڦير ڪري سگهي ٿو. آءٌ توسان گڏجڻ آيس ٿي، پر وقت ڪونه مليو. سچو ڏينهن پچائڻ ۽ ڦيري ڪرڻ ۾ ٿو وڃي، سو اهو ته مون کان لڪي وڃ ته مرنديس ته فقير ٿي! مون کي ته هي مرد مٺا ڪايو ٿا وجهن. بي انتها بريءَ طرح سان! ڪڏهن هتان چڪ هنياڏون ته ڪڏهن هتان پوتي پٽياڻون، ڇڪ بکيا اچي مانيءَ ڳپي کي لڳا هئا. اجا اٺ ڏه روبل گڏ ئي ڪونه ٿين، ڪو نه ڪو حرامزادو اچيو سهڙي ۽ پئسي جون پڇڙيون ڪريو هليو وڃي. زال ذات ٿيڻ به وڏي مصيبت آهي! ڏٺيو سڀورو شل نه ڪنهن کي زال ڪري خلقي! اڪيلو رهجي ........ پر ڪنهن جي واسطي؟ مڙس ئي ڪٿي ڪجي ........ پوءِ ته قصوئي چٽو!"

"توکي اهو عرض ڪرڻ آئي آهيان، ته تون موتي کي پنهنجي مددگار جي حيثيت سان ڪٿي رک،" پلاڳيا هن ٻڪ ٻڪ جي وچيرچئي ڏنو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ماريا پڇيو، ”تنهنجو آخر مطلب ڪهڙو آهي!“
پلاگيا سموري ڳالهه سمجهايس، ته هوءَ راضي ٿي ويئي.
هن ٻڌائيو، ”ضرور! ياد اٿيئي ته ڪنهن وقت مون کي منهنجي مڙس کان لڪائيندي هئين؟ هاڻي آءٌ توکي بک ۾ پناهه ڏيندس. سڀڪنهن شخص کي تنهنجي مدد ڪرڻ گهرجي، ڇو جو تنهنجو پٽ ماڻهن جي ڀلي لاءِ ڪندي جهليو ويو آهي. ڇوڪرو چڱو آهي، سڀڪو ائين ٿو چئي ۽ هر ڪنهن کي هن جو ڏک به آهي. آءٌ ته چوان ٿي ته ڪارخاني ڌڻين کي انهيءَ مان ڪجهه به فائدو ڪونه ٿيندو. ڏس ته سهي، ڪارخاني سان ڪهڙي ڪار ٿي آهي. ڪارخاني ڌڻي سمجهن ٿا ته ڪنهن کي ٿڏو هڻبو، ته هو ڪري پوندو ۽ ڏوڙ ڇنڊي ڏيندو، پر رڳو ٿي ڇا ته هو درجن کن کي ڌڪا ٿا هڻن ۽ سؤ کن اٿي ٿا ڪڙا ڪن!“
انهيءَ ڳالهه ٻولهه جو هي نتيجو نڪتو، جو ٻئي ڏينهن ماريا واري کاڌي جو ڇوڪرو ڪٽي وڃي ڪارخاني ۾ نڪتي ۽ هوءَ پاڻ بازار ۾ کاڌو وڪڻڻ لاءِ هلي ويئي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مزورن نئين خوشيءَ واريءَ کي سجائي ورتو. هنن پنهنجو مٿو خوشيءَ ۾ ڌوڻيندي پڇيو، ”پلاگيا، اهو ڌنڌو شروع ڪيو اٿيئي؟“

ڪن شخصن هن کي اها پڪ ڏيارڻ ضروري ڄاتي، ته پاويل جلدي ڇٽي ايندو. ٻين هن سان همدردي ڪئي ۽ هن جي دل وڌائي. ڪن ماڻهن ته ڊائريڪٽر ۽ پوليس وارن کي ڪنيون ڪنيون گاريون ڏنيون. هي سمورو ڪم ڇڙ ته سنڌس دل وٽان ٿي رهيو هو. اهڙا به ماڻهو هئا، جي ماءُ جي هن حالت تي خوش هئا. ٽائيم ڪيپر، ايسائي گوربوف، ڏند پيڙي آهستي چيو، ”جيڪڏهين آءٌ گورنر هجان ته پٽهين کي ڦاسيءَ تي چاڙهيان ها! ماڻهن کي آيارڻ جي اهائي سزا آهي!“

انهيءَ خوفناڪ ڌمڪيءَ هن کي ڏڪائي ڇڏيو. ماءُ ايسائيءَ کي ڪوبه جواب نه ڏنو، رڳو هن جي چانهين واري منهن ڏي ڏسي، تڏو ساهه کڻي، نظرون جهڪائي، رمندي رهي.

ڪارخاني ۾ ڪنهن کي به آرام ڪونه هو. مزور ننڍين ننڍين ٽولين ۾ ورڇجي ويا هئا ۽ هڪبئي سان گوشائتو ٿي لڪ ڇپ ۾ پئي ڳالهيون ڪيائون. گهبرايل فورمين هيڏانهن هوڏانهن پئي ڊوڙيا. گارين جا آواز پئي ٻوڙيا. گاريسن جا آواز پئي گونجيا، چرچو، ڪل ۽ ٽوڪ هرجگهه تي لڳو پيو هو.

ٻه سپاهي سموئلوف کي وٺي، اچي ماءُ جي پرسان لانگهائو ٿيا. هن جو هڪڙو هٿ کيسي ۾ هو ۽ ٻئي سان پنهنجن ڳاڙهن سرن وارن کي پوڻي ڪندو پئي ويو.

سئو کن مزور هنن جي پويان هئا، جن سپاهين کي گاريون گند پئي ڏنا.

سموئلوف سوڪل ٿيو وجي ٿا؟“ هڪڙي چٽي چيو.

اڄڪلهه هي يار اسان جي ساٿين جي ڏاڍي عزت افزائي ڀيا ڪن."
ٻئي شخص چيو، "جڏهن اسين گهمڻ گهتڻ وڃون ٿا ته سپاهين کي اسان جي ڀويان لايو ڇڏين."

آن ڪان پوءِ هن هڪڙي ڪني ۽ ڪيجي گار ڏني.

هڪڙي قداور ڪاٺي مزور چرچو ڪندي چيو، "ائين پيو ڀانئجي، ته اڄڪلهه چورن چڪارن کي جهلڻ مان ڪو فائدو ڪونه ٿو ٿئين انهيءَ ڪري هنن يارن شريف ماڻهن کي ٻڪڙڻ شروع ڪيو آهي!"

ماڻهن جي گوڙ مان هڪڙو آواز آيو، "اسان ٿي سمجهيو ته هنن ۾ ايتري شرافت هوندي، جو هو ماڻهن کي فقط رات جو گرفتار ڪندا، پر هائي ته ڏينهن ڏٺي جو جهليو پيا وڃن. حرامزادا ڪٿي جا!"

سپاهين نرڙ ۾ گهنج وڌا، پر تڪڙا تڪڙا ٿوڪون ڪٽندا هليا ويا، ڇاڪ ڪجهه به نظر ڪين ٿي آين ۽ ڪجهه به ڪين ٿي ٻڌائون. ٿي مزور لوهه جي چادر ڪٽي پٺي آيا. سپاهين هنڻ کي اڳيان ايندو ڏسي چيو، "اڙي ٻري ٿيو، رستو ڏيو.

لانگهائو ٿيندي سوئلوف ماءُ کي سر ڌوڏي اشارو ڪيو ۽ مرڪندي چيائين، "اسين هلون پيا."

هن ماٺ ميٺ ۾ ڪنڌ نوڙائي، مرڪ ۽ اشاري جو جواب ڏنو. هوءَ ههڙن ايمان وارن، ڪنهن نوجوانن، جن جي چپن تي جيل ڏانهن ويندي به مرڪ هجي، تن کي ڏسي ڏاڍي سرهي ۽ خوش ٿي ٿي، ۽ هن جي دل ماءُ جي پيار ۽ ٻاجهه سان ڀرجي ٿي ويئي.

ڪارخاني مان موٽي اچڻ کان پوءِ هن باقي وقت ماريا سان گذاريو، ڪيس ڪم ۾ مدد ڪندي رهي ۽ هن جي ڪر ڪر ٻڌندي رهي. سانجهين جو دير سان هوءَ ٿڌي، آجڙيل ۽ اداس گهر ۾ واپس آئي. اوير تائين هوءَ هڪڙيءَ جڳهه کان ٻيءَ تائين پئي آئي ويئي ۽ پئي ويچاريائين ته هاڻي ڪيئن ڪجي؟ هوءَ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

انهن ئي ويچارن ۾ پريشان ۽ حيران هئي، تان جو ڪافي رات گذري. مگر يگور ايوانووچ نہ آيو ۽ نہ وري اهي شيون پهتيون جن جي ڏيئي وڃڻ جو انجام ڪيو هئائين.

دريءَ جي ٻاهران سرءَ جي منڌواري برف پئجي رهي هئي ۽ شيشي تي چنبڙي تي پيئي ٻر ٽوريءَ دير ۾ پنهنجي پنيان پاڻيءَ جو ليڪو ڇڏي وڃي تي پٽ پيئي. اهڙي وقت ۾ هوءَ پنهنجي پٽڙي بابت سوچڻ لڳي......

دروازي تي ڪنهن احتياط سان هٿ هنيو. ماءُ ڪڙو کوليو. ساشا اندر آئي. ماءُ وڏي عرصي کان پوءِ هن کي ڏٺو هو. هوءَ اڳيءَ کان بت ۾ ڇڳي خاصي ٿي لڳي.

هن سلام ڪيو. ماءُ جي دل کي آٿت ۽ هيانءُ کي ڏڍ آيو تہ ڪو تہ آيو ۽ رات جو ڪجهہ حصو ڪنهن سان گڏ گذري ويندو. "گهڻي عرصي کان تون ڏسڻ ۾ ڪانہ آئينءَ، ڪيڏانهن ٻاهر ويئي هئينءَ ڇا؟"

"نہ، ٻاهر تہ ڪانہ ويئي هيس، البت جيل ۾ سو هيس! نڪولائي ايوانووچ سان گڏ، ياد اٿئي نہ؟" ساشا مرڪندي چيو.

ماءُ تڙ تڪڙ ۾ چيو، "هائو، ياد وري ڪيئن نہ هوندو! مون کي ڪالهہ يگور ٻڌايو تہ هن کي بہ جيل مان ڇڏيو ويو آهي، پر تنهنجي باري ۾ تہ ڪجهہ بہ ڪين ٻڌايائين. تنهن کان سواءِ ڪنهن بہ ڪين ٻڌايو تہ تون بہ ڪا جيل ۾ قابو ڪئي ويئي هئينءَ."

هن چوڌاري نظر ڦيرائيندي چيو، "خير، اها ڪا اهڙي ڳالهہ ڪانهي. ها، يگور ايوانووچ جي اچڻ کان اڳ ۾ مون کي ڪپڙا مٽائڻا آهن."

"تون سڄي پسي پيئي آهين."

"مون اخبارون ۽ اشتهار آندا آهن."

ماءُ وڏي اشتياق مان چيو، "مونکي ڏي، مونکي ڏي. ڪٿي آهن؟"

ساشا پنهنجي ڪوٽ کي ڊيرو ڪري پنهنجي بدن کي قدري ڇوريو ته اخبارون ۽ اشتهار اُئين اچي پٽ تي ڍير ٿيا، جيئن پن وڻ مان ڇڻي اچي ڍير ٿين. ماءُ انهن کي ميڙڻ ۽ ڪلڻ لڳي.

”توکي ڏسي آءٌ اچرج ۾ پئجي ويس ته آخر ههڙي متاري ڪيئن ٿي پيئي آهين. خيال آيم ته شايد شادي ڪئي اٿئي ۽ ٻن جيئن سان آهين. مار! ڪيترئون نه اخبارون آنديون اٿيئي! وري پيرين پنڌ آئي آهين؟“

”هائو“ ساشا ورائيو. هوءَ وري به قداور ۽ نازڪ اندام نظر اچڻ لڳي. ماءُ ڏٺو ته هن جو منهن ڪجهه آڪڙيل هو، جنهن ڪري اڳيون اڳي کان به وڌيرڙيون ٿي لڳيس ۽ انهن جي چوڌاري ڪارا گهيرا ٻئجي ويا هئس.

ماءُ ٿڌو ساهه کڻي، ڪنڌ ڇوريندي چيو، ”قيد کان پوءِ توکي ڪجهه ته آرام وٺڻ گهرجي ها، پر مرگهوئي تون هنن ڪمن ۾ لڳي ويئي آهين!“

ڇوڪريءَ ٿڌ کان ڏڪندي چيو، ”چا ڪجي، ڪرڻوئي ٿيو پوي. پاويل ميخائلووچ، گرفتاريءَ وقت پريشان ته ڪونه ٿيو هو؟“

هي سوال ڪندي ڇوڪريءَ ماءُ ڏانهن ڪونه نهاريو بلڪ ڪنڌ هيٺ ڪري، ڏڪنديءَ آڱرين سان پنهنجا وار درست پئي ڪيائين.

ماءُ ورائيو، ”ايترو نه. هو اهڙو ماڻهوئي ڪونهي، جو پنهنجا جذبا جلد ظاهر ڪري يا ٿتان ڦتان ۾ پئجي وڃي.“

”تندرستي ڪيئن آهيس؟“ ڇوڪريءَ پڇيو.

”بيمار ته ڪڏهين به ڪونه ٿيو آهي!“ ماءُ ورائيو ”پر تون ته سڄي پيئي ڏڪين! ترس، آءٌ تنهنجي لاءِ چانهه جو ڪوپ ۽ رس جو پيالو ٿي آڻيان.“

”ڀلا ته سهڻي ڪئي اٿيئي، پر توکي تڪليف ٿيندي. هيءَ مهل ٿي وئي آهي. تون ويهه ته آءٌ ٿي سڀ ڪجهه ڪري وٺان.“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”ايتري تڪ ڏوڪ ڪان پوءِ ٻه؟“ ماءُ سماوار کي تيار ڪندي، ڇوڪريءَ کي فهمائش ڪندي چيو، ساشا رڌڻي ۾ ويئي ۽ ٺهي هٿ مٿي تي پويان رکي بئنچ تي ويهي رهي.

هن چيو، ”جيل، سچ پچ ته، ماڻهوءَ کي تڪايو ڇڏي. ڪمبخت بيڪاري! انهيءَ کان وڌيڪ بڇڙي ٻي ڪهڙي شيءِ ٿي سگهي ٿي. ماڻهو سڄو ڏينهن هٿ هٿ تي رکيو ويٺو هجي، حالانڪ ٻاهر هوندي، اسين ٿا سمجهون ته اتي وڃي وڏو ڪو پورهيو ڪرڻو پوندو.“

”توکي ايتريءَ سڄيءَ محنت جو بدلو ٻيو ڪو ڏنئي سگهي ٿو؟“ ماءُ پڇيو. ايتري ۾ هن ٿڌو ساهه کڻي پاڻ ئي جواب ڏنو، ”خدا کان سواءِ ٻيو ڪير آهي، جو اهڙين پلاين جو بدلو ڏئي! پر اوهان جو ته شايد خدا تان يقين کڄي ويو آهي؟“

انهيءَ تي ڇوڪريءَ ڪنڌ ڌوڻيندي، هن جي ڳالهه جي تصديق ڪئي.

ماءُ جذباتي انداز ۾ چيو، ”پر مون کي تنهنجيءَ ڳالهه تي اعتبار ڪونهي.“ ان بعد پنهنجي پيش بند سان هٿن کي لڳل آڱرن جي ڪاراڻ کي آگهندي چيائين، ”توهين ماڻهو پنهنجي عقيدي کان به واقف ڪونه آهيو. جي توکي خدا تي ڀروسو نه آهي ته تون اها زندگي جيڪا گذاري رهي آهين، سا ڪيئن گذاري سگهندينءَ؟“

ڪو ماڻهو چپن ۾ ڳالهائيندو، ڏيڏيءَ ۾ گهڙيو. ماءُ اڳتي وڌي ويئي ۽ ڇوڪري ڪنڌائتي ٿي ويهي رهي ۽ آهستي چيائين، ”ترس، دروازو نه کولجانءِ. جيڪڏهن سپاهي هجن ته تون چئج ته مون کي ڪونه ٿي سڃاڻين. آءٌ اونداهيءَ ۾ جاءِ ڀلجي تنهنجي در تي بيهوش ٿي اچي ڪريس. تو منهنجا ڪپڙا لاٿا ۽ هي ڪاغذ هٿ لڳئي. سمجهيئي؟“

”واهه ڙي، چري ٽينگري! آءٌ ائين چو چوان؟“ ماءُ متاثر ٿيندي چيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ساشا دروازي تي ڪن ڏئي چيو، ”تورو ترس، پانيان تي ته پگهور آهي.“

هو پگهور هو. پيرن ڪان مٿي تائين پنو پنو هو ۽ ٿڪ ڪان پئي سهڪيو.

”اوهو! سماوار ڪوسو پيو ٿئي! ٿڪ لاهڻ لاءِ انهيءَ ڪان وڌيڪ ٻي ڪهڙي شيءِ آهي! ساشا، تون ٻه اچي ويٺي آهين؟“

هن پنهنجو ڪوٽ به پئي لاٿو ۽ ڳالهه به پئي ڪئي ۽ رڌٽي، ۾ زور زور سان ساهه پئي کنيائين.

”امڙ، هي سرڪاري عملدارن کي پاڻ ڪِنه پوي، هڪڙي پيري جيلر هن سان بد تميزيءَ سان ڳالهايو ته هن بک هڙتال ڪئي ۽ چيائين ته جيلر کي گهرجي ته مونکان معافي وٺي. اٺ ڏينهن ائين گذري ويا. نه کاڌائين نه پيتائين. مرندي مرندي بچي آهي. خير، چڱو ٿيو! پر مون جهڙو ڪنهن جو پيٽ ڏنو اٿو؟“

هو ائين چئي ٻيءَ ڪوٺڙيءَ ۾ هليو ويو ۽ پنهنجي پيٽ کي هٿ سان جهليو بيٺو هو.

ماءُ هن جي پٺيان دروازو بند ڪيو، ۽ ساشا سان ڳالهيون به پئي ڪيون.

”چا، تون سچ پچ اٺ ڏينهن ڪاڌو ڪونه کاڌو؟“ ماءُ اچرج ۾ پئجي پڇيو.

”هن کي معافي وٺائڻ لاءِ مونکي ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ گهربو هو.“ ڇوڪريءَ ٿڙڪندي چيو. هن جي لهجي جي سختيءَ ۽ سڪون مان ماءُ ائين ٿي ڀانيو ته شايد ڇوڪري ڪيس ڇينڀي رهي هئي.

هن دل ئي دل ۾ سوچيو ته عجيب ڇوڪري آهي! ۽ پوءِ هن رڙ ڪري چيو ته ”پلا تنهنجي دشمن جا پساهه پورا ٿي وڃن ها ته پوءِ؟“

ڇوڪريءَ آهستي ورائيو، ”پيو ڪري به چا ٿي سگهيس؟ پر هن ته معافي ورتي. ماڻهن کي ائين ته ڪونه ڇڏي ڏبو ته هو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پين جي بي عزتي ڪندا وتن ۽ پين جا حق ڦريندا وتن."
ماءُ به آهستي چيو، "هون. خير! مردن جو پيو ڪر ئي ڪهڙو آهي! هي ته سڄي عمر اسان زالن جي حقن ڪي اوڙهي ۽ لوٽي، اسان تي قبضو ڪن ٿا."
يگور دروازو کوليندي چيو،
"سماوار تيار ٿي ويو آهي. ترسو، آءٌ ٿو کڻان."
بيءَ کوٺيءَ ۾ سماوار کڻي ويندي چيائين، "بابو روزانو ويهارو ڪوپ چانهه جا پي ويندو هو، جنهن ڪري ٿيهتر ورهين جي چسار تائين آرام سان گذاريائين ۽ تندرستي به چڱي رهيس. وزن به سؤ اناسي پائونڊ هيس ۽ هو واسڪري سينڪ جي ڳوٺڙي ۾ نائب پادريءَ جا فرض بجا آڻيندو هو."
ماءُ پڇيو، "تون فادر ايوان جو پٽ آهين ڇا؟"
هائو، آءٌ انهيءَ جو پٽ آهيان! پر تون ابي سائينءَ کي ڪيئن سڃاڻين؟"
"واسڪري سينسڪ ته منهنجو ڳوٺ آهي!"
"منهنجي ڳوٺ جي؟ ڪنهن جي ڌيءَ آهين؟"
"توهان جي پاڙيسري سريو گين جي!"
"لنگڙي سربو گين جي ڌيءَ؟ آءٌ ته هن کي چڱيءَ طرح سڃاڻان. هن ڪيترائي ڀيرا منهنجي ڪن مهٽ ڪئي هئي."
هي بيئي ڄڻا هڪٻئي جي سامهون بيهي کليا پئي ۽ هڪٻئي کان سوالن مٿان سوال پئي پڇيائون. چانهه ٺاهيندي ساشا مرڪي ڏنو. ڪوپن جو آواز ماءُ کي وري هن ماحول ۾ وٺي آيو.
"ابا معاف ڪجو! آءٌ ته الائي ڪٿي وڃي پهتي هيس: پنهنجي وطن واري سان گڏجي ڪيڏي نه سرهائي ٿي ٿئي!"
"معافي ته مون کي گهرڻ گهرجي، جو سڀڪنهن شيءِ تي ڪٺي قبضو ڄمايو اٿم، پر هن وقت يارهن لڳي چڪا آهن ۽ مون کي ڳهڻو پري وڃڻو آهي."
ماءُ اچرج ۾ پئجي پڇيو، "ڪيڏانهن ويندين، شهر؟"
"جي"

پر وچين چو ٿي؟ گهڻگهڻ اونداهي ۽ گپ لڳي پئي آهي - تون بنهه ٿڪل آهين. رات هتي رهي پئو، يگور ايوانووچ رڌڻي ۾ سمهي رهندو ۽ اسين پيئي هتي."

چوڪريءَ سادگيءَ سان چيو، "نه، مون کي وڃڻ گهرجي."

يگور چيو، "لاچار آهي، هن نوجوان نيگريءَ کي وڃڻ گهرجي. هو ابليس جا ٻچا هن کي سڃاڻن ٿا. سچ ايرئي جو، هن سڙڪن تي هن جو هئڻ چڱو نه آهي."

"پلا ڪيئن ويندي؟ اڪيلي سر؟"

"هائو، اڪيلي سر" يگور کلي چيو.

"ساشا پنهنجي لاءِ ڪوپ چانهه جو ناهي، ڪاريءَ ماني جي ٽڪري تي لوڻ جو هٿ ڏيئي، ماءُ ڏانهن ٻٽيءَ واري انداز سان ڏسندي، ڪائڻ لڳي.

پلاگيا چيو، "اوهان ڪان اها ڳالهه ڪيئن ٿي پڇجي- تو کان ۽ نتاشا کان- آءٌ ته ائين ڪري ٿي سگهان، مون کي ته ڊپ ٿو ٿئي."

يگور چيو، "ڊڄي ته هيءَ به ٿي."

"ڪيئن ساشا ڊڄين ٿي نه؟"

چوڪريءَ ورائيو، "ڊپ ته ٿئي ٿو."

ماءُ هن ڀنهي ڇڻن ڏانهن نهاريو ۽ چيو، "توهين ماڻهو ڪهڙا نه اورچ ۽ سخت آهيو!"

چانهه پي، چوڪري ماءُ ميٺ ۾ اتي، يگور سان هٿ ملائي رڌڻي ۾ وئي ۽ ماءُ هن کي دروازي تائين ڇڏي آئي.

ساشا ويندي ويندي چيو، "ياد رکج، پلجي نه وڃج، جيڪڏهين پاويل ميخائلووچ ملئي ته منهنجا سلام چئجانس."

هوءَ دروازي جي ڪڙي تي هٿ رکي چڪي هئي پر اوچتو ئي مڙي، ۽ چيائين، "آءٌ توکي پيار ڪري سگهان ٿي؟"

ائين چئي ماءُ ماٺ ڪري ڪئي هن کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لاتو ۽ ڪيس ماءُتا پريل دل سان پيار ڪرڻ لڳي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

"مهرباني،" ڇوڪريءَ چيو ۽ ڪنڌ لوڏي، ٻاهر هلي ويئي.

ماءُ ڪُنيءَ ۾ اچي، وري دريءَ مان ٻاهر نهاريو. اونداهہ ۾ برف ڪپهہ جي پوڻين وانگر ڪري رهي هئي.

"پروزوروف جو ڪٽنب ياد اٿئي؟" يگور پڇيو.

هن پير ڊگهيري چانهہ کي ڦوڪون پئي ڏنيون. هن جو منهن ڳاڙهو، پنڪ ۽ مطمئن هو.

"هائو ياد اٿم" ماءُ ميز ڏانهن، پاسيري ٿي، ايندي ايندي ورانيو. هوءَ ويهي رهي ۽ يگور ڏانهن آڪير پرڌي انداز ۾ نهارڻ لڳي.

"الا الا! ويچاري ساشا! شهر ڪيئن پهچندي؟"

يگور ماءُ جي سر پرائيندي چيو، "ها، ٿڪجي ته پوندي. جيل ويچاريءَ کي ضعيف ڪري ڇڏيو آهي. اڳي صحت سٺي هيس. آرام ۽ آسائش سان نپني آهي... ائين پيو لڳي ته ڦڦڙن تي ڪجهہ داغ ٿي پيو اٿس."

"آخر آهي ڪير؟" ماءُ آهستي پڇيو

"سڪي سهنجي ۽ وڏ گهراڻي آهي. هن جي چوڻ موجب پئس ته ڪو سوَر آهي. امان، توکي خبر نہ آهي ته هنن پاڻ ۾ شادي ڪرڻ ٿي گهري؟

"ڪنهن؟"

هن ۽ پاويل ...... پر اڃا ڪجهہ پيءِ ٿي نہ سگهيو آهي. جڏهين هوءَ جيل ۾ هئي ته هي ٻاهر هو ۽ جڏهن وري هيءُ ٻاهر آهي ته هو جيل ۾."

ماءُ ٿورو ترسي ورانيو، "مون کي اها خبر ڪانہ هئي. پاويل ته پاڻ بابت اهڙو تو ڪجهي جهڙي پيت. منيڻ ٿيو هلندو وتي."

هاڻي ته ڇوڪري کي ماءُ ويتر وڌيڪ گهرڻ لڳي. هن مهمان ڏانهن مهڙ ڪئي ۽ حجت ڪري چيو، "تون هن کي گهر تائين پهچائي ڇو ڪونہ آئين؟"

هن ورانيو، "ائين نٿي ڪري سگهيس. مون کي هن بستيءَ ۾ گهڻائي ڪم ڪرڻا آهن. سڄ اپرئي سان هتان نڪري در در

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪري ڇڏڪيو اٿم. سڀون جهڙي ماڻهوءَ، جنهن جو دم ٻڪدم ٻرجيو پوي، تنهن لاءِ اهو ڪو سولو ڪم ڪونهي."

ماءُ چيو، "ڇوڪري ته ڏاڍي چڱي آهي."

هن جي دل ۾ اچا تائين يگور واري ڪيل ڳالهه پئي ڦري. هن کي ڏک به ٿيو، جو جيڪا ڳالهه پنهنجي پٽ جي واتان ٻڌي هئا، سا هڪڙي ڌارئي جي واتان ٻڌائين. هن پيشانيءَ تي سر ٻڌجي ويا ۽ چپ ڳنڍي ڀيڙيائين.

يگور ماءُ جي دل ونندي وراڻيو، "ڇوڪري ته برابر چڱي آهي. آءٌ اهو به ڄاڻان ٿو، ته توکي هن جي لاءِ ڏک پيو ٿئي، پر انهيءَ مان نڪي ورندو نڪي سرندو. جيڪڏهين اسان باغين لاءِ اٿين ڏک ڪنديءَ، ته تون پاڻ ڪٿي جي ڪانه رهنديءَ. حقيقت ۾ اسان مان ڪنهن جي به حياتي سک ۽ آرام سان ڪانه ٿي گذري. منهنجو هڪڙو دوست جلاوطنيءَ جي جنجال مان جند ڇڏائي، سو هاڻي واپس وريو آهي. هو جنهن وقت نيزني نوو گرود پهتو، ته سندس يارن سمولينسڪ ۾ هن جو انتظار پئي ڪيو، پر جڏهن هو آتي پهتو ته هنجا گهر وارا ماسڪو جي جيل ۾ پهچي چڪا هئا. هاڻي هن جي زال کي سائبيريا موڪلڻ وارا آهن. مون کي به زال هئي. نهايت ئي سهڻي لڇڻ واري، منهن ۾ ڏاڍي مٺيا هيس. هڪڙي قسم جي پنجن ورهين جي حياتيءَ ڪيس قبر داخل ڪري ڇڏيو."

هن چانهه جو ديڪ ئي هڪڙو ڪيو ۽ پنهنجي ڪهاڻي جاري رکي. ٻڌايائين ته هن ڪيترا ورهيه جيل ڪاٽيو آهي ۽ ڪيترو عرصو جلاوطنيءَ ۾ گهاريو آهي، جيل ۾ ڪهڙيون مصيبتون سٺيون آهن ۽ سائبيريا ۾ بيٺ تي پئر ٻڌي ڪيڏا ڪشٽ ڪٽيا آهن.

ماءُ هن ڏانهن اچرج ۾ پئجي پئي ٻڌو ته مار! هيڏين سارين مصيبتن ۽ ڏکن سهڻ کان پوءِ به هي شخص ڪهڙيءَ ٻي فڪريءَ ۽ آرام سان آتم ڪهاڻي پيو ٻڌائي. وڏي ڪو جگر وارو ٿو ڏسجي!

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”اهي ڳالهيون ٻيون ٿينديون. هاڻي ڪيا ڪم جي ڳالهه ڪريون.“

هن جو لهجو بدلجي ويو ۽ هو سنجيده ۽ گنڀير ٿي ويو ۽ ٻڌڻ لڳو ته هوءَ اشتهار ۽ اخبارون ڪارخانــي ۾ ڪٿي ڪيئن وينديون، ۽ ماءُ ڪي جڏهن ان جا تفصيل ٻڌايائين، ته ويچاري دنگ رهجي ويئي.

آهو موضوع پورو ڪري، هو وري پنهنجي وطن ۽ ڳوٺ جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا. هن جو انداز قدري ٻوڪ وارو هو، پر ماءُ ماضيءَ جا ورق ورائيندي، ڪجهه سوچيو ۽ ويچاريو پئي. هن ڪي ائين ٻيو لڳو ته سندس ماضيءَ جي حياتي اهڙي هئي جهڙي ڪچي جي زمين، جنهن ۾ سرنهه، اچي برج ۽ سنهڙي ۽ نازڪ آسپين جا ڏڪندڙ وڻ ٿــي اپريا. هيءَ زمين اهڙي تــه ڏکي ۽ ويچاري هئي، جو آن ۾ برج جا ٻوٽا وڏي وڏا ته ٿيا ٿي، پر ٻوڏ اچڻ سان ٻين ٿين سالين ٻڏي ليتجي، ختم ٿي ٿي ويا. هن جي اکين اڳيان اهــو سورو نظارو گهمي ويو ۽ دک ۽ ڪهل جو اٿاهه جذبو هن جي دل تــي ڇانئجي ويو. وري هن ڪي هڪڙي نوجوان نينگريءَ جي شڪل اکين آڏو آيري آئي. هن نينگريءَ جا مهانڊا صاف ۽ منهن جــي ڪل ڪڙڪ ۽ سخت هئي. هــوءَ برف جي آئي ڊير مان رستو ڪيدي، ڌڪل ڌتل، اڪيلي سر پئي ويئي... ۽ ماءُ جو ٻچڙو چيل ۾ هو. ٿي سگهي ٿو ته اچا تائين ننڍ ٻر نــه آئي هجيس. ڪجهه ويچاريندو پيو هجي.... پر هــو ته پنهنجي متعلق يا ماءُ بابت ته ڪونه سوچيندو هوندو. هن وٽ ته هاڻي هڪڙي ٻي وڏيڪ پياري هستي هئي. ڪڪرن جي ڇڙوڇڙ ٿکرن وانگر هڙا تڪليف ڏيندڙ ويچار، ماءُ جي ذهن ۾ اپرندا رهيا ۽ هنجي روح تي سانت ۽ تاريڪي ڇانئجي ويئي.

”امڙ، تون ٿڪجي پئي آهين. هلو ته هلي سمهون.“ پکور مرڪندي چيو.

هوءَ موڪلائي رڌڻي ڏانهن هلي ويئي. هن جي دل ۾ ڏاڍي ڪوڙاڻ پرجي ويئي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بئي ڏينهن ناشتو ڪندي يگور چيو، ”جيڪڏهن توکي پڪڙيو ويو ۽ پڇا ڪيائون، ته هي خطرناڪ اشتهار ۽ اخبارون ڪٿان آنديون اٿئي، ته پوءِ ڪهڙو جواب ڏيندين؟“

”آءٌ چوندس ته انهيءَ سان اوهان جو ڪهڙو ڪم؟“ هن ورائيو.

يگور چيو، ”پر هو تنهنجي اها ڳالهه بدي اڻ بدي ڪري ڇڏيندا. هنن کي پڪ آهي ته انهن ڪاغذن سان تنهنجو ڪهڙو لاڳاپو آهي، تنهنڪري هو توکان ڪوڙي ڪوڙي ڳالهيون پڇڻ جي ڪوشش ڪندا.“

”آءٌ سچي ڪين ڪنديس.“

”هو توکي جيل اماڻي ڇڏيندا.“

هن ٿڌو ساهه کڻي چيو، ”ته پوءِ ٿي ڇا پوندو؟ آءٌ ته ڀاڻ ڏٺيءَ تنهنجو شڪرانو ادا ڪنديس جو ان لائق ٿي پيس! هتي ورڻي منهنجي ڪهڙي ضرورت هوندي. ڪن سواءِ ڪهڙا ڪارخانا بند ٿي ويندا. ماڻهو چون ٿا ته مون کي ته ڪا به تڪليف ڪانه ڏني ويندي.“

يگور ڏانهس نهاريندي چيو، ”هون! توکي تڪليف نه ڪونه ڏيندا، پر جي ڏاها آهن تن کي پنهنجو خيال رکڻ گهرجي.“ ماءُ مرڪي جواب ڏنو، ”توکي پهرين ڳالهين ڪرڻ جو ڪهڙو حق آهي!“

يگور ڪا به ورندي ڪانه ڏني ۽ کونئيءَ ۾ ٿهلندو رهيو. پوءِ هو ماءُ وٽ آيو ۽ چيائين، ”امڙ، ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي! آءٌ ڀانيان ٿو ته اها ڳالهه تنهنجي لاءِ ڏاڍي ڏکي ٿي پوندي.“

هن هٿ سان اشارو ڪندي ورائيو، ”ڏکيو ڪم سيڪڻهن جي لاءِ ڏکيو ڪم آهي. ٿي سگهي ٿو، ته ڪي ماڻهو ان کي سولو سمجهن، پر اها ڳالهه مونکي سمجهه ۾ بيٺي اچي، ته ڏاها ۽ نيڪ ماڻهو ڇا جي گهولا ۾ آهن.“

هن ڳنڀير ٿـي چيو، ”جيڪڏهين اها ڳالهه سمجهي ويئين ته پوءِ سيڪنهن کي تنهنجي گهرج اوس پوندي!“

ماءُ ڏانهس ڏسي ڪجهه به ڪونه ڪڇي، پر ڪلي ڏنائين.

ٻنپهرن جو هن ڪارخاني ڏانهن وڃڻ جي تياري شروع ڪئي. ڪپڙن جي هيٺيان اشتهار وغيره اهڙيءَ ريت ٻڌي اڪائي ڇڏيائين جو ڀگور کي ماءُ جي هيءَ هوشياري ڏسي آئت اچي ويئي ۽ مزي ۾ اچي ”زير گت!“ (وهواهه) اهڙيءَ ربت آچاريائين، جهڙيءَ طرح جـرمني جا سکر ماڻهو بير جو پيالو چاڙهـڻ کان پوءِ آچاريندا آهن.

”جيجي، هنن اشتهارن ۽ اخبارن ته تو ۾ ڪايا ڦير ڦار يا تبديلي ڪانه آندي آهي. تون تـه اهائي ساڳي اڏڙوت عمر جي قـداور، مهربان عورت آهين. البت سيري پيٺي لڳـين. تنهنجي انهيءَ نالـي ماتر شروعات تـي شال، سيني اوليائن جو پاڇو ۽ هٿ هجي!“

اڏ ڪلاڪ کن کان پوءِ هوءَ ڪارخاني جي ڦاٽڪ تي، وڏي اطمينان ۽ آئت سان ڪمچو ڪٽيو بيٺي هئي. جيڪو به ـ حاطي ۾ اندر داخل ٿي ٿيو، تنهن جي کيسن وغيره جو جهاڙو، ٻن سپاهين ٿي ورتو. ۽ مزورن وري هنن تي چرچا ٿي ڪيا، ۽ هنن کي گاريون تـي ڏنيون. هڪڙي پاسي هڪڙو سپاهي ڊگهين ٽنگن، ڳاڙهـي منهن ۽ ننڍين اکـين واري شخص سان گڏ بيٺو هو. ماءُ پنهنجو ڪمچو، مٿائي ٻئي ڪلهي تـي رکيو ۽ ڊگهين ٽنگن واري کي اک تيٽ سان ڏٺو، ڇو جو هوءَ سمجهي ويئي ته هي شخص سي-آء - ڊي وارن مان آهي.

”بيهودا ڪٿي جا! اڙي اسان جي مٿي جي وارن جو جهاڙو وٺو، کيسن ۾ ڇا رکيو آهي؟“ هڪڙي گهنڊيدار وارن واري، قداور مزور، جنهن جـي کيسن جو جهاڙو، ٻـه سپاهي وٺي رهيا هئا، تنهن چيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”تنهنجي مٽي ۾ هونديون رڳيون جوُن . ٻيو ڇا هوندو!“ هڪڙي سپاهيءَ ورائيو .

”توهان ماريو به رڳيون جوُن ٿا! ٻيو وري اوهان جو ڪهڙو ڪم آهي!“ مزور نهه پهه جواب ڏنو .

سي - آءِ - ڊي واري هن کي نفرت سان ڏنو ۽ ٻچان وچان پٺ تي ٺڪ اڇلائي .

ماءُ چيو، ”مون کي ته لنگهڻ ڏيو. بار هٿي پيچي چڙيو آهي.“

سپاهيءَ چڙي چيو ، ”هائي وچ وچ ! تنهنجي به ڳالهائڻ جي ڪا ضرورت هئي!“

ماءُ جڏهين ٻنهنجي جڳهه تي پهتي، ته ڪمچو لاهي ، زمين تي رکي، پگهر اگهڻ ۽ چٽي پاسن ڏانهن نهارڻ لڳي .

ماءُ کي ڏسي، به، گوسيٽ پائر ، جي ڪارخاني ۾ فٽر هئا ، وڏي آيا .

ٻنهي مان وڏي پاءُ ، واسيليءَ ، ترڙ تي گهنج وجهي پڇيو ، ”پروکي (شوروو ) آهي؟“

”سياٽي آٿيندس،“ هن جوابِ ڏنو. هي سچاٽپ جا لفظ هئا. ٻنهي پائرن کي ڏاڍي خوشي ٿي .

”جيجل ! تون ڪهڙي نه چڱي آهين!“ ايوان چيو .

واسيلي ڪمچي ۾ جانچڻ لاءِ زمين تي ويهي رهيو. ايٽري ۾ اشتهارن جو هڪڙو ويڙهو سندس ڪوٽ ۾ اندر پهچي ويو!

هن وڏي واڪي چيو ، ”ايوان، اڄ گهر ڪونه هلنداسين . هن ڪان ڏي ڪاڌو، ونـي ڪٺي کائينداسين.“ ائين ڪندي هن ٻيو ويڙهو به لانگ بوٽ ۾ ڪٺي لڪايو، ۽ چيائين هن نٿينءَ ڪمچي واريءَ کي هميشائن گهرجي.“

”بالڪل ٺيڪ آهي،“ ايوان ڪلي چيو.

ماءُ وڏي احتياط سان چوڌاري نظر ڦيرائي ويٺي.

”شوروو! گرم سيون!“ هن آواز ڏنو .

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هن تڙ تڪڙ ڪري اشتهارن ۽ اخبارن جا ويڙها ۽ دسيون مزورن ۾ ورهائڻ ۽ ورڇڻ شروع ڪيا. ويڙهن جي ورهاڱي سان گڏ پوليس عملدار جو هيڊو منهن، ماچيس جي تيليءَ وانگر، هن جي اکين اڳيان جهاڪو ڏيئي وسامي ٿي ويو ۽ هن مزي ۾ اچي ٿي چيو:

”اچي اڙي آلبيلا!“

وري چيو .ويڙهو ڏيندي: ”اچي، هيءَ به اٿيئي!“

مزور هٿن ۾ پيالا وٺيون ۽ وٺا، ڪٽي پٽي آيا. جڏهن به ڪو ويجهو ٿي بيهتو، ته ايوان گوسيف وٽي ڪليو ۽ ماءُ اشتهارن ۽ اخبارن جون دستيون ڏيڻ جي بدران ڪمچي ۾ لڳي ٿي ويئي اُنهيءَ تي بنهي پاڙن کان ڏنو ۽ چياڻون، ”امڙ، تون به ڏاڍي ڏاهي آهين!“

ويجهو بيٺل هڪڙي اسٽوڪر، ترشيءَ سان چيو، ”ضرورت سيکجهه ٿي سيکاري. هن کي ڪمائي ڪارائڻ واري کي ته حرامي وٺي ويا! تن ڪوپڪن جون سيون ڏي. امڙ، مڙيئي خير آهي، تون به پنهنجو قوت گذر ڪيئي وٺندئينءَ!“

هن مرڪي ورائيو، ”انهيءَ-همدرديءَ جي مهرباني.“

اسٽوڪر چپن ۾ پڙڪندي چيو، ”همدرديءَ جا ٻه ٽي لفظ چوڻ ۾ خرچ ڪهڙو ٿو ٿئي“ پوءِ هو به ڪنڌ وٺي ويئي وڃي ڪاڏو ڪائڻ لڳو.

”گرم شوروو! سيون! دال!“ پلاڳيا هوڪو ڏنو.

هوءَ ويچاريندي رهي ته اشتهارن جي پهرئين تجربي بابت پنهنجي پٽ کي ڇا چوندي، پر ان سان گڏ سندس ذهن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ عملدار جو پريشان ۽ ڪاوڙ وارو هيڊو منهن، لهرون ڏيئي رهيو هو. هن جون ڪاريون ڀڃون، وڏي ويچار ۾ هيون ۽ پئي ڦڙڪيون. هن جا موتين جهڙا اڇا مگر شيڪيل ڏند، سوٽ چپن مان چمڪي رهيا هئا. ماءُ جي اندر ۾ خوشي ۽ سرهاڻ اٿين سمائجي ويئي، جڻ ڪو پکيئڙو بود ۾ اچي لات

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻيو لنوي. هوءَ پنهنجن پيرن کي، عجيب انداز ۾ مٿي چاڙهيندي چيز ۾ چوندي رهي:

”اچي، هيءَ ته وڌو، هي به ڪٽي وڃو!“

ءِ ... ........

اهڙيءَ طرح، هڪ چٽ، هڪ دڪن جي ماريل، هڪ اُپوجهه عورت به هن اڙانگي گهيڙ ۾ گهڙي پيئي!

”هيچ“ را ”هر چيز“ ڪردي، زنده باش اي انقلاب!

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# (١٦)

شام جو جڏهن هن چانهه پئي پيتي ته ايتري ۾ ڪنن تي گهوڙن جي ٽاپ ٽاپ جو آواز پيس. هي گهوڙا ڪن ڪچري مان پئي آيا ۽ هڪڙو ڇاتل سڄاتل آواز به ڪن تي پيس. هوءَ اٿي، رڌڻي مان لنگهي، دروازي ڏانهن وڌي ته ڏيڍيءَ ۾ ڪنهن جي هلڻ جو پڙلاءُ ٻڌائين. هن جي اکين اڳيان اونده اچي ويئي هن ٽنبي کي ٽيڪ ڏيئي دروازو کوليو.

”جيجي! خوش آهين!“ ڇاتل سڄاتل آواز آيو ۽ ٻڳهين سنهين ٻانهن کيس پنهنجي هنج ۾ ورتو.

ڀڙيائين هن جي دل ۾ مايوسيءَ جي ڪريُ سوٽ ايري.... پڙ پوءِ آندري کي ڏسي ڏاڍي سرهي ٿي. پيئي احساس ۽ جذبا هڪٻئي ۾ گڏجي سڌجي ويا ۽ انهن مان هڪڙو عظيم ۽ سهڻو جذبو پيدا ٿيو، جنهنڪري سندس بدن ۾ گرم لهر ڊوڙي ويئي، ۽ سندس دل اٿاهه ۾ پرجي مٿي اڀامڻ لڳي. هوءَ آندري جي ڪلهي تي منهن رکي هلي پئي. هن پنهنجي ڏڪندڙ هٿن سان، کيس ڪٺي قابو جهليو. هوءَ آهستي آهستي روئي، سڏڪا پري رهي هئي، ۽ آندري سندس مٿي ۽ وارن ۾ هٿ ڦيري ڇئي رهيو هو، ”جيجي، روئين ڇو ٿي! هيانوءُ نه هار، سچ ڪري ٻڇين ته هو جلدئي ڇٽي ايندو. سرڪار ڪوبه ڏوهه ثابت ڪري ڪانه سگهي آهي. اسان جا سڀيئي ساٿي ڪچن ئي ڪين ٿا، ڇڙڪ ماٺ جي سٽي بيٺي اٿن.“

ماءُ کي سهارو ڏيئي، هو پئي ڪمري ۾ وٺي آيو. ماءُ هن جي پرسان ويهي ۽ نوريئڙي واريءَ ڦڙتيءَ سان، ڳلن تان ڳوڙها اگهي، هڻجي هڪڙي لفظ کي ڌيان ڏيئي، ٻڌڻ لڳي.

”پاويل سلام ڏنا آهن. هو چڱو ڀلو ۽ خوش آهي. جيل ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ماڻهو وڏي ويا آهن، سڀ کان ماڻهن کي ڪٺي سلهاڙيو اٿن، جن مان ڪي شهرواسي آهن ۽ ڪي اسان جا ساٿي. هڪڙيءَ هڪڙيءَ ڪوٺڙيءَ ۾ ٽن ٽن چئن چئن کي بند ڪيو اٿن. جيل اختياريءَ وارا، سي- آءِ- ڊي وارن جهڙا بيهودا ۽ هلڪڙا ڪونهن. هو اهڙيءَ سختيءَ کان ڪم ڪونہ ٿا وٺن. هو تہ چون ٿا تہ توهان رڳو گوڙ شور نہ ڪريو ۽ ڳوڙ نہ مچايو، جيئن اسان تي ڪا مصيبت نہ پوي، باقي ڪم ڪار ۽ ٻيون ڳالهيون مزي سان پيون ٿينديون. اسان جا ساٿي گڏ گذارين، گڏ کائين پين ۽ ڪتابن وغيره جي ڏي وٺ ڪري سگهن ٿا ۽ ڪن پيا. جيل چڱو آهي، البت پراڻو ۽ گندو سو آهي، پر منجهس ايتري تڪليف ڪانہ ٿي ڏني وڃي. ڏوهاري قيدي بہ ڪي هروڀرو خراب ڪونهن، هو بہ اسان جي ڪافي مدد ڪن ٿا. مون، بوڪن ۽ ٻين چئن ڄڻن کي ڇڏيو ويو آهي. آءٌ پاڻيان ٿو، تہ پاويل جو وارو بہ جلدي اچڻ وارو آهي. وسوف شيڪوف کي شايد سيني کان پوءِ ڇڏيو ويندو. هو ڳارگند تمام گهڻي ڏ-و ڪري، تنهنڪري منجهانئس ڪو بہ راضي ڪونهي. سي- آءِ- ڊي وارن کي تہ ڏني ڪين وٽي. جهڙا حال اٿس تهڙو يا تہ مٿس ڪيس هلايو ويندو يا تہ ڪيس مار ڏني ويندي. پاويل چوندو اٿس تہ نڪولائي! اهي ڳالهيون ڇڏي ڏي، تنهنجي گارين ۽ گهٽ وڌ ڳالهائڻ مان هي سڌري ڪونہ پوندا. تنهن هوندي بہ هو آهي جو وات ٻيو هليس ۽ گار جي رٽي پٽي پويس ۽ چوي ٿو تہ آءٌ هنن کي ڌرتيءَ تان اٿين ڪٺي ڦٽو ڪندس، جيئن ڪنهن ڦٽ مان گند کي ڪڍي اڇلبو آهي! پاويل جي هلت چلت نهايت سهڻي آهي. هو ثابت قدم ۽ ارادي جو مضبوط آهي. آءٌ تہ پڪ ٿو سمجهان تہ هن کي سگهوئي ڇڏيو ويندو".

"سگهوئي!"، ماءُ شفقت گڏيل مرڪ سان دهرايو. هن کي بہ آٿت اچي ويو هو. "مون کي بہ پڪ آهي تہ سگهوئي ايندو."

"هاڻي تہ آرام آيئي! چڱو هاڻي چانهہ جو ڪوپ ٿي وڃي. تون، پنهنجي بہ تہ خبر چار ٻڌاءِ؟"

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هن مرڪندي ماءُ ڏانهن نهاريو. هن جي زبان ۾ ڪيڏي نه نرمي ۽ همدردي ڀريل هئي! هن جي غمزده اکين ۾ محبت جو شعلو پئي نچيو.

”آندريوشا، تون ڪهڙو نه چڱو آهين!“ ماءُ ٿڌو ساهه کڻي، هن جي منهن جو اڀياس ڪرڻ لڳي، جنهن تي هن جي ڪاري ڏاڙهي وڌي ڪُل جهڙي بڻجي پيئي هئي.“

هن ڪرسيءَ تي جهولندي چيو، ”امڙ، مون کي خوش ڪرڻ جي لاءِ نالي ماتر پيارئي ڪافي آهي. مون کي خبر آهي ته تون مون کي گهڻو ئي گهرين تنهنجي دل ايڏي وڏي آهي. جو ان ۾ سڀني جو پيار سمائجي سگهي ٿو.“

هن زور ڏيندي چيو، ”پر آءٌ ته توکي خاص طور تي ٿي گهران. جيڪڏهن تنهنجي ماءُ هجي ها ته سڀڪو ان تي رشڪ ڪري ها، ته هن ڪهڙو نه ڏاهو ۽ دلير پٽ ڄڻيو آهي.“

خوخول پنهنجو مٿو لوڏيو ۽ پيئي هٿ مٿي کي اچي ويس.

”منهنجي مٺڙي ماءُ! خدا ڄاڻي ته ڪٿي آهي!“ هن جو آواز جهڪو ٿي ويو.

”خبر اٿئي ته اڄ مون ڇا ڪيو آهي؟“ ماءُ پڇيو، ۽ پوءِ جذباتي انداز ۾ هن بيان ڪرڻ شروع ڪيو ته هوءَ اشتهار ۽ اخبارون ڪهڙيءَ طرح سان ڪارخاني ۾ کڻي ويئي هئي. هوءَ خوشيءَ کان ڪپڙن ۾ نٿي ماپي، جنهنڪري قصي کي وڌائي سڌائي پئي بيان ڪيائين.

پهريائين ته خوخول اکيون ڦوٽاري کيس ڏسڻ لڳو، پر پوءِ ٺهڪ ڏيئي اچي کل ۾ پيو.

هن خوشيءَ وچان رڙ ڪري چيو، ”اوهو ڏاڍو چڱو ٿيو، بلڪل نيڪ! پاويل ته حد کان وڌيڪ خوش ٿيندو مٺڙي امڙ اهو نه رڳو پاويل جي لاءِ، پر ٻين ساٿين لاءِ به چڱو ٿيو!“

هن جو سڄو بدن پئي جهوميو. چپٽيون پئي وڄايئين، وجد ۾ اچي ويو ۽ سيٽي هڻڻ لڳو. خوشيءَ مان هن جا وار ڪڙا ٿي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ويا، ۽ ماءُ ڪان ان جي ڀرپور جواب ۾ پورو ڳالهائڻ نه ٿي آڪليو.

” آندر يوشا! تون ڪهڙو نه چڱو آهين!“ هن گهڙي رکي اهڙيءَ طرح چيو ڄڻڪ سندس دل جا دروازا کلي پيا هجن ۽ لفظن جي ڌار، سڀ بند ڀڃي، تکي تکي وهندي، ماٺيءَ عميق محبت ۾ چلڪندي ۽ وهجندي ٻيئي ويندي هجي. ”هاڻي آءٌ پاڻ پنهنجي حياتيءَ بابت ويچاريان ٿي ته ـــــ اي منهنجا خدا! آءٌ آخر جيئري ڇو رهيس؟ پورهيو ...... مار .... پنهنجي مڙس کان سواءِ ڪنهن کي به ڪونه ڄاڻندي هيس .... خوف ۽ ڊپ کان سواءِ ٻي ڪهن شيءِ سان واهپوئي ڪونه، هيم! خبر ئي ڪانهيم، ته پاويل ڪيئن وڏي وڏو ٿيو. ياد به ڪونه اٿم ته مڙس جي جيئري ڪا ان سان پيار ڪندي هيس يا نه. مون کي جيڪڏهن ڪو ويچار يا فڪر هوندو هو ته رڳو اهو ته هن جهنگليءَ جي پيٽ جو دوزخ سٺي ڪاڏي سان ڀرڻو هوم ۽ ٻنان ڪنهن دير جي هن جي هرڪا خواهش پوري ڪرڻي ٿي پيم، ته جيئن ڪاوڙجي نه پوي، مون کي مار جون ڌمڪيون نه ملن، ۽ من هن کي مون تي ڪا ڪهل پوي. اهڙي مار ڏيندو هوم، جو آءٌ، جيڻ سندس زال ڪانه هيس، ٻلڪ هڪڙي اهڙيءَ جا سندس ڌوهارڻ هجي. سچا سارا ويهه ورهيه اهڙين گذاريم ۽ شاديءَ کان اڳ ۾ ڪيئن گذاريم، سا ته ڀلا ڪا ئي ڪانه اٿم. پنهنجن ٻون ڏيهن کي ٿي ساريان، ته هڪڙو خال ئو نظر اچيم تازو يڪوز ايوانووچ هتي آيو هو. اسين ٻيئي ساڳئي ڳوٺڙي جا آهيون. هن ته اوراڻ پراڙ جون ڳالهيون پئي ڪيون پر مون ..... مون کي اباڻا ڪڙا دم پئي اکين آڏو ڦريا ۽ اتي وارا به. مگر ياد ڪئي ڪونه اٿم ته ماڻهو ڪيئن گذاريندا هئا. چوندا ڇا هئا ۽ انهن جو ڇا ٿيو. مون کي ياد آهي ته ڳوٺ ۾ باهه اچي لڳي هئي، ۽ مون کي پوءِ پرڏايو هٿائون. ان کان پوءِ جا ڏينهن! اف، اٿين پئي سنبران چڻ، ماري ڪٽي، منهنجي اندر مان هرڪا شي ڪڍي ورتي هجين ۽ اندر کوکي جو کوکو ٿي پيو هجيم. منهنجي روح

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿي پردو پنجي ويو آهي. هاڻي ته نڪي ڪي ڏسڻ ۾ ٿو اچي ۽ نه وري ڪجهه ٻڌڻ ۾."

هن ان مهيءَ وانگر ساهه کنيو، جنهن کي ڪنهن پاڻيءَ کان ڪڍي ٻاهر ڦٽو ڪيو هجي. هوءَ ڪي قدر اُٿي نوڙي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائڻ لڳي:

"منهنجو مڙس مري ويو. مون ٻچڙي ۾ آس رکي، پر هو به هن زندگيءَ ۾ مصروف ٿي ويو. هي سڀئي ڳالهيون منهنجي لاءِ سهڻ ڏکيون ٿي پيون ۽ ٻچڙي جي حياتيءَ بابت ڊپ ۽ هراس وڌيو ويو ته جيڪڏهن وري هن جي، دشمن کي ڪجهه ٿي پيو ته آءٌ جيئري ڪيئن رهي سگهنديس! انهن ويچارن منهنجو هياءُ ڪاٽي ڇڏيو. وقتي ته مون کي ڏکٽي اچي ونندي هئي، ۽ دل تي ايڏو بار ٿي پوندو هوم، جو ڌڻي پناهه ڏئي!"

گهڙيءَ کن جي لاءِ هن سو ماٺ ڪئي، پر جلدئي مٿو ڌوڻي، نهايت ئي معنيٰ ڀريل انداز ۾ چوڻ لڳي:

"اسان زالن جو پيار نجو پيار ڪونه ٿئي. اسان کي انهن شين سان پيار ٿيندو آهي، جن جي اسان کي گهرج هوندي آهي. پر آءُ پاڻيان ٿي ته تون پنهنجي ماءُ جي واسطي ڏاڍو ٿو ڪڙهين. ڀلا تنهنجي لاءِ ان جي اهميت ڪهڙي آهي؟ هي ماڻهو جيڪي ٻين جي واسطي تڪليفون پيا سهن، جيل ۾ پيا وڃن سائبيريا جا سور پيا سهن .... پاهر پيا ٿين .... ساهه پيا ڏيڻ .... ننڍيون نيٽيون نينگريون گند ڪچري ۾، پاڻيءَ وسندي ۽ برف پوندي شهر کان چار پنج ميل پيرين پيادي، اونداهين راتين ۾، اڪيلي سر اسان جي گهر اچن ٿيون؛ سي آخر ڇو؟ ڪنهن جي ڪارڻ؟ اهو رکو انهيءَ ڪري نه آبدر پوشا! جو هنن وٽ خالص محبت، نجو پيار ۽ اونهو عقيدو آهي. پر ته به آءٌ ائين ڪري نٿي سگهان! مون کي رڳو پنهنجن ساز پيار آهي ۽ انهن سان، جيڪي شيون ويجهيون اٿم. جيڪي منهنجا آهن سي دل تي اٿم! پاڻان پري جي شين ۽ ماڻهن جي ڳالهه دل تي اچي نٿي سگهيم! ائين ڇو آهي اندريوشا! ائين ڇو آهي؟"

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”ائين ڪونهي، جيجي، ائين ڪونهي. تون پيار ڪري سگهين ٿي!“ خوخول چيو. هو مڙيو ۽ عادت موجب ماڪ جي مٿي تي، ڳلن ۽ اکين تي هٿڙا ڦيريائين ۽ ٿڌڙا ڪيائين. ”سيڪو ائين تو ڪري، جيڪي اکيان هوندو ان ڪيڏي پائيندو آهي، پر وڏيءَ دل گردي وارا ڏورانهين شين کي پنهنجو ڪري وٺندا آهن. تون تمام وڏا ڪم ڪري سگهين ٿي، ڇو جو تو وٽ اها دل آهي، جنهن ۾ ماڪ جي اٿاهه محبت پريل آهي!“

هن چپن ۾ چيو، ”ڏٺي سگورو شال ائين ڪري! آءٌ پاڻيان ٿي ته حياتي گذارڻ جو اهوئي سهڻو طريقو آهي. آندري! تو کي، شايد پاشا ڪان به وڌيڪ پائڻ لڳي آهيان. هو ته ماڳهين مانيٺو ۽ اڪيلائي پسند آهي. ڏس ته، شهي! ساشا سان شادي ڪرڻ گهري ٿو، پر مون سان، پنهنجي مڙيءَ ماڪ سان، اڄ تائين ان جو ذڪر به ڪونه ڪيو اٿس.“

خوخول اعتراض ڪندي چيو، ”اها ڳالهه سچي ناهي. مون کي پڪ آهي ته اها ڳالهه سچي ڪانهي. هو ٻئي ڇٽا هڪٻئي کي گهرن ٿا، ايستائين ته ڳالهه صحيح آهي، باقي هو شادي ڪونه ڪندا. ساشا جي مرضي برابر آهي، پر پاويل ائين ڪرڻ نٿو گهري.“

ماڪ ويچار ۾ پئجي ويئي. هن پنهنجون ڏک پريون نظرون خوخول ڏانهن ڪنڌي چيو، ”اها ڳالهه آهي! بلڪل ائين. ماڻهو پنهنجي خوشيءَ کي پاڻ تا لتون هڻن.“

خوخول نرم آواز سان چيو ”پاويل نهايت ئي غير معمولي ماڻهو آهي.. هن جو ارادو لوهه وانگر سخت ۽ مضبوط ٿئي ٿو.“

”اڃا ته هو جيل ۾ پيو آهي،“ ماڪ اهو ويچاريندي ڳالهه جاري رکي. ”انهيءَ ڳالهه کان ڊڄان ٿي، پر ايترو نه. حياتيءَ جو رنگ بدلجي ويو آهي؟ منهنجي خوف ۽ هراس جو به، هاڻي ته مون کي سڀڪنهن شخص جي لاءِ ڊپ ٿئي ٿو. منهنجي دل به اڳي کان ٻئي رنگ تي بيٺي آهي، ڇو جو منهنجي روح منهنجي دل جون اکيون کوليو وڌيون آهن ۽ هوءَ سڀڪجهه ڏسيو رنج به ٿئي ٿي ۽ سرهي به.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”ڪيترين ئي اهڙين شين آهن جيڪي مون کي سمجهہ ۾ نہ ٿيون اچن، پر اهو ڏسي منهنجي دل کي ڏاڍو ڏک ٿيو ٿي تہ آخر اوهين خدا تي يقين ۽ ڀروسو ڇو نٿا رکو؟ آءٌ ڪري بہ ڇا ٿي سگهان! ڀانيان ٿي تہ اوهين سچا پچا ماڻهو آهيو، اوهان عوام جي لاءِ ڏکي ۽ سخت حياتي گذارڻ لڳا آهيو، سچائي ۽ صداقت جي واسطي پاڻ ٻيا پئوڙيو. هاڻ آءٌ بہ اوهان جي سچائيءَ کي سڃاڻڻ لڳي آهيان: جيسيتائين امير ماڻهو زور هوندا تيسيتائين عام ماڻهن کي ڪجهہ بہ ڪونہ ملندو، هنن کي ڪوڏي بہ پلئہ ڪانہ پوندي - خوشي ۽ انصاف تہ پري جون ڳالهيون آهن - توهان سان ڪجهہ ڏينهن گذارڻ کان پوءِ آءٌ بہ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ماضيءَ تي ويچاريندي آهيان، جواني جي انهن امنگن بابت سوچيندي آهيان، جن کي ٻين جي هٿان اڌ ۾ ڇپائي ۽ ڇڄري ڇڏيو ويو؛ ۽ جوان دل، جنهن کي مون هٿي هٿي ڦيهي ڇڏيو ويو. انهن سڙني ڳالهين کي ياد ڪري، آءُ پنهنجو پاڻ تي ئي رحم ڪئي لڳندي آهيان ۽ دل ۾ اهڙا تہ ڪسارا جذبا پيدا ٿيندا اٿم، جو زبان تي ايندي ايندي ڪاڪڙوئي ڪڙو ٿيو وڃي ٿنهن هوندي بہ هاڻي پنهنجي لاءِ جيئڻ سولو ٿي پيو آهي. آهستي آهستي مون کي سمجهہ ۾ پيو اچي تہ آءٌ آهيان ڪهڙي شيءِ!“

خوخول اٿي بيٺو - قد جو ڊگهو، سنهڙو ۽ ويچار ۾ ٻڏل - هو زمين تي ٿهلڻ لڳو، پر اهڙيءَ طرح جيئن پيرن جو آواز پيدا نہ ٿئي.

هن جهڪي ۽ جهيڻي آواز ۾ چيو، ”تو، ڪهڙيءَ نہ خوبيءَ سان سيڪا ڳالهہ ڪئي آهي! ڪيرچ شهر ۾ هڪڙو نوجوان يهودي رهندو هو، جو شعر لکندو هو. هن هڪڙي ڀيري لکيو:

ءُ انهن کي، جن کي بي گناہ قتل ڪيو ويو،

صداقت جي قوت وري جيئرو ڪري ڇڏيندي!

پر ڪيرچ ۾ هن کي بہ پوليس قتل ڪري ڇڏيو. اها ڪا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وڏي ڳالهه، ڪانهي، هن سچائيءَ کي سمجهي ورتو هو ۽ هن ماڻهن ۾ صداقت جو ٻج ٻوڪي ڇڏيو. تون به انهن مان هڪڙو فرد آهين، جن کي بي گناه قتل ڪيو ويو.“

”پر هاڻي ته دل کولي ڳالهيون ڪندي آهيان،“ ماءُ ڳالهه جاري رکي. ”آءٌ دل کولي ڳالهايان ٿي، پنهنجا لفظ ٻڌان ٿي ۽ پنهنجن ڪنن تي به مشڪل سان يقين ڇمندو اٿم. مون سموري عمر رڳو اهو پئي سوچيو آهي، ته ڪئين ڏينهن مان ڪيئن ڇوٽڪارو حاصل ڪجي! ماڻهن جي نظرن کان ڪيئن پاڻ بچائجي. جيئن انسان کي ڪو هٿ نه لائي سگهي. هاڻي ته منهنجي دل ۾ ٻين جي لاءِ به جڳهه پيدا ٿي پيئي آهي. ٿي سگهي ٿو ته آءٌ اوهان جي مقصد کي پوريءَ طرح سمجهي نه سگهي هجان، پر اوهان سان مون کي پيار آهي ۽ دل ٿي گهري ته اوهان سڀئي خوش هجو شال! ۽ آندريوشا، تنهنجي لاءِ ته نجيون دعائون گهرندي آهيان.“

هوڏانهس وڌي آيو.

”مهرباني!“ هن چيو. ماءُ جو هٿ وٺي آن کي زور ڏنائين، ۽ جلدئي منهن موڙي، ٻئي پاسي نهارڻ لڳو هوءَ جذبات جي شدت کان ٿڪجي پيئي ۽ آهستي آهستي ماٺ ڪري. ٽانو ٽپا ڏوڻڻ لڳي ۽ دل ئي دل ۾ پنهنجي محبت ڀريل جذبي جو لطف وٺڻ لڳي.

خوخول هڪڙي کان ٻئي طرف ٽهلندي کيس چيو، ”وسوف شيڪوف جي متي تي به پيار جو هٿ ڦيريندي ڪر جيجل! هن جو پيءُ جيل ۾ آهي. هو پوڙهو، شرابي آهي. ڪوڙي به ڪانه لهي! نڪولائي جڏهين به پٽس کي ڏسي ٿو وٺي، ته اڇيو بخيلي وٺيس ۽ گاريون گند ڏيڻ ۾ شروع ٿيو وڃي، جا نهايت بڇڙي عادت آهي! نڪولائي ته فطرتي طور تي نيڪ آهي. هو ڪتن، ڪوئن ۽ ٻين هر قسم جي جانورن سان پيار ڪري ٿو، پر ماڻهن سان ڪانه ٿي پوئيس! بڇان پيئي وٺندي اٿس! ٻڌاءِ ته سهي، پلا اهڙي انسان جو ڪهڙو حشر ٿيندو!“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ماءُ ڪجهه سوچيندي چيو، ”هن جي ماءُ ختم ٿي ويئي.... پيءُ چور ۽ شرابي اٿس.“

آندري وچي ليٽي پيو ته ماءُ مٿس ڪري وچي مٿانئس صليب جو نشان ٺاهيو. اڌ ڪلاڪ کن گذرڻ بعد ماءُ هلڪي آواز ۾ پڇيو:

”آندريوشا، سمهي رهئين ڇا؟“

”نه. ڇو؟“

”خدا حافظ.“

”مهرباني، جيجان مهرباني!“ هن احساس ڀرئي لهجي ۾ چيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻئي ڏينهن پلاڳيا ڪارخاني جي دروازي تي پهتي ته چوڪيدارن ڪيس ڪجهه لاهي رکڻ جو حڪم ڏنو ته جيئن هن جي تلاشي ورتي وڃي.

هن احتجاج ڪندي چيو، ”ڪاڏي جون شيون ڏيون تي، پاڻي تي ويندي ون!“ هن هڪڙي ٻه ڪانه ٻڌيس ۽ هن جي ڪپڙن ڦولهڻ ۽ جهاڙو وٺڻ ۾ لڳي ويا.

”وات نه ڪر!“ سنتري ڪڪ تي چيو.

”آءٌ چوان ٿو ته هي ماڻهو جهنگلي جي مٿان ڪاغذ پٽ اڇلايو، هڪ پٺي ڪي ٻهچائين ٿا.“ ٻئي سپاهيءَ ماءُ کي ڪلهي کان آهستي سان ڌڪو ڏيندي چيو.

هوءَ حاطي ۾ پهتي ته پهريائين پوڙهو سيزوف وٽس آيو.
”جيجان، تو ڪجهه ٻڌو؟“ هن چوڌاري نظر ڦيرائيندي پڇيو.
”ڇا ٿيو؟“

وري ٻه ڪارخاني جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ساڳيائي ڪاغذ پيا ڏسجن. اهي ٿي اخبارون ۽ اهي ئي اشتهار هيترين سارين گرفتارين ۽ وٽ ٻڪڙ جو ڪهڙو نتيجو نڪتو! منهنجي پاڻتي مازن کي ٻه هرويرو ڪٺي جيل ۾ وڌو اٿن. پنهين کي ٻه وني ويا، پر هاڻي سيڪو سمجهي ٿو ته انهن ڪاغذ پٽن ۾ هنن جو هٿ ڪونهي.“

هن پنهنجي ڏاڙهيءَ کي جهلي، ماءُ ڏي اچرج سان ڏسندي چيو، ”ڪڏهن ڪڏهن مون وٽ هلي ايندي ڪر، اڪيلي ته آهيان!“

ماءُ هن جو شڪرانو بجا آندو ۽ ڪمچي جو هوڪو ڏيڻ لڳي. هن کي ائين پئي پاسيو، ته ڪارخاني ۾ اڄ مڙيئي گڙٻڙ آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ميڪو ڦوڪيو ، ۽ ڪاوڙيو وتي پاڻ ۾ ڳالهيون ٻواهيون ڪندو ۽ هڪڙيءَ ڪوٺڙيءَ مان نڪريو ٻـيءَ ۾ پيو وڃي. دونهاٽيل فضا مان هن کي جرائت ۽ بهادريءَ جي خوشبو اچڻ لڳي چوڌاري نڪته چينيءَ مان ڀـريل جملا ۽ همٿ ڀريا گفتا ٻڌڻ ۾ آيس. ٻوڙها مزور چپن ئي چپن ۾ کلي رهيا هئا. ڪارخانو سنڀاليندڙ ۽ مالڪ پريشانيءَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن پئي آيا ويا. پوليس جي ڊوڙ ڊڪ پئي بيئي. مزور هنن کي ڏسي ٻا ڇڙو ڇڙ ٿي ٿي ويا يا ڳالهيون بند ڪري سندن منهن ۾ چتائي ٿي ڏناٺون.

واڍڪي ڪاتي جو فورمئن واويلوف ۽ ٽائيم ڪيپر ايسائي اچي لانگهاڻو ٿيا. ٽائيم ڪيپر ڪڏهـن منهن مـوڙي ۽ ڪڏهين مٿي کڻي فـورمئن جي خوفناڪ ۽ ڊيڄاريندڙ منهن ۾ ٽـِـي نهاريو ۽ پنهنجي ڇڏيءَ ڏاڙهيءَ کي لوڏيندي ڳالهيون ڪندي ٿي ويو:

”ايوان ايوانووچ، هنن ماڻهن کي ته اچي مسخريءَ جي لڳي آهي. هنن کي انهيءَ ۾ مزو ٿو اچي، حالانڪ ڊائريڪٽر صاحب جي چوڻ موجب انهيءَ ۾ ملڪ جي تباهه جو انديشو آهي. هتي گاهه جون ڪتون ڪيڻ مان ڪجهه ڪين ورندو. هن ڌرتيءَ تي جيستائين هر نه ايندو، تيستائين ميدان صاف ۽ سترو ڪونه ٿيندو.“ ڪجهه هبڪي، ڪاوڙ ۾ ٿورو زور سان چوڻ لڳو،

”گڏهه جا ڦرو! جيڪي کپيو سو وڃي چاپيو، پر منهنجي ياري ۾ هڪڙو اکر آيو ته پوءِ توهان جو خير ڪونهي“

واسيلي گوسيف وڏي، ماءُ وٽ آيو.

”اڄ تهنجي ڪاڏي مان ڪا ٻي شيءِ چونه واپرائجي جيجان! ڪاڏو تـه ستو ٿي پچائين!“ هـن چيو ۽ وري جهڪي آواز ۾، اکيون چنجهيون ڪري چـوڻ لڳو، ”اسان کي به انهيءَ جي ضرورت هئي. اما ڏاڍو چڱو ڪم آهي!“

ماءُ هن ڏانهن پياري انـداز ۾ نهاريو. هوءَ خوش هئي، جو جنهن ماڻهوءَ جي مٿي ۾ وڏيڪ واءُ ڀريل هو، تنهن به اڄ ازڏاڏي سان ڳالهاڻـڻ جي بدران نهايت عـزت سان پئي ڳالهايـو. هوءَ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪارخاني ۾ هن قسم جو شور شر ڏسي، ڏاڍي سرهي ٿي ۽ دل ئي دل ۾ سوچيائين،
جيڪڏهين آءٌ نه هجان ها ته........

ٿيٺ مزور ماڻهوءَ جي ويجهو اچي ويٺا ۽ پاڻ ۾ ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لڳا. هڪڙي ارمان ڪندي چيو، "پتوئي ڪونه ٿو پوي ته ڪٿان ٿا ملن."

ٻئي چيو، "آءٌ ته پڙهي ڪونه ڄاڻان، پر دل تي ڳڻي ته اهو معلوم ڪجي ته آخر انهن ڪاغذن ۾ لکيل ڇا آهي! ڪا ته ڳالهه آهي، جو هيڏو سارو شور مچي ويو آهي. تهن پوري هند تي لڳو ٿو پائنجي."

ٽئين ڄڻي ڇوڪري نهاربو ۽ جهيڻي آواز ۾ چيو، "هلو ته ٻاهر واري ڪمري ۾ هلون."

گوسيف ماڻهن ڏانهن نهاري، اک جو اشارو ڪري، چيو، "ڏس ته ڇا پيو ٿئي!"

پلاگيا ڏاڍي خوش ۽ سرهي ٿي، گهر موٽي آئي، ۽ آنڊريءَ کي چيائين، "ماڻهن کي ڏک انهيءَ ڳالهه جو آهي ته هو پڙهي ڪونه ڄاڻن. آءٌ جوانيءَ ۾ ڪجهه پڙهي ڄاڻندي هيس، پر هاڻي ته اهو به وسري ويو اٿم."

خوشخول پنهنجي راءِ ڏيندي چيو، "وري سکي وٺ."

"هن عمر ۾؟ ماڻهو ٺٺوليون ڪندا!"

آنڊري نڪا ڪئي هم نڪا تم. يڪدم ڪٽ مان هڪڙو ڪتاب ڪڍي، ان جي جلد ۾ هڪ تصوير ڏانهن اشارو ڪري پڇيو، "هي ڇا آهي؟"

"رڍ!" هن مرڪي جواب ڏنو. "ٺيڪ آهي، هاڻ انهي جي پير ۾ جيڪو اکر آهي اهو آهي ر، ري رڍ، سمجهيئي؟"

"ها، ري رڍ!"

"چڱو، پلا هي ڇا آهي؟"

"اها آهي اک."

”چڱو الف اڪ.“

”ٺيڪ آهي، الف اَڪ:“

”بس ائين سڀ اکر اچي ويندا!“ ماڪ ڪلي چيو، ”هونهه! چوندا آهن ته پيدا طوطا به پيلا ڪڏهين پڙهيا؟“

”اسين طوطا نه آهيون جيڪي، اسين ماڻهو آهيون، ماڻهو خدا جي پياري مخلوق آهي، ماڻهو اهو سڀ ڪري سگهي ٿو، جو طوطا نٿا ڪري سگهن.“

هوءَ ڪجهه ڦڪي ٿيڻ لڳي ۽ ائين پڻ پانياڏين ته آندري مٿس ڪلي رهيو هو، پر هن جي آواز ۾ نرمي ۽ شفقت هئي ۽ منهن تي سنجيدگيءَ جا آثار نمايان ٿي ڏٺا.

”آندر يوشا، تون سچ پچ مون کي پڙهائڻ تو گهرين ڇا؟“ هن نالي ماتر ڪلي، ائين ٿي پڇيو.

هن ورائيو، ”هائو. ٿورو گهڻو ته اڳيئي ڄاڻين ٿي، باقي سکي وينديءَ انهيءَ ۾ آهي ڇا، محنت سان ڇا نٿو ٿئي!“

”پر چوندا آهن ته اوليائن جي تصويرن کي ڏسي ماڻهو اوليا نٿو بڻجي سگهي.“

خوخول مٿو ڌوڻيندي چيو، ”برابر! پهاڪن ۽ چوڻين جي ته ڪا کوٽ ڪانهي. جهڙوڪ: علم جيترو ٿورو هوندو، ننڊ اوتري ٿي وڌيڪ ايندي. پر اهو پيٽ ٿي آهي، جيڪو اهڙيون پچارون ڪندو رهي ٿو ۽ روح کي اهڙن پهاڪن ۾ جڪڙيو ڇڏي، ته جيئن ڪيس سولائيءَ سان قبضي ۾ رکي سگهي. پيلا هيءَ ڪهڙي تصوير آهي؟“

”لڪڻ“ ماڪ چيو.

”چڱو، اهو ٿيو ”لام“، پيلا هي ڇا آهي؟“

ماڪ وساريل اکر کي ياد ڪرڻ لاءِ حافظي تي زور ڏنو ۽ اکر کي گهوري ڏسڻ لڳي. پيشانيءَ تي گهنج وجهي، ان ۾ محو ٿي ٿي ويئي. جلدئي هن جون اکيون ٿڪجي پيون. پڙهندي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پڙهندي چوندي هئي، ”تڪجي پيئي آهيان ۽ پڙهي بہ کهڙا نوٽ ڪمائيندس.“

هن ٿڌو شوڪارو ڀري چيو، ”پڙهڻ پيئي سکان! چاليهن ورهين جي عمر ۾، سوبہ الف بي!“

خوخرل آٿت ڏيندي چيو، ”امڙ! ٺڏن ساهن ڀرڻ مان ڪجهہ بہ ڪين ورندو! تو اها زندگي پاڻ تہ اختيار ڪانہ ڪئي هئي، پر اينرو تہ سڌ پئجي چڪي اٿيئي، تہ اها زندگي ڪهڙي نہ بيڪار هئي. ماڻهو چاهين تہ پنهنجي حياتيءَ کي سڌاري سگهن ٿا، پر هو جهنگلين ۽ ڀوڪن وانگر حياتيءَ جا ڏينهڙا ڪاٽين ٿا ۽ انهيءَ تي وري فخر بہ ٿا ڪن. اها ڀلا ڪهڙي وڏي ڳالهہ چئبي، جو ماڻهوءَ ڪم ڪيو، اجورو ورتو؛ پيٽ ڀريو ۽ بس. پيٽ ڪان واندڪائي ملي، تہ ٻار پيدا ڪيا. پهريائين انهن سان دل وندرايائون ۽ جڏهين وڏا ٿيا ۽ وڌيڪ ڪجهہ گهريائون تہ مٿن آڪڙيا ۽ گارين جا دس چاڙهيائون: سوئر جا پٽ، گڏهہ جا ڦر! نڪي ٿا وڏا ٿين ۽ نڪي ٿا ڪمائين، چوڙن وانگر اچا پيا اسان جو رت پين! اهڙا ماڻهو پنهنجن ٻارن کي خانگي جانور بنائڻ گهرن ٿا ۽ ٻار پنهنجي پيٽ لاءِ هٿ هڻڻ شروع ڪن ٿا ۽ بسن وانگر ڌرتيءَ جي سيني تي رڙهندا رهن ٿا. پر حقيقت ۾ انسان انهن کي ٿـو چئجي، جيڪي پنهنجي ذهن جي چوڌاري ويڙهيل زنجيرن ۽ نيڙن کي ڪوڙي، لاهي ڦٽو ڪرڻ گهرن ٿا ۽ ان ڏس ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ تائين پاڻ پتوڙيندا رهن ٿا. تون بہ اهڙن ماڻهن جي ٽوليءَ ۾ شامل ٿي چڪي آهين ۽ پنهنجي سمجهہ ۽ طاقت آهر ڪم ڪري رهي آهين.“

هن کي اها ڳالهہ نہ آئڙي ۽ چيائين، ”آءٌ؟ ابا، آءٌ ڪري بہ ڇا ٿي سگهان؟“

”ائين ڇو ٿي چئين؟ اسين سڀيئي جڻ مينهن وانگر آهيون، جنهن جو هرهڪ ڦڙو زمين کي آلو ڪري سگهي ٿـو. جڏهن تون پڙهڻ شروع ڪندينءَ....“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هن ڳالهه ڪندي ڪٿي بس ڪئي ۽ اٿي اڳئين پر ٽهلڻ شروع ڪيائين.

”توکي پڙهڻ ته ضرور گهرجي. پاويل به چاڻ چئي، آيو ۽ هو اهو ڏسي ڪيڏو نه سرهو ٿيندو، امڙ!“

ماءُ وراڻيو، ”ابا، ننڍي هوندي سيکا شيءِ سولي لڳي ٿي، هاڻي پڪي گهڙي کي ڪهڙا ڪنا پوندا! پوڙهو دماغ ۽ پريشانيون، ڪم گهڻو ۽ ڪمزوري سڀ اچي گڏيا آهن. هاڻي ڇا ٿيندو...“

”مگر امڙ! توکي خبر ناهي ته فرانس جي هڪ وڏي تعليمي ماهر ”روسو“ ڇا چيو آهي؟ هن جو چوڻ آهي ته ٻارهن ورهين کان وڏي ماڻهوءَ کي تعليم ڏيڻ وڌيڪ سولي آهي، تون آسانيءَ سان پڙهي سگهين ٿي وڏن کي ”پڪا ڪنا“ ۽ ”ٻڍا طوطا“ سڏي، پڙهڻ کان روڪڻ جو ڪم ته انهن سرمايه دارن جو رٿيل آهي، جيڪي سندن سڄاڳ ٿيڻ کان ڇرڪن ٿا!“

شام جو خوخول ٻاهر نڪري ويو. ماڻهو ڏيو ٻاري جوراب اڻڻ شروع ڪيا. هن ڪان ائين ڪيو نه ٿيو. ڪيس سک نه آيو ۽ اٿي ڪڙي تي، ۽ اڳڻ ۾ ٽهلڻ لڳي، رڌڻي ڏي ويئي ۽ نيٺ ٻاهر وارو دروازو ڪٺي ٻوريائين. هن جون اکيون ڦڙڪي رهيون هيون ۽ ائين ڪندي درين جا پردا لاهي، ڪٻٽ مان ڪتاب ڪڍي اچي ميز تي ويهي رهي. هيترو ڪرڻ کان پوءِ به هن کي هورا ڪورا نه ڇڏيو. هوءَ چوڌاري ڏسندي به رهي ۽ سندس چپ به چرڻ لڳا. زميني تان آواز ٿي آيو، ته ڇرڪ نڪري ٿي ويس ڪتاب کڻي ٿي اونڌو ڪيائين ۽ اُن کي هٿن سان اڪائي ٿي ڇڏيائين. ڪجھ آٿت اچڻ کان پوءِ وري اکيون ڇنڀي چپن ۾ چوڻ لڳي، ”الف اک، بي بلا، ٻي ٻڪري ....“

دروازي تي کڙڪو ٿيو. ماڻهو ڇرڪ ڀري اٿي کڙي ٿي. جهٽ پٽ ڪتاب کڻي ڪٻٽ ۾ رکيائين ۽ گهٻرائجي پڇيائين، ”ڪير آهي؟“

”آءٌ!“ ربن ڏاڙهي کنهندي چيو.

هن پڇيو، ”اڪي ته ائين ڪونه پڇندي هئين ته ڪير آهين؟ هون، اڪيلي آهين. مون ڀانيو ته خوخول به گهر هوندو. مون اڄ هن کي ڏٺو هو. جيل ۾ ڪيس ڪو نقصان ته ڪونه پهتو آهي.“

ائين چئي، هو ويهي رهيو، ۽ ماڻهو سان گفتگو ڪرڻ لڳو.

هن ماڻهو ڏانهن هڪڙي عجيب ۽ اسرار ڀري نظر سان ڏٺو، جنهن تان ماڻهو کي شڪ پئجي ويو ۽ هوءَ ڪجھ خطرو محسوس ڪرڻ لڳي.

هن چيو، ”سيڪنهن شيءِ لاءِ پئسو گهرجي. ڄمڻ جي لاءِ ڇا، ته مرڻ جي لاءِ ڇا، پئسو ٻنهي حالتن ۾ ضروري آهي. ساڳيءَ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

طرح ڪتابن ۽ ڪاغذن، اخبارن ۽ اشتهارن لاءِ به پئسي جي گهرج پوي ٿي. چاهين ٿي، ته هنن ڪتابن لاءِ پئسو اچي ڪٿان ٿو؟"
"نه، مون ڪسي ڪل ڪانهي،" ماڪ جهيڻي آواز ۾ چيو. هاڻي هن کي پڪ ٿي ته دال ۾ ڪجهه ڪارو ضرور آهي.
"رئيس ماڻهو،" هن جو ڪاري ڏاڙهيءَ وارو منهن ڳاڙهسرو ٿي ويو، "يعني ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي، ته پئسي ۽ هوند وارا، اهڙا ڪتاب لکن ٿا ۽ ٻين تائين پهچائين ٿا. پر هوند وارن جا ڪتاب هوند وارن جي خلاف ٿين ٿا. هاڻي تون ٿي ڪٿي ٻڌاءِ ته عام ماڻهن کي پنهنجي خلاف ڀڙڪائڻ لاءِ پئسو ڏوڪڙ خرچ ڪري هنن کي آخر ملي ڇا ٿو؟"
ماڪ ڊچي ويئي. نڙيءَ ۾ ساهه اٽڪي پيس. ڪيت نه پيئي اچيس. هن پنهنجيون اکيون ڇپڻ شروع ڪيون.
"تنهنجو ڪهڙو ويچار آهي؟"
ريبن رڇ وانگر ڦيرر ڪائيندي چيو، "ها، اهائي ته ڳالهه آهي مون سان به اهائي ڪار ٿي. اهو خيال ايندي‌ئي پگهرجي ويس."
"توکي ڪا خبر پيئي آهي، ڇا؟"
ريبن وراڻيو، "بيوقوف آهيان! منهنجي خيال موجب ته اسان ماڻهن کي بيوقوف بڻايو پيو وڃي. مون وٽ حقيقتون ته ڪونهن، پر يقين ائين پيو اچي ته انهيءَ ۾ ڏوکيبازي ضرور آهي. هي وڏا ماڻهو ڏاڍا هوشيار ٿين ٿا. آءٌ سچائي ڳوليان پيو. هاڻي انهيءَ کي سمجهڻ به لڳو آهيان. پئسي وارن جو پاسو ڪڏهن به ڪونه وٺندس. هنن کي جڏهن به وٺندو، ته مون کي لٽون ڏي به هٽندا، ته وڃي ڦهڪو ڪندس. ۽ پوءِ هو منهنجين هڏين تان لنگهي ويندا، جڻ ته ڪنهن پل تان هليا ويا."
هن جي لفظن، ڪوڙڪيءَ وانگر ماڪ ڪسي پنهنجي مضبوط پيڙ ۾ ڪٿي سوگهو ڪيو.
هن کي ڏک ٿيو ۽ انهيءَ ڏک وچان هن رڙ ڪري چيو،

”مهنجا يسوع! اڃين آهي ڇا، تہ پاشا ڪجھہ سمجھيئي ڪونہ ٿو؟ هيترا سارا....“

هن جي اکين آڏو ڀڪور، نڪولائي ايوانووچ ۽ ساشا جا سنجهڙا ۽ ڳنڀير مکڙا ڦرڻ لڳا ۽ هوءَ ٽڪڙو ٽڪڙو ساهہ کڻڻ لڳي.

اڃين ڪندي هن مٿو ڌوڻيو ۽ چيو، ”نہ نہ، مون کي پڪ ٿي نٿي ڄمي. هي ضمير وارا ماڻهو آهن.“

ريبن سوچيندي سوال ڪيو، ”ڇا مطلب؟“

”سيٺيئي. هنن مان هرڪو ماڻهو. مون اهو چڱيءَ طرح جاچيو آهي!“

ريبن ڪنڌ هيٺ ڪري چيو، ”جيجل! تنهنجي نظر اڃا اتي ڪانہ پهتي آهي، جتي پهچڻ گهرجي. توکي ڳجهوڳوٺ ڪرڻ گهرجي. جيڪي اڇي اسان جا ساٿي ٿيا آهن، ممڪن آهي تہ تن کي بہ پورو پتو نہ هجي، فقط ويساهہ وسوڙل هجن. ويساهہ بہ وڏي شيءِ آهي! پر تي سگهجي ٿو تہ انهن جي پويان اصل ڪم ڪندڙ ڪي ٻيا هجن، جن کي پنهنجي لوڙي لڳل هجي، بنان ڪنهن سبب جي ڪوبہ خلاف نٿو ٿئي.“

وري بہ اناوا تي ٿوريءَ دير بعد چيائين، ”وڏن پيٽن مان ڪنهن کي ڪڏهن بہ فائدو ڪونہ پهتو آهي.“

”توں ڇا ٿو ڪرڻ گهرين؟“ ماءُ پڇيو ۽ هن کي وري شڪ پيون لڳو.

”آءٌ؟“ ريبن هن ڏانهن مهڙ ڪئي، ٿورو هڪيو ۽ چوڻ لڳو، ”وڏن ماڻهن، رئيسن ۽ سيٺين کان جيترو پري رهجي اوترو ٿورو. منهنجو مطلب رکو اهو آهي.“

هو ٿڌو ساهہ کڻي ماٺ تي ويو.

”مون انهن ساٿين سان گڏجي ڪم ڪرڻ تي گهريو، ۽ انهن سان گڏجي اڳتي وڌڻ ۾ چڱائي ٿي سمجهيم. آءٌ اهڙي ڪم لاءِ مناسب ماڻهو آهيان. مون کي خبر آهي تہ ماڻهن سان ڪيئن اٿجي ويهجي ۽ ڳالهائجي ٻولهائجي. مگر هاڻي آءٌ وڃان ٿو،

books.sindhsalamat.com                    www.sindhsalamat.com

منهنجو ويساهه ختم ٿي چڪو. هاڻي مون کي هلڻ گهرجي."
هن ڪنڌ هيٺ ڪيو ۽ ويچار ۾ ٻڏي ويو.

" آءٌ اڪيلي سر گهوڙن ۽ واهڻن ۾ وڃي ايترو وڌيڪ ساڌن ماڻهن کي سجاڳ ڪندس. هنن کي سيڪنجهه پنهنجي هٿ سان ڪرڻو آهي. هو هڪڙو پيرو ڳالهه سمجهي ويا، ته سدا جي لاءِ وات ڳهڙي وٺندا. منهنجو ڪم آهي ته آءٌ هنن کي اهو سمجهائي ڇڏيان، ته هو پنهنجين اميدن جو مرڪز پاڻ ٿي آهن ۽ هنن جوئي دماغ هنن جي اڳواڻي ۽ رهنمائي ڪري سگهي ٿو. ايترو ڪري سگهيس، ته منهنجو فرض پورو ٿيو."

ماءُ کي هن تي ترس به آيو ۽ ڪجهه ڏبي به پئي. هو ڪيس اصل ڪين وڻندو هو ۽ هاڻي ڪنهن سبب جي ڪري ڪي قدر وڻڻ لڳو هوس. هن ڏاڍيءَ نرميءَ سان چيو، "تو کي پڪڙي ويندا."
رڳو هن ڏانهن نهاريو.

"اها ته پڪ اٿم. پر پوءِ ڇڏي به ڏيندم ۽ آءٌ وري به پنهنجو ڪم ڪرڻ شروع ڪندس."

"ماڻهين ڪڙمي به هٿي کڻي ڇڪينده ۽ جيل ۾ اماڻي ڇڏيندءِ."

"سزا پوري پاهر ايندس ۽ وري اچي پنهنجو ڪم ڪندس. باقي رهيا ڪڙمي، سي پڻ ٽن پيرن ڪان پوءِ سمجهي ويندا ۽ مون کي ڇڏائڻ جي بدران منهنجي ڳالهه ٻڌڻ شروع ڪندا ۽ ان وقت آءٌ چوندس: 'مون تي ويساهه نه ڪريو. صرف ٻڌو!' هڪڙو پيرو ٻڌڻ لاءِ تيار ٿيا ۽ ٻڌائون ته پوءِ يقين به ڪندا."
هو آهستي آهستي ڳالهائي رهيو هو، ڄڻڪ گهڻ گهوٽ ڪري پوءِ ٿي ڪڇيو.

"مون پنهنجي حياتيءَ ۾ گهڻو ڪجهه ڏٺو آهي. ڪافي ڪجهه ٻراڻو اٿم، در در ڌڪا کاڌا اٿم ۽ گهاٽ گهاٽ جو پاڻي پيتو اٿم."

هن ارمان ڪائيندي چيو، "ميخائيل ايوانووچ! تو کي ڪٿي پيٽي ڪٿي - تون گهوهه وانگر شڪارين جا گهر ڳوليندو وتين."

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هن جي اکين جي چوڌاري ڪارا ڊڙٻ پئجي چڪا هئا. هن ماءُ ڏانهن عجيب رنگ ڍنگ ۾ ڏٺو. هن جو جانٺو بدن اڳتي جهڪيو. هن پنهنجن هٿن سان ڪرسيءَ جي تختي کي جهليو ۽ هن جو سانورو منهن ڪاريءَ ڏاڙهيءَ مان به پيليرو نظر اچي رهيو هو.

”ياد اٿئي ته يسوع ٻچ جي واسطي ڇا چيو هو؟ آن کي وري جيئري ٿيڻ لاءِ مرڻو ئي پيو. پر آءٌ ايترو جلدي ڪونه مرندس. آءٌ لومڙيءَ وانگر چالاڪ آهيان ۽ ڪانءَ جهڙو ڇرڦتي.“

هو ڪرسيءَ تان اٿي اُٿيو.

”گهڙيءَ کن لاءِ گهٽيءَ ۾ ويندس. پيار ويسن سان وهندس. خوخول ته اچي ئي ڪونه ٿو. وري به وڃي پنهنجي ڪم سان لڳو؟“

”هائو“ ماءُ مرڪندي جواب ڏنو.

”ڏاڍو چڱو! منهنجي لاءِ به ڪيس ڇني ڇڏج.“

هو پيٺي چٺا اٿـي هليا ۽ هڪٻئي ڏانهن ڏسڻ ڪانسواءِ وڃي رڌڻي تائين پهتا.

”چڱو، خدا حافظ!“

”خدا حافظ. ڪارخاني مان ڪڏهن ٿو نڪرين؟“

”اڄان ته نڪتس.“

”۽ ويندين ڪڏهن؟“

”سڀاڻي صبح ساڻ- خدا حافظ!“

هو ماءُ جي اڳيان جهڪيو، ۽ دروازي مان نڪري ڏيڍيءَ ڏانهن هلڻ لڳو. هن جي ڳرن قدمن جا آواز ۽ سندس سيني مان شڪ ۽ شبهن جي اٿندڙ اڌمن جا نجار ماءُ کي چٽا ئي ڏسڻ ۾ آيا. هوءَ ماٺ ڪري پوئتي موٽي، ۽ اچي دريءَ تان پردو پري ڪري، ٻاهر جهاتي پاتائين. ٻاهر ته ٻاٺ اوندهه لڳي پيئي هجي.

آءٌ انهيءَ ٻاٺ ۾ پيهي پساهه کڻان، هن سوچيو.

هن کي انهيءَ غربت ۾ ورتل ڪڙميءَ رهڻ تي ترس اچڻ لڳو، جو هڙو ڏلو منو هو، تڏهن به رڳو هٿ هٿ جون نوڪرون ڪائيندو ئي رهيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آندري ڏاڍو خوش ٿي گهر موٽيو. هن کي جڏهن ريبن متعلق ٻڌايو ويو ته چيائين، ”ڳوٺن ۾ وڃڻ ڏيوس! در در ڪري ڀٽڪندو، عدل ۽ انصاف جي گهر ڪندو ۽ ماڻهن کي سجاڳ ڪندو. باقي اسان سان هلي ڪين سگهندو. هن جي دماغ ۾ ويچارن ۾ رکو ڪڙمي گهر ڪري ويهي رهيا آهن. اسان جي خيالن لاءِ اتي ڪابه جڳهه ڪانهي.“

ماءُ پاڻ ڄهلي چيو، ”هن وڏن ماڻهن ۽ رئيسن جي باري ۾ پئي ڳالهه ڪئي. جيڪي چيائين پئي، تنهن ۾ ڪا ته صداقت هئي. خيال رکجو ته متان هـي ماڻهو اوهان کـي بيوقوف بڻائي، پنهنجو ڪم ته ڪين ۽ پڇاڙيءَ جو اهين تـئي جيئن ڪنيءَ مهل ڳڌهه کي به پيرين پئبو آهي.“

”هو توکي ڪونه ٿا وٺن نه؟“ خوخول ڪلـيو، ”جيڪي جيڪڏهن پئسو اسان وٽ هجي ها ته ڇا ڪپي! اسين پنهنجو ڪم هڪ ٻين جي ڏي پروسي تـي پيا هلايون. مثال طـور نڪولائي ايوانووچ کي پنجهتر روبل ماهوانو ملي ٿو، هو انهن مان پنجاهه روبل اسان کي ڏئي ٿو ۽ ٻيا يار به ائين ئي ڪن ٿا. ڪڏهن يونيورسٽيءَ جا اڌ بکيا شاگرد، پئسو پئسو ڪٺو ڪري، اسان کي چندي طور موڪلين ٿا. رئيسن ۽ وڏن ماڻهن جا به الڳ الڳ قسم ٿين ٿا. هڪڙا پنهنجيءَ کل بچائڻ خاطر ساٿ ڇڏيو هليو وڃن. ٻيا ڏوڪا ٿا ڏين ۽ ٽيان ورِي، جيڪي ڪنهن اصول، دل ۽ گردي وارا آهـن، سي اسان سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملايو، هلندا اچن.“

هن هٿ هٿ تي رکي وڏي يقين سان پئي ڳالهايو.

”اسان جي آخري مقصد ته اڃا پري آهي. ڏسڻ ۾ به ڪانه ٿي اچي پهرين مئي اسان مزورن جو وڏو ڏينهن آهي ۽ اهو ڌوم ڌام سان ملهايو ويندو. اسان جي اهائي ڪوشش آهي.“

ريبن جا پيدا ڪيل شڪ شبها، خوخول جي جوشيلي تقرير

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي اثرن ۾ گم ٿي ويا. خوخول جي آڳر پنهنجن وارن ۾ هئي ۽ پئي انهن کي وٽيائين. هن جون اکيون ڏرتيءَ ۾ کتيون پيون هيون ۽ هو هيڏانهن هوڏانهن پئي ٿهليو ۽ چوڻ لڳو، ”انسان جي دل ۾ ڪڏهن ايترا ته جذبا اچي ٿا ڪنا ٿين، جو سڀ ٿا سگهجن. ائين پيو لڳندو آهي، ڄڻ سڄي دنيا ۾ پنهنجا رفيق ۽ ساٿي رهن ٿا. سڀني جي سينن ۾ ساڳي باهه ٻري پئي آهي. سڀئي چڱا، نيڪ، همدرد ۽ ڪلمڪ آهن. سڀئي گڏجي هڪڙو راڳ ٿا ڳائين ۽ ساڳيو سر ۽ آلاپ ٿا ڪڍن. اهي سڀئي سر، آلاپ ۽ راڳ، اهي نهرون نديون ۽ چشما آهن، جي وڃيو ساڳئي دريا ۾ پون، درياهه وري آزاديءَ سان اڳتي وڌندو، ڦڪرندو، نئين حياتيءَ جي سک ڀرئي سمونڊ ڏانهن وڪ کڻندو وڃي. اهڙي عالم ۾ هڪبئي کي سمجهڻ لاءِ ڪابه نندي يا معمولي ڳالهه چيڙڻ مناسب نٿي ٿئي.“

ماءُ منٿ ڪري ويٺي پئي. هن کي به ڪين ڪڇيو، چاڪاڻ جو ڊپ هوس ته متان خوخول جي خيالن جو سلسلو ٽٽي پوي. پين ڪان هن جي ڳالهه ڏانهن ماءُ وڌيڪ ڌيان ڏيندي هئي، ڇو جو هو سادي سودي نموني ۾ ڳالهائيندو هو ۽ هن جي ڳالهه ٻولهه دماغ ۾ وڃي ويندي هئي. پاويل ته آئيندي بابت ڪڏهن به ڪين ڳالهائيندو هو، پر خوخول جي هستيءَ جو هڪڙو حصو هميشه مستقبل ۾ رهندڙ پيو لڳندو هو ۽ هو انهن خوشين تي پيو ٽڳندو هو، جيڪي اچڻ واريون هيون. ماءُ جي لاءِ به انهن اچڻ وارين خوشين جي خواب هن جي ٽوڙي پٽس ۽ ان جي ساٿين جي ڪم ۾ ڪو مطلب پيدا ڪري وڌو هو.

خوخول ڪنڌ ڌوڻيو ۽ وري ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”۽ وري هوش اچيو وڃي. جيڏانهن ٿو نهارجي اوڏانهن شيون رڪ منهيون ۽ غليظ پيون ڏسجن. ماڻهو وري ٿڪل ٿڪل ۽ چيڙاڪ پيا لڳن.“

هو نهايت دکدائڪ انداز ۾ چوندو رهيو:

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”ماڻهوءَ تي ويساهه ڪرڻ ٺيڪ نه گهرجي. مون کي خبر آهي، ته انهيءَ مان ڪيتري تڪليف ٿئي ٿي. انهيءَ ڪان ماڻهين ڏچڻ ۽ نفرت ڪرڻ گهرجي. آرسيءَ جا ٻه پاسا ٿين ٿا. ساڳئي نموني ٻه ماڻهو سدائين ساڳئي خيال ۽ حال ۾ ڪونه ٿو رهي، تنهنڪري ائين چئجي ته هن سان رکيو محبت ڪئي وڃي، سو ڏيڻ مشڪل آهي! اهڙن ماڻهن کي پلاڻ ڪيئن تو معاف ڪري سگهجي، جيڪي اوهان تي حيوانن وانگر جلهه ڪري اچن، اوهان جي جيئري روح کي ڪچلڻ گهرن ۽ انسان ذات کي ناس ڪرڻ ۾ خوش ٿين! انهن کي ڇڏي ٻه ته نٿو سگهجي. انهي ڪري نه، جو هو منهنجي يا ٻئي ڪنهن خاص ماڻهوءَ جي خلاف آهن.

پاڻ ته ماڻهو گهڻو ڪجهه سهي سگهي ٿو، پر ان ڪري، جو هنن ڪن ايترو به نٿو پڇي، جو اڳلي کي پسند پيل شيءِ کي پليءَ پيٽ پرورڻ جي به اجازت ڏين. اسين دشمن کي ڇڏي، پاڻ ڪنائڻ لاءِ تيار ڪونه آهيون.“

هن جي اکين مان تڏا شعلا پئي اٿيا. هن جو ڪنڌ نهايت ضد ۾ هيٺ جهڪيل هو ۽ هو وڏيڪ مضبوطيءَ سان ڳالهائي رهيو هو ”مون کي ڪابه پل چوڪ معاف ڪرڻ جو حق نه آهي، پوءِ ڪٿي انهيءَ جي ڪري ذاتي طرح مون کي ڪا خاص تڪليف نه پهتي هجي. هن دنيا ۾ رکيو آءٌ ته ڪونه آهيان! اڄ ڪٿي ڪنهن کي ڪجهه نه چوان، بلڪ هو مون کي ايذاءُ رسائي ۽ آءٌ ڪلي ڪٿي مات ڪريان، ان کي اهميت نه ڏيان، پر سياڻي ساڳيو شخص مون تي پاڻ کي سوپارو سمجهي، وري ٻئي تي زور آزمائي شروع ڪري ڏئي، ته پوءِ؟ سيڪنهن کي ساڳيءَ نظر سان ڏسي نٿو سگهجي. بلڪ مختلف نمونن سان انهن جي پرک لهڻي پوندي ته آيا هي مون جهڙو آهي يا نه؟ هنن ڳالهين ڪرڻ مان دل خوش ڪاڻ تي ٿئي، البت آهن صحيح ۽ سچيون ڳالهيون.“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪنهن سبب جي ڪري ماءُ کي ساشا ۽ ان آفيسر جو خيال آيو، جنهن کي هن ابليس جو ٻچو سڏيو هو. ٿڌو شوڪارو ڀري چيو. ”آتي چاڻن ڪان سواءِ ماني ڪيئن ٿي پچي سگهي؟“

”اهائي ته ڳالهه ڏکوئيءَ ٿي!“ خوخول چيو.

”هائو،“ ماءُ چيو. هن جي اکين آڏو سنلس مڙس جي پٽر جهڙي، جنهن تي سينور چهيل هو، شڪل ڦري ويئي. هن خيال ڪيو ته جيڪڏهن خوخول جي نتاشا سان ۽ پٽ جي ساشا سان شادي ٿي ويئي ته ڏاڍو چڱو ٿيندو.

خوخول پنهنجي موضوع ڏانهن موٽندي، نهايت جوشيلي ۽ دلچسپ انداز ۾ چيو، ”پوءِ ڀلا ائين ڇو آهي؟ ڳالهه ته صاف چٽي پيئي آهي. اهو انهيءَ ڪري آهي، جو ماڻهو ساڳيءَ سطح تي ڪونهن. اسان جو ڪم آهي، انهن سڀني کي ساڳيءَ سطح تي آڻڻ. اچو ته سڀڪجهه ورهايون. پوءِ اهو ڪٿي دماغي سوچ جو نتيجو هجي يا هٿ جي محنت جو. ماڻهن کي خوف ۽ حسد جو ٻانهو ۽ لالچ ۽ حماقت جو شڪار ٿيڻ نه ڏجي!“

ان کان پوءِ هنن ۾ اهڙيون ڳالهيون ڪئين ڀيرا ٿيون.

نخودڪا کي وري به ڪارخاني ۾ ڪم ملي ويو. هو پنهنجو سمورو پگهار، ماءُ جي هٿ ۾ ڏيندو هو ۽ هوءَ اهي پئسا اهڙيءَ طرح سادگيءَ ۽ مرڪ سان وٺندي هئي، جهڙيءَ طرح پاويل کان.

ڪڏهن ڪڏهن آندريءَ شرارت ڪندي چوندو هو، ”امان هاڻي ڪٿي ڏورو ٻڙهي ٻڌ!“

انهيءَ تان ڪيس چڙ به ويندي هئي ۽ ڪجهه تڪليف به ٿيندي هئي، پر ڪلي ڳالهه نڌائي ڇڏيندي هئي.

هوءَ دل ئي دل ۾ چوندي هئي ته جڏهن تون سمجهين ٿي ته هو ڇرچو ٿو ڪري ته پوءِ ڪاٿي ڇو ٿي ڪرين؟ تنهن هوندي به هوءَ لفظن جو مطلب پڇڻ ۽ انهن بابت سمجهاڻيون وٺڻ لڳي. اهڙي وقت تي هوءَ پنهنجو منهن ڪري ويهي رهندي هئي ۽

ڏاڍي بي نياز نظر ايندي هئي. پر اکيان بہ ڪانگ هو ، تنهن بہ تاڙي ورتو. تہ ماٺا لڪي لڪي ڪجھ نہ ڪجھ پڙهي رهي آهي، پر البت ڦڪاڻي ٿـي ٿيس، تنهنڪري ان ڳالھ کي وات تـي آڻي ڇڏي ڏنائين.

هڪڙي ڏينهن هن چيو ، ”آندر يـوشا، منهنجي نظر گهٽبي وڃي. مون کي عينڪ جي ضرورت آهي.“

هن وراڻيو، ”اها وري ڪهڙي وڏي ڳالھ آهي! آچر جي ڏينهن شهر هلنداسين، ڊاڪٽر کان تپاسارائي توکي عينڪ وٺي ڏيندس.“

هوءَ تي پيرا پاويل سان ملاقات ڪرڻ لاءِ سنيري ويٺي، پر پوليس جي آفيسر جنهن ٻيا وار اڇا ٿي ويا هئا، ڳل گلابي ۽ نڪ وڏو هوس، تنهن سان انڪار ڪيو، ۽ هن کي گهڙيءَ لاءِ پٽڙي سان ڳالهائڻ جي اجازت نہ ملي سگهي.

”امڙ، اڇا هفتو کن تہ انتظار ڪرڻو پوندو، ان کان پوءِ ڏسنداسين. في الحال تہ اسين لاچار آهيون.“

هو گول مول ٿلهو متارو هو، جنهن کي ڏسي ماءُ کي هڪڙي اوباڙيل وڏي پٽاٽي جو خيال آيو، جنهن جي مٿان، جڻ تہ گهڻو وقت رکڻ ڪري، چارو ويڙهجي ويو هو. هو پنهنجن اڇن تکن ڏندن کي سدائين پيو ڪنهن زرد ڏنـد ڪـوٽڻيءَ سان کوٽيندو ۽ صفا ڪندو هو. هن جي ننڍڙين نيرين اکين ۾ شفقت ۽ مهرباني پيئي جهلڪندي هئي، ۽ هن جي آواز مان سدائين مروت ۽ دوستيءَ واري ٻاڦ پئي ملندي هئي.

هن خوخول کي چيو، ”ڏاڍو فضيلت ڀريو آهي، اهو پوليس آفيسر سدائين پيو مرڪي. هڙو ڪلمڪ ڪو ورلي ليندو....“

خوخول وراڻيو، ”باسي، ڪهڙي ڳالهہ ڪجي. سدا کلڻا شخص، ڪنهن کي ڏکوئين ٿي ڪين! ان کي چيو وڃي تو تہ هي ماڻهو هوشيار ۽ ايماندار آهي، پر هن ماڻهوءَ کي اسين تورو خطرناڪ سمجهون ٿا.“ هن کي سوريءَ تي چاڙهي ڇڏيو!“ بس ايتري چوڻ جي دير آهي، ۽ کلندي کلندي، هي ڪٺيو ماڻهوءَ کي ڦاهيءَ تي ٽنگين. سروان موت ملوڪان شڪار، واري ڪار آهي. ڪٿي روڄ راڙو، ڪٿي کل خوشي. انهيءَ جو نالو دنيا آهي، جيجي!“

ماڪ وراڻيو، آنهيءَ سونڊ منهين ڪان ته هو وري به چڱو هو، جيڪو هتي جهازو وٺڻ آيو هو.

”هتي پڻ ڪوبه اهڙو ڪونهي، جنهن کي ماڻهو چئجي هي سڀئي متحرڪي مثال آهن، جن ساڻ ماڻهن کي سٺيو ڪتيو وڃي ٿو. هي اهڙا اوزار آهن، جن سان اسان جهڙن جي خمر ورتي وڃي ٿي ۽ سندن هٿان اسان جي مرمت ڪئي وڃي ٿي. هتي جي وڏن ۽ آقائن هتي کي اهڙيءَ طرح پنهنجي مقصد ۽ ڪم ڪيڻ لاءِ پاليو ۽ سندن دماغ ۽ ذهن جي ڪلن کي پنهنجي هٿ ۾ رکيو آهي، جو هيڏانهن آقا جو حڪم مليو، ته هوڏانهن هتي شخص مشين وانگر بنا سوچ ويچار جي بجا آوري ڪئي. آنڌي کي ڪا ڇر اچين ۽ کهڪاڻ پوين، ائين ڪڏهن به نه ٿو ٿئي.“

نيٺ هن کي پاويل ساڻ ملاقات ڪرڻ جي موڪل ملي ويئي هوءَ جيل جي آفيس ۾ هڪڙي ڪنڊ وٺي ماٺ ڪري اچي ويهي رهي. هن ننڍڙيءَ ۽ گدليءَ ڇت واريءَ ڪوٺيءَ ۾ قيدين ساڻ ملاقات ڪرڻ لاءِ گهڻيئي اچي ڪٺا ٿيا هئا. هتي ماڻهن هڪٻئي کي ڪو پهريون ڀيرو ڪونه ڏٺو هو، هو پاڻ ۾ واقف هئا. آهستي آهستي هلڪي ۽ جهيڻي آواز ۾ پئي ڳالهه ٻولهه ڪيائون هي ڳالهيون هڪڙيءَ ڪنڊ ساڻ ٿي نڪتيون، ته چئن ئي طرفن کان گهمي اچي ٿي وچ ورتائون. اهڙيءَ طرح قيدين جي اچڻ تائين ڇوٻول جاري هو، ڇڪ کي ڪوريئڙا هئا، جن پئي اوڳاريو ۽ چار ويئي پئي پڌبي.

هڪڙيءَ ٿلهيءَ ٿبيري عورت، جنهن جاڳل پريل هئا ۽ هٿ ۾ ٿيلهي هيس، تنهن چيو، ”ٻي ڳالهه ٻڌي اٿو؟ اڄ صبح جو عبادت ڪرڻ وقت، ديول جي پادريءَ دعا پڙهڻ وارن ڇوڪرن مان هڪڙي جو ڪن ڪپي وڌو....“

هڪڙو پوڙهو شخص، جنهن کي پينشن تي ويل آفيسر جي وردي پيل هئي، تنهن ورندي ڏيندي چيو، ”هي دعا پڙهڻ وارا وري ڪهڙا چڱا مڙس ٿيندا آهن، سڀئي غنڊا ٿي اچي گڏيا آهن.“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هڪڙو بندرو گنجو شخص به هو، جو ڏاڍيءَ بي آراميءَ سان آفيس ۾ پئي ٽهليو ۽ وڏي واڪي پئي ڳالهايائين. هن جون ننگون ننڍيون، ٻانهون ڊگهيون ۽ ڪاڏي ٻاهر نڪتل هئي.

”مهانگائي وڌندي وڃي، اکهه چڙهندا وڃن ۽ ماڻهن ۾ شور پکڙبو وڃي. ڳئون جهڙو ٿهڙو گوشت به چوڏهين ڪوپڪين في پائونڊ ٿو ملي. قلڪو به اڍائي ڪوپڪ تي وڃي آهي.“

قيدي به پئي آيا ويا. سڀني کي پوري رنگ جي هڪجهڙي پوشاڪ پهريل هئي. پيرن ۾ چمڙي جا ڳرا جوتا پيل هئا. اڌو ڳابري روشن ڪمري ۾ گهڙندي، اکين اڳيان ترورا ٿي آيا. هن سان هڪڙي کي پيڙيون پيل هيون.

جيل جي هر ڪنهن شيءِ ۾ اچرج جهڙي ماٺ ۽ اڻوڻندڙ سادگي هئي. اٿين پئي لڳو ته هي مڙيئي انهيءَ ٿي هري سري ويا آهن ۽ انهيءَ کي ٻاڳ جو اکيو ڪريو پيا پوڳين. هنن سان هڪڙي منو ڪري پئي پوڳيو، پين ڪا واهه نه ڏسي لاچار کي آچار ڪونهي سمان پئي گذاريو ۽ کي وري اهڙا هئا، جي ٺهي نڪي پنهنجن ملاقاتين سان ملڻ آيا هئا. ماڻ جي دل به ٽڙڪڻ لڳي، هر ڪنهن شيءِ جي آساٽي پيدا ڪندڙ سادگيءَ هن کي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو. هن چوطرف اهڙيءَ طرح پئي ڏٺو، ڄڻ ته منجهي پيئي هئي ۽ ڪجهه سمجهه ۾ ٿي ڪين ٿي آيس.

پرسان هڪڙي ڪراڙي زال ويٺي هيس، جنهن جو چهرو چهاري وانگر خشڪ ۽ سڪل هو، پر اکين ۾ اجا دلڪشي هيس. هن ڪڪڙ جهڙي ڳچيءَ کي موڙي سڀني جون ڳالهيون پئي پڌيون ۽ هر هڪ کي شوخ نگاهن سان ڏسي رهي هئي. پلاگيا هن کان پڇيو، ”تون ڪنهن سان ملڻ آئي آهين؟“

ڪراڙيءَ ڪڙي آواز ۾ جواب ڏنو، ”پٽر سان. هو يونيورسٽيءَ جو شاگرد آهي، ۽ تون؟“

”آءٌ به پنهنجي پٽڙي سان ملڻ آئي آهيان. هو هڪڙو مزور آهي.“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

"ٽالو چا اٿس؟"

"ولاسوف."

"ٽالوئي ڪونہ ٿو پڙهيس. گهڻن ڏينهن ڪان جيل ۾ آهي ڇا؟"

"ست ڪن هفتا ٿي ويا آهنس."

"منهنجي پٽ کي تہ ڏهہ ڪن مهينا ٿي ويا آهن!"

ڪرازيءَ وراڻيو. هن جي گفتگو ۾ فخر ۽ وڏائيءَ جو نشان وڌڪ هو.

"ها، ها" ڪنهن شخص پراڻي نموني ۾ چيو، "ڪنهن ۾ بہ صبر ۽ قناعت ڪانهي.... سڀڪو چڙيو پيو. سڀڪنهن جي وات ۾ اهڙي واڻي آهي تہ، اگهہ چڙهندا وڃن، ۽ انهيءَ لحاظ سان خود ماڻهن جون قيمتون ڪرنديون وڃن. انهن حالتن کي منهن ڏيڻ ۽ روڪڻ لاءِ ڪوبہ شخص آواز نٿو اٿاري."

انهيءَ تي جمعدار چيو، "سچ ٿو چوين. حد ٿي ويئي آهي. ملڪ وچي بنگالي سان لڳو آهي. هاڻي تہ ماڻهن کي گهرجي تہ هو ڪڙڪو ڪري اٿن؛ خاموش! اسان کي هن شيءِ جي گهرج آهي. رعب دار آواز...."

سڀئي جٽا اچي ڳالهين ۾ چنبڙيا. سڀڪو پنهنجو پنهنجو رايو ڏيڻ لڳو، مگر جهڪي آواز ۾ پئي ڳالهايائون. ماءُ کي هنن جي ڳالهين سان اختلاف هو. هن جي گهر ۾ ٻئي رنگ جي ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي هئي، جا صاف ۽ کليل هوندي هئي، ۽ سمجهہ ۾ بہ سولائيءَ سان ايندي هئي. سڀڪو کڙو تڙو ڳالهائي سگهندو هو.

هڪڙي ٿلهي ٿنڀري، ڳاڙهي ۽ ڇورن ڏاڙهيءَ واري جمعدار هن جو ٽالو پڪاريو. هن کي مٿي کان وٺي پيرن تائين جاچيائين ۽ هن کي هيئن چئي، سنڀڪائيندو ٻاهر هليو ويو.

"منهنجي پويان اچ...."

هلندي هلندي، ماءُ کي خيال آيو تہ هن کي چو نہ ڌڪو ڏجي تہ تڪڙو وک کڻي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پاويل هڪڙيءَ ننڍڙيءَ ڪوٺڙيءَ ۾ ويٺو هو. هن مشڪندي ماءُ ڏانهن ڪيڪارڻ لاءِ هٿ وڌايو. ماءُ به مشڪي هٿ ڌوڪيو ۽ اکيون ڇنڀڻ لڳي.

”ڇگو.... ڇگو....“ لفظ نه ملڻ ڪري، پٺي چپائين.

پاويل ماءُ جي هٿ کان جهلي چيو، ”منهنجي مٺڙي امڙ! همت نه هار. دل کي قبضي ۾ رک.“

”آءٌ ته نيڪ آهيان.“

جمعدار ٿڌو ساهه کڻي چيو، ”هيءَ تنهنجي ماءُ ضرور آهي، پر هڪٻئي کان ڪجهه پرڀرو ٿي ويهو ته جيئن اوهان ٻنهي جي وچ ۾ ڪجهه مفاصلو رهي.“ ٻيون جملو اچاريندي هن جو آواز قدري اوچو هو ۽ هن آرس ڀڃي موڙيو.

پاويل هن کان ڇگيلائيءَ ۽ گهر بابت ڪجهه پڇيو. هن پاڻيو ته پاويل ٻيو ڪجهه به پڇندو، انهيءَ ڪري پٽ جي منهن ۾ گهور ڪري نهاريائين، پر سڀ بيڪار هو. اڳي وانگر ماٺ ۾ هو، البت رنگ سو پيلو پئجي ويو هوس ۽ اکيون ڏرا ڏيئي ويون هيس.

ماءُ چيو، ”ساشا، تنهنجو پڇيو آهي.“

پاويل جون ڀاڀڙون ڏڪڻ لڳيون. مکڙو نرم ٿي وڃي ۽ هو مشڪڻ لڳو. ماءُ جي دل ۾ سور جي سوٽ اڀري.

۽ هن ڪجهه ناراض ٿي پڇيو، ”ڪيئن تو پاڻئين، جلدي ڇڏيندا يا دير سان؟ ڀلا هنن توکي گرفتار ڇو ڪيو؟ ڪارخاني ۾ ته وري به ساڳيا اشتهار ۽ اخبارون پيون ڏسجن.“

پاويل جون اکيون ٻرڻ لڳيون. هن جلدي پڇيو، ”سچ“

جمعدار جهڙي تهڙي آواز ۾ چيو، ”اهڙين ڳالهين ڪرڻ جي منع آهي. گهرو ڳالهين بابت گفتگو ڪري سگهو ٿا.“

ماءُ احتجاج ڪندي چيو، ”هيءَ گهرو ڳالهه ڪانهي ڇا؟“

جمعدار بيپرواهيءَ سان جواب ڏيندي چيو، ”آءٌ انهيءَ جو جواب ڏيئي نٿو سگهان. پر اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ جي منع ٿيل آهي.“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

انهيءَ تي پاويل چيو ، ”ڇڱو ، ڇڏينس ڪٿي ، ٻڌاءِ ته هيتر ڏينهن ڪيئن پيئي گذاريئي؟“

هن ڏاڍيءَ هوشياريءَ سان جواب ڏيندي چيو ، ” آءٌ اهي سڀيئي ڏينهن ڪٿي ڪارخاني ۾ ويندي رهيس ،“ هوءَ ايترو چئي ، هيڪي ٻر ٻوءِ ڳلندي چپائين ،

” ساڳيو ڳوٺيءَ جو پوڙهو ، ڌال ۾ ماريا جو رڌل ڪاڏو پيتو.“

پاويل سمجهي ويو. هن پنهنجي وارن ۾ آڱريون ڦيريون ۽ ڳل کي روڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. وڏي پيار ۽ پاپوهه مان چيائين، ”ڇڱو تيو! ڪا وات ڳولي ڪيڏي اٿي . واندڪائيءَ ڪان وندر پلي. اڪيلو ماڻهو ويهي ويهي ڪڪ ٿي ٿو پوي.“

” اشتهار پشتهار ڏسڻ ۾ آيا ته منهنجو به جهاڙو ورتائون .“

هن مرڪي چيو .

جمعدار آڪڙجي چيو ، ” وري به ساڳيون ڳالهيون! هڪڙو پيرو چيم ته اهڙين ڳالهين ڪرڻ جي منع ٿيل آهي. ماڻهن کي انهيءَ لاءِ ٿو بند ڪيو وڃي، جيئن هنن کي اها سڌئي نه پوي ته ٻاهر ڇا پيو وهي واپري . تون ته عجب جهڙي مائي آهين! منع ٿيل ڳالهين جو ڌيان رکڻ لازمي آهي.“

پاويل چيو ” امان ، ڏسو ، گهٻرائي ٿيو! ماتوي ايوانووچ (جمعدار) ڏاڍو ڀلو ماڻهو آهي. ان کي ناراض ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟ هي پنهنجو دوست ماڻهو آهي ۽ اها به اتفاق جي ڳالهه ، جو اڄ هن کي هتي رهڻو پيو آهي. گهڻو ڪري ڪو سپاهي اهو ڪم ڪندو آهي.“

جمعدار واچ کي ڏسندي چيو ، ”وقت پورو ٿي ويو .“

پاويل چيو ، ” امان ، مهرباني . پريشان نه ٿج . مون کي جلدئي ڇڏيو ويندو.“ ائين چئي ، ڪٿي ماءُ کي ڀاڪر وڌائين ۽ مٺي ڏنائين. هن تي ان ڳالهه جو ايترو اثر ٿيو ، جو دل ڀرجي آيس ۽ ڳوڙها ڳڙڻ لڳس.

جمعدار چيو ، ”هلو هلو ، روئڻ ڇوتي! پٽهين کي جلدئي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڇڏبو ويندو. سيني کي آزاد ڪيو ويندو ....... هتي ڪٿ خلق گهٽيئي اچي ڪئي تي آهي."

هوءَ گهر بهتي ۽ خوخول کي هرهڪ ڳالهه اچي ٻڌي ڪري ٻڌايائين. ٻلي، ڏاڍي وڏي سان کلي رهي هئي ۽ هن جا ڇپر ڦڙڪي رهيا هئا.

هن ٿـدو ساهه کڻي چيو، "مون ڏاڍي دلچسپ نموني ۾ ڪيس ٻڌايو: هو سمجهي ويو، سمجهي ويو هوندو، نه ته ايتري پيار سان موڪل نه ڏئي ها ۽ ائين نه ڪري ها."

خوخول کليو، "ڏاڍي ڏاهي آهين! ماڻهوءَ کي الائي ڇا ڇا گهرجي، پر ماءُ کي هر ڪنهن حالت ۾ فقط محنت گهرجي ٿي."

هن ٻڙڪو ڪاڻي جوشيلي انداز ۾ چيو، "اندر پوشاڪ ائين ڪونهي! هو سڀ انهيءَ تي هڙئي مري ويا آهن: پڙهيلن ڳڙهيلن ۽ شاهوڪارن جا جاني جگر به. ڪانئن وچوڙي جيل ۾ وڌا ويا آهن ۽ هو اهڙيءَ طرح هانداڻ رهن ٿا، جڙ ته ڪجهه ٿيوئي ڪينهي. اتي آچن ٿا، وبهن ٿا، اوسيڙو ڪڍن ٿا ۽ خمرون ڏين ونڻ ٿا. ڇو؟ جڏهن پڙهيلن ڪڙهيلن ۽ وڏن ماڻهن جو اهو حال آهي، ته پوءِ اسان جاهلن ڏانهن ڪهڙي اميد رکي ٿي سگهجي؟"

خوخول پنهنجي خاص نموني ۾ چيو، "ڳالهه پـڌري پٽ پيئي آهي. قانون اسان اڻپڙهيلن ۽ هٿ مزورن جي پيٽ ۾ هنن سان وڏيڪ رعايت ٿـو ڪري. هنن کي قانون جي بچاءَ جي ضرورت به اسان کان وڌيڪ ٿئي ٿي. ان ڪري جيڪڏهين ورهيه ڪن ۾ هڪ اڌ پيرو متن قانون جي مصيبت به اچي تي ڪڙڪي، ته ٿورو گهٽو ڪرڪيو ڪنجهيو، ڪٽيو ماٺ ڪن. ٻين جي لئين جهلڻ ڪان پنهنجو ڏڪ سهسائڻ هنن لاءِ سولو آهي."

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# (۲۰)

هڪ ڏينهن شام جو، جڏهن ماءُ جوراب وڻي ٿي، ۽ خوخول ڪيس قديم روم ۾ غلامن جي بغاوت بابت ڪتاب پڙهي ٻڌائي رهيو هو، تڏهن دروازي تي ڪنهن زور سان هٿ هنيو. خوخول اٿي دروازو کوليو ته وسوف شيڪوف هڪ بنڊل ڪڇ ۾ ڪڇي اندر آيو. سندس ٽوپي پوئتي کسڪيل هئي ۽ ٽنگون گوڏن تائين ڪپ ۾ پريل هيون.

”هتان پئي لنگهيس ته سوجهرو ڏٺم، سوچيم ته اوهان سان ملندو وڃان، سڌو جيل کان پيو اچان“ هن ڪجهه اڻ سڃاتل آواز ۾ اعلان ڪيو، ماءُ جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي نهايت گرم جوشيءَ سان لوڏيائين، ۽ چيائين ”پاويل گهڻا گهڻا سلام چيا آهن . . . . . . .“

هو ڪجهه بي آراميءَ سان ويٺو هو ۽ ڪمرا ۽ شڪي نظرن سان ڪمري کي جاچي رهيو هو.

ماءُ کي هو چڱو نه لڳندو هو. سندس چورس ۽ چوٽي مٿي ۽ ننڍين اکين ۾ هن کي ڪا خوفناڪ چيز محسوس پيئي ٿيندي هئي اجوڪيءَ رات، پر جاڳاڻ ته هو سندس پٽڙي وٽان آيو هو. ڪيس ڏسي، ماءُ کي خوشي ٿي ۽ سائس ڳالهيون ڪندي محبت مان پئي مرڪي. ”ڪيترو نه سنهو ٿي ويو آهين تون! آندريوشا! هن کي هڪ ڪوپ چاءِ جو پيارڻو وڃي؟“

”آءٌ ته اڳ ئي سماوار گرم ڪري رهيو آهيان“ خوخول رڌڻي مان چيو.

”پلا تڏهن پڌاءِ ته پاويل ڪيئن آهي؟ توکان سواءِ ڪنهن ٻئي کي به ڇڏيئون؟“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وسوف مٿو جهڪائي چيو: ”پاويل اتي نهايت صبر سان ٻيو انتظار ڪري، رڳو ڀونڪي ڇڏيو اٿن.

هن مٿو مٿي ڪئي ماڪ جي منهن ڏي ڏٺو ۽ آهستي آهستي ڏند ڀيڙي چوندو رهيو. ”مون هنن کي صفا صفا چيو آهي ته هائي سهي نٿو سگهان، مون کي ڇڏيو نه ته آءُ ڪنهن نه ڪنهن کي خون ڪندس ۽ پاڻ کي به ماري ڇڏيندس، تڏهن انهيءَ طرح مون کي ڇڏي ڏنائون!“

”وه!“ ماڪ کي جڻ ته ڪو شاڪ لڳو، هن جي تکين ۽ گهوريندڙ نگاهه سان نگاهون ملندي ئي بي خياليءَ مان ماڪ چوڻ اکيون ٻوٽي ويون.

”فيدور مازن ڪٿين آهي؟“ خوخول رڌڻي مان ئي رڙ ڪئي ”اڄا به شاعري ڪري پيو؟“

”امڙ! منهنجيءَ ته سمجهه ۾ نٿو اچي،“ وسوف مٿي کي ڌوڻيندي چيو. ”خير ناهي هو پنهنجي پاڻ کي ڇاڻو سمجهي، جڻ ته ڪو مٿي آواز وارو پکي! بس پنجري ۾ وجهو ته هن ڳائڻ شروع ڪيو. مگر هڪ ڳالهه ته آءٌ به ڄاڻان ٿو ته آءٌ به گهر واپس وڃڻ نٿو گهران......“

”گهر ۾ رکيو ڇا آهي، جو واپس وڃين؟“ ماڪ غور ڪندي چيو. ”خدا ڄاڻي، ڇاهي ۾ ٻاهر ناهي، هر چيز ٿڌي..

هن ڪجهه نه ورائيو. بس اکين جي پوڇڙين مان ڏسندو رهيو پوءِ پنهنجي کيسي مان هڪ دٻي ڪڍي سگريٽ دکايائين ۽ پکڙندڙ دونهين تي نظرون کپائي ڇڏيائين - پوءِ ٻيزاريءَ مان رڙ ڪري چوڻ لڳو، ”ها! شايد هر چيز ٿڌي ٿي ويئي آهي. فرش تي ٿڌو ايپو ۽ ڪپڙن ۾ چاول ڪوٺا هوندا. امڙ! مون کي هتي رات گذارڻ جي اجازت ڏيندينءَ؟“ هن ماڪ ڏانهن نهارڻ بنا ٿڌل آواز ۾ پڇيو.

”ها ها، ڇو نه!“ ماڪ يڪدم اواز ڏنو. نه ڄاڻي ڇو هوءَ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هن جي موجودگيءَ ۾ ڪجهه عجيب بي آرامي محسوس ڪري رهي هئي.

”اڄڪلهه ته مائٽن کي خود پنهنجي ماءُ پيءُ تي به شرم پيو اچي —“

هن جي انهن اکرن تي ماءُ ڇرڪ ڀري، ڳالهه ڪپي چيو، ”ڇا؟“

هن ماءُ ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ اکيون کڻي بند ڪيائين، ائين ڪرڻ سان سندس ماتا پيريل چهري تي انڌي هجڻ جو گمان پئي پيو

”مون چيو ته، زمانو اهڙو اچي ويو آهي، جو مائٽن کي پنهنجي ماءُ پيءُ تي به شرم اچي ٿو،“ هن ٿڌي آهه ڀري، ساڳيا اکر وري دهرايا. ”پاويل کي تنهنجي سببان شرم ڪڏهن به ڪو نه آيو، پر مون کي پنهنجي بابي صاحب تي شرم اچي ٿو. انهيءَ گهر ۾ آءٌ ڪڏهن به قدم نه رکندس. منهنجو نڪو پيءُ آهي ۽ نڪو گهر —— جيڪڏهن آءٌ پوليس جي نظر هيٺ نه هجان ها، ته سائبيريا هليو وڃان ها. اتي وڃي جلاوطن ڪيلن کي آزاد ڪرايان ها، کين قيد مان ڀڄڻ ۾ مدد ڏيان ها —“

ته هن ڇوڪري کي ڏاڍو ڏک پيو ٿئي، پر هن جي تڪليف ماءُ جي همدرديءَ کي بيدار ڪري نه سگهي.

”جيڪڏهن ائين پيو سمجهين ته هليو وڃ ——“ ماءُ سوچي سمجهي ائين چيو. ”ڇاڪاڻ ته هن سمجهيو ته هوءَ جيڪڏهن ڪجهه نه ڪڇندي، ته اهو به هن کي وڻندو.

اندريءَ رڌڻي مان ٻاهر آيو، ”تون هي ڇا چئي رهيو آهين؟“ هن ٽهڪ ڏنو.

”آءٌ وڃي ڪجهه کائڻ لاءِ آڻيان ٿي ——“ ماءُ اٿندي چيو

خوخول تي توريءَ دير تائين نهايت غور ڀريل نگاهون ڄمائڻ بعد وسوف اوچتو زور سان چيو، ”منهنجو خيال آهي ته ڪجهه شخصن کي قتل ڪري ڇڏڻ گهرجي.“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”اهو ڇا جي لاءِ؟“ خوخول چيو
”هن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ....“

ڏکيو، سنهڙو خوخول ڪمري جي پوري وچ ۾ بيٺو پنهنجي ڪڙهين تي لوڏا کائيندو ۽ وسوف کي ڏسندو رهيو، جو سگريٽ جي دونهين ۾ وڏڙهجي ڪرسيءَ تي جميو ويٺو هو. سندس چهري تي ڳاڙها داغ نظر اچڻ لڳا.

” آءٌ ايسائي گوربوف جو سر لاهي ڇڏيندس، نه لاهيان ته مون کي ڇڏجانءِ!“

”ڇو؟“

”هو جاسوس ۽ دغاباز آهي، هن ئي منهنجي پيءُ کي تباهه ڪيو، هن کي غدار بنائي ڇڏيو،“ وسوف اهڙي طرز سان خوخول ڏانهن ڏٺو، جو ڄڻ ته ساڻس وڙهي رهيو هجي.

”هان، تڏهن اهڙي ڳالهه آهي،“ خوخول چيو ”مگر ڪو بيوقوف ئي هوندو، جو تنهنجي پيءُ جي سببان توکي الزام ڏيندو يا گهٽ وڌ ڳالهائيندو.“

” هوشيار ۽ بيوقوف سڀ هڪجهڙا ئي هوندا آهن،“ وسوف اڪڙجندي چيو. ”هائي اوهين پاڻ کي ۽ پاويل کي ئي کڻي وٺو، اوهين ٻئي هوشيار آهيو، مگر ڇا، آءٌ اوهان جي نظرن ۾ به اهڙو ئي آهيان جهڙو فيدر مازن، ۽ سموئلون، يا هڪ ٻئي لاءِ اوهين ٻئي؟ ........ .... ڪوڙ نه ڳالهائج. بهرحال مون کي توتي ويساهه ڪونه ايندو، اوهين سڀ مون کي هڪ طرف تا ڪري ڇڏيو، مون سان هڪ خاص طريقي جي روش اختيار تا ڪريو....“

” تنهنجي روح کي ڪجهه روڳ لڳي ويو آهي، وسوف!“ خوخول هن جي ويجهو ويهندي، آهستگيءَ ۽ نرميءَ سان چيو.

” روڳ ته لڳي ويو آهي، پر تنهنجي روح کي به روڳ لڳو ويو آهي .. .... فرق رڳو اهو آهي، ته تون سمجهين ٿو ته جيڪا بيماري توکي آهي اها منهنجي بيماريءَ جي مقابلي ۾ اوچي آهي مان ته رڳو ايترو چئي سگهان ٿو، ته اسين سڀ هڪٻئي جي نظر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ بدمعاش آهيون . ڇا تو چئين؟ ڳالهاءِ،“

هو پنهنجون تيز نگاهون آندريءَ جي چهري ۾ ڄمائي، انتظار ڪرڻ لڳو . ان وقت هن جا ڏند ڀ نظر پئي آيا ۽ هن جي داغن واري چهري جي ڪيفيت ۾ ڪوبه ڦيرو نه آيو ، پر هن جا ٿلها چپ پٺي ڏڪيا .

”مان ڪجهه به نٿو چئي سگهان.“ خوخول وسوف شيڪوف جي تيز نظرن جو جواب پنهنجي نرم اکين جي محبت ڀريءَ مشڪ سان ڏيندي چيو ”مون کي معلوم آهي، ته جنهن شخص جي دل جي سيني زخمن مان خون وهي رهيو هجي، ان سان بحث ڪرڻ – رڳو ان جي دل کي رنجائڻو آهي. مون کي معلوم آهي منهنجا پياءُ!“

”مان ۽ تون بحث نٿا ڪريون، مون کي بحث ڪرڻ نه ايندو آهي،“ وسوف شيڪوف نظرون جهڪائيندي آهستي چيو .

”مان ته ائين پيو محسوس ڪريان،“ خوخول ڳالهه جاري رکي، ”ته اسان ۾ هر شخص. پنهنجي ڪنڌن سان پيريل رستي تي هلي چڪو آهي ۽ اسان مان هر شخص پنهنجي مصيبت جي وقت تو وانگر تڪليف مان گذري چڪو آهي ......“

”مون کي تون اها ڳالهه ٻڌائي، نٿو سگهين،“ وسوف شيڪوف آهستي چيو ، ”منهنجو روح بگهڙ وانگر چيخي چڪو آهي.“

”مان توکي ڪجهه ٻڌائڻ به نٿو چاهيان. ها ايتري مون کي خبر آهي ته هيءَ حالت گذري ويندي . تي سگهي ٿو ته پوريءَ طرح ختم نه ٿئي، پر ختم ضرور ٿيندي.“

هو ٿورو کليو ۽ نڪولائيءَ جي ڪلهن کي ٿپيندي، هن پنهنجي ڳالهه جاري رکي:

”هيءَ ته ارڙيءَ وانگر هڪ ٻارن جي بيماري آهي . اسان مان هرهڪ ڪڏهن نه ڪڏهن ان جو شڪار ضرور ٿئي ٿو، اها تندرستن کي ٿوري ۽ هيڻن کي گهڻي ٿئي ٿي، اهڙي وقت تي اسان کي اچي پڪڙيندي آهي جڏهن اسين اڃا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مون پنهنجي ذات کي سمجهڻ شروع ڪريون ٿا، پر زندگيءَ کي چڱيءَ طرح اڃا ڏٺو نه هوندو اٿئون ۽ نه ان ۾ ڪا موزون جڳهه حاصل ڪري سگهيا هوندا آهيون. اڪثر محسوس ڪندا آهيون ته دنيا ۾ رڳو اسين ئي اسين آهيون، ۽ هر شخص اسان کي فتح ڪرڻ جي فڪر ۾ آهي، پر ٿوري عرصي کان پوءِ ڏسون ٿا ته ٻين جي سيني ۾ به دل آهي، جيڪا اسان کان ڪنهن به صورت ۾ بري نه آهي، ۽ اهو معلوم ڪري اسان کي گهڻو اطمينان ملي ٿو ان کان پوءِ ڪجهه شرم محسوس ٿئي ٿو. ته پنهنجي نيڍڙي ۽ معمولي گهنٽي ڪٿي، گرجا جي گهنٽي گهر تي چڙهڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي هئي، جنهن جي آواز ۾ ان نيڍڙيءَ گهنٽيءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ به نٿو اچي. پر وري اهو معلوم ٿئي ٿو ته اسان جي نيڍڙي گهنٽي ٻين گهنٽين جي ڪورس ۾ ملي، ان ۾ سهڻائي ڪري ٿي، پر جيڪڏهن کي جدا وڄائجي ته شايد وڏيون گهنٽيون ان جي آواز کي ٿيل ۾ مک وانگر ٻوڙي ڇڏين- جيڪي به چوڻ چاهيان ٿو، اهو سمجهيئه؟"

"ٿي سگهي ٿو ته منهنجي سمجهه ۾ اچي ويو هجي،" نڪولائيءَ ڪنڌ کي لوڏيندي چيو، "پر مون کي ان تي يقين ڪونه آهي."

خوخول مشڪندي، ٽپ ڏيئي، اٿي بيٺو ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو ٽهلڻ لڳو.

"اڙي او سرن جا پراڻا پير! مان به يقين نه ڪندو هوس."

"سرن جو پراڻو پير مون کي چيو ٿو. ڇو؟" نڪولائيءَ ٿڪائيءَ مان کلندي خوخول کان پڇيو.

"انهيءَ ڪري، جو تون اهوئي نظر اچين ٿو."

اوچتو نڪولائي وڏا ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳو، ان سچو وات پٽجي ويو.

"ڳالهه ڇا آهي؟" خوخول ان جي سامهون بيهي حيرت مان پڇيو.

"هينئر مون سوچيو ته تنهنجي جذبات کي تڪليف ڏيڻ وارو نه ڪهڙو گڏهه هوندو." نڪولائيءَ جواب ڏنو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”ڪير منهنجي جذبات کي تڪليف ڪيئن پهچائي سگهندو!“ خوخول پنهنجي ڪلهن کي لوڏيو.

”مون کي خبر نہ آهي،“ وسوف شيڪوف خوش مزاجيءَ سان مشڪندي چيو، ”منهنجي چوڻ جو مطلب صرف اهو هو تہ جيڪڏهن ڪنهن ڪلهن توکي تڪليف پهچائي بہ، تہ اهو ان کي ٻرو لڳندو.“

”چڱو، تہ اهو سوچي رهيو هئين،“ خوخول ڪليو.

”آندر يوشا،“ ماءُ بورچي خاني مان سڏ ڪيو.

آندري ٻاهر هليو ويو.

اڪيلو رهجي وڃڻ ڪان پوءِ وسوف شيڪوف چوطرف نهاريو پوءِ هڪ تنگ ڏکهي ڪري پنهنجي پراڻي جوتي ڏي غور سان نهاريائين ۽ پنهنجي موتيءَ ٻنيءَ کي هٿ سان ڇهيائين ۽ پوءِ پنهنجي هٿ کي متي ڪيائين ۽ پنهنجي ٿلهي هٿ ۽ ٿلهين آڱرين جي ٻٺ کي ڏسڻ لڳو، جيڪا زرد ٻج سان ڍڪيل هئي، ۽ پوءِ اٿي کڙو ٿيو، ڇڻ انهن سڀني شين کان بيزار هجي -

جڏهن آندري سماوار آندو تہ هو آئيني جي سامهون بيٺو هو.

”گهڻي عرصي کان پسوءِ مون پنهنجي ڪوجهي منهن کي ڏٺو آهي،“ هن چيو. پوءِ وري توڪ پيرذل مشڪ سان چيائين، ”ڪهڙو نہ منهن آهي، واه واه!“

”پنهنجي چهري جي پرواهہ ڇو ٿو ڪرين؟“ آندريءَ هن ڏي عجب مان نهاريندي پڇيو.

”ساشا جو چوڻ آهي تہ چهرو روح جو آئينو ٿئي ٿو“

”غلط،“ خوخول زور سان چيو، ”خود ان جو نڪ آهي مچيءَ پڪڙڻ جي ڪنڍيءَ جهڙو ۽ ڳڙن جون هڏيون آهن ڇاڪونءَ جهڙيون، پر ان جي دل هڪ ننڍي چمڪندڙ تاري وانگر آهي.“

نڪولائي هن ڏي نهاري ڪليو ۽ پوءِ هو چانهہ پيئڻ لاءِ ويهي رهيا.

نڪولائيءَ هڪ وڏو آلوءَ جو ٽڪر کٽي، مانيءَ جي ٽڪر تي لوڻ پرڪيو ۽ ڏاند وانگر آهستي آهستي کائڻ شروع ڪيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”هتي جي ڪهڙي خبر چار آهي؟“ وات ۾ گرنهه چٻاڙيندي هن پڇيو. جڏهن آندري هن کي خوشخبريءَ وانگر ٻڌائي چڪو ته ڪارخاني ۾ پرچار ڪهڙيءَ طرح وڌي رهيو آهي ته وري هو غمگين ٿي ويو.

”ڪيتري نه دير پيئي ٿئي - ڪيتري نه گهڻي دير! زياده تيزيءَ سان ڪم ڪرڻو پوندو.“

ماءُ هن ڏي نهاريو ۽ هن جي دل ۾ بيزاريءَ ڀريل جذبو پيدا ٿيڻ لڳو.

”زندگي ڪو گهوڙو نه آهي، جو ان کي چهبڪ هڻي هلايو وڃي،“ آندريءَ چيو.

نڪولائيءَ ضد مان ڪنڌ لوڏيو، ”تمام گهڻي دير ٿي رهي آهي، اهڙيءَ طرح ته مان انتظار نٿو ڪري سگهان. مان ڇا ڪيان؟“ جواب جي اميد ۾ هن خوخول جي چهري ڏي ڏٺو ۽ پوءِ مايوسيءَ مان ڪنهن کي جهٽڪو ڏنائين:

”اسان سڀني کي پڙهڻو ۽ ٻين کي پڙهائڻو پوندو، اهوئي اسان جو ڪم آهي،“ آندري ڪنڌ جهڪائي چيو.

”۽ لڙڻ ڪڏهن شروع ڪنداسين؟“ وسوف شيڪوف پڇيو.

”مون کي خبر نه آهي ته لڙڻ ڪڏهن شروع ڪنداسين مان ايترو ڄاڻان ٿو ته لڙڻ کان اڳ گهڻا دفعا اسان جي مرمت ٿيندي“ خوخول کلندي جواب ڏنو گهٽ ۾ گهٽ آءٌ اهو محسوس ڪريان ٿو ته هٿن کان اڳ دماغ کي هٿيار بند ڪرڻ ضروري آهي“

نڪولائيءَ وري کاڌو کائڻ شروع ڪيو. ماءُ چوريءَ چوريءَ هن جي ڪوجهي چهري ڏي نهاري رهي هئي ۽ هن کي ان ۾ ڪنهن اهڙيءَ شيءِ جي ڳولا هئي، جنهن جي ڪري هوءَ ان بيڍنگي جسم کي پسند ڪرڻ لاءِ تيار ٿي سگهي. ان جي ننڍين اکين جي تيز نظرن سان ماءُ جون نظرون اٽڪيون، انهيءَ ڪري هن جا ڀرون ڦڙڪڻ لڳا. آندري ڪجهه بي چين ٿي ويو ۽ هن اوچتو کلڻ ۽ ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪيون ۽ پوءِ چپ ڪري

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وري سيٽي وڄائڻ لڳو. ماءُ جو خيال هو ته هوءَ ان جي پريشانيءَ جي سبب کي سمجهي ويئي آهي. نڪولائي خاموش هو ۽ خوخول جيڪا به ڳالهه ڪئي ٿي، ان جو هن رکائيءَ سان جواب ڏنو ٿي. ماءُ ۽ آندريءَ کي ان ننڍي ڪمري ۾ گهڻ ۽ بي آرامي محسوس ٿيڻ لڳي ۽ هو ٻيئي - پنهنجي مهمان ڏي ڏسي رهيا هئا.

آخر ڪار نڪولائي اٿي بيٺو ۽ چيائين ”منهنجو خيال آهي ته هاڻي مونکي گهرجي. جيل ۾ لاڳيتو ويٺو رهيس ۽ پوءِ مون کي اوچتو ڇڏيو ويو ۽ هيڏي هليو آيس. تمام گهڻو ٿڪجي پيو آهيان“

هو بورچي خاني ۾ ويو ۽ اتي ٿورو هاڻ چانهه جو آواز آيو ۽ پوءِ چپ ٿي ويئي. ماءُ ڪن ڏيئي ڪجهه ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي، پر خاموشي لڳي پيئي هئي. هن آندريءَ کي آهستي چيو ”هن جي ذهن ۾ ڪو خطرناڪ خيال آهي......“

”ها، ان کي سمجهڻ مشڪل آهي،“ خوخول ڪنڌ لوڏيندي ڳالهه سان اتفاق ڪيو، ”پر اها حالت ختم ٿي ويندي. مون تي به ڪنهن زماني ۾ اهڙي حالت طاري ٿيندي هئي. دل ۾ شعلو ٻجي چمڪڻ کان اڳ باهه مان دونهون نڪرندو آهي. تون سمهي رهه مان اجا پڙهندس.“

هوءَ هڪ ڪنڊ ۾ هلي ويئي، جتي سوٽي پردي جي پريان، هن جو بسترو وڇايل هو، ۽ گهڻيءَ دير تائين آندري هن جي ٿڌن ساهن ۽ دعائن جي آواز کي ٻڌندو رهيو. هن تيزيءَ سان ڪتاب جا پنا اٿلايا، ٿتي کي کنهيو، پنهنجي ڊگهين آڱرين سان مڇن کي مروٽيو ۽ پيرن کي لوڏيو. گهڙيال ٽڪ ٽڪ ڪري رهيو هو. هوا وٽن مان لنگهندي مرثيو پڙهندي گذري رهي هئي.

”منهنجا خدا!“ ماءُ جو نرم آواز آيو. ”دنيا ۾ ايترا ماڻهو آهن ۽ هر شخص پريشان آهي. آهي ڪهڙا ماڻهو آهن، جيڪي خوش آهن؟“

”اهڙا ماڻهو به آهن،“ خوخول جواب ڏنو، ”۽ تمام جلد انهن جي تعداد ۾ واڌارو ايندو، تمام گهڻو واڌارو!“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هڪبئي کان مختلف ۽ واقعن سان ڀريل ڏينهن گذرندا ويا ۽ زندگيءَ جو وهڪرو تيزيءَ سان وهندو رهيو. هر نئون ڏينهن ڪا نئين شيءِ آڻيندو هو، پر هاڻي ماءُ ان کان پريشان نه ٿيندي هئي. هن جي گهر ۾ ڌاريا ماڻهو به زياده اچڻ لڳا. اهي ماڻهو شام جو ايندا هئا، اونداهيءَ سان آهستي آهستي ڳالهيون ڪندا هئا ۽ پوءِ پنهنجي ڪوٽن جي ڪالرن کي مٿي ڪري، ٽوپين سان اڌ منهن ڍڪي ۽ اونداهيءَ آهستي آهستي هلندي گهر ٿي ويندا هئا. انهن جي ڳالهين ۾ جوش نظر ايندو هو، پر هو ان کي دٻائيندا هئا، ائين ڄڻ ان ۾ هو ڪو ڳالهه ۽ ڪلڻ جو ارادو ڏيکاريندا هجن. پر وقت جي تنگيءَ ڪري ائين نه ڪندا هئا. جيو ته هو هميشه ٽڪڙا هوندا هئا، ڪي سنجيدا ۽ ڪي ٺوڪ سان ڀريل، ڪي ڪنهن ۽ جواب جي طاقت سان ڀرپور، ڪي خاموش ۽ فڪر مند نظر ايندا هئا. ماءُ ڏٺو هو ته هو سڀ پاڻ ۾ ڀروسو رکندڙ ۽ مستقل مزاج هئا. جيتوڻيڪ شڪل ۽ صورت ۾ هر شخص ٻئي کان مختلف هو، پر ماءُ جي نظرن ۾ سڀ چهرا گڏجي هڪ چهرو ٿي ويندو هو. جنهن احساس ويندي وقت حضرت مسيح جي چهري سان ڪجهه مشابهت رکي ٿي. پتلو، سڪون ڀريو ۽ باعزم چهرو، جنهن جون اکيون گهريون، شفاف ۽ ڪاريون هيون ۽ ان جي نظرن ۾ هڪ ئي وقت نرمي ۽ سختي هئي.

ماءُ انهن کي ڏٺي به ڇڏيو ۽ پنهنجي ذهن ۾ انهن سڀني کي پاويل جي چوڌاري وبهاري ڇڏيو، جن جي وچ ۾ هو دشمن جي نگاهن کان بچيو رهندو.

هڪ ڏينهن شهر مان هڪ گهنديارن وارن واري خوش مزاج

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڇوڪري هڪ بنڊل کڻي آندريءَ وٽ آئي، وڃڻ وقت هن پوئين نهاري مشڪندڙ نظرن سان ماءُ ڏي ڏٺو ۽ چيو، ”خدا حافظ ڪامريڊ!“

”خدا حافظ،“ ماءُ پنهنجي ڪلڙ کي روڪيندي چيو. ڇوڪريءَ کي ٻاهر اماڻي، هوءَ دريءَ وٽ وڃي بيٺي ۽ مشڪندي پنهنجي ان ڪامريڊ کي ڏسندي رهي، جيڪا ننڍا ننڍا پر تيز قدم کڻندي رستي تان وڃي رهي هئي. هوءَ بهار جي گل وانگر ٽڙيل نظر اچي رهي هئي ۽ پوپٽ وانگر تيز ۽ هلڪي.

”ڪامريڊ“ ماءُ آهستي چيو، ”منهنجي ننڍڙي گڏي! خدا ڪري، جو توکي سچ پچ ڪو سٺو ڪامريڊ ملي وڃي، جيڪو ساري عمر تنهنجو ساٿ ڏئي.“

شهر مان ايندڙ انهن سڀني ماڻهن ۾ هوءَ ڪا ٻاراڻي ڳالهه محسوس ڪندي هئي، ۽ هوءَ پنهنجي شفقت مان کلندي ڏسندي هئي پر انهن جو اعتقاد ڏسي هوءَ بيحد خوش ٿيندي هئي ۽ هن کي انهيءَ خوشيءَ سان گڏ عجب به لڳندو هو ان اعتقاد ۾ جيڪو خلوص هو، ان کي هوءَ ڏينهون ڏينهن وڌيڪ سمجهڻ لڳي هئي. عدل ۽ انصاف جي فتح جي يقين هن جي دل کي گرمي ۽ سڪون پهچايو ٿي. پر خبر ناهي ته ڇو انهن جون ڳالهيون ٻڌي هوءَ ڪنهن اڻ ڄاتل ڏک مان ٿڌا ساه ڀرڻ لڳندي هئي. انهن جي سادگي ۽ پنهنجي ذات لاءِ هنن جي بي پرواهي هن کي خاص طور تي موهي ٿي ڇڏيو زندگيءَ جي متعلق انهن جيڪي ڪجهه چيو ٿي، ان مان هاڻي هن گهڻو ڪجهه سمجهيو ٿي هن اهو پئي محسوس ڪيو ته انهن ماڻهن انساني ڏک جي اصل سبب کي ڳولي لڌو آهي، ۽ هوءَ انهن جي گهڻن نظرين کي صحيح لکڻي هئي. پر هوءَ پنهنجي دل جي گهرائيءَ ۾ اهو يقين نه رکندي هئي، ته هي ماڻهو ڪو زندگيءَ جي نئين تعمير ڪري سگهندا يا اهو ته هو ڪو پنهنجا هڪ ٻاهر جي چوڌاري سڀني مزدورن کي جمع ڪري سگهندا. هر شخص اڄ ٿي پنهنجي پيٽ ڀرڻ جي فڪر ۾ آهي. ڪير آهي، جو وڌيڪ نه، رڳو سڀاڻي تائين پنهنجي ماني‌ءَ تان هٿ کڻي وٺي! تمام ٿورا ماڻهو هوندا،

جيڪي ان ڏکي ۽ مشڪل رستي هلڻ لاءِ تيار ٿين ۽ ڪو به ان حڪومت جو تصور به نه ڪري سگهي، جڏهن سڀ انسان ڀائر هوندا. انهيءَ ڪري هي ماڻهو هن کي پيارا نظر ايندا هئا، جيتوڻيڪ انهن جي منهن تي ڏاڙهيون هيون، جن تي گهڻو ڪري ٽڪ جا نشان نظر ايندا هئا.

"ويچارا!" پنهنجي متي کي لوڏيندي هن سوچيو ي سڀ ماڻهو هڪ سنجيده، سمجهه واري ۽ ايمانداريءَ واري حياتي گذاري رهيا هئا. اهي هميشه ڀلائي ڪرڻ جي ڳالهه ڪندا هئا ۽ جيڪي ڪجهه هنن چاتو ٿي، اهو پنهنجي تائين پهچڻ ۾ دير نه ٿي ڪيائون. هن محسوس ڪيو ته هو سڀني خطرن جي باوجود اهڙيءَ زندگيءَ سان محبت ڪري سگهيا ٿي. هڪ ڏينهن ساه کڻي هن پنهنجي ماضيءَ ڏي نظر ڊوڙائي. آهستي آهستي هن جي دل ۾ اهو سڪون ڏيندڙ احساس پيدا ٿيڻ لڳو ته انسان نئين زندگيءَ لاءِ خود هن جي هستي به اهم آهي. پهرين هن ڪڏهن به اهو محسوس نه ڪيو هو ته ڪنهن کي هن جي به ضرورت آهي، پر هاڻي هن کي نظر اچي رهيو هو ته ڪيترن کي هن جي ضرورت آهي ۽ اها بلڪل نئين ۽ وڻندڙ ڳالهه هئي، جنهن هن جي ڪنڌ کي اوچو ڪري ڇڏيو. جڏهن هوءَ پنهنجي مڙس سان گڏ رهندي هئي ته هن چاتو ٿي ته جيڪڏهن هوءَ مري ويئي ته هن جو مڙس ٻي شادي ڪندو، انهيءَ ڪري اها ڳالهه ڪا اهميت نه ٿي رکندي هئي ته ڪاڏو ڪارن وارن واري عورت ٿي پرڻجي يا ڳاڙهن وارن واري. جڏهن پاويل وڏو ٿيو ۽ رستي تي ڊوڙون پائڻ شروع ڪيائين تڏهن هن محسوس ڪيو ته آن کي به هاڻي هن جي ڪا ضرورت نه رهي. پر هاڻي هوءَ محسوس ڪرڻ لڳي ته هوءَ هڪ مفيد ڪم ۾ مدد ڏئي رهي آهي. هوءَ خوش هئي. بيحد خوش. پنهنجو فرض سمجهي هوءَ پنهنجي پنهنجي ڏينهن ڪارخاني ۾ پرچا کڻي ويندي هئي. حقيقت ۾ هن اهڙا رستا اختيار ڪيا هئا، جو هن تي شڪ نه ٿيو. سپاهي هن کي فيڪٽريءَ ۾ ڏسڻ جا عادي بڻجي ويا هئا،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

انهيءَ ڪري هن ڏي ڌيان نہ ڏيندا هئا. ڪيترا دفعا هن جي تلاشي ورتي ويئي، پر هميشه پرچا ورهائڻ جي پٺيان ڏيندا هئا. جنهن ڏينهن هن وٽ ڪجهہ بہ نہ هوندو هو تہ هوءَ ڪوشش ڪري سپاهين جي دلين ۾ شڪ پيدا ڪندي هئي ۽ سپاهي هن کي پڪڙي هن جي تلاشي وٺندا هئا. هوءَ انهن سان ضد ڪندي هئي ۽ ائين ظاهر ڪندي هئي تہ ڄڻ هن جي بي عزتي ڪئي ويئي آهي. ائين پنهنجي بي گناهي ثابت ڪري ۽ انهن کي شرمندو ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي چالاڪيءَ تي فخر ڪندي، هلي ويندي هئي. ان کيل ۾ هن کي ڏاڍو مزو ايندو هو.

وسوف شيڪوف کي ڪارخاني ۾ واپس نہ ورتو ويو، انهيءَ ڪري هن هڪ ڪاٺين جي واپاريءَ وٽ نوڪري ڪئي، جتي هن کي ٻانس، تختا ۽ ٻارڻ جون ڪاٺيون ڍوئڻيون پونديون هيون گهڻو ڪري هر روز ماءُ هن کي سامان ڍوئيندي ڏسندي هئي - پهريائين بيحد ڪمزور ڪارن گهوڙن جي جوڙي نظر ايندي هئي، جن جا پير وزني بار گهلڻ ڪري ڏڪندا هئا، جيڪي پنهنجي بيوس اکين کي ڇنڀيندا، ٿڪ کان ڪنڌ لوڏيندا هلندا ويندا هئا ۽ انهن جي پٺيان ڳرا تختا هوندا هئا، جي هڪٻئي سان لڳي شور ڪندا ويندا هئا، ۽ انهن سان گڏ نڪولائي لغام جي رسي کي جهلي هلندو ويندو هو ڪپڙا هن جا ميرا ۽ ڦاٽل، ڳرا جوتا، ٽوپي مٿي جي پوئين حصي تي رکيل هو نظرون هيٺ ڪري تي هليو ۽ هن جو ڪنڌ لڏندو نظر ايندو هو. گهوڙا سامهون ايندڙ گاڏين ۽ ماڻهن سان انڌا ڌنڌ ٽڪرائجي ويندا هئا، ۽ اهي ماڻهو نڪولائيءَ کي گاريون ڏيڻ شروع ڪندا هئا، پر هو نہ تہ ڪو جواب ڏيندو هو، ۽ نہ پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪندو هو. رڳو هڪ تيز سيٽي وڄائي گهوڙن کي چوندو ويندو هو:
”هلو، اڳتي وڌو!“

جڏهن بہ آندري ڪنهن غير ملڪي اخبار يا ڪتاب کي پڙهڻ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لاءِ پنهنجي سائين کي دعوت ڏيندو هو ، ته نڪولائي اڇي هڪ ڪنڌ ۾ ويهندو هو ۽ هڪ ٻيا ٻه ڪلاڪ ويهي پڙهندو هو. اخبار وغيره پڙهڻ کانپوءِ نوجوان گرما گرم بحث شروع ڪندا هئا ، جنهن ۾ وسوف شيڪوف ڪڏهن ٻه ، جصو نئي ورتو ، پر سيني ماڻهن جي وچ ڪانپوءِ ٻه ، هو ويٺو رهندو هو ۽ آندري سان اڪيلائيءَ ۾ ڳالهيون ڪندو هو.

”سڀ کان وڏيڪ ڏوهي ڪير آهي؟“

”اهو شخص ڏوهي آهي ، جنهن سڀ کان اڳ چيو هو ته هيءُ منهنجو آهي. اهو شخص ڪيترا هزار سال اڳي مري ويو ، انهيءَ ڪري هاڻي ان جي پٺيان ڀوڻ مان ڪو به فائدو نه آهي“ خوخول چرچي مان چيو ، پر هن جي اکين ۾ پريشاني پئي نظر آئي.

”اميرن جي لاءِ ڪهڙو خيال آهي ، ۽ انهي ، جيڪي انهن جي پٺتيءَ تي آهن؟“

زندگيءَ ۽ ماڻهن جي متعلق جيڪي ڪجهه هو چاهندو هو انهيءَ پڌائڻ لاءِ آسان لفظن جي تلاش ۾ خوخول پنهنجي وارن تي هٿ ڦيرائيندو ۽ مڇن کي مروٽيندو رهندو هو. هن جي چوڻ موجب عام طور تي سڀ ماڻهو ڏوهي هئا ، انهيءَ مان نڪولائيءَ کي اطمينان نه ماندو هو. پنهنجي ٿلهن چپن کي ڀيڙيندي ، ڪنڌ کي جهٽڪو ڏيئي، آهستي چوندو هو ته ”ائين نه آهي.“ ۽ آخر ڪار هو غم ۽ بي اطمينانيءَ سان هليو ويندو هو. هڪ ڏينهن ساڳئي جواب پڌنديءَ هن چيو ”نه ، ڪجهه ماڻهو ته اهڙا هوندا ، جن کي ڏوهي چئي سگهجي ٿو ، ۽ اهي ماڻهو هتي ئي موجود آهن. مان ته چوان ٿو ته جيئن اسين گاهه وغيره زمين مان پٽي ڇڏيون ٿا ، اهڙيءَ طرح پنهنجيءَ ساريءَ حياتيءَ ۾ هر هلائڻو پوندو ، ذري جيتري به رحم ڪرڻ کان سواءِ.

”اهڙي ڳالهه ته ڏاڍيءَ ڪپڙ ايسائيءَ هڪ ڏينهن تولاءِ چئي هئي.“ ماءُ ان واقعي کي ياد ڪندي چيو.

”ايسائي؟“ وسوف شيڪوف ڪجهه دير کان پوءِ پڇيو.
”ها! هو تمام ڪمينو ماڻهو آهي! هر شخص تي نگاهه رکي ٿو ۽ طرح طرح جا سوال ڪري ٿو، هاڻي اسان جي گهٽيءَ ۾ به اچڻ لڳو آهي ۽ دريءَ مان ليو پائي ڏسي به ٿو.“
”دريءَ مان ليو پائي ڏسي ٿو؟“ نڪولائيءَ ڳالهه دهرائي.
ماءُ بستري تي سمهي چڪي هئي، انهيءَ ڪري ان جو چهرو نه ڏسي سگهي، پر ماءُ جنهن انداز سان ڳالهه ڪئي، ان مان خوخول محسوس ڪيو ته اها ڳالهه نه ڪرڻ گهرندي هئي، هن چيو، ”جيڪڏهن ان وٽ وقت آهي ته ليئا پائڻ ڏيوس.“
”هرگز نه!“ نڪولائيءَ چيو، ”جيڪي شخص ڏوهي آهن، انهن مان هڪڙو اهو شخص به آهي.“
”ان جو ڪهڙو ڏوهه؟“ خوخول جلديءَ ۾ پڇيو، ”بيوقوف آهي انهيءَ ڪري؟“
وسوف شيڪوف جواب ڏيڻ کان سواءِ هليو ويو. خوخول آهستي آهستي ڪمري ۾ ٽهلڻ شروع ڪيو، هن جو ٽا لاهي ڇڏيا هئا. ماءُ جڏهن بستري تي سمهندي هئي ته هو جوتا لاهي ڇڏيندو هو، جيئن هن جي ننڊ ۾ هن جي گهمڻ ڪري خلل نه پوي. پر ماءُ جاڳي رهي هئي ۽ جڏهن نڪولائي هليو ويو ته هن پريشانيءَ مان چيو ”مون کي ان مان خوف ٿو ٿئي“
”ها.... ها“ خوخول آهستي آهستي چيو، ”نڪولائي تمام تند مزاج ڇوڪرو آهي، اڳتي ان جي سامهون ايسائيءَ جو ذڪر نه ڪر، ايسائي واقعي جاسوس آهي.“
”ان ۾ تعجب جي ڪهڙي ڳالهه آهي،“ ماءُ جواب ڏنو، ”ان جي پٽ جو ڏبن جو پيءُ به خفيه پوليس ۾ هو.“
”تي سگهي ٿو نڪولائي ان کي ماري وجهي،“ خوخول پريشانيءَ مان ڳالهه جاري رکي، ”ڏس انهن حاڪمن عام ماڻهن جي دلين ۾ ڪهڙو نه ڪروڌ پيدا ڪري ڇڏيو آهي! جنهن ڏينهن نڪولائيءَ جهڙا ماڻهو محسوس ڪندا ته انهن سان ڪهڙيءَ طرح

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نہ ظلم ۽ زيادتي ٿي آهي ۽ انهن جي صبر جو پيالو ڇلڪڻ لڳندو تہ ڇا ٿيندو؟ ان ڏينهن زمين ۽ آسمان خون جي سيلاب ۾ ٻڏي ويندا.“

”ڪيتري نہ خوفناڪ ڳالهہ آهي آندريوشا!“ ماءُ چيو.

”مڪ نہ ڪڍندا تہ الٽي بہ نہ ڪندا،“ آندري هڪ منٽ ڪان پوءِ چيو. ”پر مالڪن جي خون جو هر ڦڙو انهن ڳوڙهن جي درياءَ ۾ ٻڏي ويندو، جيڪي عام ماڻهن انهن جي ظلم جي ڪري وهايا آهن.“

ٿوريءَ دير ڪان پوءِ هن کليو ۽ چيو،

”اها ڪا تسڪين بخش ڳالهہ نہ آهي، پر آهي تہ سچي ڳالهہ.“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آچر جي ڏينهن ماءُ اسٽور تان سودو سامان وٺي واپس موٽي ۽ دروازو کولي خوشيءَ مان ذري گهٽ بي هوش ٿي ويئي، ڇو ته ڪمري مان پاويل جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

”هوءَ به اچي ويئي!“ خوخول چيو.

ماءُ پاويل کي تيزيءَ سان مڙندو ڏٺو ۽ هن ان جي چهري تي اهڙي خوشيءَ جي چمڪ ڏٺي، جيڪا شايد ماءُ لاءِ ٿي وقف ٿيل هئي.

”اچي وئين! آخر گهر ۾ اچي وئين!“ هن اوچتي اچڻ جي خوشيءَ ۾ ماءُ جي زبان هٻڪڻ لڳي هئي ۽ پوءِ هوءَ ويهي رهي. پاويل پنهنجو زرد چهرو هن ڏي جهڪايو، هن جا چپ ڏڪيا پئي ۽ اکين ۾ ڳوڙها هئا. هڪ گهڙيءَ لاءِ هو ڪجهه به چئي نه سگهيو ۽ هوءَ بس خاموشيءَ سان هن کي ڏسندي رهي.

خوخول انهن کي ڇڏي، سيٽي وڄائيندو، ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو.

”مهرباني، امڙ!“ هن جي هٿ کي ڏڪندڙ آڱرين سان زور ڏيندي، پاويل آهستي چيو. ”منهنجي سٺي امڙ! تمام گهڻي مهرباني!“

هن جي چهري تي ڪيفيت ۽ تاثر ڏسي، هن آواز ۾ ايڏي محبت ۽ نرمي ڏسي، ماءُ بيحد خوش ٿي ۽ هن پٽ جي مٿي تي هٿ گهمائڻ شروع ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح خود پنهنجي دل جي دڪ دڪ کي گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.

”اهڙي پر ڇا لاءِ؟“ هن پڇيو.

”اسان جي عظيم ڪم ۾ مدد ڪرڻ لاءِ مهرباني!“ هن دهرايو. ”تمام گهٽ ماڻهن کي اهڙي خوشي نصيب ٿيندي آهي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تہ کو چئي تہ مان ۽ منهنجي ماءُ هڪ جان ۽ ٻہ قالب آهيون."
هوءَ خاموش ٿي ۽ پيار مان پنهنجي پٽ جي لفظن جي امرت کي ڍڪ ڍڪ ڪري پي رهي هئي، ۽ هن کي تعريفي نگاهن سان ڏسي رهي هئي- هو هن جي سامهون هو، ۽ ڪيترو نہ سلو ۽ ڪيترو نہ پيارو هو!

"مان ڄاڻان ٿو تہ تولاءِ ڪيترو نہ مشڪل هو اهو سڀ! ان ۾ ڪيتريون ڳالهيون توکي پسند نہ هيون ۽ مان سوچيندو هوس تہ تون اسان کي ڪڏهن بہ قبول نہ ڪري سگهندينءَ اسان جي خيالن کي ڪڏهن بہ پنهنجو نہ ڪري سگهندينءَ، ۽ گهڻي ۾ گهڻو تہ تون رڳو خاموشيءَ سان اسان کي برداشت ڪندي رهندينءَ- اهڙيءَ طرح جيئڻ ساريءَ زندگيءَ ۾ ڪندي آئي آهين. مون لاءِ اها ڳالهہ ڏاڍي سخت هئي.

" آندريوشا مون کي ڪيترين ڳالهين جي سمجهڻ ۾ گهڻي مدد ڪئي! هن چيو.

"هن مون کي تنهنجي باري ۾ ٻڌايو آهي،" پاويل جواب ڏنو. آندريوشا ۽ مان ٻيئي هڪ جڳهہ جا رهندڙ آهيون. هن تہ مون کي پڙهائڻ تي گهريو!"

"۽ توکي ڦڪائي ٿيڻ لڳي ۽ تو لڪي پڙهڻ شروع ڪيو!"

"چڱو، تہ هو اها ڳالهہ بہ سمجهي ويو!" ماءُ حيران ٿيندي، چيو.

پنهنجيءَ دل ۾ بي پناہ محبت جي طوفان کان بي چين ٿي، پاويل چيو، "هن کي اندر سڏ ڪر. ڄاڻي واڻي ٻاهر هليو ويو، تہ اسان جي وچ ۾ پاڻ رنڊڪ نہ ٿئي. هن کي پنهنجي ماءُ ڪانهي"

" آندري" پاويل ڏيڍيءَ جو دروازو کوليندي، سڏ ڪيو،

" ڪٿي آهين؟"

"هتي آهيان، ڪجهہ ڪاٺيون ڦوڙي رهيو آهيان."

" هيڏي اچ!"

هو تڪڙو ڪونہ آيو، پر آخر ڪار جڏهن بورچي خاني ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آيو ته گهريلو شين جي باري ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳو.

”نڪولائيءَ ڪي ڪجهه ڪائين آڻڻ لاءِ چوڻو هو، تمام ٿوريون وجي بچيون آهن .... پنهنجي پاويل کي ته ڏس، امڙ! معلوم ٿئي ٿو ته باغين کي سزا ڏيڻ جي عيوض مالڪن ان کي خوب پيٽ ڀري کارايو آهي!“

ماءُ کلي ڏنو. هوءَ اجا تائين خوشيءَ ۾ مست هئي ۽ هن جي دل منڙي آواز سان ڌڙڪي رهي هئي، ۽ ماءُ جي آهه ٻاجهاري دل پنهنجي پٽ کي اجا به وڌيڪ خوش ۽ ڪامياب رهڻ جون دعائون ڪري رهي هئي.

ان وقت هر شيءِ هن کي خوبصورت نظر اچي رهي هئي - هن گهريو ٿي ته پنهنجي زندگيءَ جي آن پهرينءَ املهه خوشيءَ کي، آن جي ڀرپور ڪيفيت ۾، پنهنجيءَ دل ۾ هميشه لاءِ محفوظ ڪري ڇڏي، جيئن آها آن گهڙي هن کي محسوس ٿي رهي هئي. اِن خوف کان ته هيءَ خوشي متان ختم ٿي وڃي، هن جلدي جلدي ڪنهن پکين جي شڪاريءَ وانگر آن کي هٿ ۾ جهلڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن کي اميد-جي خلاف ڇڻ ڪو ناياب پکي سامهون نظر اچي ويو هجي.

”هلو ڪاڏو ڪاڏون آئي ته تو ماني ڪانهه ڪاڏي هوندي، ٻاشا؟“ هن هيڏانهن هوڏانهن لنگهندي چيو -

”نه، ڪالهه جيلر مون کي ٻڌايو ته مون کي آزاد ڪرڻ جو فيصلو ٿي ويو آهي، تــه مان نه ڪجهه ڪائي سگهيس نه پي سگهيس.“

”ٻاهر اچڻ کان پوءِ پهريون شخص جنهن سان مان مليس آهو پوڙهو سيزوف هو،“ پاويل ڳالهه جاري رکي ”مون کي ڏسي، هو رستو ٽپي مون سان ملڻ آيو. مون هن کي چيو ته ذرا سنڀالي هل، اڄڪلهه مان خطرناڪ سمجهيو وڃان ٿو، پوليس مون تي هر وقت نظر رکي ٿي.‘ هن چيو، ’ڪا ڳالهه نه آهي،‘ ۽ جهڙيءَ طرح پنهنجي ڀاڻيٽي بابت پڇائين آها ته ــه ٻڌڻ جهڙي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهي. فيدور رهي ته چڱيءَ طرح ٿو نه؟' هن پڇيو. مون چيو 'جيل ۾ چڱيءَ طرح رهي ڪيئن سگهجي ٿو!' هن چيو، 'پر پنهنجي ڪنهن ساٿيءَ سان غداري ته نه ڪيائين نه؟' جڏهن مون هن کي ٻڌايو ته 'فيدور تمام سٺو ماڻهو آهي، ايماندار ۽ هوشيار آهي،' تڏهن پنهنجي ڏاڙهيءَ تي هٿ گهمائيندي، هن فخر مان چيو، اسان سيزوف خاندان ۾ ڪوبه دغا باز نه آهي.

"پوڙهو چڱو عقل وارو ماڻهو آهي،" خوخول ڪنڌ لوڏيندي چيو، "مون به هن سان گهڻيون ڳالهيون ڪيون آهن، چڱو ماڻهو آهي فيدور کي به جلد ڇڏڻ جو ارادو آهي انهن کي."

"منهنجي خيال ۾ سڀني کي ڇڏيو ويندو، ڇو ته انهن جي مٿان ڪوبه الزام نه آهي، سواءِ انهن ڳالهين جي جيڪي ايماني چيزون آهن، پر انهن ۾ به ڪجهه نه آهي."

پنهنجي پٽ تي لڳيتو نظرون ڄمائي ماءُ هيڏانهن هوڏانهن گهمندي رهي، آندريءَ پنهنجي پاسي هٿ ٻڌيو ٻاهر ورانڊي ۾ بيٺو، هن جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو پاويل اندر ڪوٺيءَ ۾ ٽهلي رهيو هو هن ڏاڙهيءَ کي ڇڏي ڏنو هو، هن جي ڳلن جي نرم ڪارن وارن جي گهندين هن جي سانوري رنگ ۾ ڪجهه نرمي پيدا ڪري ڇڏي هئي.

"ماٺي، ويهي رهو،" ماءُ ڪاڙهو آڻيندي چيو.

ڪاڏي کائڻ وقت پاويل کي آندري ريبن بابت ٻڌايو ۽ جڏهن هن ڳالهه ختم ڪئي ته پاويل افسوس مان چيو،

"جيڪڏهن مان گهر ۾ هجان ها، ته هن کي ڪڏهن به وڃڻ نه ڏيان ها پاڻ سان هو ڪٿي ڇا ويو؟ بي اطمينانيءَ جو جذبو ۽ منجهيل خيالن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه."

"جڏهن ڪو ماڻهو چاليهن ورهين جي عمر کي پهچي وڃي ۽ ان جي عمر جو گهڻو عرصو پنهنجي روح جي اندر ظلمي درندن خلاف جنگ ڪائيندي گذريو هجي، ته ان جي سيرت جي نئين سر تشڪيل ڪرڻ سولو ڪم نه آهي،" خوخول کلندي چيو.

ان کان پوءِ اهڙي قسم جو بحث وري شروع ٿيو، جنهن

جا گهڻا لفظ نہ ماءُ جي سمجهہ ۾ ئي نٿي آيا . ڪاڏو ختم ٿي ويو ، پر هـي ماڻهو هڪبئي تي ٺلهن اکـرن جي بارش وسائيندا رهيا . ڪڏهن ڪڏهـن هنن آسان انداز ۾ بہ چيو ٿي ، ” هڪ قدم بہ پٺتي هٽڻ بدران اسان کـي اڳتي وڌڻو آهي .“ پاويل، زور ڏيندي چيو ، ” ۽ اکـن ڪروڙن انسانن سان ٽڪـر کائڻو آهـي ، جيڪي اسان کـي پنهنجو دشمن ٿـا سمجهن .“ اِنهن جي بحث کي پڌي، ماءُ جي سمجهہ ۾ اهو آيو تہ پاويل جي نظر ۾ هارين کي ڪا بہ اهميت نـہ هئي ۽ خوخول هارين جي حمايت ڪري رهيو هو. هو اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هـو تہ هارين کي بہ صحيح رستو ڏيکارڻ ضروري آهي . آندري جي ڳالهہ هن جي سمجهہ ۾ آئي ۽ هن محسوس ڪيو تہ هو سچ جي وڌيڪ ويجهو آهي . پر جڏهن بہ هن پاويل کي ڪجهہ چيو ٿي ، تہ ماءُ ساہ روڪي خبردار ٿي ويٺي ٿي ۽ اُنهيءَ سمجهڻ لاءِ پنهنجي پٽ جي جواب جو انتظار ڪيائين ٿي تہ ڪٿي خوخول هن کي ناراض تہ نـہ ڪري ڇڏيو ! پر ڪاوڙجڻ جي عيوض هو ٻئي هڪبئي تي لفظن جي بارش وسائيندا رهيا .

ڪڏهن ڪڏهن ماءُ پنهنجي، پٽ کي چيو ٿي ،

” ڇا سچ پچ ائين آهي ، پاويل ؟“

۽ هن مشڪي جواب ڏنو ٿي ، ” ها، ائين آهي .“

” چڱو منهنجا پاءُ ،“ خوخول دوستيءَ ڀريل ٽوڪ مان چيو ” تو ڪاڏو تہ گهڻو آهي ، پر شايد چڱيءَ طرح چٻاڙيو ڪونہ اٿيئي . ڪا شيءِ تنهنجي گلي ۾ اٽڪي پئي آهي . هڪ ڀيت ڏيئي ڇڏ ، تہ چڱو ٿيندو “

” تون بہ کهڙو نہ چرچائي ماڻهو آهين !“ پاويل چيو ، ” پر آءٌ چرچو نٿو ڪريان .“

” ختمي جي ڪاڏي جهڙو ڪل مک، ۽ چرچائي -“ ماءُ آهستي آهستي، کلي ، پنهنجو ڪنڌ لوڏيو.......

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بهار آيو ، برف پگهري ۽ آن جي هيٺيان گپ ۽ مٽي نظر اچڻ لڳي . گپ روز بروز وڌيڪ ڏيکاءُ ڏيڻ لڳي . گهوٽ اجا به وڌيڪ برين حالتن ۾ ۽ گندو ڏسڻ ۾ اچڻ لڳو ، ڇڻ ته ٽڪرڙن ۾ ڏيکيل هجي . ڏينهن جو ڇتين مان پاڻي ٽمندو هو ۽ گهرن جي ميٽوڙي ديوارن مان سر پگهر وانگر سسندي هئي ، پر رات جي وقت برف اجا به وڌيڪ چمڪندڙ ڏسڻ ۾ ايندي هئي . سج هاڻي آسمان تي وڌيڪ دير ترسڻ لڳو هو ، ۽ هيٺانهينءَ ڏي ويندڙ چشمن جو آواز صاف ٻڌڻ ۾ پيو ايندو هو .

مئي ڏينهن ملهائڻ جون تياريون شروع ٿي چڪيون هيون . ڪارخاني ۽ گهوٽ ۾ اشتهار ورهايا ويا ، جن ۾ هن ڏينهن جي اهميت ظاهر ڪئي ويئي هئي . ننڍيءَ عمر وارن ٻـــ ــ جن تي پروپيگنڊا جي اثر نه ٿيو هو ، اشتهارن پڙهڻ بعد چوڻ شروع ڪيو :

”ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻو ٿي پوندو !“

”تمام ضروري آهي .“

وسوف شيڪوف ڪجهه ڪڪ ٿيل نموني ۾ مرڪي چيو ، ”اڪ ٻوٽ گهٽيئي ڪيڏي چڪايون .“

فيدور مازن وڏي جوش ۾ هو . هو سنهو ٿي ويو هو ۽ سندس ڳالهه ٻولهه ۽ چرپر ۾ اهڙي لرزش پيدا ٿي ويئي هئي ، جو هو هڪ پڃري ۾ پوريل پکيءَ وانگر ٿي ويو هو . هن سان هميشه ٿـــور ڳالهائو يا ڪوف هونـــدو ، جو پنهنجي عـــمر کان وڌيڪ سنجيدو هو . ياڪوف کي شهر ۾ نوڪري ملي ويئي هئي .

سموئلوف ( جنهن جا وار جيل جي زماني ۾ اجا بہ وڌيڪ ڳاڙها ٿي ويا هئا ) ۽ واسلي گوسيف ، بوڪين ، دراگونوف ، ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪن ٻين شخصن جو زور هو تہ ان ڏينهن هٿيار بند مظاهرو ڪرڻ گهرجي، پر پاويل، خوخول، سوموف ۽ ڪجهہ ٻين شخصن انهيءَ تجويز سان اتفاق نہ ٿي ڪيو.

يگور هميشہ ٿڪل، سهڪندڙ، ۽ ڳڪهر ۾ ٻہ‌ڏل انهن ماڻهن جي بحث کي چرچي ۾ اڏائي ڇڏيندو هو. ”اسان جي موجوده سماجي نظام کي بدلڻ جون ڪوششون يقيناً نهايت عظيم الشان ۽ بلند آهن ساٿيو، مگر انهن ڪوششن کي ڪامياب بنائڻ لاءِ ضروري آهي تہ آءٌ پاڻ لاءِ هڪ نئون جوڙو بوٽن جو خريد ڪريان،“ هن پنهنجن آلن ڦاٽل بوٽن ڏانهن اشارو ڪري چيو. ”منهنجا رٻڙ جا بوٽ بہ اُنهيءَ منزل تي پهچي ويا آهن، جتي سندن نئين اڏاوت ٿيڻ جوڳي نہ رهي آهي. ان ڪري منهنجا پير هر روز پسي وڃن ٿا. جيستائين اسين پراڻي نظام کي ڪليو ڪلاڏيو ۽ پوريءَ طرح سان رد ڪرڻ جهڙا نہ ٿينداسين، آن وقت تائين آءٌ اوهان وٽان وڃي زمين جي گود ۾ سمهڻ لاءِ هرگز تيار ناهيان ۽ ان ڪري آءٌ ڪامريڊ سموئلوف جي انهيءَ تجويز جي مخالفت ڪريان ٿو تہ هٿيار بند مظاهرو ڪيو وڃي، ۽ ان جي جاءِ تي آءٌ خود پنهنجي تجويز پيش ڪريان ٿو تہ مون کي هڪ نئين جوڙي بوٽن سان هٿيار بند ڪيو وڃي، ڇو تہ مون کي پڪو يقين آهي تہ اهو ڪم اشتراڪيت جي فتح کي ويجهي ڪان ويجهو آڻڻ ۾ هڪ اعليٰ درجي جي معرڪي کان بہ وڌيڪ مفيد ۽ مددگار ثابت ٿيندو!“

اهڙي وٽندڙ مزاجي نموني ۾ ڳئي هو مزورن کي ٻڌائيندو هو تہ ٻين ملڪن ۾ مزور هينئر زندگيءَ جي بار کي هلڪي ڪرڻ لاءِ ڪهڙيءَ طرح جدوجهد ڪري رهيا آهن، ۽ اهڙيون ٻيون ڳالهيون هنن کي سمجهائيندو هو.

ماءُ هن جي تقريرن کي وڏيءَ دلچسپيءَ سان ٻڌندي هئي ۽ انهن تقريرن مان هوءَ هڪ عجيب نموني جو تاثر حاصل ڪندي هئي. هن کي ائين معلوم ٿيندو هو، ڄڻ تہ مزورن جا بدترين

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

دشمن، جي ڪين ڳالهائي ۾ ڳهٽو ڏوڪو ڏيندا ۽ مٿن سخت ظلم ڪندا آهن، آهي متارا، بندرا، پيٽ نڪتل، ڳاڙهن ڳاڙهن چهرن وارا ماڻهو آهن، ۽ آهي ڪميڻا، لالچي، دغاباز ۽ ظالم آهن.
جڏهن سندن ملڪ جي زار (بادشاهه) مٿن زياده سختي ڪئي، تڏهن انهن هن جي مقابلي ۾ عام ماڻهن کي آياري ڪرڙو ڪيو ۽ جڏهن عوام هن جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيو، تڏهن انهن ٿلهن، ٿلهي ۽ ڳچي ۽ وارن ڳاڙهن ڳتول شخص وڏي مڪاري ۽ سان اقتدار تي پاڻ قبضو ڪري ورتو ۽ عوام کي ڪيڏي ڪٺي باهر ڪيو ۽ سڀني اڳين اونداهين ڪوٺين ۾ وجهي بند ڪري ڇڏيو، ۽ جيڪڏهن ماڻهن سندن مقابلو ڪيو، ته انهن جي هزارن لکن کي هنن قتل ڪرائي ڇڏيو.
هڪ ڏينهن همت ڪري ماءُ پِيور کي پڇايو ته هن جون تقريرون پڙهي، هن پنهنجي ذهن ۾ انهن ٿي هڪ تصوير بنائي آهي.
”اڻين ٿي آهي نه پِيور ايوانووچ؟“ هن ڪجهه شرمائيندي هن کان پڇيو.
هن کلڻ شروع ڪيو ۽ کلندوئي ويو اکيون تيرائي ڦيرائي سينو مليندي، هن ساهه کڻڻ جي ڪوشش ڪئي. ”بلڪل صحيح آهي امڙ! تاريخي حقيقت جو ڪيڏو نه صحيح نقشو چٽيو اٿيئي! اندروني نظاري ۾ ڪجهه خيال جي ملاوٽ ۽ ڪجهه رنگ ڏنل به آهي، پر واقعا سڀ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي آهن. اهي ٿي ٿلها متارا بندرا انسان ٿي ته آهن، جي سڀ کان وڏا گنهگار آهن، سڀ کان وڏيڪ زهريلا ڪيڙا آهن، جي ماڻهن جو رت چوسي رهيا آهن. فرانسين انهن کي بلڪل پورو نالو ڏنو هو- بورزوا هي ۽ نالو ياد رکج امڙ، ”بور — زوا“ جو ته سچ پچ اهي شخص وڏا اڻ سڌريل ۽ اڻڳا ٿيندا آهن اهي جن ماڻهن جي اڻ ڄاڻائي ۽ مان فائدو حاصل ڪري سگهندا آهن، انهن تي ٿي رعب ڇمائيندا ۽ انهن جوئي رت به چوسيندا....“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

"تنهنجو مطلب آهي اهي شخص، جي وڏا ماڻهو آهن؟" ماءُ دريافت ڪيو.

"بلڪل! هنن جو وڏو ماڻهو يا امير ۽ نواب هجڻ سندن بدقسمتي آهي. جيڪڏهن پار جي ڪاڏي ۾ ٽامي جو ڪشتو ملائي ڇڏجي، ته سندن هڏين ۾ واڌارو ۽ مضبوطي ايندي، پر جيڪڏهن ڪنهن کي سون جو زهر ڪارايو وڃي ته سندس روح جو وڌڻ ويجهڻ روڪجي ويندو ۽ هو ايترو ئي حقير ۽ بي رنگ ۽ بي جان ٿي ويندو، جهڙو اهو ربڙ جو ڏڙو، جو پار پنجن پئسن ۾ وڪندا آهن."

هڪ ڏينهن جڏهن ايگور بابت ڳالهيون ٿي رهيون هيون، تڏهن پاويل چيو، "ڳالهه اها آهي آندري، ته اهڙا ماڻهو جي هر وقت کلندا ۽ چرچا ڪندا رهندا آهن، تن جون دليون عام طرح نهايت دکي هونديون آهن."

خوخول جواب ڏيڻ کان اڳ ڪجهه هٻڪيو، ۽ هن کي جواب ڏيڻ کان اڳ ٿوري کنگهڪار ڪري چيو، "جيڪڏهن تنهنجي ڳالهه صحيح آهي، ته پوءِ سموري روس کي کلي کلي کيرو ٿي وڃڻ گهرجي...."

نتاشا وري نظر ۾ اچڻ لڳي ڪنهن ٻئي شهر ۾ هوءَ به جيل ۾ هئي. هيءَ تجربو هن ۾ ڪابه تبديلي پيدا نه ڪري سگهيو هو. ماءُ محسوس ڪيو ته هن جي موجودگيءَ ۾ خوخول ڏاڍو خوش ٿي ويو هو، هو چرچا ڪري رهيو هو ۽ هر شخص تي اهڙا ڳالهاءِ ڪيدي رهيو هو، جن سببان هوءَ دل کولي کلي رهي هئي. پر جڏهن هوءَ ويئي هلي تڏهن ٽڪل نموني سان پير ڪٽي، ڪمري ۾ پسار ڪندي، هن ڪجهه غمگين سر ۾ جهونگارڻ شروع ڪيو.

ساشا ڪڏهن ڪڏهن هڪ پل لاءِ ايندي هئي، سندس پيشانيءَ تي هميشه ور پيل هوندا، ۽ هوءَ تڪڙ ۾ هوندي هئي. خبر ناهي ڪهڙي سبب کان هن ۾ وڌيڪ سختي ۽ بي ترتيبائي اچي ويئي هئي.

هڪ ڀيرو جڏهن پاويل کيس ڏيڏيءَ تائين پهچائڻ ويو ته

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪمري جو دروازو بند ڪرڻ وسري ويس ۽ ماءُ سندن ٽڙ ٽڪڙ ڪيل گفتگو ٻڌي ورتي:

”جهنڊو ڪٿي تون ئي هلندين؟“ ڇوڪريءَ چيو

”ها!“

”بلڪل طئي ٿي چڪو آهي؟“

”ها، اهو منهنجو حق آهي.“

”تڏهن وري به جيل وڃڻ جي تياري آهي؟“

پاويل جواب ڪونه ڏنو:

”ائين ٿي نٿو سگهي ته........؟“ هن ڳالهه شروع ڪئي، پر وري پاڻ ئي چپ ٿي ويئي.

”ڇا“

”ڪنهن ٻئي کي جهنڊو نٿو ڏيئي سگهين؟“

”هرگز نه،“ هن زور ڏيندي چيو.

وري به ڪٿي سوچ، تنهنجو هيڏو اثر آهي، هر شخص توکي پسند ڪري ٿو!........ تون ۽ آندري سڀني کان وڌيڪ هردلعزيز آهيو، سوچيو ته اوهين هتي ڪيترو نه ڪم ڪري سگهو ٿا! مگر جهنڊو کڻي وڃڻ جي سببان جلاوطن ڪيا ويندؤ، ـ بلڪل پري ۽ بلڪل گهڻن ڏينهن لاءِ ـ!“

ڇوڪريءَ جي آواز ۾ خوف ۽ محبت جي چاتل سچاتل جذبن کي ماءُ محسوس ڪري ورتو. ساشا جا اکر سندس دل ۾ برفيلي پاڻيءَ جي ڦڙن وانگر ڪري رهيا هئا.

”نه، مون فيصلو ڪري ڇڏيو آهي،“ پاويل چيو، ”ڪابه شيءِ هن فيصلي کي ڦيرائي نٿي سگهي.“

”جيڪڏهن آءٌ چوان تڏهن به نه؟“

اوچتو پاويل جي آواز ۾ تيزي اچي ويئي.

”اهڙيءَ طرح ڳالهائڻ جو توکي ڪوبه حق ناهي، ڪوبه حق ناهي!“

”آءٌ به ته ماڻهو آهيان،“ ڇوڪريءَ آهستي چيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”۽ نهايت ڏسي عمدو ماڻهو آهين،“ هيءَ هن آهستي جواب ڏنو، مگر ائين محسوس ٿيو، ڄڻ سندس دم گهٽجي رهيو هجي، ”اهو، جو مون کي نهايت پيارو آهي، آنهي لاءِ - انهي سڀبان - توکي اهڙي ڳالهه نه چوڻ گهرجي....“

”خدا حافظ!“ ڇوڪريءَ چيو

هن جي جتيءَ جي کڙيـن جي آواز مان ماءُ محسوس ڪيو ته هوءَ نهايت تيزيءَ سان هلي ويئي. پاويل سندس پٺيان ٻاهرئين در تائين ويو.

ماءُ جي دل ڏيپ کان ٻـڏڻ لڳي. سندس سمجهه ۾ نٿي آيو ته هو ٻيئي ڪهڙيءَ ڳالهه بابت گفتگو ڪري رهيا هئا. هن ايترو ته محسوس ڪري ورتو ته ڪا وڏي مصيبت هن تي اچڻ واري آهي. ”هو آخر ڪرڻ ڇا ٿو گهري؟“

پاويل واپس آيو ته ساڻس گڏ آندري به هو. ”اهو ٺي، ايسائي ايسائي! آخر هن جو ڪهڙو علاج ڪجي؟“ خوخول ڪنڌ کي ڌوڻيندي چيو.

”چڱو آهي ته هن کي تنبيهه ڪئي وڃي، ته انهن ڳالهين کان باز اچي،“ پاويل نرڙ تي گهنج وجهندي چيو.

”پاويل! تون ڇا ڪرڻ جو سوچي رهيو آهين؟“ ماءُ ڪنڌ کي جهڪائيندي پڇيو!

”ڪڏهين؟ هينئر؟“

”پهرين .... پهرينءَ مئي تي.“

”اوهه!“ پاويل جهيڻي آواز ۾ چيو ”مون کي جلوس اڳيان پنهنجو جهنڊو کڻي وڃڻو آهي ۽ منهنجو خيال آهي ته رڳو انهيءَ ڏي سبب ڪري مون کي وري به جيل اندر وڌو ويندو.“

ماءُ جي اکين ۾ سازو ۽ ڇپڻ محسوس ٿيڻ لڳا ۽ سندس تارون خشڪ ٿي ويو. پاويــل ماءُ جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي، آن کي ٿبرڻ شروع ڪيو - ائـين ڪرڻو ئي پوندو امڙ، ذرا سمجهڻ جي ڪوشش ڪر.“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”مون تہ ڪجھہ بہ ڪونہ چيو،“ هن آهستي آهستي پنهنجو مٿو مٿي کڻندي چيو، مگر جڏهن هن جي پر عزم نظرن سان سندس نظرون مليون، تڏهن هوءَ ڇرڪ ڏيئي ويئي ۽ هن ٿڌو ساهہ کنيو ۽ ماءُ جو هٿ ڇڏي ڏنو.

”توکي دکي ٿيڻ بدران خوش ٿيڻ گهرجي،“ هن ڇيڻپ جي نموني ۾ چيو، ”خبر ناهي اهڙيون ماڻهون ڪڏهن اينديون، جي پنهنجي پٽن کي مرڪندي مرڻ لاءِ موڪليندي.“

”اوهہ!“ خوخول پٽ پٽ ڪندي چيو، ”دماغ بلڪل سٽين آسمان تي پهچي ويو آهي....“

”مون تہ ڪجھہ بہ ڪونہ چيو،“ ماءُ پنهنجا اکر دهرائيندي چيو، ”آءٌ تنهنجي آڏو ڪانہ ايندس، مگر جيڪڏهن آنهيءَ ڪان مون کي دک ٿئي، تہ تہ نيٺ بہ آءٌ ماءُ آهيان....“

هو ڪانئس پري هٽي ويو، ۽ ان ڪان پوءِ هن جيڪي چيو۔ ۽ ان ڪان پوءِ هن جيڪي بہ چيو۔ ان ڪان ماءُ کي بيحد قلبي صدمو ٿيو: ”هڪڙي محبت اهڙي ٿئي ٿي، جا انسان کي، پنهنجي پسند جي زندگي گذارڻ نٿي ڏئي....“

”ائين نہ چؤ پاشا!“ هن ڪنبندي چيو، هوءَ ٻڌجي ويئي تہ متان هو ٻي اهڙي ڪا ڳالهہ چئي وجهي، جنهن ڪان هن کي اجا بہ وڌيڪ تڪليف پهچي، ”آءٌ سمجهي ويس. تون ٻيو ڪجھہ ڪري ئي نٿو سگهين - پنهنجي ساٿين خاطر...“

”نہ!“ هن چيو، ”بلڪ خود پنهنجي خاطر!“

آندرِي دروازي مان نروار ٿيو، جو سندس قد جي پيٽ ۾ تمام ننڍو هو، انهيءَ ڪري هن کي عجيب طرح سان پاڻ کي جهڪائڻو پوندو هو. ان ڪان پهرين پنهنجو مٿو اندر ڪري پوءِ ان جي پوئنار هڪ پير کڻي اڳتي اچي سگهندو هو.

”حضور والا، اها ڳالهہ خنمرڻي ڪري ڇڏجي، تہ مناسب آهي،“ هن بيزاريءَ جي طرز ۾ ڳالهايو، ۽ پنهنجون وڏيون اکيون هن جي منهن ۾ کپائي ڇڏيائين.

ماءُ جڻ تہ روئڻ منجهہ هئي. ”اڙي!.... آءٌ تہ.... بلڪل وساري ويٺي هيس........“ اٿين پڻ ڪندي هوءَ ورانڊي ڏي هلي ويئي تہ سندس پٽڙو ڪيس روئندو ڏسي نہ سگهي. ٻاهر اچڻ بعد هوءَ هڪ ڪنڊ ۾ ڇپي ويئي، سڏڪڙا ڀري روئڻ لڳي، ۽ اهڙي تہ بيحال ٿي ويئي، جو ڇڻ تہ لڙڪن سان گڏ سندس دل جو سمورو رت وهي رهيو هجي. اڌ ڪلاڪ کانپوءِ دروازي سنجهان هن ٻنهي کي هلڪي آواز ۾ بحث ڪندي ٻڌو!

”ڇا مطلب اٿيئي؟ هن کي تڪليف پهچائيندي تون پنهنجي پاڻ کي وڏو هيرو تو سمجهين؟“ خوخول پڇيو.

”تو کي اهو چوڻ جو ڪوبہ حق ڪونهي،“ پاويل واڪو ڪيو.

”تون احمقن جهڙيون حرڪتون ڪرين ۽ آءٌ دوست ٿي بہ خاموش ويٺو رهان؟ تو کي هيءَ سڀ ڪجهہ چوڻ جي ضرورت ٿي ڪهڙي هئي؟ ڇا تون ڪونہ تو ڏسين تہ ڇا ٿي رهيو آهي؟“

”اسان کي مضبوطيءَ کان ڪم وٺڻو پوندو. ”ها“ يا ”نہ“ چوڻ ۾ ڪا بہ هڪ محسوس ٿيڻ نہ گهرجي.“

”هن سان بہ؟“

”هر شخص سان.... آءٌ اهڙي محبت نٿو چاهيان، جا پيرن جي بيڙي بنجي وڃي ۽ اڳتي وڌڻ کان روڪي ڇڏي....“

”وڏو تيس مار خان پيو بنجين، وڃ نڪ صفا ڪر، اهڙيون ڳالهيون ساشا سان ڪج، بس اهائي....“

”ان سان بہ ڪري چڪو آهيان.“

”ان سان بہ؟ ڪوڙ ٿو ڪرين، توهن سان نرميءَ سان ڪيون هونديون، محبت سان ڪيون هونديون. سواءِ ٻڌڻ جي بہ آءٌ چئي سگهان ٿو مگر ماءُ سان ڪندي وڏو هيرو بنجي وٺين؟ سچ پڇين تہ تنهنجي سموري آڪڙ دمڙيءَ برابر بہ ڪانهي.“

ماءُ يڪدم لڙڪ اگهيا، هن خوف کان تہ متان خوخول ڪا سخت ڳالهہ نہ چئي وجهي، هن جلدئي دروازو کوليو ۽ رڌڻي ڏي هلي ويئي.

"ارررر! ڪيڏي نه ٿڌ آهي،" هن زور سان چيو، سندس آواز خوف ۽ ڏک سببان ڏڪي رهيو هو، "اٿين پيو معلوم ٿئي، ڄڻ ته بهار جي موسم آئي ئي ڪانهي...."

سواءِ ڪنهن مقصد جي هوءَ شين کي هيڏانهن ڪان هوڏانهن رکندي ۽ کڻندي رهي، ته جيئن ڪمري جو آواز ٻڌڻ ۾ نه اچي.

"هر شيءِ بدلبي رهي آهي،" هن اڃا به زور سان چوڻ شروع ڪيو، "ماڻهو وڌيڪ گرم مزاج ۽ موسم وڌيڪ سرد ٿي ويئي آهي. هن‌ڙيءَ موسم ۾ ته خاصي گرمي ٿي ويندي هئي، آسمان صاف هوندو هو ۽ اس نڪري ايندي هئي...."

آواز بند ٿي ويا، رڌڻي جي وچ ۾ بيٺي، هوءَ ٻڌندي رهي:

"ٻڌئي؟" خوخول آهستي چيو، "اڃا به نه سمجهئين ته بس، توکي خدا سمجهائي توکان وڌيڪ ته هن ۾ سمجهه آهي!...."

"چانهه پيئندؤ؟" ماءُ ڏڪندڙ آواز ۾ پڇيو، ۽ آواز جي ڏڪڻيءَ جو بهانو ڪرڻ لاءِ چيائين، "اوهه! آءٌ ته ٿڌ کان ٺرهي ٺريجي پيئي وڃان."

پاويل آهستي آهستي اندر وڃي ويو، مٿو جهڪيل، چپن تي اڌڙي مرڪ، جيئن خطا ڪارن کي هوندي آهي جيڪي پڇتائيندا آهن. "مون کي معاف ڪر امڙ! آءٌ اڃا ننڍو ۽ بيوقوف آهيان!...." هن آهستي چيو.

ماءُ پٽ جي مٿي کي ڇاتيءَ سان لڳائيندي ۽ روئندي چيو، "بس، مون کي ڪجهه به نه چئو خدا ڄاڻي، تون پنهنجي زندگيءَ سان وڻيئي سو ڪري سگهين ٿو. مگر- منهنجي دل کي ڏوهه نه ڏي. جيڪو پيار ڪئن نه ڪري؟ هن کي ته محنت ڪرڻي ئي پوندي آهي. آءٌ اوهان سڀني سان محبت ڪريان ٿي، اوهين سڀئي مون کي پيارا آهيو ۽ اوهين سڀ پيار لائق آهيو جيڪڏهن آءٌ نه ڪريان ته پيو وري ڪير اوهان سان پيار ڪندو؟ اوهين سڀ هليا ويندؤ- تون سڀني اڳيان- پيا تنهنجي پٺيان- هر شيءِ ڇڏي- آهه! پاوليا!"

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وڏين وڏين ڇپين جهڙا خيال سندس دل ۾ طوفان اٿاري رهيا هئا، سندس دل درد انگيز خوشيءَ سان ڦاٽي رهي هئي، مگر ماءُ کي انهيءَ جي ظاهر ڪرڻ لاءِ لفظ نٿي ملي سگهيا، ۽ پنهنجي انهيءَ بي زبان ايذاءَ ۾ هن پنهنجي پٽ ڏانهن اهڙين اکين سان ڏٺو، جنهن ۾ تيز ۽ زوردار درد جي لهس هئي...."

"آءٌ ڄاڻان ٿو امڙ، مون کي معاف ڪر — هاڻي آءٌ سمجهي ويس، ۽ هاڻي ڪڏهن به نه وساريندس — قسم کڻي چوان ٿو ته ڪڏهن به نه وساريندس!" هو مرڪي، واپس مڙيو، ان وقت هو خوش هو، مگر شرمندو پڻ!

هوءَ کيس ڇڏي ٻئي ڪمري جي دروازي ڏانهن هلي ويئي.

"آندريا!" هن جي آواز ۾ نهايت نرم التجا هئي، "هن تي ڪاوڙ نه ڪندو ڪر، تون ته هن کان وڏو آهين...."

"اوهو! ضرور ڪاوڙ ڪندس، ۽ نه فقط ڪاوڙبس بلڪ هن جون سموريون بيوقوفيون به، مازي ماري ڪڍي ڇڏيندس!" هو هن ڏانهن پنهنجي پٺ ڪري بيٺو هو.

هوءَ هن وٽ ويٺي ۽ پنهنجو هٿ وڌايائين — "تون تمام سٺو آهين." خوخول مرڪيو ۽ وٽانئس ٽپندو رڌڻي ۾ هليو ويو. سندس هٿ ٻنهيان ٻدل هئا ۽ ڪنڌ ڍڳي وانگر جهڪيل هوس.

ماءُ کيس نهايت مشڪريءَ جي آواز ۾ چوندي ٻڌو: "هليتو وچ پاويل نه ته تنهنجي سر جو خير ناهي، آءٌ رڳو چرچو ڪري رهيو آهيان. جيجي! ڊڄين متان. چڱو، هيڏانهن آڻ سماوار، آءٌ ٿورا هٿ گرم ڪريان واهه! ڪهڙا نه سٺا ڪوئلا آهن، سمورا ٻرندڙ!"

هو خاموش ٿي ويو. جڏهن ماءُ رڌڻي ۾ آئي تڏهن هو زمين تي ويٺو سماوار کي ڦوڪون ڏيئي رهيو هو.

"ڊڄ نه، آءٌ هن کي هٿ به ڪونه لڳائيندس،" هن ڪنڌ مٿي کڻي ٻنان ٿي چيو. "ڪيڏو نه نرم آهيان آءٌ! بلڪل ٻاڦيل گوگڙوءَ جهڙو، ۽ — اي جناب هيرو صاحب اسان جون ڳالهيون نه ٻڌ! — آءٌ سچ پچ هن کي گهڻو گهران ٿو، مگر هيءُ

حضرت جهڙا خلعت ڏٺي، ڦري رهيو آهي، سا مون کي پسند ناهي. ڳالهه هيءَ آهي تہ نئين خلعت مِلي اٿس، تہ سمجهي ٿو تہ نهايت خوبصورت آهي، ان ڪري، تڏ ڏيئي، هر طرف ڦري رهيو آهي، ۽ جيڪو ٿو مليس ان کي پڪڙي ٿو چوي: "ڏس، ڪيڏي نہ سٺي آهي منهنجي خلعت!.... خلعت تہ سٺي آهي، مگر هن شخص کي پريشان ڇو ٿو ڪرين؟ ماڻهن کان پري ٿيڻ اڳ پر ٿي کهڙو سوال ڪم آهي؟"

"ڪيستائين اهو سلسو چالو رکندين؟ پاويل ڪجهہ کلندي چيو، "هڪ دفعو مون کي مزو چکائي ڇڏيئہ، هاڻي حساب چڪتو سمجهہ!"

خوخول پنهنجا پير سماوار جي پٺي طرفن کان ڏگهاڙي ويٺو هو هن اتي ويٺي ٿي مٿي ڏنو، ماءُ دروازي ۾ بيٺي، ڏاڍيءَ شفقت سان ڏانهنس ڏسي رهي هئي. هن ڪر موڙيندي، هٿن تي ٽيڪ ڏني، ۽ ماءُ ۾ پٺ ڏي ڏٺو.

"تمام سٺا آهيو اوهين ٻئي ...." اکين کي ڇنڀيندي، هن چيو. سندس اکيون ڪجهہ ڳاڙهيون ٿي ويون هيون. پاويل جهڪي سندس ٻئي هٿ جهليا ۽ پنهنجي اکين تي رکيا.

"اڙي ابا، ڪيرائي وجهندين مونکي."

خوخول چيو، "ڪيڏا نہ هٿ تنهنجا ٿڌا آهن، جيجي مٺي!"

"اوهان کي ڏيپ ڪهڙيءَ ڳالهہ جو آهي؟" ماءُ چيو، "وچو، هڪٻئي کي پيار ڪريو ۽ هڪٻئي سان خوب پاڪر پايو ...."

"ڪيئن، ڪهڙو خيال آهي؟" پاويل پڇيو.

"اچ!" خوخول بيٺي چيو.

انهيءَ مهل نهايت گهڻيءَ محبت سان پاڪر پاتائون. ٻہ بدن ۽ هڪ روح! جو دوستيءَ جي جذبي کان روشن هو! ماءُ جي ڳلن تان لڙڪ وهي رهيا هئا، پر هن دفعي اهي لڙڪ خوشيءَ جا هئا.

"عورتن کي روئڻ ڏاڍو ايندو آهي،" هن لڙڪ اگهندي، شرمندگيءَ سان چيو، "خوش هجن، تڏهين بہ روئن ۽ ڏکي هجن تہ بہ....!"

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خوخول پاويل کي آهستگيءَ سان ٻوٽڻ هٽائي ڇڏيو - ”بس ڪُهِلو ٿيو!“

پنهنجون اکيون اگهندي چيائين، ”خوب موجون ڪيون سون، هاڻي ڪم ۾ جوٽجڻ جو وقت اچي ويو، عجيب ذليل ڪوٺلا آهن. هي ايترا ڦوڪيا آهن، جو اکين مان پاڻي وهڻ لڳو!“

”انهن لڙڪن کان شرمائجڻ جي ضرورت ناهي،“ پاويل دريءَ وٽ ويهندي آهستي چيو.

ماڻس به وٽس وڃي ويٺي، هن جي دل هڪ نئين جرائت سان ڌمتار هئي، جنهن دکي هوندي به هن کي آرام ڏئي ڏنو.

”آءٌ چانهه جا ٿانو ڪڍي ٿو اچان، توهان مٿان اٿين، جيجي!“ خوخول ڪمري مان ٻاهر نڪرندي چيو. ”ٿورو آرام ڪري وٺو، ته چڱو آهي، اڃا هينئر تہ تنهنجي دل کي اهڙيءَ بريءَ طرح مهٽيو ويو آهي....“

ماءُ جي ٻُرڻيل دڳ جو ڀرپور آواز وري هنن تائين پهتو! ”زندگيءَ جو لطف نہ اچي ويو. سڪايل ۽ اڪير ڀريل انساني زندگيءَ جو لطف!....“

”ها!“ پاويل پنهنجي ماءُ ڏانهن ڏسندي چيو.

”۽ انهيءَ سان هر چيز ڇڻ تہ بدلجي ويئي.“

ماءُ چيو، ”اسان جون پريشانيون به ٻيون ٿي ويون، ۽ اسان ۽ اسان جون خوشيون به....“

”اٿين ئي ٺيڪ گهرجي،“ خوخول چيو، ”ڇو تہ هڪ نئين دل جنم پيئي وٺي، منهنجي جيجي! زندگيءَ کي هڪ نئين دل ملي رهي آهي، انسان وڪ وڌائيندو اڳتي پيو وڃي ۽ عقل جي روشنيءَ سان هر چيز کي منور ڪندو، ماڻهن کي آواز ڏيندو پيو وڃي: دنيا جا ٻورهيت انسانو! هڪ ٿي وڃو، هڪ ڪٽنب ۾ ٻڌجي وڃو!“ ۽ انهيءَ آواز تي لبيڪ چوندي، سموريون صحتمند دليون ملي، هڪ اڪيلي عظيم الشان دل جهڙي صورت اختيار ڪري رهيون آهن، جيڪا چانديءَ جهڙي صاف ۽ هيري جهڙي اُبلهہ ۽ سگهاري آهي.“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ماءُ مضبوطيءَ سان چپ ڪٽي پڪوڙيا، تہ ڪنبي نہ سگهن، ۽ اکيون زور سان بند ڪري ڇڏيائين تہ اُنهن مٿان لڙڪ نہ وهي سگهن.“

پاويل پنهنجو هٿ ڪنيو، ڄڻ تہ ڪجهہ چوڻ ٿي گهريائين، پر ماءُ ڪيس پنهنجي طرف ڇڪي ورتو، ۽ آهستي آهستي چيائين، ”هن کي مٿان ڏوڪين.“

خوخول اچي دروازي ۾ بيٺو: ”ماڻهو اڃا گهڻيون ئي مصيبتون سهندا، اڃا گهڻوئي رت وهندو. مگر جيڪي منهنجي اندر ۾ آهي، ۽ جيڪي منهنجي دماغ ۾ آهي، منهنجيون سموريون تڪليفون ۽ مصيبتون ۽ منهنجي جگر جو سمورو رت اُنهيءَ اڳيان تڇ آهي.... آءٌ تازي وانگر مالدار آهيان، جنهن وٽ بي شمار شعاع آهن. آءٌ هر چيز برداشت ڪري سگهان ٿو ۽ هر چيز سمجهي سگهان ٿو، هن ڪري جو منهنجي دل اٿاهہ خوشيءَ سان ڀرپور آهي، جنهن کي ڪا بہ چيز ۽ ڪوبہ شخص ڪڏهن بہ ختم ڪري نٿو سگهي ۽ انهيءَ خوشيءَ ۾ منهنجي قوت جو راز لڪل آهي.“

گهڻيءَ رات تائين هو چانهہ جي ميز تي ويهي، زندگيءَ، انسان ۽ مستقبل بابت اهي ڳالهيون ڪندا رهيا، جي تمدن دل جي اونهاين مان نڪتيون هيون.

جڏهن بہ ڪو تصور ماءُ تي چٽو ٿي ويو ٿي، تہ هن هڪ آهہ ڀري، ماضيءَ ڏي نظر ٿي ڦيرائي، ۽ ڪنهن کهريءَ تڪليف ڏيندڙ جهڙيءَ يادگيريءَ سان اُن تصور کي ٽيڪ ٿي ڏنائين. هنن جي گفتگو جي گرم ۽ نرم وهڪري ۾ هن جو خون وهي رهيو هو، ۽ هڪ پيرو وري کيس ائين ٿي محسوس ٿيو، جيئن گهڻو عرصو اڳ ان ڏينهن ٿيو هو، جڏهن پڻس کيس سختيءَ سان چيو هو: ”منهن ڦٽائڻ مان ڪوبہ فائدو ڪونهي جيڪڏهن ڪوبہ اهڙو احمق آهي، جو توکي پنهنجي زال بنائڻ لاءِ تيار هجي، تہ وڃ ۽ موقعي مان فائدو وٺ. سڀني ڇوڪرين جي شادي ٿي وڃي ٿي، ۽ سڀني جا ٻار آهن، جن مان سواءِ پريشانين جي ٻيو ڪجهہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۽ حاصل ٿيو ٿئين، تون ۽ ٻين کان نرالي ڪانه آهين."

انهن اکرن کان پوءِ هن کي ائين محسوس ٿيڻ لڳو هو، جو جڻ ته هن اڳيان فقط هڪ ئي رستو آهي، جو ڪنهن اونداهيءَ، سڃي ۽ بيڪار رستي مان نانڻ سبب جي ڦرندو، وڪڙ کائيندو، اڳتي ٿيو وڃي. انهيءَ رستي تي ضرور وڃڻ جي خيال سندس دل ۾ هڪ قسم جي اندر آرام کي جاءِ ڏيئي ڇڏي هئي. ۽ هن وقت ۾ بلڪل ائين ئي ٿيو، مگر هڪ نئينءَ مصيبت کي اندر محسوس ڪري، هوءَ پنهنجي ئي دل ۾ پاڻ کي ڪنهن اڻ ڄاتل شخص وانگر ستائڻ خاطر چوندي رهي: "ڪڻ، هيءَ بار ۾ ڪڻ! جهل، هيءَ ڏک ۾ جهل!" ۽ انهيءَ سان هن جي ڏکيءَ دل کي ڪجهه تسڪين ٿي، جا سندس سيني ۾ هڪ ٽٽل تار وانگر وڄي رهي، هئي ۽ سندس دل جي اونهاين ۾ ڪيس هڪ هلڪي مگر يقيني اميد ضرور هئي ته هن کان هرڪا چيز ڪانه کسبي - هر چيز ڪانه کسبي، ۽ پڪ سان ڪجهه وٽس باقي رهندو! گهڻو ڪجهه وٽس باقي رهندو! گهڻو ڪجهه باقي رهندو.... جنهن لاءِ ماڻهو جيئي ٿو، جنهن لاءِ ماڻهو مري ٿو!"

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هڪ ڏينهن صبح جو سوير ئي جڏهن پاويل ۽ آندري ڪم تي وڃي چڪا هئا، تہ ڪارسونووا دريءَ تي زور سان هٿ هڻي رڙ ڪئي، "ايسائيءَ کي قتل ڪيو ويو آهي! هلو تہ ڏسون." ان تي ماءُ گهڻو ڏڪي ويئي ۽ سندس ذهن ۾ قاتل جو نالو بجليءَ وانگر روشن ٿي ويو.

"ڪنهن ڪيو؟" هن ڪلهن تي لوئي وجهندي پڇيو.

"قاتل ڪو ايسائيءَ وٽ ويٺو ڪونهي، هو تہ ڌڪو هڻي ڀڄي ويو!" ڪارسونووا رستي تي هلندي چيو.

"هڪ ڀيرو وري ڳولا ٿيندي ۽ هو ضرور ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪندا تہ قتل ڪنهن ڪيو آهي، چڱو ٿيو، جو توهان جي گهر جا سڀ ماڻهو رات اتي ئي هئا. آءٌ ان جي شاهد آهيان. اڌ رات کان پوءِ آءٌ واپس آئي هيس ۽ مون دريءَ مان ليئو پائي ڏٺو هو. توهين سڀ ميز جي چوگرد ويٺا هئا."

"تنهنجو مطلب ڇا آهي ماريا؟ اسان تي ڪيئن گمان ٿي سگهي ٿو؟" هن خوفزده ٿي چيو.

"تہ پوءِ قتل ڪنهن ڪيو هوندو؟ توهان جي گهر وارن جو ڪو رفيق رهيو هوندو!" ڪارسونووا پوري اعتماد سان چيو. "سڀڪنهن کي علم آهي تہ هو انهن تي جاسوسي ڪندو هو."

انهيءَ تي ماءُ جو آواز گهٽجي ويو ۽ اٺين محسوس ٿي رهيو هو تہ هن جو بدن ساهہ ڇڏي چڪو هو ۽ پنهن جي سيني تي هٿ رکيل هوس.

"ڪهڙي ماجرا آهي؟"

"ڏٺڻ جو ڪو بہ سبب ناهي هن جي تقدير ۾ جيڪي هو سو ٿيو! هڻي جلدي هل نہ تہ لاش کڻي ويندا."

حقيقت ۾ وسوف شيڪوف جـي متعلق جيڪي شڪ شبها پيدا ٿي چڪا هئا، اهـي ماءُ جا قـدم اڳتي وڌڻ کـان روڪي رهيا هئا.

”اوهو! هيءَ ته ڪـنهن حد ڪري ڇڏي!“ هن چيو.

ڪارخاني جي ويجهو هڪ کليل ميدان هو- ان ميدان ۾ هڪ گهر جلي رک ٿي ويو هو ۽ اتي- ماڻهن جا حشام لڳا پيا هئا. ماڻهون رڙين وانگر پاڪاريندا، سڙيل ڪاٺين تـان رک اڏائيندا، وڌندا ويا زالون ڪافي تعداد ۾ هيون پر انهن کان وڌيڪ پار، دوڪاندار، پوليس وارا ۽ پيا مـلازم هئا انهن پـوليس ملازمن ۾ پيٽلين پڻ هو. هو هڪ قداور پير مرد هو، جنهن جي سفيد ڏاڙهي بلڪل نرم هئي. هن جي سيني تي پلائي پلا نظر اچي رهيا هئا.

ايسائي زمين- تي اڌ ليٽيل ۽ اڌ ويٺل پئي ڏٺو. هو هڪ جليل بانس تي ٽيڪ ڏيو ويٺو هـو. ستدبس ننگو سر ساڄي ڪلهي جي طرف هـو ۽ ساڄو هٿ پتلون جي کيسي ۾ پيل هو- هـن جي کابي هٿ جون آڱريون مٽيءَ جي هڪ ڍير ۾ کتل هيون.

ماءُ هـن جي چهري ڏانهن نظر ڪئي، هڪ بـي رونق اک ٽوپيءَ جي طرف اداسيءَ ۾ ڏسي رهـي هئي. اها ٽوپي ڏکيريل ٽنگن جي وچ ۾ پيل هئي. منهن اڌ کليل هوس، ڄڻ ته ڪنهن طرف حيرت سان ڏسي رهيو هو ۽ هن جي ڳاڙهي ڏاڙهي بلڪل بگڙي چڪي هئي. هن جو بلڪل ڪمزور جسم ۽ نوڪدار سر ۽ سڪل داغدار چهرو، سڀ اڳـي کان ننڍا نظر اچي رهيا هئا موت انهن کي بلڪل ڪمزور ڪري ڇڏيو هو.

ماءُ پنهنجي سيني تـي صليب جـو نشان ٺاهيو ۽ هڪ ٿـڌو ٿوڪارو ڀريو. سڄيءَ زنـدگي ۾ هن کي انکان نفرت رهي، پر ان وقت کيس ڪجهه رحم اچي ويو.

”رت ته بلڪل آهي ئي ڪونه،“ ڪنهن آهستگيءَ سان چيو.

”مڪ سان ماريو هونداٿونس،“

”غدار جو منهن هميشه لاءِ بند ڪيو ويو،“ ڪنهن انتقامي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لهجي ۾ چيو. پوليس وارو پنهنجي هوش کي سنڀاليندي، زالن کي هٽائيندي، پاڻ اڳتي وڌي ويو.

”اها ڳالهه ڪنهن ڪئي؟“ هن ڌمڪيءَ جي لهجي ۾ پڇيو.

هن جي موجودگيءَ ۾ ماڻهو ٽـڙي پکڙي ويا ڪجهه ماڻهو پڇي ويا، ۽ هڪ شخص مسخريءَ ۾ کلي رهيو هـو. ماءُ گهر هلي وئي ”ڪير به تہ هن تي افسوس نٿو ڪري،“ هن پاڻ سوچيو.

هن کي اهو محسوس ٿيو تہ ننڍي قد جو ۽ بدن ڀريل نڪولائي هن جي اکيان بيٺو آهي ۽ ڪيس گهوري رهيو آهي ۽ هن جو ساڄو هٿ اڳين لڏي رهيو هو، جڏهن تہ ان تي وڏو ڌڪ لڳو هوس هن جو پٽ ۽ آندري جيئن ئي گهر آيا، هن ڪالهہ واقعي بابت دريافت ڪيو.

”ڪير گرفتار ٿيو قتل جي ڏوهہ ۾، يا نہ!“

”اڃا تہ ڪوبہ گرفتار نہ ٿيو آهي ۽ نہ ڪا خبر بہ آهي،“ خوخول جواب ڏنو.

هن ڏنو تہ پيٽي ڪجهہ هيسيل هئا. ”ڪنهن نڪولائيءَ جو نالو تہ نہ ورتو؟“ ماءُ وڌيڪ پڇيو.

”نہ،“ هن جي پٽ جواب ڏنو. هن جي اکين ۾ سختي هئي ۽ هن جو اهو انداز معني خيز هو.

”۽ شايد هن تي شڪ بہ ڪونهي، هو هتي آهي بہ ڪونہ، ڪالهہ ئي پهرن جو درياءَ تي ويو آهي ۽ اڃا تائين واپس نہ آيو آهي. سون ان متعلق دريافت ڪيو هو.“

”خدا جو شڪر آهي،“ ماءُ اطمينان جو ساهہ کڻندي،

”خدا جو شڪر آهي!“ خوخول هن جي طرف متوجهہ هو ۽ پنهنجو منهن هيٺ ڪري چيائين، ”اهو پيو ڏسڻ ۾ اچي جڏهن جيجيءَ کي سمجهہ ۾ نہ آيو آهي تہ ڇا ٿي چڪو آهي.“

ماءُ ان ڳالهہ جو خيال نہ ڪندي چيو، ”ڪنهن کي بہ هن تي رحم نٿو اچي، ڪير بہ تہ همدرديءَ جو هڪ لفظ نٿو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چوي، اهڙو ته نيچ ۽ ڪم ذات جڻ ته ڪا شيءِ تڪر تڪر ٿي، آتي ٿي ڪري پئي هجي!"

سڄو وقت پاويل هرهر ڇمڇي کي ٿي رکيو ۽ وٺي ٿي پڪاريائين "اها ڳالهه منهنجي سمجهه ۾ نٿي اچي سگهي."

"ڇا!" رکي رکي، خوخول پڇيو.

"جانور کي ماري، اسين گوشت حاصل ڪريون ٿا. اها سٺي ڳالهه آهي ڇا؟ ۽ اهو پڻ صاف ظاهر آهي ته جهنگلي جانور جيڪڏهن خطرناڪ ٿي پون ته انهن کي مارڻ گهرجي. آءٌ پاڻ اهڙي انسان کي قتل ڪري سگهان ٿو، جنهن ڪنهن وحشيءَ وانگر پنهنجي ساٿي انسانن کي شڪار ڪرڻ شروع ڪري ڏنو هجي ۽ آن جهڙي نيچ هستيءَ کي ختم ڪرڻ، اهو معاملو اهڙو آهي جو ڪير به آن تي هٿ نٿو کڻي سگهي."

خوخول پنهنجي ڪلهن کي ڪجهه تحرڪ ۾ آندو. "هو به اهڙوئي خطرناڪ هو، جيترو ڪو جهنگلي جانور خطرناڪ ٿيندو آهي،" هن چيو. "اسين مڇرن کي فقط هڪ رت جي قطري چوسڻ جي سزا ۾ ماريو ڇڏيون."

"اهو ته بلڪل درست آهي پر منهنجو مطلب آهي ته ان خيال ڪرڻ سان ڪيتري نه دهشت ٿي وٺي، پر آخر ڇا ڪجي!" آندريءَ پنهنجي ڪنڌ کي هڪ پاسي چوريندي، چيو.

"پر پڌاءِ ته تون اهڙي شخص جو قتل ڪري سگهين ٿو؟" پاويل گهٽي وقت کان پوءِ پڇيو.

خوخول پنهنجيون وڏيون اکيون هن تي کپائي ڇڏيون ۽ پوءِ تيزيءَ سان ماءُ طرف ڏسڻ لڳو:

"پنهنجن رفيقن ۽ پنهنجي مقصد لاءِ آءٌ هر ڪم ڪري سگهان ٿو،" هن مضبوطيءَ سان چيو، "آءٌ پنهنجي پٽ کي به قتل ڪري سگهان ٿو."

"آه." ماءُ نرم لهجي ۾ چيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”آخر ڇا ٿو ڪري سگهجي، امان!“ هن مشڪندي چيو، ”زندگيءَ ئي اهڙي آهي.“

”تون بلڪل ٺيڪ ٿو چوين،“ پاويل آهستي چيو.

گهڙيءَ گهڙيءَ آندري بي آراميءَ سبب پٺي ڇريو پريو. اٿين ڏسڻ ۾ پيئي آيو، ڇاڪاڻ ته ڪيس ڪا اندروني بي آرامي مجبور ڪري رهي آهي.

”اسين ڇا ٿا ڪري سگهون؟“ هن پنهنجا هٿ مهٽيندي چيو، ”اسين هنن کان نفرت ڪرڻ تي مجبور آهيون، انڪري ته آهو وقت جلد اچي سگهي جو اسين سڀ ۽ هو به ماڻهن سان محبت ڪري سگهون. انهيءَ ڪري هر ان شخص کي هٽايو ويندو، جو آن منزل ڏانهن ويندڙ راهه ۾ حائل ٿئي ٿو، ۽ جيڪو ماڻهن کي دولت تي فروخت ڪري ٿو انڪري ته پاڻ پنهنجي لاءِ ناموري ۽ تحفظ حاصل ڪري سگهي، ۽ اٿين چوڏاري نفرت پکڙجندي رهي جيڪڏهن ڪو جوڊاس * ايماندار ماڻهن جي رستي ۾ حائل آهي ۽ انهن سان غداري ڪرڻ جو وجهه ڳولي رهيو آهي ته اهو منهنجو اولين فرض آهي ته هن کي رستي تان هٽائي ڇڏيان. جيڪڏهين مون اهو ڪم سر انجام نه ڏنو ته آءٌ به غدار ليکيو ويندس! توهين چئو ٿا ته مون کي آن جو ڪوبه حق ناهي؟ ليڪن اسان جي آقائن کي! ڇا انهن کي حق آهي ته پنهنجي آرام ۽ آسائش لاءِ فوج، جلاد، قيد خانا ۽ پيا جلاوطنيءَ جون جايون رکن. جيڪڏهين مجبور ٿي آءٌ انهن تي ڏنڊو کڻان ته ڇا اهو به منهنجو قصور آهي؟ آءٌ يقيناً ڏنڊو کڻندس ۽ ٻمان کنهن ٻپ جي کڻندس. جيڪڏهن اسان کي هزارن جي تعداد ۾ قتل ڪري سگهجي ٿو، ته پوءِ مون کي به پورو حق آهي ته آءٌ به انهن مان ڪنهن کي جهنم رسيد ڪري ڇڏيان. هن خود پنهن جي سر کان مان نفرت ڪريان ٿو، جو منهنجي لاءِ زندگيءَ جو

* جوڊاس، اهو شخص هو جنهن حضرت عيسيٰ سان غداري ڪئي هئي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

عذاب بنجي چڪو آهي. منهنجي زندگي خطرناڪ آهي ۽ آءٌ اهڙيءَ زندگيءَ جو بلڪل مخالف آهيان. مون کي اهو معلوم آهي تہ، اهڙي خون مان ڪجهہ حاصل نہ ٿيندو، ليڪن جيستائين اهو نہ وهائيندس، تيستين تائين مون کي سڪون نہ ايندو. اسان جو خون گهڻو اثر رکي ٿو. جڏهن اهو برسات جي ڦڙن وانگر زمين تي ڪري ٿو، تڏهن ان جاءِ تي صداقت جو ٻوٽو اپري ٿو، ليڪن هنن جو خون بنا نالي نشان جڏن جي خشڪ ٿي وڃي ٿو. مون کي اهو سڀ معلوم آهي، پر ان گناه جو عذاب آءٌ پنهنجي سر تي کڻندس ۽ جيڪڏهن مون ضروري سمجهيو تہ ضرور قتل ڪندس. هي فقط آءٌ پنهنجي متعلق چئي رهيو آهيان. منهنجو گناه مون سان گڏ رهندو ۽ مستقبل تي اهو قرض ڪونهي. منهنجا هٿ خون آلوده هوندا ٻئي ڪنهن جا بہ نہ! فقط منهنجا!“

هو ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن ٽهلندو رهيو ۽ اهڙا اشارا ڪري رهيو هو، ڄڻ هن ڪنهن شيءِ کي ڪاٽڻي ۽ اڇلڻ ٿي چاهيو. اهو محسوس ٿي رهيو هئو، هو پنهنجي وجود کان بيزار هو. ماءُ پريشانيءَ ۽ غم ۾ هن جي طرف ڏسندي رهي ۽ هن کي محسوس ٿيو تہ خوخول جي خيالات ۾ طوفان هو ۽ هو بلڪل بي چين هو. حقيقت ۾ ماءُ جي ذهن مان ايسائيءَ جي قتل جو تصور بلڪل ختم ٿي چڪو هو. جيڪڏهن وسوف شڪوف اهو ڏوهہ ڪونہ ڪيو هو، تہ پاويل جو ڪو بيو دوست اها حرڪت ڪري نٿي سگهيو. پاويل خوخول جي ڏکي ۽ جوشيلي تقرير غور سان ٻڌي رهيو هو، ۽ پنهن جي سر کي هيٺ ڪيو ويٺو هو.

”ڪڏهن ڪڏهن اسان کي وڙهڻ لاءِ ڀرپائين پنهنجي هٿئو پوي ٿو ۽ پنهنجي ارادي خلاف وڙهڻو پوي ٿو. ان مقصد جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن بہ قربانيءَ کان گريز نٿو ڪجي ۽ پنهنجي دل جي بہ قرباني ڏيڻي پوي ٿي پنهنجي مقصد لاءِ سر ڏيڻ جي قرباني آسان آهي، ليڪن ان لاءِ وڏيڪ قيمتي قرباني ضروري آهي. دنيا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ جا شيءِ اسان کي عزيز ترين آهي ان جي قرباني ڏيئي، اسين صداقت کي بلڪل مضبوط بنايون ٿا، ڇاڪاڻ ته صداقت اسان لاءِ دنيا ۾ پياري ۾ پياري شيءِ آهي."

هو ڪمري جي اڱڻ ۾ اچي بيهي رهيو ۽ هن جو منهن لٿل ۽ چهرو زرد هو. هن جون اکيون ٿوريون ڪليل هيون ۽ اٿين محسوس ٿي رهيو هو ته هو دل ۾ ڪو پڪو وعدو ڪري رهيو آهي.

"مون کي يقين آهي ته اهو به وقت ايندو، جو هرهڪ انسان بلڪل سک ۾ هوندو ۽ پنهنجي آزاد زندگيءَ تي ناز ڪندو، هن ۾ خود اعتماديءَ جو جذبو ۽ عظمت جو مادو موجود هوندو. هن زمين تي آزاد انسان هوندا ۽ هو آزاديءَ جو ساه کڻندا ۽ آزاد پکين وانگر آزاد چمن ۾ سير ڪندا. ان وقت انسان جي هستي پنهنجو قدم انسانيت جي خدمت لاءِ وڌائيندي ۽ آها آسمانن کان وڌيڪ بلند هوندي. انسان بلڪل پاڪ هوندا، هنن جي دلين ۾ ڪينو، بغض ۽ حسد بلڪل نه هوندو. ان آزاديءَ جي زندگيءَ ۾ محبت ۽ سچائيءَ جو جذبو گهڻي عروج تي هوندو انسانن جون دليون محبت، سچائيءَ ۽ پاڪائيءَ جو گهر بنجي وينديون. آهي انسان عظيم هوندا ۽ هو آزاديءَ جا علمبردار هوندا."

هڪ ساعت لاءِ هو خاموش ٿي ويو. ٿوري وقت کان پوءِ ڪجهه سڏو ٿي بيٺو ۽ جو ڪجهه چيائين، ان جو لفظ لفظ هن جي دل جي گهرائيءَ مان نڪري رهيو هو هن چيو، "آءٌ اهڙي ڪم لاءِ هر گهڙيءَ هر طرح جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، جنهن ۾ هميشه مسرت ۽ سڪون هجي."

هن تي غم جي ڪيفيت طاري ٿي ويئي ۽ گرم گرم لڙڪ سندس ڳلن تي برسات وانگر ڪرڻ لڳا.

پاويل جو منهن بلڪل لهي ويو ۽ هن جي طرف گهڻي غور سان ڏسڻ لڳو. ماءُ جي دل ۾ وري شبها جاڳڻ لڳا ۽ انڪري هوءَ بلڪل گهڻي غمزده هئي.

ايتري ۾ پاويل چيو، "آندري! ڳالهه ڇا آهي"

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خوخول سڌو ويٺو رهيو، پنهنجي سر کي ڪجهه مٿي کڻيائين ۽ ماءُ ڏانهن تڪڻ لڳو.

”مون اهو واقعو ٿيندي ڏٺو آهي ۽ مون کي پوريءَ طرح معلوم آهي.“

هوءَ ڊوڙي هن وٽ ويئي ۽ هن جا هٿ مضبوطيءَ سان پڪڙيائين. هن پنهنجو ساڄو هٿ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هوءَ هن کي بلڪل مضبوطيءَ سان جهليو بيٺي هئي. ڪجهه وقت کان پوءِ نرم لهجي ۾ چيائين، ”منهنجا اکين جا نور، منهنجا پيارا لال!“

”ترس،“ خوخول پنهنجي گهري آواز ۾ چيو، ”آءٌ توکي سڀ ٻڌايان ٿو ته اهو ڪيئن ٿيو.“

هو اچا چوڻ وارو هو، ته ماءُ چيو، ”نه، نه، ضرورت ناهي، هرگز نه، آندر ڀرشا نه ٻڌاءِ.“

پاويل آهستي آهستي اتي آيو ۽ ڪجهه ويجهو اچي بيٺو. هن جون اکيون آليون هيون ۽ چهرو زرد هوس. ٿورو مشڪندي چيائين، ”امان کي خوف زده نه تو ڪيو آهي؟“

”مون کي بلڪل ڊپ ناهي ۽ مون کي پورو يقين به ناهي. جيڪڏهن پنهنجي اکين سان ڏسان ها ته به مون کي يقين نه اچي ها! پر ترس،“ خوخول پنهنجو ڪنڌ ڦيرائيندي چيو، ۽ هٿ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪيائين. ”مون ڪجهه به ڪيو، ليڪن آءٌ جيڪڏهن چاهيان ها ته ان کي روڪي سگهان ها،“

”چپ رهه آندري،“ پاويل چيو.

هن پنهنجي دوست جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ زور سان پڪڙيو ۽ ٻيو هٿ خوخول جي ڪلهي تي رکيائين، جڻ ته هن جي بلند قد کان ۽ جسم جي زور کان پاڻ کي بچائي رهيو هو. آندري پاويل جي طرف مڙي ۽ ڌيمي آواز ۾ چيو، ”پاويل، توکي خبر آهي ته مون ڪوشش پئي ڪئي ته اهڙيون حالتون پيدا نه ٿين. آخر تون نه اڪيلي وڃي وٺين. پر آءٌ دراگونوف سان گڏ گهٽيءَ

جي موڙ وٽ بيٺو هوس، ته ايسائي آيو ۽ هڪ طرف بيهي اسان کي تڪڻ لڳو، ۽ ڪجهه طنزيه نموني ۾ ڳالهائڻ لڳو. دراگوبوف چيو، ڏسين ٿو هن کي! سڄي رات هن منهنجو پيڇو ڪيو آهي. اڄ آءٌ هن کي ختم ڪري ٿي دم ڪشندس. پوءِ هو ويو هليو. مون سمجهيو ته هو گهر ويو هليو. ان ڪان پوءِ ايسائي مون وٽ آيو.“

خوخول هڪ وڏو شوڪارو ڀريو.

”اڄ ڏينهن تائين ڪنهن به منهنجي اهڙي بي عزتي نه ڪئي آهي، جهڙي هن ڪئي ڪئي.“

ماءُ هن کي سانت سان ميز وٽ وٺي آئي. هن کي ويهاري ڇڏيائين ۽ پاڻ وچ ۾ اهڙيءَ طرح ويهي رهي، جو پنهنجي جا سر هڪٻئي کي ڇهي رهيا هئا. پاويل اتي بيٺو رهيو ۽ بلڪل اداس نظر اچي رهيو هو.

”هن مون کي ٻڌايو ته هن کي اسان سڀني جي نالن جي خبر آهي پوليس وارن وٽ اسان سڀني جي نالن جي فهرست آهي، ۽ اهو ظاهر آهي ته مئي جي ڏينهن کان اڳ ئي اسين گرفتار ڪيا وينداسين. مون ڪوبه جواب ڪونه ڏنو. فقط ڪجهه کلي ڏنم. پر اندر ۾ ڪجهه سوچي رهيو هوس. پوءِ هن وري چيو ته تون ته ڏاڍو ذهين انسان آهين ۽ هن راه تي هلي تون وڏي غلطي ڪري رهيو آهين. زياده بهتر آهي ته تون ....“

هو يڪدم خاموش ٿي ويو ۽ پنهنجي هٿ سان پنهنجي ڇهري تان پگهر اگهيائين. هن جي اکين ۾ تيز چمڪ هئي.

”آءٌ سمجهي ويس،“ خوخول چيو. ”منهنجو ته خيال آهي ته قانون جو سات ڏيڻ بلڪل بهتر آهي!“

اٿين چئي، گهڙيءَ لاءِ خوخول پنهنجو ساهه گهٽي ڇڏيو. ۽ پوءِ يڪدم غصي ۾ لال ٿي ويو ۽ پنهنجي مٺ ڏيکاريندي چيائين، ”قانون! لعنت هجي ان تي!“ پنهنجي ڏندن کي ڪرٽيندي چيائين، ”جيڪڏهن هو مون کي ٿڦڙ هڻي ها ته اهو گهڻو بهتر ٿئي ها هن مون تي بلڪل غلط طريقي سان اٿين تڪيو، ۽ آءٌ قوت برداشت بلڪل وڃائي چڪس.“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هن پنهنجو هٿ هڪ جهٽڪي سان پاويل جي گرفت مان آزاد ڪرائي ورتو ۽ بلڪل آهستي چوندو ويو، ”مون هن جي منهن تي تڦڙ وهائي ڪڍيو ۽ هاڻ اڳيس. پنهان مون دراگونوف جو هلڪو آواز ٻڌو، ’آخر توکي ٻه پڪڙي ويو نه!‘ - حقيقت ۾ هو هڪ ڪنڊ ۾ ويٺو هو ۽ هن جو انتظار ڪري رهيو هو.“

ٿوري دير کان پوءِ خوخول چيو، ”آءٌ بلڪل پنهان ڪونه مڙيس - جيتوڻيڪ مون کي ڪجهه احساس ٿيو، تڏهن به .... ته ڪنهن ماريو آهي .... پر تڏهن به آءٌ هلندو رهيس. ڪارخاني ۾ ماڻهو شور و غل مچائيندا آيا ۽ چئي رهيا هئا، ايساڊيءَ کي قتل ڪيو ويو آهي. پر مون کي بلڪل يقين نه آيو. ليڪن منهنجي ٻانهن ۾ اهڙو ته سور ٿيڻ لڳو، جو آءٌ بلڪل ڪم نه ڪري سگهيس. ڪا تڪليف ته ڪانه محسوس ٿي، پر ائين معلوم ٿي رهيو هو ته منهنجو هٿ بلڪل ڪٽجي ويو آهي....“

هن پنهنجي هٿ جي طرف غور سان ڏٺو ۽ چوڻ لڳو، آءٌ شايد هن داغ کي عمر تائين به نه مٽائي سگهندس“.

”سچي ڳالهه هيءَ آهي ته تنهنجي دل بلڪل پاڪ صاف آهي،“ ماءُ هلڪي آواز ۾ چيو.

”آءٌ پاڻ تي الزام نٿو لڳائي سگهان،“ خوخول زور ڏيئي چيو، ”ڳالهه فقط هيءَ آهي ته مون کي هيئنر بلڪل بي اطميناني آهي، ۽ سوچي رهيو آهيان ته مون کي اُن معاملي ۾ پوڻ ئي گهرجي ها.“

”تنهنجي ڳالهه بلڪل منهنجي سمجهه کان ٻاهر آهي،“ پاويل ڪنڌ کي ڌوڻيندي، چيو. ”تو قتل نه ڪيو، آهي، ۽ جيڪڏهن ڪيو به هجي ها، ته ....“

”هن طرف ڌيان ڏي ۽ منهنجي ڳالهه ٻڌ - جيڪڏهن اهو معلوم ٿئي ته قتل ٿي رهيو آهي ۽ وري اُن کي روڪڻ جا اپاءُ نه ورتا وڃن ته پوءِ ....“

”پر اڃا مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته ماجرا ڇا آهي.“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پاويل اسرار ڪيو. ”اهو برابر آهي ته ڪجهه سمجهي ويو آهيان، ليڪن پوريءَ طرح سمجهي نه سگهيو آهيان.“

ڪارخاني جي سيٽي وڳي، پر خوخول وڃڻ لاءِ تيار نه ٿيو، ۽ چيائين، ”آءٌ ڪم تي ڪونه ٿو وڃان.“

”آءٌ به ڪونه ويندس،“ پاويل چيو.

”آءٌ حمام جي طرف وڃان ٿو،“ خوخول هلڪي آواز ۾ کلندي چيو، ۽ پنهنجا ڪپڙا کڻڻ لڳو. جڏهن گهر کان روانو ٿيو، تڏهن ڏاڍو اداس هو ۽ ماءُ هن ڏانهن گهڻي توجهه ۽ همدرديءَ سان ڏسي رهي هئي.

”تون ڇا به ڪٿي چوين، پاويل،“ ماءُ هن جي وڃڻ کان پوءِ چيو، ”آءٌ اهو ٿي سمجهان ته انسان جو قتل ڪرڻ هڪ عظيم گناه آهي. پر آءٌ ڪنهن کي به مجرم تصور نٿي ڪريان. مون کي ايسائيءَ تي گهڻو ڏک نٿي ٿو، جيڪا ته هو بلڪل بي يارو مددگار هو ۽ ڪير به سندس پڙ جهلو نه هو. اڄ جڏهن مون هن ڏانهن ڏٺو، تڏهن مون کي اهو ڏينهن ياد اچي ويو جڏهن هن توکي ڦاسي ڏيڻ جي ڌمڪي ڏني هئي. پر ان ڌمڪيءَ جي باوجود به مونکي ڪانئس نفرت نه ٿي ۽ نه ٿي اڄ هن جي موت تي مون کي ڪا خوشي ٿي آهي. مون کي ته هن جي موت تي افسوس ٿيو، پر هن وقت اهو افسوس به باقي ڪونه اٿم.“

هوءَ خاموش ٿي ويئي ۽ ڪجهه سوچڻ لڳي ۽ پوءِ ڪجهه مرڪي پنجي، مشڪندي، چيائين ”اڙي بابا، آءٌ ڇا ڇا چئي ويس، ڇا تو ٻڌو؟“

پر هن بلڪل ڪونه ٻڌو هو. جيڪا ته هن جو ڪنڌ زمين طرف هو ۽ هو پنهنجن ئي خيالن ۾ رڌل هو، ان ڪري ڪجهه نه ٻڌائين. هن فرش تي هلندي، ڪجهه غمگين لهجي ۾ چيو، ”ڪهڙي نه عجيب زندگي آهي! ماڻهن کي هڪٻئي جي خلاف اڀاريو ٿو وڃي ۽ ڪيتري به ڪوشش ڪئي وڃي ڪنهن نه

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪنهن تي هٿ اپو ٿيو ٿي ٿو وڃي. پر افسوس، جو هٿ سدائين هڪ ننڍيءَ هستيءَ تي کڄي ٿو جنهن کي اسان کان بلڪل گهٽ حق حاصل آهن. هن شخص بابت اهو چوڻ واجب آهي ته هو اسان کان به گهٽ خوش قسمت هو، ڇاڪاڻ ته ڪنهن عقل گهٽ هوس. پوليس، فوج ۽ سي. آئي. ڊي وارا اسان جا دشمن آهن، پر اهي به اسان جهڙا انسان آهن ۽ انهن جو پڻ اهڙو حال ڪيو وڃي ٿو ۽ انهن سان به ساڳيو سلوڪ ٿئو ڪيو وڃي، جهڙيءَ طرح اسان جو حال آهي. پر اڄڪلهه وڏن آقائن اميرن ۽ طاقتوارن پاڻ کان ننڍن ۽ هيٺين ماڻهن کي هڪٻئي کان بيزار ڪري ڇڏيو آهي. هنن جي اکين تي انهن گمراهيءَ جي پٽي ٻڌي ڇڏي آهي. هو هنن جو خون پين ٿا ۽ انهن ماڻهن کي پنهنجا خونخوار هٿيار ڪري استعمال ٿا ڪن. انسانن کي بلڪل جانور بنائي ڇڏيو اٿن. انهن کي هٿيارن وانگر پنهنجي بچاءَ وقت استعمال ڪن ٿا ۽ پوءِ وڏي واڪي چون ٿا: ”هيءَ حڪومت اها آهي جا بلڪل امن جي بنيادن تي آهي ۽ انسانيت جي خدمت هن حڪومت جو اولين فرض آهي!“ هو پنهنجي ماءُ جي ويجهو آيو. ”هيءُ سراسر جرم آهي امڙ! لکن ڪروڙن انسانن جو درندن قتل عام شروع ڪيو آهي. اهو قتل انساني روحن جو قتل آهي. ڇا، تون سمجهين ٿي؟ هنن ۽ اسان ۾ هائي توکي فرق نظر اچي ٿو يا نه؟ اسين جيڪڏهن هڪ انسان کي ماريون ٿا ته اسان کي گهڻي ڪراهت ٿي اچي ۽ شرم ۾ پئبو وڃون. ٻئي طرف هنن درندن کي هزارن انسانن جون زندگيون ختم ڪندي ڪو رحم نٿو اچي انلو هو ظالم گهڻي اطمينان ۽ فخر سان هنن جو ڪوس ڪن ٿا ۽ ان عمل ڪندي هنن کي گهڻي راحت ٿي اچي. ماڻهن جو قتلام هو پنهنجي مال ۽ دولت، ۽ عيش عشرت جي ساز و سامان ۽ حڪمرانيءَ جي حفاظت لاءِ ڪن ٿا. اهو هنن جو انساني قتل عام جو مقصد آهي. هو انهن کي هر طرح ڪچلڻ جي ڪوشش ڪن ٿا جي سندن انسانيت سوز حرڪتن جو پردو لاهين ٿا پر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حقيقت ۾ هو پليل آهن. هو سمجهن ٿا ته هو خود ان طرح پنهنجي مال ملڪيت جي حفاظت ڪري سگهن ٿا - پر حقيقت ان جي برعڪس آهي. جن ڪي هو ختم ڪن ٿا، آهي ئي هنن جا محافظ آهن ۽ اهي ماڻهو ئي هنن جي بقا آهن ڇاڪاڻ ته اُنهن جو بگڙڻ ئي هنن جي حاڪميت کي ڪنهن به وقت ختم ڪري سگهي ٿو." هو ماءُ جي ڪنڌ جي سهاري ٿورو جهڪيو، ۽ ماءُ جا هٿ پنهنجي گرفت ۾ ڪيائين، ۽ چيائين، "جيڪڏهن تون اسان جي صداقت کي سمجهي سگهين، جنهن لاءِ اسين جدوجهد ڪري رهيا آهيون ۽ هنن جي شرمناڪ حرڪتن کي پروڙي سگهين، ته پوءِ توکي اسان جي صداقت پنهنجي دل ۾ عظيم جڳهه ڏيڻي پوندي."

ماءُ اٿي کڙي ٿي - هن وقت، هوءَ ڪافي متاثر ٿي چڪي هئي، ۽ هن جي دل ۾ هڪ عظيم آگ جي شعلي جنم ورتو، جو سندس پٽ جي شعلي سان مليو، هڪ بلڪل وڏو شعلو بڻجي ويو. ماءُ بلڪل ئي آرام بڻجي چڪي هئي ۽ ڏاڍي اضطراب جي اثر هيٺ اچي چڪي هئي.

"صبر ڪر پاويل ڪجهه وقت صبر ڪر آءٌ به ڪجهه ڏينهن ۾ محسوس ڪنديس، پر ڪجهه وقت صبر ڪر." ماءُ آهستي چيو.

ڪو شخص هنگامو مچائيندو گهر ۾ اندر داخل ٿيو. هو ٻيٺي ڊچي ويا ۽ هڪٻئي ڪي تڪڻ لڳا . آهستگيءَ سان دروازو کليو، ۽ ريبن اندر داخل ٿيو.

” آءٌ ٻچي ويس!“ هن مرڪندي چيو. پنهنجو سر ڪجهه اوچو ڪيائين ۽ چيائين، ” دنيا ۾ اهڙو شڪي، ليڪن قول جو ٻڪو. هر ڪم ۾ دست اندازي ڪندڙ.“

هن ڪي وڏو ڪل جو ڪوٽ بدن تي پيل هو، مٿي تي وڏن ڊگهن وارن وارڙي ٽوپي، ۽ پيتيءَ ۾ هڪ جوڙو دستانن جو پيل هو.

” تنهنجي طبيعت ڪيئن آهي؟“

”آخر پاويل تو ڪي ڇڏي ڏنئون ڇا؟ چڱو ٿيو: ڪهڙو حال آهي ڀلا گيا نلووڊا؟“ هن پنهنجا سفيد ڏند ٻاهر ڪڍيندي چيو. هن جو آواز نرم هو ۽ چهري تي ڏاڙهي چڱيءَ طرح پکڙيل هئي. ماءُ هن سان ملي ڏاڍي خوش ٿي، ۽ اڳتي وڌي هن جو وڏو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهليائين هن جي هٿ تي ڪارا ڏاغ هئا.

” اوه!“ هن ٽارڪول جي تيز بوءِ کي سنگهندي چيو ، ”مون کي توسان ملي بيحد خوشي ٿي آهي.“

” آه آهه! تون . ته سچ پچ هاري آهين!“ پاويل مشڪندي، ريبن ڏانهن گهورڻ لڳو، ۽ چيو، ”مهمان پنهنجو ڪوٽ لاٿو!“

” بلڪل صحيح .“ آءٌ آهوئي ڪاريءَ جو هاري آهيان توهين روزانو رئيسن ۽ اميرن جي نزديڪ ٿيندا وڃو. پر آءٌ ان جي بلڪل مخالف طرف وڃي رهيو آهيان. هو ڪمري ۾ چڪر لڳائڻ لڳو، ۽ پنهنجي رنگين قميص کي ٺيڪ ڪندي، پين شين ڏانهن پڻ تڪو تڪو ڏسندو رهيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”ڇا تو ڏسين؟ ڪا بـي خاص شيء ڪانهي، فقط ڪتاب آهن. چڱو، پلا قصو ٻڌاء!“

هن پنهنجيون تنگون پکيڙي ڇڏيون ۽ هٿن سان گوڏن کي جهلياڻين، ۽ جواب ڪان اڳ ۾ پاويل جي طرف پنهنجون ڪاريون اکيون کپائي ڇڏيائين. ايتري ۾ پاويل وري چيو، ”اسان جـو ڪم اڳتي وڌي رهيو آهي.“

”هر جوتيون ڻا ۽ فصل لڻون ٿا ۽ خوب شراب پيون ٿا ۽ باقي وقت ۾ آرام ڪريون ٿا، تـون ائين ٿو چوڻ چاهين نه!“ ريبن کليو.

”تون پنهنجو حال احوال ٻڌاء ميخائل ايوانووچ“ پاويل هن جي اڳيان ويهندي پڇيو.

”منهنجو حال نيڪ آهي، آءٌ يگيلديور ۾ رهان ٿو اهو هڪ چڱو ڳوٺ آهي. سال ۾ اتي ٻه ميلا لڳندا آهن ۽ اتي جي ڪل آدم شماري ٻن هزارن کان وڌيڪ اهي. پر اتي سڀ بلڪل غريب ۽ نادار آهن ڪنهن وٽ پنهنجي زمين ڪانهي. سڀ ماڻهو زمين پٽي تي وٺندا آهن. آءٌ هڪ خون چوس پٽيدار وٽ ملازم اهيان. هي ڳوٺ اهڙن ماڻهن سان اهڙو ڀريل آهي، جيئن ڪنهن سڙيل لاش تي ڪيڙا. حقيقت هيءَ آهي ته جيترو هتي ڪمائيندو هوس انجي چوٿين پتي بـه اتي ڪونه ٿـو ڪمايان ۽ ڪم وري ٻيڻو ٽو ڪريان.

”اسين ڪل ست ڄڻا هـن وٽ ڪم ڪريـون ٿا. اسين سڀ جوان آهيون ۽ سڀ اتي جا رهاڪو آهيون سواء منهنجي ٻيا سڀ پڙهيل آهن هنن ۾ هڪ جنهن جو نالو يفيم آهي، تمام گهڻو مزاج جو تيز آهي، ايترو جـو خبر نٿي پوي ته هن سان ڪهڙو سلوڪ ڪجي!“

”توهين ڪم ڪيئن ڪندا آهيو؟“

هن جي ڳالهائيندي، وچ ۾ پاويل پڇيو.

”توهين ڪجهه اطمينان ڪريو ۽ پاڻ ۾ ڪجهه سمجهه جو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مادو پيدا ڪريو. توهان جا سڀ اشتهار ۽ پرچا گڏ ڪئي ويو
هوس. ڪل ٣٤ هئا پر گهڻو ڪري آءٌ انجيل مان فائدو
وٺندو آهيان. انجيل مان مون کي سيکجهه ملي ٿو وڃي.
ڪتاب ٿلهو پڻ آهي ۽ مقدس ڪلسيا جو منظور ٿيل آهي. توهين
به هن مان گهڻو فائدو حاصل ڪري سگهو ٿا." هن ڪلي ۾ پاويل
کي اک ڀڪي.

"پر رڳو اهو ڪافي ناهي. آءٌ توهان وٽ رڳو ڪتابن لاءِ ئي
آيو آهيان، اسين به شخص آهيون. هو يفيمر مون سان گڏ آهي.
اسان کي تارڪول لاءِ موڪليو ويو هو ۽ اسان موقعي جو پورو
فائدو ورتو. ٿورو رستو ڪاٽي هيڏانهن آيا آهيون. يفيمر جي اچڻ
کان اڳ ڪي ڪتاب ڏيئي ڇڏ. اهو خيال رهي، ته هن کي
سيني ڳالهين جو پتو نه آهي."

ماءُ ريبن جي طرف ڏٺو ۽ هن کي ائين محسوس ٿيو ته هن
پنهنجي ڪپڙن کان سواءِ پيو به گهڻو ڪجهه بدلائي ڇڏيو آهي.
هن جي روش ۾ رعب گهٽ هو- هن جي نظرن مان چالاڪي
نمايان هئي، ۽ اکين ۾ اعتماد جو مادو ڪجهه گهٽ نظر اچي
رهيو هو.

"اماں !" پاويل زور سان چيو، جيڪڏهن توکي تڪليف نه
ٿئي ته ڪتاب ڪٿي اچ. ماڻهو انکي پڙهي سگهن ٿا. ڪتاب اهڙن
قسم جا هجن جيڪي ٻهراڙيءَ ڏانهن موڪلي سگهجن.

"چڱو نيڪ آهي." ماءُ چيو. "ٿورو ترس ته وڃان ٿي"

"تون به انهن معاملن ۾ ڦاسي پئينءَ، پلاگيا نلوونا؟" ريبن ڪايو.

"هون هون .... ٻهراڙيءَ ۾ گهڻن ماڻهن کي ڪتابن جي
خواهش آهي، ۽ هي سچو ڪارنامو اتي جي هڪ استاد جو آهي-
هو ڏاڍو هڪ چڱو انسان آهي ۽ پادري خاندان جو فرد آهي-
چئن ميلن جي مفاصلي تي هڪ ماستريائي پڻ رهي ٿي- هي
ٻيئي غير قانوني ڪتاب ڪونه ٿا پڙهائين، چاڪاڻ ته هنن کي
هميشه پنهنجي نوڪريءَ جي ختم ٿي وڃڻ جو ڊپ رهي ٿو. پر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مون کي تہ اهڙيُ غير قانوني ڪتاب گهرجن. منهنجي ڏنل ڪتابن کي جيڪڏهن پوليس ۽ پادريءَ ڏسي بہ ورتو، تہ بہ ماستر ۽ ماستربانيءَ کي ڪي جوابدار نہ ٺهرائيندا. ۽ سمجهندا تہ هوئي ماڻهن کي ڪتاب ڏين ٿا ۽ آءٌ بلڪل بچي ويندس!" پنهنجي چالاڪيءَ تي خوش ٿيندي، ڪجهہ مرڪيو.

"اوهو! نظر ريچ جهڙو تہ اچين، پر عمل لومڙيءَ وانگر ڪرين ٿو!" ماءُ سوچڻ لڳي.

"جيڪڏهن هنن کي شڪ پيو تہ هو ماڻهن کي غير قانوني ڪتاب ڏين ٿا، تہ ڇا انهن کي جيل ۾ موڪليو ويندو؟" پاويل دريافت ڪندي چيو.

"پڪ ئي پڪ، هنن کي جيل ڏانهن موڪليو ويندو." ريبن جواب ڏنو، "پر پوءِ ڇا ٿيو؟"

"پر ڏوهہ تہ توهين ڪريو ٿا، ان ڪري جيل ۾ بہ توهان کي وڃڻ وڃي. هنن جو ڪهڙو قصور آهي، جو هنن کي سزا ڏني وڃي؟"

"تون تہ عجيب ماڻهو آهين،" ريبن پنهنجي گوڏي تي هٿ ڦيريندي ۽ کلندي چيو، "مون تي ڪنهن کي بہ شڪ نہ ٿيندو ڇاڪاڻ تہ مزور اها حرڪت نٿا ڪري سگهن. ڪتابن وغيره جي معاملي ۾ تہ هوئي چالاڪ آهن ۽ هنن کي ئي انهيءَ جو جواب ڏيڻو آهي."

ماءُ محسوس ڪيو تہ ريبن جي ڳالهہ پاويل جي سمجهہ ۾ نہ آئي. هن پنهنجي پٽ کي گهوريندي، غصي جي لهجي ۾ ڏٺو.

"ميخائل ايوانووچ ڪم ڪري پاڻ ۽ جوابداري وجهي پين تي!" ماءُ پوري زور سان چيو.

"اها ڳالهہ بلڪل ٺيڪ آهي،" ريبن پنهنجي ڏاڙهيءَ کي ڇهندي چيو، "في الحال تہ ائين ئي ٿيندو."

"امان! جيڪڏهين مثال طور ڪو اسان جي ساٿين مان، سمجهو تہ آندري، ڪو غير قانوني ڪم ڪري ۽ پاڻ کي لڪائي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چڙي، جنهنڪري مون کي گرفتار ڪيو ويو، ته پوءِ توکي ڪهڙو نه احساس ٿئي." پاويل خشڪ لهجي ۾ چيو.

ماءُ حيران ٿي ويٺي ۽ هن تي خوف طاري ٿي ويو ۽ پنهنجي پٽ طرف تعجب سان ڏسندي، چيائين، "پنهنجي رفيق سان اهڙي حرڪت ڪرڻ بلڪل بيهودي ڳالهه آهي، ۽ ائين ڪيئن تو ڪري سگهجي!"

"آها!" ريبن چيو، "پاويل آءٌ توهنجو مطلب سمجهي ويس." هن، ماءُ جي طرف ڪجهه ڏيکاءُ جي انداز سان مڙندي، اک پٽيندي "وڏو نازڪ معاملو آهي امان!" هڪ دفعو وري هو پاويل جي طرف مڙيو، ۽ بلڪل اهڙي انداز ۾ چيائين ڄڻ ته ڪنهن کي ڪو سبق پڙهائي رهيو آهي - "توهنجا خيال اڃا پختا ڪين آهن، منهنجا ياءُ! غير قانوني عمل ۾ ڪابه ايمانداريءَ جي ڳالهه ڪانهي. توهين خود فيصلو ڪريو ته، پهريون شخص جنهن کي گرفتار ڪندا اهو ماستر ڪونه هوندو، بلڪ اهو ساٿهو جنهن وٽان ڪتاب پڪڙيا ويندا. اها ته ٿي پهرين حالت ان کان پوءِ آءٌ مڃان ٿو ته ماستر رڳو منظور ڪيل ڪتاب پڙهائين ٿا، پر آهي به اهڙن ئي خيالن جو اظهار ڪن ٿا - فقط لفظن جو ڦير هوندو آهي ۽ مواد ساڳيوئي هوندو آهي. هنن جي ڪتابن جي لفظن ۾ صداقت گهٽ هوندي آهي. مطلب ته هو به اهوئي چاهين ٿا جيڪي اسين چاهيون ٿا. فرق فقط اهو آهي ته هو ڏنگن رستن ذريعي منزل ڏانهن وڃن ٿا ۽ اسين سڌي رستي تي هلون ٿا. اسين ٻئي آقائن جي مهربانين کان محروم آهيون. اهو ٺيڪ ناهي ڇا! ۽ ٻي ڳالهه هيءَ آهي ته مون کي هنن جي ڪابه پرواهه ناهي. اهو منهنجو نظريو آهي ته پيادل انسان گهوڙيسوار سان هرگز نٿو دوستي رکي سگهي. اهو ممڪن آهي ته آءٌ ڪنهن هاريءَ سان ائين نه ڪريان پر آهي شخص ته بلڪل ان ڳالهه لاءِ موزون آهن. هڪ پادريءَ جو پٽ آهي ۽ ٻي زميندار جي ڌيءَ. انهن ماڻهن کي ڪهڙي ضرورت آهي، جو ٻين کي بيدار ڪن ٿا. هنن جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ذهن جو پورو اندازو لڳائڻ مون جهڙي هاريءَ لاءِ بالڪل ڏکيو آهي ۽ مون کي هنن جي عملن بابت ڪوبه علم ڪونهي. هزارن سالن کان وٺي آهي آقا هليا اچن ۽ پنهنجي اقتدار جي ڪرسيءَ تي مڪمل قبضو حاصل آٿن. هو اسان هارين جي هر وقت ڪُل آڏوڙين ٿا ۽ خون چوسين ٿا. ۽ هاڻي هاري بيدار ٿيا آهن ۽ هنن جون اکيون کُلي ويون آهن - آءٌ 'هڙو شخص نه آهيان، جو پرين جي آڪاڻين تي يقين ڪريان. اهي تذڪرا ته پرين جي آکاڻين پر ٿي هوندا آهن حقيقت اهاڻي آهي توهان جي آقائن ۽ مون ۾ اهوئي فرق آهي، ۽ اهوئي سبب آهي، جو آءٌ هنن ۾ دلچسپي نٿو وٺان- مردين جي ڏيهن ۾ ڏند سڀ ڪجهه ڏسڻ ۾ نه ايندو آهي- جيڪڏهن توهين پنهن مان صبح جو گهوڙي تي سواري ڪندي انگهندا ۽ توهان جي اڳيان ڪو ڪتو يا ٻکهڙ يا لومڙ اچي وڃي ته ڏند ڪري اوهين ان کي ڪونه ڏسي سگهندا - ان شيءِ جي اوهان کي پوري پروڙ ڪانه پوندي آهي."

ماءُ پنهنجي پٽ جي طرف ڏٺو ۽ هو اداس نظر اچي رهيو هو.

ربين ڪجهه تشويش جي صورت ۾ ڏسڻ ۾ پئي آيو ۽ پنهنجي ڏاڙهيءَ کي آڱرين سان پيئي سنواري پائين، ۽ بار بار پاوبل جي طرف ڏسندو رهيو- هن جون اکيون گهٽيون روشن هيون.

"مون وٽ بڪواس لاءِ وقت ناهي- هيءَ زندگي بالڪل سنجيده معاملو آهي. اسين ڪتن وانگر زندگي گذاريون ٿا- هرهڪ ڪتو پنهنجي ٽي ڏينگ ۾ پونڪي ٿو." هيءُ پاوبل جو رد عمل هو.

انهن آقائن مان ڪي اهڙا به آهن، جي عام ماڻهن جي واسطي موت قبول ڪن ٿا ۽ سڄي عمر جيل ۾ گذارين ٿا،" ماءُ ڪجهه شڪلين کي ياد ڪندي چيو.

"انهن جي ڳالهه بالڪل جدا آهي." ربين چيو. "هاري به امير ۽ سڪر ماڻهو پنجي وڃي ٿو. سڪر ماڻهو غريب ٿي، هاري بنجي وڃن ٿا. جيڪڏهن هٿ سچو آهي ته ڪر به سٺو ٿيندو آهي. اٿئي يڌ نه، پاويل ته تو ڪيئن مون کي سمجهايو هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

انسان جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ تي ئي خيالن جو دارو مدار آهي. حقيقت اهائي آهي. جيڪڏهن مزور ها ته وڪري ته مالڪ ”نه“ ٿو چوي، ۽ اهڙيءَ طرح هاريءَ ۽ زميندار ۾ اهوئي بنيادي فرق آهي. زميندار جي فطرت اهائي آهي ته جيڪڏهن هو ڏسي ٿو ته هاريءَ کي پيٽ ڀرڻ لاءِ کاڌو ميسر آهي ته هن جي ننڊ به حرام ٿيو وڃي. پر اها به حقيقت آهي ته پنج ئي آڱريون برابر نه آهن، ڪي اهڙا به هاري موجود آهن جي پاڻ ڪم چور ۽ مفاد پرست آهن. انهيءَ ڪري ئي آءٌ سيٺي جي پاران ڪجهه چئي نٿو سگهان پر هن بنيادي فرق کي واضح ڪريان ٿو.“

هو پنهنجن پيرن تي اٿي بيٺو ۽ بلهوان نظر اچي رهيو هو. هن جو رنگ سانورو هو ۽ هن جي ڏاڙهيءَ ۾ اهڙي ته چر پر پيدا ٿي، ڄڻ ته ڏند ڪرٽي رهيو آهي، ۽ پوءِ نرم لهجي ۾ پنهنجي گفتگو جاري رکندي چيائين.

”پنجن سالن تائين هڪ ڪارخاني کان ٻئي ڪارخاني ڏانهن رلندو رهيس ۽ اهو بلڪل وساري ڇڏيس ته ڪوٺ ڪنهن کي ٿا چون. جڏهن آءٌ واپس ويس، تڏهن اهو محسوس ڪيم ته هاڻي اڳئين وقت وانگر نٿو رهي سگهان. بلڪل ناممڪن هو اهو منهنجي لاءِ! هتي رهي اسان جي نظر انهن نا انصافين طرف ٿي وڃي، جيڪا اتي وڃي سگهي ٿي. اتي ٻڪ ماڻهن جو پيٽ ڀاڄولي وانگر ڪري ٿي ۽ اتي ڪاڏي جي ڪا اميد ئي نظر نٿي اچي. ٻڪ ماڻهن جي روح کي مات ڪريو ڇڏي. هنن جي چهرن تان انسانيت جا آثار بلڪل ميٽجيو وڃن. هو اڃا ئي زنده ڪونه آهن، ۽ لاڳيتي طلب ۽ احتياج جي هيٺ ڪري بنهه نيست نابود ٿيو وڃن. ۽ وري اهي عملدار هر وقت انهن جو تعاقب ڪن ٿا ۽ انهن تي چوڪس رهن ٿا، جهڙيءَ طرح لاشن جي چوگرد ڳجهه چڪر ڪاٽيندا آهن. هو تڪيندا رهن ٿا ته متان هاريءَ وٽ ڪجهه وڌيڪ ته نه آهي! اتفاق سان جيڪڏهن ڪنهن وٽ ڪجهه وڌيڪ نڪري پيو ته هن کان اهو سڀ ڪجهه کسيو وٺن ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هن جي خاصي مرمت ڪري ڇڏين." ريبن ڇئن ئي طرفن ڏانهن نگاهه ڊوڙائي، هو پاويل جي طرف جهڪيو، ۽ هن جو هٿ ميز تي هو.

"جنهن وقت آءٌ پيهر هن زندگيءَ سان واقف ٿيس تڏهين مون تي غشي اچي وئي. آءٌ بلڪل بيزار ٿي پيس. پر وري مون پنهنجو پاڻ کي چيو ته هي بلڪل غلط آهي. مون پنهنجي نفرت کي ختم ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو. اها حقيقت آهي ته آءٌ ماڻهن کي ڪاڏو ته هرگز نه پهچائي سگهندس، پر انهن کي انهيءَ زور ۽ ظلم جي خلاف آڻي وڙهڻ لاءِ ته ڇٽي سگهندس. اُن جي بدران مون ماڻهن تي ٿيندڙ ظلم ۽ زور کي پنهنجي سيني ۾ ٿي لڪائي رکيو هو، ۽ آءٌ پنهنجي دل ۾ هڪ چيندڙ ڪنڊو محسوس ڪري رهيو هوس." آهستي آهستي، هو پاويل جي ويجهو ويو ۽ ان وقت هن جي چهري مان پڪهر ٿي رهيو هو. هن جو هٿ پاويل جي ڪلهي تي رکيل هو.

"مون کي توهان جي مدد جي ضرورت آهي! مون کي ڪتاب ڏيو. اهڙا ڪتاب ڏيو، جن جي پڙهڻ سان ننڊ بلڪل حرام ٿي وڃي. آءٌ هن جي دماغ ۾ شعلا پرڻ چاهيان ٿو، جي ڪنهن آگ جي صورت ۾ ظاهر ٿين. پنهنجن شهري دوستن کي چئه ته اوهين فقط شهر بابت لکو ٿا. هاڻي ڪجهه وقت ٻهراڙيءَ وارن لاءِ به لکو ۽ لکي منهنجي حوالي ڪريو ته آءٌ انهن جي پڙهڻ جي اوهان تي ڪا مهرباني ڪريان. هنن کي سمجهايو ته اهڙو قلم جو اثر پيدا ٿئي ڪريو، جو ماڻهو آهو پڙهن ۽ پڙهي پنهنجن مقصدن لاءِ جان جي قربانيءَ کان به پري نه هٽن."

هن پنهنجو هٿ مٺي ڪئيو ۽ هر لفظ تي زور ڏيندي چيائين "موت ئي موت تي فتح پائيندو! يعني ته ماڻهن کي وري جيئڻ لاءِ هڪ ڀيرو مرڻو پوندو! اسان مان هزارن کي مرڻو پوندو ۽ انهيءَ کان پوءِ ئي ڪروڙين انسان جيئرا ٿيندا ۽ جيئرا رهندا. اها ئي پوري حقيقت آهي. مرڻ بلڪل سولو آهي. نئين زندگي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لاءِ! هاڻي، مثل اهي انسان جا ڳڻ ۽ پاڻ ۾ هڪ ٻئي هڪ ئي مقصد لاءِ ڪو گڏيل قدم کڻن.“

ماءُ اندر آئي ۽ ريبن جي طرف ڏسڻ لڳي، هن جا مضبوط ۽ وزني لفظ شايد هن کي تڪليف ڏيئي رهيا هئا. هن کي اهڙي ڪا ڳالهه سامهون آئي، جو شايد پنهنجي مڙس جي ياد اچي ويس. سندس مڙس به اهڙيءَ طرح هٿ کي لوڏيندو هو ۽ پنهنجا ڏند ڏيکاريندو هو. هن ۾ به اهڙي بي صبري ۽ غصو هوندو هو پر چاڪاڻ ته هي شخص پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري رهيو هو. ان ڪري هن ڪان بلڪل دٻ نٿي ٿيس.

”چڱو اسين ائين ڪنداسين، چاڪاڻ ته اهو بلڪل ضروري آهي.“ پاويل پنهنجو ڪنڌ ڌوڻيندي چيو. ”اسان کي پورا واقعات ۽ حقيقتون ٻڌاءِ ته اسين اخبار ڪيون، جنهن ۾ اهوئي مواد ڇپايون.“

ماءُ پنهنجي پٽ طرف ڏسندي مرڪي. خاموشيءَ ۾ هن ڪپڙا بدلايا. لوئي ويڙهي هوءَ ٻاهر هلي وئي.

”بلڪل ٺيڪ آهي. اسين توکي خبرون ڏينداسين. پر اهو خيال رکجانءِ، جو ٻولي بلڪل سولي هجي، جو ٻار به سمجهي وڃي،“ ريبن زور سان چيو. بورچي خاني جو دروازو کليو ۽ ڪو شخص اندر داخل ٿيو.

”اهوئي ته يفيم آهي،“ بورچي خاني جي طرف ڏسندي ريبن چيو.

”هيڏانهن اچ يفيم!“ پاويل ڏانهن نهاريندي ۽ هن جي سڃاڻپ ڪرائيندي، هن چيو، ”هن جو نالو پاويل آهي. مون توسان اڳي ئي ڪيئي ڀيرا هن جو ذڪر ڪيو هو.“

پاويل جي اڳيان هڪ وڏي قد جو، ڀورن وارن ۽ ويڪري منهن وارو هڪ ڇوڪر بيٺو هو. هڪ ڊگهو ڪوٽ پاتل هوس ٻنهي هٿن ۾ ٽوپيءَ کي جهليو بيٺو هو ۽ جهڪيل نظرن سان پاويل کي ڏسي رهيو هو. حقيقت ۾ يفيم ڪهڙو مضبوط ۽ طاقتور هو. پاويل وڌندي يفيم سان هٿ ملايو ۽ چيائين، ”توهان سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي. خيريت ته آهي، خوش ويٺا آهيو!“ خير

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

عافيت ڪرڻ ڪانپوءِ هن ڪمري جي ڇٽني طرفن ڏانهن ڏٺو ۽ جڏهن ڪتابن تي نظر پيس تڏهن اوڏانهن وڌي ويو.

”سڄو ڪتابن ڏانهن منهن ڪيو اٿئي،“ ريمن، پاويل کي اڪ پڇندي، ڇيو يفيم مڙي هن ڏانهن ڏسڻ لڳو ۽ پوءِ ڪتاب ڏسڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ”پڙهڻ لاءِ ڪيترا نہ ڪتاب موجود آهن! منهنجو خيال آهي تہ هتي توهان کي ڪتابن پڙهن لاءِ وقت ڪونہ هوندو. جيڪڏهن توهين ڀهراڙين ۾ رهو تہ توهان کي مطالعي لاءِ ڪافي وقت ملي سگهي ٿو.“

”پر اتي وري خواهش ڪانهي - پڙهڻ جو شوق ناهي،“ پاويل چيو.

”نہ، نہ! هرگز نہ! ماڻهن ۾ هينئر پڙهڻ جي خواهش پيدا ٿي چڪي آهي،“ چوڪر پنهنجي ڪاڏيءَ تي هٿ رکندي چيو، ”ارضيات - هيءَ ڪهڙي بلا آهي؟“

پاويل کيس سمجھايو.

”اسان ماڻهن کي ان جي ضرورت ناهي،“ چوڪ ڪتاب کي الماڙيءَ تي رکندي چيو.

”هاريءَ کي ان ڳالهہ سان ڪابہ دلچسپي ڪانهي تہ زمين ڪيئن ٺهي ۽ ڪهڙا جزا ان ۾ شامل آهن.“ ريمن وڏو ساهہ کڻندي چيو ”هن کي تہ فقط دلچسپي ان ڳالهہ سان آهي تہ زمين ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڪيئن ورهائي ويئي. زميندار هاريءَ جي ڏسندي ڏسندي، ڪيئن هن کان زمين کسي ورتي ان ڳالهہ جو ڪهڙو فرق ٿو پوي تہ زمين ڦري پيئي يا هڪ هنڌ بيٺل آهي اسان کي تہ زمين مان ڪٽڪ ۽ رائي ملندي رهي، تہ پيو فڪر ناهي.“

”غلاميءَ جي تاريخ“ - ڪتاب ڪڍندي، يفيم پڇيو تہ ”ڇا، هي اسان جي متعلق آهي؟“

”نہ. پر هيڏانهن ڪتاب ۾ روسي زرعي غلاميءَ جي متعلق بہ هڪ باب لکيل آهي پاويل هن کي هڪ ٻيو ڪتاب ڏيندي چيو. يفيم ڪتاب وٺي ۽ هٿن ۾ اٿلائيندي پٿلائيندي، واپس ڏنو ۽ چيائين، ”هي تہ پراڻيون ڳالهيون آهن ۽ پراڻي زماني جا واقعا هن ۾ درج آهن.“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”توهان جي پنهنجي به ڪجهه زمين آهي؟“ پاويل وڌيڪ پڇيو.

”ها! منهنجا ٻه ڀائر آهن. اسان تنهي وٽ ڳڏيل ۹ ايڪڙ زمين آهي. اها سموري واريـاسي زمين آهي، شايد ڌامي کي صاف ڪرڻ جي ڪم اچي سگهي، باقي ڪاشت ڪرڻ جي لائق تـه بلڪل ڪانهي.“

هڪ ساعت کان پوءِ هن وري چيو تـه ”مون زمين بلڪل ڇڏي ڏني آهي. ان مان ڪهڙو فائدو آهي؟ ڪاڏي لاءِ ته بلڪل ڪجهه پيدا ڪونه ٿو ٿئي، باقي اجايو ٻڌي ڇڏيو اٿس- ڇئن سالن کان هارپو ڪندو رهيو آهيان- بهار جي موسم ۾ فوجي نوڪري ڪرڻي پوندي آهي. منهنجو چاچو ميخائلو چوي ٿو ته ايندڙ واري ڀي فوج ۾ نه وڃجانءِ. ڇو ته اڄڪلهه فوجين کان عوام کي ڪچلڻ جو ڪم ٿو ورتو وڃي. پر منهنجو خيال آهي ته هليو وڃان فوجي تـه اسٽيپان رازن ۽ پگا چوف جي زماني ۾ به عوام کي ڪچلڻ ۾ پيش پيش هئا. هاڻي وقت اچي ويو آهي ته انهن حالتن کي بدلايو وڃي ڪهڙو خيال آهي؟“ هن پاويل جي طرف ڏسندي چيو.

”يقيناً وقت اچي ويو آهي،“ پاويل مشڪندي جواب ڏنو.

”پر اهو ڪم آسان ناهي، پهريائين اهو معلوم ڪرڻو پوندو ته فوجين کي ڇا چوڻو پوندو ۽ ڪيئن اهو چوڻ گهرجي.“

”اسين سکي ويندا سون،“ يفيم چيو.

”پر جيڪڏهن آفيسرن کي ان جو علم ٿيو تـه يقيناً هو توهان کي گوليون سان اڏائي ڇڏيندا،“

پاويل تعجب ۾ يفيم ڏانهن ڏسندي چيو.

”هنن مان اسان کـي رحم جي اميد رکڻ بلڪل بي سود آهي،“ هن سڪون سان ها ۾ ها ملائي، ۽ وري ڪتاب ڏسڻ لڳو.

”چاءِ پيءُ يفيم،“ ريبن چيو، ”جلدي هلڻو آهي.“

”ڇو! انقلاب- بغاوت ڪي ڏي چوندا آهن؟“

آندري ڪمري ۾ داخل ٿيو. وهنجڻ ڪري چهرو سرخ هوس ۽ بدن مان بخار نڪري رهيا هئس. هن جو مٿو هيٺ نميل هو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۽ خاموشيءَ سان هن ربين سان هٿ ملايو. ربين هن کي ڏسي، ڪجهه ڪليو ۽ هن جي ويجهو وڃي ويٺو.

"اينرو اداس ڇو آهين؟" ربين هن جي گوڏي ڪي زور ڏيندي پڇيو.

"ڪا خاص ڳالهه ناهي،" خوخول جواب ڏنو.

"ڇا، تون به مزور آهين؟" يفيم آندريءَ طرف ڏسندي چيو.

"ها،" آندريءَ چيو، "آخر اهو سوال ڇو پڇيئي؟"

"هن ڪڏهن به ڪارخاني جي مزورن کي نه ڏٺو هو،" ربين هن کي سمجهائيندي چيو، "هنن ماڻهن ۾ هن کي ڪا خاص ڳالهه نظر تي اچي...."

"آخر ڪهڙي لحاظ کان؟" پاويل پڇندي چيو.

"ڪهڙي لحاظ کان وري ڇا؟ ڇا، تـوهان ماڻهن جا هـڏا نوڪدار تين تـا ۽ هارين جا هـڏا گول تين تـا!" يفيم آندريءَ کي غور سان ڏسڻ کان پوءِ چيو.

"پر، هاري پنهنجن پيرن تي وڌيڪ اعتماد سان بيهي سگهي ٿو،" ربين چيو.

"ته ڇا، مزور پيٽ تي ڪونه ٿو بيهي؟" يفيم سوال پڇيو

"ها، پر، هاري پنهنجن پيرن هيٺان زمين سخت ۽ محڪم بيٺل ڏسي ٿو،" پوءِ چاهي اها سنديس هجي يا نه؛

ربين چيو، مزور بکيءَ وانگر آهي- هن جو ڪوبه گهر ٻار ناهي، اڄ هتي سڀاڻ هتي، عورت به ڪبس هڪ هنڌ تتي روڪي سگهي، ڪجهه گڙٻڙ ٿي، ته هوءَ به ڪيس الوداع چوندي ۽ پوءِ هو پاڻ ڪنهن بهتر جاءِ جي تلاش ۾ نڪري پوندو. اجها تنهنجي ماءُ به اچي ويئي."

"مون کي پنهنجو هڪ ڪتاب ڏيئي سگهندين؟" يفيم پاويل جي ويجهو ايندي پڇيو.

"ضرور،" پاويل ڦڙتيءَ سان جواب ڏنو.

ڇوڪري جي اکين ۾ چمڪ پيدا ٿي ويئي. "آءٌ جلد واپس ڪندس،" هن پاويل کي يقين ڏياريندي چيو. "اسان جا رفيق

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اڪثر هن طرف تارڪول ڪٽي ايندا آهن. انهن جي هٿان ڪتاب موڪلي ڇڏيندس."

"هاڻي هلڻ گهرجي،" ريبن چيو.

"پڙهڻ ۾ ڪهڙو نه لطف ايندو!" يفيم مشڪندي، ڪتاب جي طرف اشارو ڪندي، چيو.

هن جي وڃڻ کان پوءِ پاويل گهڻي جذباتي لهجي ۾ آندري سان مخاطب ٿيو، "هن ماڻهن جي باري ۾ توهان جو ڪهڙو خيال آهي؟" هن پڇيو.

"هون نن!" خوخول لفظ تي زور ڏيندي چيو، "جهڙا ٻه طوفاني ڪڪر."

"ميخائلو،" ماءُ چيو، "ائين معلوم ٿو ٿئي ڄڻ ته هن ڪڏهن ڪارخاني ۾ ڪم ئي ڪونه ڪيو آهي- بلڪل هاري پيٽي ڏسڻ ۾ آيو. هن کي ڏسڻ سان ڪيترو نه ڊپ وٺي ٿي ويو!"

"اهو بلڪل خراب ٿيو، جو تون شروع کان هتي ڪونه هئين،" پاويل آندريءَ کي چيو- هو ميز تي ويٺو هو ۽ پنهنجي چانهن جي گلاس کي گهوري رهيو هو. "تون تورو ڏسين ته ها ته هن جي دل ۾ ڇا ٿي رهيو آهي- تون هميشه انساني دل جون ڳالهيون ڪندو آهين." ريبن ته مون کي اهڙيون ڳالهيون ٻڌايون، جو آءٌ بلڪل هڪو ٻڪو ٿي ويس.... مون ۾ هڪ لفظ چوڻ جي به همت نه ٿي. هن کي انسانن ۾ ڪيترو نه گهٽ اعتماد آهي ۽ هو انهن جي ڪيتري نه گهٽ قيمت ٿو سمجهي. امڙ نيڪ ٿي چيو ته هن جي دماغ تي ڪا خوفناڪ طاقت حاوي آهي."

"آءٌ سمجهي ويس،" خوخول انهيءَ اداس لهجي ۾ چيو.

"حڪمرانن ماڻهن جي ذهنن کي بيڪار ڪري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن هڪ ڀيرو عوام بغاوت جو جهنڊو کنيو، ته هو هر شيءِ کي نيست نابود ڪري ڇڏيندا. هنن کي فقط زمين کپي، سا هو بلڪل اجاڙي ڇڏيندا- هر شيءِ کي ڪاٽي ڇڏيندا!"

هو آهستي آهستي ڳالهائي رهيو هو ۽ صاف ظاهر ٿي رهيو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هو ته هن جي ذهن تي ڪو ٻيو خيال حاوي آهي. ماءُ هن ڏانهن هٿ وڌائيندي، پٺي ڦيري، ۽ چيائين، ”پاڻ کي سنڀال آندريوشا!“

”منهنجي پياري امڙ! هڪ منٽ ترس،“ هن محبت ۾ مشڪندي جواب ڏنو پوءِ هو هر هر ميز تي زور سان ڌڪ هڻندو ويو. ”بلڪل سچ آهي پاويل! هڪ ڀيرو جيڪڏهن هاري هن غفلت جي ننڊ مان بيدار ٿيو، ته پوءِ پنهنجي استعمال لاءِ زمين جي هر شيءِ کي ميٽي ڇڏيندو. هن زمين تي جيڪي گهر، ڪارخانا ۽ ٻيون شيون آهن، سي بلڪل اهڙيءَ طرح ميٽجي وينديون. جهڙيءَ طرح پاڻيءَ جي ختم ٿيڻ کان پوءِ هر شيءِ کي ختم ڪيو ويندو آهي ۽ اُن جي سڀني نشانن کي رڪ بنائي اڏائي ڇڏبو آهي.“

”۽ پوءِ هو اسان جي رستي ۾ رڪاوٽ بنجي بيهندا!“ پاويل آهستگيءَ سان چيو.

”اُن جو مدار اسان تي آهي. اسين اُنهن کي پنهنجو مددگار بنا ٿي سگهون ٿا. ٻين جي نسبت اسين انهن جي ويجهو آهيون. هو اسان تي ڀروسو ڪندا ۽ اسان جي چوڻ تي عمل ڪندا.“

”ريبن چيو هو ته ٻهراڙيءَ لاءِ اسين هڪ اخبار ڪڍون،“ پاويل چيو.

”بلڪل ضروري آهي.“

”مون کي افسوس آهي، جو مون ساڻس بحث نه ڪيو،“ پاويل کجهه کلندي چيو.

”اڃا به وقت آهي،“ خوخول گهٽي سنجيدگيءَ سان پنهنجن وارن ۾ آڱريون وجهندي چيو.

”اسين ته پنهنجي ڌن جاري رکندا ايندا سين ۽ جن ماڻهن جا پير پٽل نه آهن، اهي ان جي تال تي ضرور رقص ڪندا. ريبن صحيح چئي رهيو هو ته اسين پنهنجن پيرن کي زمين تي پٽل ڪونه ٿا محسوس ڪريون، ۽ ڳالهه هيءَ به آهي ته اسان کي محسوس ڪرڻ به نه گهرجن ڇاڪاڻ ته اسان جو ڪم ته آهي زمين کي لرزش ۾ آڻڻ، اسين اُن کي چڱيءَ طرح لرزش ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آڻيندا سون، ايترو جو ماڻهو آزاديءَ لاءِ اٿي کڙا ٿين ۽ آزاد ٿي دم پٽين."

"تو لاءِ ته هر شيءِ آسان آهي آندريوشا!" ماءُ ڪلندي چيو.

"بلڪل ٺيڪ،" خوخول چيو. "بلڪل آسان آهي، اهڙي آسان، جهڙي زندگي آسان ۽ سادي آهي."

ٿوريءَ دير کانپوءِ هن چيو، "آءٌ ٻاهر ميدان ۾ ڪجهه وقت سير ڪرڻ لاءِ وڃان ٿو."

"ڇا وهنجڻ کان پوءِ سير ڪبو آهي؟ هوا بلڪل تيزيءَ سان لڳي رهي آهي ۽ مون کي ڊپ آهي ته توکي سردي نه لڳي وڃي،" ماءُ ڪيس چتاءُ ڏيندي چيو.

"مون کي هوا جي ٿي ضرورت آهي،" هن جواب ڏيندي چيو.

"ڏسجانءِ، متان ٿڌ نه ٿي پوندئي،" پاويل محبت وچان چيو. "بهتر آهي ته ڪجهه آرام ڪر."

"نه، آءٌ وڃان ٿو." هن ڪپڙا پاتا ۽ بنان ڪجهه چوڻ جي ٻاهر نڪري ويو.

وڏي دک ۾ آهي،" ماءُ ٿڌو ساهه کڻندي چيو.

"مون کي ڏاڍي خوشي آهي، جو هن واقعي کان پوءِ هن سان تنهنجي محبت وڌي ويئي آهي." پاويل چيو.

ماءُ تعجب سان ڪنڌ مٿي کڻي هن کي ڏٺو. "سچ، مون کي ته اُن جي وڏڻ يا گهٽجڻ جو احساس ئي ڪونهي! مون کي هن سان ايتري محبت آهي، جو بيان نٿي ڪري سگهجي!"

"توکي قدرت گهڻي محبت واري دل عطا ڪئي آهي امڙ!" پاويل نرميءَ سان چيو.

"آءٌ ته چاهيان ته آءٌ ٿي تنهنجي ۽ تنهنجي دوستن جي ٿوري ڪا مدد ڪري سگهان! شل، مونکي اهو معلوم هجي ته ڪيئن مان انهن جي مدد ڪري ٿي سگهان."

"پريشانيءَ جي ڪابه ڳالهه ناهي، تون بلڪل گهڻو سگهي وٺندينءَ-"

"شل آءٌ سگهي سگهان، ۽ منجهي نه پوان!" هن کلندي چيو.

”چڱو امان ان ڳالهه کي ڇڏ، پر هڪ ڳالهه ياد رک: آءٌ تنهنجو تمام گهڻو شڪر گذار آهيان.“

هوءَ بورچي خاني ۾ هلي ويئي، ان لاءِ تہ هو سندس لڙڪ نہ ڏسي سگهي.

شام جو خوخول دير سان آيو ۽ يڪدم بستري تي ليٽي چيائين، ”اڄڪلهہ ست ميل پنڌ ڪيو اٿم ۽ اتان گهمندو ڦرندو هيئنر پهتو آهيان“

”ڪجهہ فائدو ٿيو؟“ پاويل سوال پڇيس.

”انهيءَ باري ۾ نہ ڳالهاءِ، آءٌ سمهڻ چاهيان ٿو،“ ان ڪان پوءِ هن هڪ لفظ بہ نہ ڪڇيو.

ٿوريءَ دير کان پوءِ وسوف شيڪوف آيو. هو بلڪل اڳينءَ طرح گدلو ۽ بي چين هو.

”ٻڌو توهان تہ ايسائيءَ کي ڪنهن قتل ڪيو هو؟“ هن ڪمري ۾ ڏهلندي چيو.

”نہ!“ پاويل مختصر جواب ڏيندي چيو

”توهان کي اهڙو ڪو نفيس ماڻهو ملي ويو، جنهن لڪڻ جا ڪوشش ئي ڪانہ ڪئي! آءٌ بہ تہ سچ پچ ان ڪم لاءِ تيار هوس، ۽ اهو ڪم ڪري نہ ڇڏيان ها، چاڪاڻ تہ ان ڪم لاءِ آءٌ ئي گهڻو موزون هوس.“

”بند ڪر پنهنجي بڪ ڪي نڪولائي!“ پاويل دوستاني لهجي ۾ چيو.

”تو بابت اهو خيال ئي مڃڻ لائق ناهي،“ ماءُ پيار ڀرئي لهجي ۾ چيو. ”دل تہ تنهنجي بلڪل ئي نرم آهي. پر شينهن وانگر گرجندو وتين. ايئين ڇو ٿو ڪرين؟“

ان وقت نڪولائيءَ کي ڏسڻ سان هن کي خوشي ٿي. هن جي داغدار چهري ۾ بہ اڄ ڪشش هئي.

”هن ڪم کان سواءِ آءٌ ٻئي ڪنهن ڪم جو اهل ئي ناهيان،“ نڪولائيءَ ڪنڌ کي ڌوڻيندي چيو، ”آءٌ سوچيندو رهندو آهيان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تہ منهنجي جاءِ ڪٿي آهي؟ منهنجي ڪابہ جاءِ ڪانهي. ماڻهن سان ضرور ڳالهائيندو پوندو آهي. پر مون کي پورو ڳالهائڻ ڪونہ ايندو آهي. آءٌ هر شيءِ کي پروڙيان ٿو، سيني نـا انصافين کي ڏسان ٿو، لفظن کي ادا هرگـز نٿو ڪري سگهان، آءٌ بلڪل بي زبان ۽ گگدام آهيان....“

هن جو چهرو بلڪل اداس هو. پاويل جي طرف وڃي، هن پنهنجيون اکيون هيٺ ڪري ڇڏيون، ۽ ميز تي آڱريون گسائيندي چيائين، ”مون کي ڪو مشڪل ڪم ڏئي. هن طرح بنا ڪنهن ڪم ڪار جي آءٌ ڪيئن تـو زنده رهـي سگهان. توهين پنهنجن ڪمن ۾ هميشه مصروف رهـو ٿا ۽ آءٌ ڏسان پيو تہ اهو روزانو اڳتي پيو وڌي ۽ آءٌ ڪم بنان بلڪل بـي وس رلندو ٿو وتان. آءٌ هر وقت ڪاٺين کي ديوئڻ ۽ ڦاڙڻ ۾ لڳـو رهان ٿو، ۽ اهو ڪم مون کي بلڪل پسند نہ آهي. انڪري منهنجو عرض آهي تہ مون کي ڪو سخت ڪم ڏيو.“

پاويل ٿورو اڳتي وڌي ويـو ۽ وڃي هن جو هٿ پڪڙيائين ۽ هن کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لڳو.

”ڇـگو“ پردي جي پٺيان خوخول جو آواز آيو، ”آءٌ توکي پنهنجي پريس ۾ ٽائيپ ملائڻ جو ڪم سيکاري ڇڏيندس، نڪولائي! تنهنجو ڇا خيال آهي؟“

نڪولائي هـن وٽ اندر هليو ويو. ”جيڪڏهين تون مـون کي اهو ڪم سيکاريندين، تہ آءٌ توکي هي چاقو تحفي طور پيش ڪندس،“ هن چيو.

”جهنم ۾ وڃي پـوي تنهنجو چاقـو،“ خوخول وڏو ٽهڪ ڏيندي چيو.

”ڏاڍو سٺو چاقو آهي!“ نڪولائيءَ اصرار ڪندي چيو. پاويل بہ کلڻ لڳو.

”مون تي ٺٺولي ڪري رهيو آهين؟“ نڪولائي ڪمري جي وچ تائين اچي چيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”ظاهر آهي،“ خوخول بستري مان نڪرندي چيو. ”چڱو ٿي ويو جو هاڻي پڌ، هلو ته هلي ٻاهر سير ڪريون. اڄ رات چنڊ به پنهنجي ڦوه جوانيءَ ۾ آهي! هلو!“

”چڱو، ٺيڪ آهي،“ پاويل چيو.

”آءٌ به گڏ ٿو هلان“ نڪولائيءَ زور سان چيو ”مون کي خوخول جي ڪل تمام گهڻي وڻي ٿي....“

”۽ مون کي تنهنجي تحفي ڏيڻ جي ادا تمام گهڻي پسند آئي!“ خوخول آهستي کلندي چيو. هو ٻورچي خاني ڏانهن ڪپڙا بدلائڻ هليو ويو.

”ڪجهه گرم ڪپڙا پائي وڃجان،“ ماءُ التجا طور چيو.

جڏهن هو ٽيئي ٻري هليا ويا، تڏهن هوءَ هنن کي دريءَ مان ڏسندي رهي. پوءِ هن مقدس مريم جي تصوير ڏانهن منهن ڪندي چيو، ”اي پاڪ ماءُ هنن تي پنهنجي مهر ڪجان! هنن جي امداد ڪجانءِ!“

ڏينهن اينرو تيزيءَ سان گذري ويا، جو ماءُ کي اها به خبر نه رهي ته ڪو مئي جو ڏينهن به بلڪل قريب اچي ويو آهي. پر جڏهن هوءَ رات جو بستري تي اڪيلي، ڏينهن جي شور غل ۽ پريشانين کي وساري سوچيندي هئي ته هڪدم هن جي دل ۾ هڪ مٺو مٺو درد پيدا ٿيندو هو، ۽ هوءَ چئي اٿندي هئي ته ”مثل، اهو ڏينهن جلد اچي ۽ جلد گذري وڃي“........ صبح ساڻ ڪارخاني جي گهنٽي وڄندي هئي. هن جو پٽ ۽ آندري پيئي گڏجي نيرن ڪرڻ کان پوءِ ڪارخاني ڏانهن ويندا هئا. پڻيان ماءُ کي گهٽا ڪم ڪرڻا پوندا هئا. هوءَ پيچري ۾ جهليل پکيءَ وانگر هيڏانهن هوڏانهن چڪر ڪاٽيندي رهندي هئي. هنن لاءِ ڪاڏو تيار ڪرڻ، هنن جي پوسٽرن لاءِ رنگ ۽ لئي تيار ڪرڻ، ڌارين ماڻهن سان ملڻ وغيره ڪم هن جي سر تي هئا. هوءَ پاويل کي ڏيڻ لاءِ ڌارين ماڻهن کان چٺيون وٺندي هئي. آنهن جو هن تي گهٽو اثر پيدا ٿيندو هو.

گهٽو ڪري اها ڳالهه پولهه هر رات هلندي هئي ته مئي جي ڏينهن تي مظاهرن ۾ حصو وٺجي، ڪير وٺن ۽ ڪيئن وٺجي يوم مئي جا ننڍا ننڍا پرچا پٽين تي لڳايا ويندا هئا، اينرو جو پوليس ٿاڻي جي پٽين تي به اهي لڳل پرچا نظر ايندا هئا، ۽ ساڳيا پرچا روزانو ڪارخاني ۾ به نظر ايندا هئا. صبح جو پوليس وارا مزورن جي بستين ۾ وڃي، پٽين تان اهي پرچا لاهي ڇڏيندا هئا. پر ٻن پهرن جي وقت اهي وري ظاهر ٿيندا هئا ۽ هر طرف پرچا ٿي نظر ايندا هئا. شهر مان سي- آءِ- ڊيءَ جا ماڻهو موڪليا ويا، جن وڏين گهٽين ۽ رستن تي بيهي مزورن جي چهرن جو گهرو

جانڙو پٽي ورتو. اهي مزور ۽ پهرن جي ڪاڏي وقت ايندا ويندا رهندا هئا پوليس جڏهن صورت حال تي قبضي ڪرڻ کان ناڪام رهي، تڏهن هر هڪ کي هنن جي ٻي وسيءَ تي ڪل پئي آئي. ايترو جو پوڙها مزور به هن ڳالهه ۾ گهري دلچسپي وٺي رهيا هئا ۽ کلي رهيا هئا ۽ چئي رهيا هئا: ”ڏسو ته هنن کي ڪيئن آلو بنائي رهيا آهن!“

هر طرف مزورن جا هشام لڳا پيا هئا ۽ مٿي ڏينهن جي ملهائڻ لاءِ ڪيل اپيل تي بحث ڪري رهيا هئا. هنن جي زندگين ۾ جوش هو. هن بهار جي موسم ۾ هر شخص لاءِ زندگي لطف واري بڻجي چڪي هئي، ڇاڪاڻ ته هنن کي هڪ نئون پيغام مليو هو، جنهن ۾ هنن جي زندگين لاءِ ابدي خوشي هئي ڪجهه ماڻهو اڳي کان وڌيڪ جوشيلا بڻجي چڪا هئا ۽ دشمنن کي تمام گهڻيون گاريون ڏيئي رهيا هئا. ٻين جي دلين ۾ شمع اميد روشن هئي. ڪجهه پيا ماڻهو، جي تعداد ۾ ٿورا هئا، انهن کي هن ڳالهه مان گهڻي خوشي حاصل ٿي رهي هئي، ڇاڪاڻ ته هنن سمجهيو ٿي ته ماڻهن کي اسان ئي جوش ڏياريو آهي - پاويل ۽ آندري سڄي رات جاڳندا ٿي رهيا. صبح جو پره ڦٽيءَ مهل گهر ٿي آيا. هنن جا چهرا بلڪل زرد غمزده هئا ۽ نڙي ويٺل هئڻ. ماءُ کي خبر هئي ته جهنگل ۽ ڇيڇ وارن ميدانن ۾ هنن جا جلسا منعقد ٿي رهيا آهن. هن کي اها به خبر هئي ته گهوڙيسوار پوليس ڳوٺ جي چوطرف گهيرو لڳايو ويٺي هئي. سي. آءِ. ڊيءَ جا ماڻهو هر طرف پکڙيل هئا. هو ڏار ڏار مزورن کي پڪڙي تلاشي وٺي رهيا هئا ۽ ڪن کي گرفتار به ٿي ڪيائون. هن کي هر وقت اهو الڪو هو ته متان پٽس ۽ آندري به پوليس جي چنبي ۾ نه اچي وڃن. پر پوءِ ڪيس اهو خيال آيو ته پلي ائين ٿئي، ڇاڪاڻ ته بهتري ئي انهي ڳالهه ۾ هئي.

ڪنهن نامعلوم سبب ڪري ڊائير ڪٽير جي قتل جي واقعي کي بلڪل دٻايو ويو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پن ڏينهن تائين مقامي پوليس تحقيقات ڪندي رهي، پر اٽڪل ١٢ ڇپن جا بيان وٺڻ کان پوءِ پوليس ڳالهه ۾ وڏيڪ چاهه نه ورتو. ماءُ سان ڳالهائيندي ماريا ڪارسونووا پوليس وارن جي خيالن جو اظهار ڪيو، جن سان هن جا گهرا تعلقات هئا.

” بس، تي وبو قاتل گرفتار! ڪو هڪ هجي، جنهن ۾ شڪ ڪجي! ڪارخاني ۾ جن کي به ايسائيءَ کي ڏٺو هو، انهن مان گهٽ ۾ گهٽ ٩٠ ڇپا اهڙا هئا، جي هن کي ماري خوشي محسوس ڪن ها. هن سٺن ورهين کان ماڻهن کي پٺي تنگ ڪيو....“

خوخول ۾ وڏي تبديلي ظاهر ٿي. هن جي چهري جو رنگ جهڪو ٿي ويو ۽ اکيون ڳريون ٿي پيون. هن جا ڳل ڪومايل هئا، ڇپن تي ٺوري نقلي مرڪ هئي. عام حالتن تي هو ڪهينئر گهٽ ڳالهائڻ لڳو هو، البت هن جي لاءِ کي اهڙا لمحا آيا تي، جن ۾ هن جذبات جي شدت محسوس ٿي ڪئي. هو هاڻي وڏيڪ جوش خروش سان مستقبل جي باري ۾ سوچي رهيو هو ۽ پڌڻ وارن جي ذاين ۾ آزاديءَ جو روح ڦوڪي رهيو هو. فقط آزاديءَ جي مستقبل جو ذڪر هوندو هو. ايسائيءَ جي قتل جي ڳالهه بالڪل ختم ٿي ويئي.

” هي ماڻهو عوام جي ڪهڙي پرواه ڪندا! هو انهن خاص ماڻهن جو به ڪو لحاظ نٿا رکن، جن کي شڪاري ڪتن وانگر پين تي حملي ڪرڻ لاءِ آ پارين ٿا هو پنهنجي پاڙي تي ورتل ماڻهن کي به موت جي منهن ۾ وجهو ڇڏين. هنن کي فقط پنهنجن پئسن جي زيان ٿيڻ جو خطرو رهي ٿو“.... هن ڪڙيءَ مرڪ سان چيو.

” تو کي عام آهي ته سڙيل شيءِ کي جيڪڏهن ٿورو زور ڏيو، ته اها يڪدم پٽ تي نه اچي ڪرندي، ته پيو ڇا!“ ماءُ چيو.

” ڳالهه ته بلڪل ٺيڪ آهي“ هن چيو.

آخر پهرين مئي جو ڏينهن به اچي ويو. ڪارخاني جي سيٺي رواج موجب حاڪمائي نموني ۾ وڳي. ماءُ هڪ گهڙي به اکي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نہ پوري ھئي. ھوءَ اٿي ڪڙيءَ تي - ھن سماوار کي وري پاھہ تي رکيو، جنھن کي ھن شام کان تيار ڪري ڇڏيو ھو. معمول مطابق چوڪرن جي ڪمرن تي ھٿ ھڻي واري ھئي تہ ھن کي خيال آيو تہ ڪجھہ ترسڻ گھرجي. ھوءَ دريءَ وٽ ويھي رھي ۽ ھٿ کي وات تي ائين رکي ڇڏيو ھئائين، ڄڻ تہ ڏند ۾ سخت سور ھوس. ھلڪي نيلي آسمان تي پيازي ۽ سفيد رنگ جي ڪڪرن جون پوٽيون ٻوڙي رھيا ھئا، ڄڻ تہ ڪنھن جھرڪين جي ٽوليءَ ڪارخاني جي ڀاڪ کان ڊڄي، آڏامي، آسمان طرف رخ رکيو ھو. ماڪ خوابي دنيا ۾ سير ڪري رھي ھئي ۽ ڪڪرن کي غور سان ڏسي رھي ھئي. رات جي اوجاڳي ڪري ھن جو منھن ڳرو ھو ۽ اکيون سڄيل ۽ خشڪ ھيون - ھن تي عجيب غريب سڪون ڇانئجي ويو - ھن جي دل معمولي انداز ۾ ڌڪ ڌڪ ڪري رھي ھئي ۽ ھن جي ذھن ۾ سادا ۽ عام خيال ھئا.

"چانھہ جو پاڻي گرم ڪري ڇڏيو اٿم - پاڻي ايامي ايامي ھارجي رھيو آھي..." ھوءَ سوچي رھي ھئي تہ اڄ ھو ٻيئي ڇڙا بيحد ٿڪل ھئا ۽ ان ڪري ڀلي تہ آرام ڪن....

سج جو ھڪ نئون ڪرڻو دريءَ تي نچي رھيو ھو. ھن ڪرڻي طرف ھٿ وڌايو ۽ جڏھن ڪرڻو ھن جي ھٿ تي ڪيڏڻ لڳو، تہ ھن ڪجھہ گرمي محسوس ڪئي ۽ ٻئي ھٿ سان ان کي ٿڦڪي ھنيائين ھن جي چپن تي اڻ وقت لڪل مرڪ ھئي، پوءِ ھوءَ اٿي ڪڙيءَ تي ۽ چانھہ جي پاٽيءَ ھيٺان باھہ گھٽ ڪري ۽ ھٿ منھن ڌوئي عبادت ۾ مصروف ٿي ويئي. ھن ذوق شوق سان پنھنجي جسم تي صليب جو نشان ٺاھيو ۽ چپن کي بي آواز طريقي سان تحرڪ ۾ آندائين، اھڙيءَ طرح جو آواز ٻڌڻ ۾ نٿي آيو. ھن جو چھرو چمڪي رھيو ھو ۽ ھن جو ساڄو ڀرون ڏڪي رھيو ھو. ٻي سيٽي وڳي - اُن سيٽيءَ ۾ اھڙو زور نہ ھو، ڄڻ تہ مرده سيٽي ھئي - اُن جو آواز بلڪل ھلڪو ھو. ماڪ کي اھو محسوس ٿيو تہ اڄ سيٽي سيني ڏينھن کان وڌيڪ وقت وڳي ھئي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻئي ڪمري مان پاويل جو ڳرو آواز صاف ٻڌڻ ۾ پئي آيو.

”ٻڌين ٿو، پاويل!“

فرش تي ڪنهن جي ننگي پير هلڻ جو آواز آيو ۽ ٻنهي مان ڪنهن وڏي اباسي ڏني.

”چانهه جو پاڻي تيار آهي!“ ماءُ زور سان چيو.

”اسين هاڻي اٿون ٿا!“ پاويل نرميءَ سان چيو.

”سج نڪري رهيو آهي،“ خوخول چيو، ”۽ آسمان ۾ ڪڪر آهن. اڄ ڪڪر نه هجن ها ته ڪهڙو نه خراب ماحول نظر اچي ها. هو بورچي خاني ۾ داخل ٿيو، هن جي اکين ۾ اڃا تائين ننڊ جو خمار هو. پر تڏهن به هن جو موڊ بلڪل ٺيڪ هو.

”آداب نانيڪا! ڪيئن، ننڊ آئي؟“ هن ماءُ کان پڇيو. ماءُ هن جي ويجهو وئي ۽ چيائين، ”آندريوشا، هن سان گڏ هلندو رهجان.“

”بلڪل، آءٌ هن جو ساٿ هرگز ڪونه ڇڏيندس. اسين پيئي گڏ هلنداسين. ان ڳالهه جو نانيڪا تون پورو يقين رک،“

”توهين ٻئي ڪهڙي پس پس ڪري رهيا آهيو، توهين ٻئي؟“ پاويل پڇيو.

”ڪابه خاص ڳالهه ڪانهي، پاشا!“

”مون کي چئي رهي آهي ذرا صورت شڪل کي ٺيڪ ڪر. اڄ ڇوڪريون توکي گهورينديون،“ خوخول ڪمري ۾ منهن ڌوئڻ جي غرض سان ويندي چيو.

”اٿو مزدورؤ، اٿو! جهاد لاءِ تيار ٿيو!“ پاويل جهونگاريندي چيو.

ڏينهن مٿي چڙهڻ سان موسم وڌيڪ خوشگوار ٿيندي وئي. هوا ڪڪرن کي پکيڙيندي پئي رهي. ميز تي ٿانو رکندي ماءُ پنهنجو مٿو ڌوڻيندي، سوچيندي رهي ته شايد اهو سڀڪجهه معجزو هو. اڄ صبح جو هي ماڻهو هتي کلي رهيا آهن ۽ خوشيءَ ۾ ڳالهائي رهيا آهن، جيتوڻيڪ مستقبل جو ڪنهن کي علم ناهي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تہ چا ٿيٺو آهي! خبر ناهي تہ هن کي ڇو تسڪين بلڪ ڪجهہ خوشي محسوس ٿي رهي هئي!

هو گهڻيءَ دير تائين نيرن ڪندا رهيا. هو دير شايد انڪري لڳائي رهيا هئا تہ انتظار جون گهڙيون ڪجهہ گهٽ ٿين. پاويل پنهنجي گلاس ۾ عادت مطابق ڪنڊ ملائڻ شروع ڪئي ۽ پوءِ لوڻ گهٽي احتياط سان مانيءَ تي لڳايائين، ڇاڪاڻ تہ هن کي نمڪين ماني بلڪل گهڻي پسند ايندي هئي. خوخول ميز هيٺان پنهنجن پيرن کي لوڏيندو رهيو. هو پيرن کي ڪيڏيءَ مهل هيڏانهن تہ ڪيڏيءَ مهل هوڏانهن ٿي ڪيائين. هو پنهنجن پيرن کي هڪ هنڌ رکڻ جو عادي نہ هو. سج جي ڪرڻي طرف ڏسڻ لڳو، جو سندس چانهہ تي اچي ڪريو هو. آهستو ڪرڻو ٿوري وقت کان پوءِ وري پيٽ ۽ ڇت تي روشن ٿيو.

”جڏهن آءٌ ڏهن ورهين جو ٻار هوس تہ هڪ ڏفعو منهنجو خيال ٿيو تہ سج جي ڪرڻي کي گلاس ۾ بند ڪريان!“ هن چيو ”پوءِ مون هڪ گلاس کنيو ۽ آهستي آهستي اس جي هڪ نقطي وٽ پهتس ۽ يڪدم گلاس ان تي اونڌو ڪري، ڪرڻي کي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم. ۽ گلاس جو ڀڄي پيو، انهيءَ ڪري هٿن تي رهندون بہ آيم ۽ وري مار بہ کاڌم. مار کائڻ کان پوءِ اگهڻ ڏي هليو ويس ۽ جڏهن آتي مون هڪ کسيءَ ۾ آها اس ڏٺي تہ، وريءَ ان ڏانهن تيز ڀڳس ۽ سڄو گپ سان ڀرجي ويس. ان ڪري وري مار کاڌيم. بدلي وٺڻ جو فقط هڪڙو رستو ذهن ۾ هو. اهو هو زبان ڪڍي سج کي چيڙائڻ. مون چيو، ”مون کي بلڪل ڏک ڪونہ لڳو آهي سرخ مٿي وارا شيطان، بلڪل ڏک ڪونہ لڳو آهي!“ مون کي ڪجهہ تسڪين آئي ۽ جوش ڍرو ٿيم.“

”سرخ مٿي وارو ڇو چيئي؟“ پاويل کلندي پڇيو.

”اسان جي رستي جي ٻئي طرف هڪ سرخ ڇهري وارو لوهار رهندو هو هن جي ڏاڙهي بہ سرخ هئي. هو بلڪل رحم دل

۽ نيڪ سيرت انسان هو ۽ مون کي ڪجهه ائين محسوس ٿي رهيو هو ته سچ هن سان مشابهه هو.

جڏهن ماءُ انهن ڳالهين کي برداشت نه ڪري سگهي، ته چيائين، ”اها ڳالهه چو نٿو ڪرين ته اڄ جلوس ۾ ڪيئن هلندين؟“

”هڪ پيرو جنهن ڳالهه جو فيصلو ٿي چڪو ان کي وري وري ڪڻڻ فضول آهي، چاڪاڻ ته آن مان مونجهاري کان سواءِ بيو ڪو نتيجو ڪونه نڪري سگهندو،“ خوخول نرميءَ سان چيو.

نانيڪا، اسين جيڪڏهن سڀ گرفتار ٿياسون ته نڪولاني ايوانووچ اچي توهان کي وڏيڪ قدم کڻڻ لاءِ صلاح ڏيندو.

”چڱو نيڪ آهي،“ ماءُ ٿڌو ساهه کڻندي چيو.

”چو نه ڪجهه گهمڻ هلون!“ پاويل چڻ ڪو خواب ڏٺو هو، جو اهڙي لهجي ۾ هي جملو ادا ڪري رهيو هو.

”اهڙي ماحول ۾ گهر ۾ ٿي رهڻ بهتر آهي،“ آندريءَ جواب ڏنو. ”وقت کان اڳ چو پوليس جي اک ۾ اچجي؟ هو توکي اڳي ئي گهڻو سڃاڻن ٿا.“

فيدور مازن ڊوڙندو آيو- هن جو چهرو چمڪي رهيو هو ۽ ڳل ڪجهه سرخ نظر اچي رهيا هئس. هن جي گرمجوشيءَ ماڻهن تي ڪافي اثر پيدا ڪيو.

”معاملو شروع ٿي ويو آهي!“ هن چيو. ”ماڻهو اٿي کڙا ٿيا آهن ۽ رستن تي اچي بيٺا آهن- هنن جا چهرا بلڪل سرخ آهن ۽ هنن جون دليون جوش ۾ ٽهڪي رهيون آهن. وسوف شيڪوف، واسيا گوسيف ۽ سمونلف ڪارخاني جي دروازي وٽ بيهي تقريرون ڪري رهيا آهن- تمام گهڻا مزور واپس گهر ڏانهن هليا ويا.“

”هلو ته هلون! هاڻي هاڻ جو وقت اچي ويو آهي- ڏهه ڪيڏيءَ مهل وڄي ويا.“

”پلا آءٌ ته هلان ٿو،“ پاويل وڏي آواز ۾ چيو.

”توزو ڏسجان ته سهي! فيدور چيو، ”مانيءَ جي موڪل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪان پوءِ سڄو ڪارخانو ٻاهر نڪري ايندو.“ هو ڊوڙندو واپس هليو ويو. اهڙو تہ جوش ۾ جلي رهيو آهي، ڄڻ ڪا ميڻ بتي هوا ۾ ٻري رهي هجي،“ ماءُ چيو.

پوءِ هوءَ اٿي ۽ اٿي ڪپڙا بدلائڻ لاءِ بورچي خاني ۾ ويٺي.

”تون ڪيڏانهن ٿي وڃين امان!“ ”توهان سان گڏ،“ هن جواب ڏنو. آندريءَ مڇن تي هٿ ڦيريو ۽ پاويل جي طرف ڏٺو. پاويل پنهنجي وارن کي آڱرين سان سنواري رهيو هو. هو هن جي ويجهو ويو.

” آءٌ توکي روڪڻ لاءِ هڪ لفظ بہ نہ چوندس امان! ۽ اها ڳالهہ سمجهي ڇڏ تہ تون بہ مون کي هڪ لفظ نہ چونديءَ.“

”چڱو. نيڪ آهي. خدا هميشہ توتي حفاظت جي نظر رکي!“ هن چپن ۾ چيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جڏهن هوءَ ٻاهر آئي ۽ هن هوا ۾ ڪجهه پر اميد آواز جي گونج ٻڌي، تڏهن هن ڏٺو ته ماڻهو پنهنجن درن ۽ دريـن مان ٻيهي تعجب ۾ هن جي پٽ ۽ آندريءَ کي ڏسي رهيا هئا. آن منظر کان پوءِ هن جي ذهن ۾ سڀ ڳالهيون صاف ويهڻ لڳيون.

ماڻهن هنن کي سلام ڪيو ۽ هن پيري هنن جي لفظن ۾ خاصي اهميت پيريل هئي. هلڪي آواز ۾ هو جيڪي جملا چئي رهيا هئا، سي هن جي ڪن تائين پڄي چڪا هئا.

" هو وڃي رهيا آهن ليڊر" "اها به ڪا چوڻ جي ڳالهه آهي.ته اسين ليڊرن کي سڃاڻون تا!" "مون کو نقصان پهچائڻ لاءِ توروئي چيو."

هڪ ٻئي احاطي کان ٻئي ڪنهن ڪاوڙ ۾ رڙ ڪري چيو، "پوليس گرفتار ڪندي، ۽ هي سڄو معاملو ختم ٿي ويندو."

"هڪ پيرو اڳ به ته پوليس، گرفتاريون عمل ۾ آڻي چڪي آهي."

هڪ عورت جي آه ۽ نيزاريءَ جـو دل ڏاريندڙ آواز رستـي تي ٻڌجي رهيو هو. اهو آواز دريءَ مان اچي رهيو هو: "تورو سوچ ته هي تون ڇا ڪري رهيو آهين؟ هن وقت تون ٻارن ٻچن وارو آهين!"

هو ماڻهو ٽنگن وڍيل زوسيموف جي گهر جي پرسان لنگهيا. هن کي ڪارخاني مان ماهوار الاونس ملندو هو، ڇاڪاڻ ته ڪم ڪندي هن جون ٽنگون وڍجي ويون هيون.

" پاويل!" هن دريءَ مان منهن ٻاهر ڪڍندي چيو، " اڙي بيوقوف غنڊا، تنهنجو سر ڪچلي، ميچالـو ٻاهر ڪڍي ڇڏيندا! جڏهن چڙهي ايندئي تڏهن پتو پوندئي!"

ماءُ کي گهٽي دپ اچي ورتو. هوءَ ڏڪي رهي هئي، ۽ اٿي

ڪڙي تي، ۽ هن ان منڍي ماڻهوءَ جي ٿلهي ڇهري ڏانهن گهور سان ڏٺو. هن گار ڏني ۽ پنهنجو ڪنڌ اندر ڪري ڇڏيو. ماءُ تيز قدم کڻندي، پنهنجي پٽ طرف وڌڻ لڳي ۽ هن سان وڃي ملي ۽ هن جي ويجهو پهچي، هن جي پويان هلڻ لڳي، ۽ اها ڪوشش ڪندي رهي ته وڌيڪ مفاصلو پنيان نه رهجي وڃي.

اهو معلوم ٿي رهيو هو ته ڇڻ پاويل ۽ آندري ڪنهن شيءِ جو بلڪل خيال نه ڪري رهيا هئا ۽ نه ئي انهن جملن جو هنن تي اثر پيدا ٿيو هو، جيڪي هن جي انگهڻ وقت هٽ هٽ چيا ويا هئا. هو آهستي آرام ۽ سڪون سان اڳتي وڌي ويا. هڪ پيرو هنن کي مرونوف روڪيو. مرونوف سٺيءَ طبيعت جو مالڪ هو ۽ اڌير عمر جو هو. هن جي ايمانداريءَ ۽ پاڪ صاف زندگي گذارڻ جي ڪري سڀڪو هن سان محبت رکندو هو ۽ انهن جي عزت ڪندو هو.

”توهان به ڪم تي ڪونه ٿا وڃين ڇا، دانيلو ايوانووچ؟“ پاويل هن کان پڇيو.

”منهنجي زال پيٽ سان آهي ۽ ڪيس پار ڇمڻ وارو آهي. ان کان سواءِ اڄوڪي ڏينهن تي ڪنهن کي آرام آهي؟“ هن پنهنجي رفيقن جي طرف غور سان ڏٺو ۽ پوءِ هلڪي آواز ۾ چيائين، ”ماڻهو چون ٿا ته اڄ ڊائريڪٽر لاءِ مصيبت توهين آڻيندا. درين وغيره جي پاش پاش ڪرڻ جو اوهان جو خيال آهي ڪيئن؟“

”اسان ته ڪو شراب پيئوئي ڪونهي!“ ۽ نه وري اسان جو ڪو متو ڦريو آهي!“ پاويل چيو.

”اسين ته رڳو اهو چاهيون ٿا ته رستي تي جهنڊا کڻي جلوس جي شڪل اختيار ڪجي ۽ ڪجهه گيت به ڳايا وڃن“ خوخول چيو ”اسان جا گيت ٻڌندڙ اسان جي اعتقاد جتي زمينءَ کي مضبوطيءَ سان پڪڙيندا. اهي گيت اسان جي اعتقاد جو اعلان ڪن ٿا.“

”توهان جي اعتقاد بابت مون کي سڀ علم آهي،“ مرونوف ڪجهه سوچيندي چيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

"آءٌ توهان جي اخبار جو هر وقت مطالعو ڪريان ٿو.... اوه پلاڳيا نلوونا!" هن ماءُ جي طرف تيز مشڪندڙ نگاهن سان ڏسندي چيو، "تون به بغاوت ۾ شامل ٿي وئينءَ!"

"منهنجي اها خواهش آهي ته مرڻ کان اڳ عدل ۽ انصاف جي راهه سان هلڻ وارن سان ڪجهه وقت پنهنجو قدم ملائي هلان."

"خوب! خوب!" مرونوف چيو. "اهو ته معلوم ٿئي ته هو ماڻهو سچ ٿي چئي رهيا هئا ته ڪارخاني ۾ اخبار تون ٿي آڻيندي هئينءَ."

"ڪنهن ٿي چيو؟" پاويل پڇندي چيو.

"هون! آهي ماڻهو چئي رهيا هئا، خير، خدا حافظ، ٿورو پنهنجو خيال رکجانءِ!"

ماءُ ٿورو مرڪي. هن کي اها ڳالهه ڏاڍي پسند آئي ته ماڻهن کي هن بابت اهڙا خيال هئا.

"امان! تون ڪڏهن نه ڪنهن ڏينهن ٿي ٻانهن کي جيل ۾ ڏسندينءَ." پاويل کلندي چيو.

سج مٿي چڙهندو ويو ۽ آن پنهنجي تپش موسم بهار جي خنڪيءَ ۾ شامل پئي ڪئي. ڪڪرن جي هلڻ جي رفتار ۾ گهٽتائي ٿي ويئي هئي ۽ انهن جا پاڇا وڌيڪ شفاف ۽ هلڪا ٿي ويا هئا. اهي متحرڪ پاڇا ڪڏهن رستن تي، ڪڏهن گهرن جي ڇتين تي ۽ ڪڏهن ماڻهن تي ظاهر ٿي رهيا هئا. اهو محسوس ٿي رهيو هو، ڄڻ ته آهي سڄيءَ آباديءَ کي ٻهاري ڏيئي، صاف ڪري رهيا آهن. اس پٽين ۽ ڇتين تان مٽي ۽ ماڻهن جي چهرن تان پريشاني مٽائي رهي هئي، ۽ مشينن جو آواز بدن ۾ نه پئي آيو. هڪ دفعو وري دَرن، درين ۽ وراندن مان مختلف آواز اچڻ لڳا. انهن لفظن ۾ هلڪڙائي ۽ خوف ۽ پريشاني ۽ زنده دلي هئي، اهي لفظ ماءُ جي ڪنن تي پهتا. پر هينئر ماءُ انهن جي جواب ۾ ڪجهه چوڻ نٿي گهريو. هن لفظن کي سمجهڻ ٿي چاهيو ۽ پنهنجي شڪر جي احساس جو اظهار ڪرڻ ٿي چاهيائين، بغرض ته هن اڄ جي حيرتناڪ رنگا رنگ زندگيءَ ۾ حصو وٺڻ ٿي چاهيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هڪ سوڙهيءَ گهٽيءَ جي منهن وٽ ڪجهه ماڻهو جمع هئا. وسوف شيڪوف جو آواز بلند ٿيو ۽ چڱيءَ طرح ٻڌڻ ۾ پئي آيو.

”هو ماڻهو اسان جي جسم مان رت اٿين نپوڙي ڪيندا. جيئن نارنگيءَ مان رس“ هن جا لفظ عجيب طريقي سان هن جي خيالن جي ترجماني ڪري رهيا هئا، ۽ ماڻهوئي انهن کي ٻڌندا رهيا.

”بلڪل صحيح آهي!“ ڪهڻ ڪهرن آوازن جي گوڙ ۾ هي جملو ٻڌڻ ۾ آيو.

”چوڪر ڪوشش تہ ڪري رهيو آهي،“ خوخول چيو ”منهنجو خيال آهي تہ هن جي مدد ڪئي وڃي“

ان کان اڳ جو پاويل هن کي روڪي سگهي، هو پنهنجي ڊگهي لڙندڙ جسم کي تحرڪ ۾ آڻيندي، مجمعي ۾ داخل ٿي ويو. ”رفيقو!“ هن پنهنجي آواز کي گهٽو بلند ڪندي چيو.

”ماڻهو چون ٿا تہ دنيا ۾ مختلف قومون آباد آهن، جهڙوڪ يهودي، جرمن، انگريز ۽ تاتاري، وغيره. پر آءٌ هن ڳالهہ کي بلڪل تسليم نٿو ڪريان منهنجو نظريو آهي تہ دنيا ۾ فقط ٻہ قومون آباد آهن، ۽ اهي آهن امير ۽ غريب ماڻهن جا لباس جدا جدا ٿيندا آهن ٻوليون مختلف هونديون آهن، پر اهو ڏسو تہ شاهوڪار فرانسيسي، شاهوڪار جرمن ۽ شاهوڪار انگريز سڀ محنت ڪندڙن سان ڪيئن ٿا هلن؟ ۽ پوءِ اهو معلوم ٿيندو تہ هو اسان مزدورن لاءِ هڪجهڙا ڪنجوس ۽ بدخواہ آهن. شل هنن تي لعنت هجي!“

ميڙ ۾ ڪو کليو.

”۽ ٻئي طرف ڏسو تہ نظر ايندو تہ فرانسيسي، تاتاري ۽ ترڪي مزور سڀئي اسان روسي مزورن وانگر ڪتن جي زندگي ٿا بسر ڪن.“

گهٽيءَ ۾ رفتي رفتي ماڻهو اچي رهيا هئا ۽ پنهنجو ڳچن کي وڌائي، بلڪل خاموشيءَ سان ٻڌي رهيا هئا. آندريءَ پنهنجو آواز بلند ڪيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”هن ملڪن جا مزور هن سچائيءَ کي قبول ڪري چڪا آهن، ۽ اڄ پهرينءَ مئي تي....“

”پوليس!“ ڪنهن رڙ ڪئي!

چار گهوڙيسوار پوليس وارا گهٽيءَ ۾ گهوڙي آيا. هو هٿن ۾ چهبڪ ڦيرائي رهيا هئا ۽ زور سان چيائون: ”يڪدم ٽڙي پکڙي وڃو!“ ماڻهن ۾ غصي جي لهر هئي ۽ هنن پنهنجي مرضيءَ جي برخلاف گهوڙن کي جاءِ ڏني. ڪجهه ماڻهو احاطي جي پٿرن تي چڙهي ويا.

”هي ڏسو سوئر جا پٽ گهوڙن تي چڙهي آيا آهن ۽ رڙيون ٿا ڪن!“

”ڪپتان بهادر کي رستو ڏيو،“ ڪنهن بنا ڊپ ڊاءَ جي چيو.

خوخول رستي جي وچ ۾ بيٺو رهيو. ٻه گهوڙي سوار ڌوڪيندا هن ڏانهن اچي رهيا هئا. هو هڪ طرف ٿي بيٺو ۽ ان وقت ماءُ هن جو هٿ پڪڙي پاڻ ڏانهن ڇڪي جهليو.

”تو وعدو ڪيو هو ته پاويل سان گڏ رهندين“ هن شڪايتي لهجي ۾ چيو ”۽ هتي ڏس ته مصيبت ۾ اڪيلو بيٺو آهين!“

”هزار ڀيرا توبه!“ خوخول کلندي چيو.

پلاگيا جي رڳ رڳ ۾ خوفناڪ درد پيدا ٿي ويو هو. اهو درد هن جي بدن جي گهرائيءَ مان نڪري رهيو هو ۽ انڪري هن جو سر چڪرائي رهيو هو. ڪنهن وقت هن کي خوشي محسوس ٿي رهي هئي ۽ ڪنهن وقت تڪليف هن جي خواهش هئي ته ماڻيءَ جي سيٽي جلد وڄي. هو ماڻهو چوواٽي وٽ ديول جي ترديڪ اچي پهتا هئا؛ اٽڪل ٥٠٠ جوشيلا نوجوان ۽ ٻار ديول جي ميدان ۾ گڏ هئا. ميڙ ڪيڏيءَ مهل اڳيان ته ڪيڏيءَ مهل پويان ٿي هٽيو. ماڻهو بيچينيءَ سان سر مٿي ڪڍي نهاري رهيا هئا، ڇڻ ته ڪنهن شيءِ کي ڏسڻ لاءِ منتظر هئا. فضا ۾ ڪجهه سڪون هو، ۽ ڪجهه ماڻهو اهڙيءَ طرح ڏسي رهيا هئا ڄڻ ته هنن کي ڪجهه معلوم نه هو ته ڇا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪجهه ماڻهو بهادري ڏيکارڻ لاءِ ٽپا ڏيئي رهيا هئا. عورتن جا ديبل آواز ۽ التجا ڪندڙ جملا مردن جي قدمن ڪي ڪجهه لرزائي رهيا هئا ليڪن انهن التجائن ڪان مرد بيزار ٿي ڏٺا، ۽ ڪي آهستي آهستي هنن کي گاريون ٿي ڏيئي رهيا هئا. هو ٻصري ۽ ساڻ پري پنهنجي اکيان ڏسي رهيا هئا.

"متنڪا!" هڪ عورت جو دل سوز آواز آيو، "پاڻ تي رحم ڪر!"

"منهنجي جان ننڍي ڪاهه!" جواب مليو رعب دار آواز ۾ سڪون ۽ اعتماد هو.

"هرگز نه. اسين نوجوانن کي قربانيءَ جا ٻڪر بنجڻ نه ڏينداسين. هنن ۾ اسان کان وڌيڪ سمجهه ۽ همت آهي. هن ماڻهن کي اسين هرگز نه وساريندا سين، چاڪاڻ ته اسان جي سبب ٿي هنن کي جيل ۾ وڃڻو پيو هو ۽ هنن جي تڪليف سان اسان سڀني کي فائدو ٿيو هو."

سڀنيءَ جو آواز ماحول ۾ گونجڻ لڳو. ماڻهن جو آواز سڀنيءَ جي آواز جي بلند هئڻ ڪري هتڻ ۾ نه ٿي اچي سگهيو. بلڪل تڙپي اٿيو. جيڪي ماڻهو ويٺا هئا، سي ٻڌي رهيا ۽ هر هڪ تي ڪجهه وقت لاءِ خاموشي ڇانئجي ويئي. گهڻن جا چهرا زرد ٿي ويا هئا.

"رفيقو"! پاويل جو گهرو ڪڙڪيدار آواز آيو. ماءُ جي اکين ۾ گرم گرم لڙڪن ڪري جان ٿيڻ لڳي ۽ هڪ ٿي قدم ساڻ هوءَ پنهنجي پٽ جي ٻوڏان وڃي بيٺي. هر طرف کان ماڻهو اچي پاويل جي گرد جمع ٿيا، جيئن ڪنهن چقمق جي طرف لوهه جا ٽڪرا ڇڪجي ايندا آهن. ماءُ هن جي چهري جي طرف ڏٺو ۽ هن کي فقط هن جون غيرت ۽ جرئت واريون پرنڊڙ اکيون نظر آيون.

"رفيقو! اسان فيصلو ڪيو آهي ته اسين اڄ کليو اعلان ڪنداسين ته اسين ڇا آهيون. اڄ اسين پنهنجو جهنڊو بلند ڪنداسين اهو عقل، انصاف ۽ آزاديءَ جو جهنڊو آهي!"

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هڪ ڊگهي سفيد لڪڙي هوا ۾ وٺ ڪاڍو ۽ ٻوءِ مجمعي ۾ ڪِر ٿي وئو، ۽ آهـو هتي ٻن حصن ۾ تقسيم ٿي ويئو ٻوءِ هڪ ساعت کان ٻوءِ مزورن جـي طبقي خو عاليشان سرخ پرچم ظاهر ٿيو ۽ ماڻهن مٿي کان آيو ٿي، هوا ۾ جهولن لڳو، اهو اهڙيءَ طرح مٿي پکڙيل هو، جهڙو ڪو وڏو سرخ پکي پنهنجا پر کولي بيٺو هجي- پاويـل پنهنجو هٿ مٿي ڪيو ۽ پرچم ۾ اڀرون پيدا ٿي ويون. هڪ درجن هٿن پرچم جي سفيد ڇڙهه کي پڪڙي ورتو ۽ انهن هٿن ۾ ماءُ جو هٿ بہ هو.

”مزدور طبقو زنده آباد!“ پاويل نعرو لڳايو ۽ جواب ۾ سوين آواز گونجيا ”زنـده آباد سوشلسٽ ڊيمو ڪريٽڪ مـزدور پارٽي، اسان جـي پارٽي، رفيقو! اها پارٽي اسان جـي اميدن جو مرڪز آهي!“ مڙ ۾ ڪجهه جوش پيدا ٿي ويو- جيڪي ماڻهو جهنڊي جي اهميت کان واقف هئا، اهي ان جـي طرف هليا- ان طرح جلدئي مازن، سموئلوف ۽ گوسيف ۽ ٻيا وڏي، پاويل جي ويجهو اچي بيٺا-

نڪولائي سر کي جهڪائي، آهستي آهستي مجمع ۾ سرڪندي سرڪندي، اڳيان وڌي ويو، ۽ ماءُ کي ائين محسوس ٿيو تہ ٻين ڇڪيندڙ اکين وارن نوجوانن هن کي ڌوڪي هٽائي ڇڏيو هو، جن کان هوءَ واقف نہ هئي-

”دنيا جا مزور زنده باد!“ پاويل نعرو لڳايو-

ان جي جواب ۾ هزارن گهڻن مان روح کي جهنجهوڙيندڙ آواز بلند ٿيا، جي خوشيءَ ۽ توانائيءَ جي چڙهندڙ طوفان وانگر هئا-

..ءَ نڪولائيءَ ۽ ڪنهن ٻئي جو هٿ پڪڙيو- هن جو گلو ويٺي ويو، مگر هوءَ رني ڪانہ- هن جا گوڙا ٿڙڪڻ لڳا ۽ ڏڪندڙ چپن مان چئي رهي هئي: ”منهنجا ٻچا....“

نڪولائيءَ جـي ماتا واري داغدار چهري تـي هڪ عجيب مرڪ کيڏي رهـي هئي. جهنڊي جي طرف هٿ وڌائيندي، هن زيرلب ڪجهه چيو، ۽ ٻوءِ وري اوچتو انهيءَ هٿ سان پنهنجي

ماءُ کي سهارو ڏنائين ۽ هن کي پيار ڪيائين، ۽ زور سان ڀاڪر ڏنائين.

”رفيقو!“ خوخول پنهنجي مٺي ۽ نرم آواز کي ماڻهن جي گوڙ ۾ بلند ڪندي، تقرير شروع ڪئي.

اسان هڪ نئين خدا جي نالي تي جهاد شروع ڪيو آهي، روشنيءَ ۽ عقل، نيڪيءَ ۽ صداقت جو خدا. اسان جي منزل مقصود تمام گهڻي پري آهي، پر اسان جو ڪنڊن جو تاج ويجهو ئي آهي، ۽ جنهن کي به صداقت جي فتح تي يقين ڪونهي، جنهن کي به سچائيءَ تي جان قربان ڪرڻ جي همت ناهي، جنهن کي به پنهنجي قوت تي اعتماد ناهي ۽ مشڪلن کان ڊڄي ٿو، اهو هڪ طرف هٽي وڃي. اسين پنهنجن صفن ۾ انهن کي ٿي چاهيون ٿا جن کي اسان جي فتح تي يقين آهي- جيڪي منزل کي نٿا ڏسي سگهن انهن کي اسان سان قدم ملائڻ نه گهرجي. ڇاڪاڻ ته آخر ۾ انهن کي گهڻو افسوس ٿيندو. منهنجا پيارا رفيقو! هن صفن ۾ شامل ٿي وڃو- آزاد انسانن جو جشن زنده آباد، پهرين مئي جو جشن زنده آباد!“

مجمع ڪجهه وقت گهاٽو ٿي ويو- پاويل جهنڊي کي کنيو ۽ جڏهن هو ان کي کڻي اڳتي وڌيو، ته جهنڊو هوا ۾ جهولڻ لڳو، ۽ جڏهن اس جي روشنيءَ ۾ چمڪڻ لڳو ته انهن معلوم ٿيو ڄڻ ته اهو گهڻيءَ ڪشاده دليءَ وڏيءَ تابانيءَ سان مشڪي رهيو آهي- فيدور مازن ڳائڻ شروع ڪيو:-

”پراڻيءَ دنيا کي هميشه لاءِ ٺڪرائيندي....“

پٺي مصرع ۾ گهڻن ماڻهن هن جو ساٿ ڏنو-

”اسين پيرن سان ان جي دز کي ڇنڊي.... ڇڏيون ٿا....“

ماءُ مازن جي پٺيان هلي رهي هئي- هن جي چپن تي گهڻي مسڪراهٽ کيڏي رهي هئي، ۽ هن جون اکيون فيدور جي مٿي جي پريان جهنڊي ۽ پنهنجي پٽ تي کتل هيون- هن جي چئني ئي طرف مرڪندڙ چهرا ۽ مرڪندڙ اکيون هيون، ۽ سامهون هن جو پٽ ۽ آندري اڳيان وڌندا پئي ويا- پنهي جي ڳائڻ جو آواز هنن جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪنن ۾ گونججي رهيو هو. آنڌيءَ جو شوڪت سان پريل آواز پاويل جي گهري مٺي آواز سان ملي رهيو هو. "اٿو، مزور، جهاد لاءِ اٿو! اٿو توهين محنت ڪريو ٿا ۽ فاقا ڪريو ٿا!"

ماڻهو ڊوڙندا سرخ جهنڊي کي ڏسڻ لاءِ آيا هئي. ڊوڙندي وقت هو پڪاري رهيا هئا، پر هنن جي گوڙ گيت جي ڪري دٻجي ويو هو. هي اهو گيت هو، جو ماءُ حي پنهنجي گهر ۾ ٻين گيتن کان وڌيڪ نرميءَ ۽ ڌيرج ۾ ڳايو ويندو هو. اهو گيت هن وقت اوج تي هو ۽ اڄ آن ۾ عظيم قوت هئي، جو رستن تي گونججي رهيو هو. آن ۾ بي انتها قوت هئي، ۽ اهو گيت هڪ طرف ماڻهن کي مستقبل طرف ويندڙ ڏکهي رستي اختيار ڪرڻ جي دعوت ڏيئي رهيو هو، ته ٻئي طرف اهو گيت اها اها حقيقت به واضح ڪري رهيو هو ته هن کي ڪهڙيون رنڊڪون ۽ مشڪلون درپيش اينديون. گيت جي پر سڪون شعلي، سڀن شين جي سياهيءَ، مڪر ۽ ٻين گندگين کي ختم ڪري ڇڏيو ٿئين زندگيءَ جي هر خوف کي جلائي ڀسم ڇڏيو هو.

ڪنهن جو چهرو، جنهن تي ڪجهه خوف هو ۽ خوشي به، ماءُ جي ويجهو آيو، ۽ هڪ ڏڪندڙ آواز ۾ آن چيو، "متيا! تون ڪيڏانهن ٿو وڃين؟"

"وڃڻ ڏي هن کي!" ماءُ ڊيهڻ کان سواءِ چيو، "ڪوبه فڪر نه ڪر هن جو پهريائين مون کي به ڊپ لڳندو هو. سنهنجو پٽ انهي سڀني کان اڳ آهي. هو ڏس، جنهن جي هٿ ۾ جهنڊو آهي!"

"احمق ڪيڏانهن ٿا وڃو! ايڏانهن فوج بيٺل آهي!"

'وڃڻو پهنجي سڪل هٿ ۾ ماءُ جو هٿ پڪڙيندي هڪ ڊگهيءَ سهيءَ عورت چيو:

"اڙي ڀيڻ، ٿورو ٻڌ ته سهي! هي ماڻهو ڇو ڳائي رهيا آهن ۽ ڇا ڳائي رهيا آهن؟ ۽ منهنجو متيا به ڳڻي رهيو آهي!"

"ڊڄڻ جي ڪابه ڳالهه ناهي،" ماءُ هن کي سمجهائيندي چيو؛ "هنن جي زندگيءَ جو مقصد بلڪ مقدس آهي. ٿورو سوچ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تہ سڀئي تہ جيڪڏهن ماڻهو يسوع جي خاطر، پنهنجي جان قربان نہ ڪن ها، تہ خود يسوع جو وجود بہ نہ هجي ها!“

اوچتو اهو خيال هن جي ذهن ۾ بجليءَ وانگر روشن ٿي ويو، ۽ اهو صاف صاف ماءُ جي دل ۽ دماغ تي حاوي ٿي چڪو هو. هن ان عورت جي طرف ڏٺو جيڪا مضبوطيءَ سان هن جو هٿ پڪڙيو بيٺي هئي.

”جيڪڏهن ماڻهو هن جي خاطر، خدا جي خاطر پنهنجي جان نہ ڏين ها، تہ يسوع جو نالو ڪٿي نہ هجي ها! ۽ نہ پڻ ۾ اچي ها!“ هن هڪ ٿڪل مسڪراهٽ سان وري اهو جملو دهرايو.

سيزوف هن جي ويجهو آيو. ”اڄ تہ ماڻهو ڪاٺ ڪلايو جلوس ۾ وڃي رهيا آهن، امان!“

هن ٽوپي لاٿي ۽ هٿن کي هلائيندي، ڳاٽي تال ڏني ”ڳالهہ تي رهيو آهي، ۽ گيت بہ، ڪهڙو نہ سٺو آهي امان، ڪيئن؟ ڪنهن شيءِ کان بہ هو ڪونہ ٿا ڊڄن!“ سيزوف چيو.

ماءُ جي دل زور سان ڌڪ ڌڪ ڪري رهي هئي ۽ ان ڪري ٿي هوءَ پنهنجي رهجي ويئي هئي جلدئي هن کي ڌڪو ڏيئي هڪ طرف ڪيو ويو ۽ پوءِ هوءَ ڌڪا کائيندي اچي احاطي جي ديوار سان لڳي ۽ ماڻهو گهٽي پيڙ ۾ اڳتي وڌي رهيا هئا. ماڻهو تمام گهڻا هئا ۽ هن کي انهيءَ ڪري خوشي ٿي رهي هئي.

”اٿو مزورؤ جهاد لاءِ اٿو!“ ائين معلوم ٿي رهيو هو ڄڻ تہ ڪو پتل جو توتارو ماحول ۾ ڪنهن جنگي ڌن جي لئي وڄائي رهيو آهي، اهو ماڻهن کي بيدار ڪندو، ڪنهن کي جدو جهد لاءِ اڪسائيندو، ڪنهن کي جوش ڏاريندو ڪنهن کي سک ۽ سوڀ جي مهم کان آشنا ڪندو وڃندوئي رهيو. اُن ڪنهن جي دل ۾ لرزشون ۽ اميدون پيدا ٿي ڪيون، تہ ڪنهن جي دل ۾ غصي ۽ انتقام جا دروازا کولي ٿي ڇڏيا هر شخص اوڏانهن ڏسي رهيو هو، جنهن پاسي سرخ جهنڊو لهرائي رهيو هو.

”هو وڃي رهيا آهن!“ ڪنهن زور سان رڙ ڪئي. آواز

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪافي بلند ھو ”شاباش دوستو!“ ۽ ڇاڪاڻ تہ ھن شخص ڪا
تمام وڏي ڳالھ تي چوڻ چاھي، جيڪا لفظن جي لباس ۾ ھرگز
ڍڪجي نٿي سگھي، ان ڪري ھن ھڪ وڏي گار ڏني - ڪاوڙ
جو سمنڊ ھن جي دل ۾ ڇوليون ماري رھيو ھو.

”ڪافر!“ ڪو شخص ڪنھن گھر جي دريءَ مان ظاھر ٿيو
ھڪ ڏيکاريائين ۽ رڙ ڪيائين، ”ملڪ معظم جي خلاف، معظم
زار جي خلاف بغاوت ڪري رھيا آھن! بغاوت!“ ماءُ جي ڪنن
۾ ھڪ روئندڙ ۽ ڪڇھندڙ آواز آيو.

مرد ۽ زالون اڳيان وڌندا ويا ۽ ماءُ کي ماڻھن جي پريشان
چھرن مان اداسي چڱيءَ طرح نمايان نظر اچي رھي ھئي - ميڙ
پکين جي ولر وانگر اڳتي وڌندو ويو ۽ ائين معلوم ٿي رھيو ھو تہ
گيت جو آواز ھر ڪنھن کي اڳتي گھلي رھيو ھو. اھو گيت پوريءَ
قوت سان ماڻھن کي اڳتي وڌائي رھيو ھو. ماءُ جي اکين اڳيان
پري کان ڳاڙھي جھوليندو جھنڊي سان گڏ پنھنجي پٽ جو چھرو
ڦرڻ لڳو - ھن جي منھن ۽ چمڪندڙ اکين مان اعتماد نمايان ھو -

ھاڻي ھوءَ جلوس ۾ سڀني کان پٺتي رھجي ويئي ھئي ۽ اھڙن
ماڻھن سان گڏ ھئي جيڪي گھٽي اطمينان سان آھستي آھستي ھلي
رھيا ھئا، ۽ اھڙن تماشائين وانگر بي نيازيءَ سان سڄيءَ ڳالھ کي
ڏسي رھي ھئي، جن کي نتيجي جي پوري ڄاڻ ھئي. اھي ماڻھو
غير جذباتي ۽ ھلڪي آواز ۾ ڳالھائي رھيا ھئا.

ھڪ فوج جي ڪمپني اسڪول وٽ ۽ ٻي ڪارخاني وٽ
موجود آھي.

”گورنر اچي ويو آھي“ ”سچ!“

”مون خود ڏٺو آھي!“ ٿوري دير ٿي آھي، جو ھو آيو آھي.“

”ان ۾ تہ ڪو شڪ ناھي تہ ھو اسان کان ڊڄڻ لڳا آھن.
ٿورو سوچي تہ ڏس، فوج ۽ گورنر!“ ڳالھائيندڙ خوش ٿي گار ڏني.

اوہ، تہ وھين اڻ ڄاڻ شخص! ماءُ سوچيو، پر جيڪي لفظ
ھن ٻڌا سي بلڪل سرد ۽ دماغي ھئا - ھنن ماڻھن کان پري ٿيڻ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لاءِ هوءَ آهستي ٿورا ٿورا قدم وڌائي رهي هئي چالاڪ ته انهن ڪان اڳ نڪري وڃڻ سولو ڪم نه هو.

اوچتو انهن محسوس ٿيو ته جڻ جلوس جو اڳيون حصو ڪنهن شيءِ سان ٽڪرايو ۽ ان ڪري ان جو باقي حصو ڏنل آواز سان گڏ پنهان هئي ويو. گيت ٻه ڪجهه گهٽ آواز ۾ ٻڌڻ ۾ آيو، پر ڪجهه وقت کان پوءِ اهو وري ساڳيءَ طرح بلند ٿيو، ۽ ان جي ڌن وڌيڪ تيز ٿي ويئي. پر ٿوريءَ دير کان پوءِ آواز وري بند ٿي ويو- هڪ هڪ ٿي ماڻهن گانو بند ڪيو، پر ڪجهه ڌار آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيا، جيڪي گيت کي وري ساڳيءَ عظمت ۽ لئي تي آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيا هئا.

”اٿو مزورو، جهاد لاءِ اٿو! اٿو توهين جملي محنت ڪريو ٿا ۽ فاقا ڪيو ٿا!“ پر هن وقت آواز ۾ اهو ولولو نه هو ۽ نه ئي اهو اعتماد هو، جو ڪجهه وقت اڳ هو، ڇاڪاڻ ته ان وقت ماڻهن تي خوف گهٽو طاري ٿي چڪو هو.

ماءُ کي اڳيان ڪجهه نظر ئي نه پئي آيو ۽ هن کي اهو به معلوم نه ٿيو ته آخر ڇا ٿيو آهي- اڳيان وڌي، هوءَ انهن ماڻهن سان ٽڪرائيندي رهي، جي پٺتي هٽي رهيا هئا. ڪن جا حواس ٺيڪ نه هئا، ڪن جا سر جهڪيل هئا، ڪجهه پريشان ٿي مشڪي رهيا هئا ۽ ڪجهه طنزيه انداز ۾ سيٽي وڄائي رهيا هئا. هوءَ هنن جي چهرن ۾ ڪجهه ڳولي رهي هئي، هن جون اکيون سوال ڪري رهيون هيون، انهن ۾ التجا هئي ۽ آهي اپيل ڪري رهيون هيون.

”رفيقو!“ پاويل جو آواز آيو، ”فوجي به اهڙائي انسان آهن جهڙا اسين، هو اسان تي هرگز هٿ نه کڻندا، ۽ آخر ڇو هٿ کڻندا؟ ان ڪري، جو اسين اهڙيءَ صداقت جو اعلان ڪري رهيا آهيون، جنهن کان هرهڪ واقف هئڻ گهرجي؟ هنن کي به انهيءَ جي اينري ضرورت آهي جيتري اسان کي ٿي سگهي ٿو ته هنن کي هن وقت ان جو احساس نه هجي، پر اهو وقت

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پري ڪونهي جڏهن قتل ۽ غارت گريءَ جي جهنڊي هيٺ اسان جي مخالفت ڪرڻ بجاءِ هو آزاديءَ جي جهنڊي هيٺ اسان سان گڏجي ڪلهو ڪلهي ۾ ملائيندا. هنن جي ذهنن ۾ صداقت جو ٻج پيدا ڪرڻ لاءِ اسان کي قدم وڌائڻ گهرجي، اڳيان وڌو، رفيقو!“

پاويل جي آواز ۾ پڪو ارادو نمايان هو. هن جا لفظ بلڪل واضح ۽ صاف هئا، پر مجمع منتشر ٿيڻ لڳو، هڪ هڪ ڪري ماڻهو صفن مان پٺيان رهجندا ويا، ڪجهه گهرن جي طرف هليا ويا ۽ ڪي ٿورو پري وڃي بيهي رهيا- جلوس هيٺئر بور پاسي ٽڪنڊي جي شڪل اختيار ڪري چڪو هو، جنهن جي منڍ ۾ پاويل هو ۽ مزدورن جو جهنڊو هن جي سر تي گهٽي شان سان چمڪي رهيو هو، يا شايد جلوس هڪ ڪاري پکيءَ سان مشابهت ڏيئي رهيو هو، جو ٻر پکيڙي اڏامڻ لاءِ تيار هو، ۽ پاويل آن جي چهنب وانگر نظر اچي رهيو هو، چاڪاڻ ته هو چهنب جي جاءِ تي هو. ماءُ ڏٺو ته رستي جي منڍ تي سخت منهن وارن ڪاوڙيل ماڻهن جي هڪ ساريڪي پوري ديوار چونڪ ڏانهن وڃڻ جي رستي کي روڪيو بيٺي هئي. انهن مان هر هڪ شخص جي ڪنڌ تي ڪنور ٻرڪ جون سنگينون چمڪي رهيون هيون، ۽ اها خاموش ديوار جڻ برف جهڙو سرد ساهه کڻي رهي هئي، جنهن مزورن کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو هو. ان ڪري ماءُ تي خوف طاري ٿي ويو هو.

ماءُ ميڙ کي چيريندي، ماڻهن کي ڌڪا ڏيندي، پنهنجي لاءِ رستي ٺاهڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. هوءَ اهو رستو جهنڊي تائين پهچڻ لاءِ ٺاهي رهي هئي. جهنڊي جي گرد وڏو مجمعو ٿيو. هن مجمعي ۾ هن جا ڪي واقف ماڻهو هئا ۽ ڪي ناواقف هن جو اوچتو هڪ وڏي ڏاڙهيءَ واري ڪاٺي ماڻهوءَ سان ٽڪر ٿيو جنهن جي ڪيس پٺ لڳي هئي.

”تون ڪير آهين؟“ آن ماڻهوءَ منهن ورائي هن کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

”پاويل ولاسوف جي ماءُ آهيان،“ هن چيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ماءُ هن کي احساس ٿي رهيو هو ته هن جا ڳوڙها وسامي رهيا هئا ۽ هن جون هيٺيون چپ ڏڪي رهيو هو.

”آها، جيڪا ڪجهه ڪندي هئي!“ ڪاڻي شخص چيو.

”رفيقو!“ پاويل جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، ”سڄي زندگي اسان کي اڳتي وڌڻ گهرجي، اسان لاءِ هاڻي ٻيو ڪو به رستو ناهي!“

ماڻهو خاموش ٿي ويا. جهنڊو ڪجهه بلند ٿيو، هڪ ساعت لاءِ ڦڙڪيو، پوءِ ماڻهن جي سرن مٿان ڦڙڪندو اڳتي وڌڻ لڳو هاڻي آهو فوجين جي پوريءَ ديوار جي طرف ڪيو پئي ويا. ماءُ ڏڪي ويئي. هن ڪي ڳيڙڙي پٺجي ويئي، ۽ هوءَ ٽپيءَ ۾ پٺجي ويئي. هن پنهنجيون اکيون بند ڪري ڇڏيون هيون فقط چار شخص، پاويل، آندري، سموئلوف ۽ مازن، مجمع کان ڌار ٿي ويا هئا. هوا ۾ فيدور مازن جو آواز گونجڻ لڳو:

”توهين شهيد ٿيا! توهان هڪ عظيم قرباني ڏنو!“

۽ هلڪي آواز ۾ ان جو جواب هي مليو ڄڻ ته ڪو وڏو ساهه کڻي رهيو آهي.

”هن مشڪل جنگ ۾....“

هو موسيقيءَ جو آواز بلند ڪندا ۽ تال ڏيندا اڳيان وڌندا ويا.

فيدور جي آواز ۾ رواني هئي.

هن آواز ۾ اعتماد هو ۽ پڪي ارادي جو اعلان هو.

”توهان سڀ ڪجهه قربان ڪري ڇڏيو، جيڪي ڪجهه توهان وٽ آهي....“

۽ هن جي رفيقن پڻ مصرع کي کنيو:

”آزاديءَ جي خاطر....“

”هو! هو!“ ڪنهن پاسي کان وحشي نڏيءَ جو آواز آيو.

”مرثيا پڙهي رهيا آهن، حرامزادا!“

”چڪانئينس ڪو مڪ جو مزو!“ غصي سان ڀرڀل هڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

ماءُ پنهنجي سيني کي هٿ سان دٻايو ۽ چئني طرفن ڏانهن

ڏنو. هن ڏنو ته مجمعو، جو اڳي سڄي رستي تي پکڙيل هو، هاڻي هنن چئن ڪي جهنڊو ڪٽي ويندي ڏسي، واڙو تي بيٺي رهيو هو. اٽڪل هڪ درجن جلوس جا ماڻهو هنن جي پويان وڃي رهيا هئا، پر هر قدم تي ڪو نه ڪو پويان رهجي ٿي ويو. اٺين معلوم ٿي رهيو هو ڄڻ ته رستي جي پٿرن ڪري سندن پير ڇڇي رهيا هئا.

”زور جو هر حالت ۾ خاتمو ٿيندو،“ فيدور گهٽي جوش ۾ ڪڍيو ۽ ٻين هر آواز ٿي جواب جو اعلان ڪيو.

”ماڻهو ضرور بيدار ٿيندا“ هنن جي ڪاڻ سان گڏ خوف جون ڪي لهرون به شامل هيون.

”هاڻي حڪم ٿيڻ وارو آهي.“ ۽ ان وقت سامهون واري طرف کان هڪ آواز آيو:

”بندوقون سنڀاليو!“

سنگينون لڏنديون وڌنديون آيون - ايترو، جو اڳيون وڌي، جهنڊي سان اچي لڳيون. ۽ هو جهنڊي وارن تي اکيون ڦوٽارڻ لڳا.

”اڳتي وڌو!“

”هو اچي ويا ....“ ڪاٺي ماڻهوءَ پنهنجي کيسي ۾ هٿ وجهندي، هڪ طرف مڙندي چيو.

ماءُ بنا اک ڇنڀڻ جي ڏسي رهي هئي. فوجين جي ڀوري لهر رستي جي پوريءَ ويڪر تي پکڙجي ويئي ۽ گهٽي رعب سان اڳتي وڌي ويئي هنن جي سنگينن جون تيز نوڪون چمڪي رهيون هيون ڏيکا ڏيکا هنن جي قطار روڪجي ويئي. هن ڏٺو ته آندري پاويل جي اڳيان اچي ويو هو، ۽ هو ان جي ڍال ٿي بيٺو هو. هنجي ڪري جسم پاويل کي پنهنجي پٺيان سڄو لڪائي ڇڏيو هو.

”هڪ طرف هٽي وڃو!“ پاويل رڙ ڪري چيو آندري پنهنجي پٺيان هٿ ٻڌي ڪاڻي رهيو هو. پاويل هن جي ڪنڌ کي جهٽڪو ڏيئي هڪ پاسي ڪري ڇڏيو: ”منهنجي پاسي ۾ هل! جهنڊي کي سڀ کان اڳ ۾ رهڻ ڏي!“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”ڪِڪَ پَڻ تي وڃو!“ هڪ آفيسر پنهنجي باريڪ آواز ۾ حڪم ڏنو.

هن تلوار کي سڌو ڪيو، هن جون ڪڙيون مٿي ٿيون. ۽ پوءِ گوڏا جهڪائي هن بوٽ جا ترا زور سان پاڻ ۾ ٽڪرايا.

ماءُ جون نظرون هن جي بوٽ جي پالش تي لڳل رهيون.

هن آفيسر جي پٺيان هڪ ڊگهي قد وارو شخص هو، جنهن جي لسي چهري تي گهاٽين مڇن جو مڇو ڇهڻل پئي ڏنو.

ڊگهو ڪوٽ، بنا پٽي پتلون جنهن جي پٽن جو رنگ هيڊو هو، ڳرو ڀريل جسم هن جا ٻه پيئي هٿ پٺيءَ پوئتان ٻڌل هئا.

هن پنهنجا گهاٽا ڀرون مٿي ڪٺي ٻنويل کي ڏنو.

۽ ماءُ! — ائين معلوم ٿي رهيو ته نه ڪنندڙ نگاهن سان هنن کي تڪي رهي هئي. هن جيئن ساه کنيو ٿي تيئن ائين ٿي ڏنو ته چاڻ هن جو سينو ڦاٽو.

هن جي چپن مان رڙ نڪرڻ گهربو ٿي مگر آها هن کي نڙيءَ ۾ ئي گهٽجي ويئي ٿي خبر نه آهي ته ڇو؟ هوءَ پنهنجي ڏاڍهن کي اهڙيءَ طرح ڏٻائي رهي هئي، ڄڻ هن پنهنجي ٻنهي هٿن سان سيني کي قابو ڪري جهليو هو.

هوءَ ٿڙڪي رهي هئي ۽ بنا سوچي سمجهي اکيني وڌندي ويئي. هن جو احساس بيجان ٿي چڪو هو، هوءَ فقط ايترو سمجهي رهي هئي ته هن جي پٺيان ايندڙ هجوم ڪر و ڪر ٿي رهيو هو.

انهن جي لڏندڙ مٿن تي سرد هوا لڳي، ۽ هو خزان جي ٻنن وانگر هڪ ٻئي تي اڏامندا ويا.

سرخ جهنڊي جي چوڌاري ماڻهن جا هٿ گهٽبا ويا، ۽ هن کي رستي تي فوجين جا چهرا صاف صاف ڏيکائي ڏيئي رهيا هئا.

انهن جي قطار ۾ الڳ الڳ رنگن جون اکيون چمڪي رهيو هيون.

۽ هن جي اکيان ٻانيءَ جي لهرن وانگر سنگينون چمڪيون پئي.

انهن سنگينن جو رخ ماڻهن جي سينن ڏانهن هو، پر اهي اجا رڳو انهن کي ٻاڻ ڪان پري رکڻ جي ڪوشش ڪري رهيون هيون.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ماءُ جي پويان اُنهن ماڻهن جي قدمن جو آواز اچي رهيو هو، جيڪي پٺيان رهيا هئا."

گهٻرايل ۽ پريشان آواز ٻڌجي رهيا هئا.

"دوستو، پکڙجي وڃو!"

"ولاسف پڪڙيو!"

"پاويل موتي اچ!"

"پاويل جهنڊو هيٺ ڪر!" نڪولائي وسوف شيڪوف ڪهري آواز ۾ چيو. "اهو مون کي ڏي، آءٌ ان کي لڪايان ٿو".

نڪولائيءَ اُئين چوندي، اچي جهنڊي جي چڙهه ۾ هٿ وڌو. جهنڊو لڏڻ لڳو.

"ڇڏ! هن کي ڇڏي ڏي!!" پاويل گرجدار آواز ۾ چيو. نڪولائيءَ پنهنجو هٿ پويان هٽايو! بلڪل اهڙيءَ طرح جيئن ڪنهن جو هٿ اتفاقي باهه ۾ پوڻ ڪان پوءِ هٽندو آهي.

گيت ختم ٿي ويو.

پاويل جي چوڌاري ڪي ماڻهو گڏ ٿي ويا، ليڪن هو انهن جي مجمع کي چيري اڳتي وڌيو.

هڪدم چئني ئي پاسي خاموشي ڇانئجي ويئي.

جهنڊي جي گرد ويهارو ماڻهن جو مجمعو هو، ۽ اهو اجا مضبوطيءَ سان ڪٺو ٿيو بيٺو هو.

ماءُ ڏٺو ته هوءَ انهن جي طرف ڇڪجي وڃي رهي هئي. هن هن سان ڪجهه ڳالهائڻ گهريو ٿي.

"ليفٽيننٽ هي جهنڊو هن جي هٿن مان ڦري وٺ!"

هڪ پوڙهي بوري پنو قد واري شخص جي واتان اهي اکر نڪتا، ۽ هن آڱر سان جهنڊي جي طرف اشارو به ڪيو. اڳيون ڊگهي قد وارو شخص پاويل تي ٽٽي پيو ۽ هن وڏي جهنڊي جي لٺ ۾ اچي هٿ وڌو —

"هن کي ڪيرائي ڇڏ!"

سرخ جهنڊو هوا ۾ لڏڻ لڳو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪيڏيءَ مهل ڪاٻي طرف مڙيو ٿي ۽ ڪيڏيءَ مهل ساڄي طرف ۽ وري بلند ٿي ويو ٿي.

ڊگهي قد وارو آفيسر پوئتي هٽي ويو ۽ بيهي رهيو.

ماءُ نڪولائيءَ کي همت ڏياري رهي هئي، هو مٺيون پيڙي وڃڻ لڳو.

”پڪڙيوس!“ پوڙهي حشمت پريل آواز ۾ چيو ۽ زمين تي زور سان پير هنيو.

ڪي ٿورڙا سپاهي اڳتي وڌيا، جن مان هڪڙو پنهنجو بندوق جو ڪنداڪ هوا ۾ لهرائي رهيو هو. جهنڊو هڪ دفعو وري ٻه لڏيو ۽ .... ڪري پيو .... ڪري پيو ۽ هجوم ۾ غائب ٿي ويو.

”آه“ ڪنهن سور منجهان ڪنڌي چيو.

ماءُ هڪ وحشي ڏرنڌي وانگر چيخ ڪئي، ليڪن پاويل جي صاف ۽ ڪليل آواز سپاهين جي هجوم مان ماءُ کي جواب ڏنو.

”خدا حافظ، امان، خدا حافظ!“

”هو جيئرو آهي!“

ماءُ جي دل تي ڪاري ضرب لڳي.

”خدا حافظ امان، منهنجي پياري امان، خدا حافظ! آندري جو آواز هو.

ماءُ پنهنجو هٿ مٿي ڪري لوڏيو. هوءَ ڪڙيون مٿي ڪري ڏسڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي، آندري جو گول چهرو ڏيکارڻي ڏيئي رهيو هو، هو کليو پئي ۽ سر جهڪائي سلام ڪري رهيو هو.

”منهنجا ٻچا آندروشا، پاشا!“ هن دانهن ڪئي.

”خدا حافظ ڪامريڊو!“ هنن سپاهين جي هجوم مان چيو.

هڪ ٽٽل ۽ مغموم پڙاڏو پڌڻ ۾ آيو، اهو پڙاڏو، مڪانن جي درين ۽ ڇتين تان اچي رهيو هو.

ماءُ محسوس ڪيو ته ڪو هن جي سيني کي دٻائي رهيو آهي. ماءُ ڏنڌليل اکين سان ڏٺو، هيءَ وچولي قد جو هڪ آفيسر

هو. هن جو چهرو سرخ ۽ چڪندڙ هو. هو رڙ ڪري چئي رهيو هو -
”پوڙهي عورت! هتان هلي وڃ!“

ماءُ هن تي نظر وڌي ماءُ ڏٺو ته جهنڊي جي بانس جي لٺ هن جي پيرن ۾ ٽڪر ٿي پيئي هئي. ڪاٺيءَ جي هڪ ٽڪر ۾ ڳاڙهو ڪپڙو بي ترتيبيءَ سان ويڙهيو پيو هو.

ماءُ جهڪي ۽ هن انهيءَ ٽڪر کي کنيو.

آفيسر، اهو جهنڊو هن جي هٿن مان ڦري، پري اڇلائي ڇڏيو، ۽ زمين تي پير هڻندي چيو -

”آءٌ توکي چئي رهيو آهيان ته هتان هلي وڃ!“

هڪ گيت سپاهين جي هجوم ۾ بلند ٿيو.

”اٿو، جاڳو، اي مزورؤ!!“

هر هڪ شيءِ ڦرندي نظر آئي ٿي، هر شيءِ ور پئي کاڌا ۽ هرڪا شيءِ ڌڪي رهي هئي.

۽ هڪ خوفزده گوڙ، ٽيليفون تارن جي لرزش سان مشابهت رکندڙ، هوا ۾ پرڄي ويو، آفيسر پوئتي هٽي ويو، ۽ هن فوجين کي حڪم ڏنو -

”سارجنٽ ڪريانف! هن گيت کي بند ڪراءِ!“

ماءُ وڏي آهو جهنڊو کنيو، جو آفيسر پري اڇلائي ڇڏيو هو.

”هن جي منهن کي ڪپڙي سان بند ڪر“

گيت جي لئي آهستي آهستي بند ٿي ويئي، ڪنهن اچي ماءُ کي ڪند کان جهليو، هن جي چهري کي ڦيرائي پاڻ ڏانهن ڪيو ۽ رنڀندي چيو:

”وڃ هلي! آءٌ تو توکي چوان ته هتان هلي وڃ!!“

ڏهن قدمن جي مفاصلي تي ماءُ هڪ وڏو انبوهه ڏٺو.

اهو انبوهه گوڙ ڪري رهيو هو.

اهو انبوهه دانهون ڪري رهيو هو.

اهو انبوهه سيٽيون وڄائي رهيو هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اهو انبوهه آهستي آهستي گهٽيءَ ۾ غائب ٿي رهيو هو، ۽ گهرن جي حاطن ۾ داخل ٿي رهيو هو.

”وڃ هلي وڃ!“ هڪ وڏين مڇن واري آفيسر رڙ ڪري چيو.

هن ماءُ کي ڌڪو ڏنو.

ماءُ هلڻ لڳي، هوءَ جهنڊي جي بانس تي جهڪي،

هاڻ هوءَ ٽڪو ٽڪو هاڻ لڳي، مگر هن جون ٽنگون ڏڪڻ لڳيون. هوءَ پٿر جي ديوار جي سهاري هلڻ لڳي. هوءَ ٻهرين انهيءَ ديوار ني هٿ رکي، آن جي آڌار تي اٿي بيٺي، ۽ پوءِ آهستي آهستي ٽڙندي ٽڙندي هلڻ لڳي.

ماڻهو هن جي پٺيان هلڻ لڳا.

سپاهي هنن جي پٺيان شور مچائي رهيا هئا.

وڃو! وڃو!!

ماءُ ڏٺو ته، ماڻهو وري سوڙهي گهٽيءَ ۾ گڏ ٿيڻ شروع ٿيا آهن. جيڪي هنن کي پڇائي رهيا هئا، اهي هاڻي پوئتي بيهي رهيا. ٿورڙو پري

پيا فوجي اجا ماڻهن کي ڇڙوڇڙ ڪري رهيا هئا.

ماءُ واپس وڃڻ نٿي گهريو. مگر ڪنهن اڻ ڄاتيءَ مجبوريءَ سان هوءَ اڳتي هلندي رهي هن جي سامهون هڪ گهٽي آئي، هيءَ آن ۾ هلي ويئي، ۽ هڪ پيرو وري به بيهي رهي.

هن نهايت ڏکوئيندڙ حالت ۾ هڪ سرد، آه ڀري .... هوءَ ٻڌڻ لڳي، ڪٿان ڪن گڏيل آوازن جي گونج هن جي ڪنن تي پيئي جهنڊي جي لٺ تي جهڪي، هوءَ اڳتي وڌي. هن جا ڀرون ڦڙڪي رهيا هئا ۽ پاڻ پگهر ۾ شل هئي.

هن جا چپ به ڏڪي رهيا هئا.

هن جا هٿ لڏيا، هن کي لفظ چوڻ تي گهريا، جيڪي هن جي دل ۾ شعلن وانگر ڀڙڪي رهيا هئا.

هن جي خواهش هئي ته هوءَ زور سان چيخ ڪري، هن جي خواهش هئي ته هوءَ ڪا ڳالهه ڪري.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پاسي واري گهٽي ڪاهي طرف مڙي ٿي.
ماڻهو ڪنڊ تي ماڻهن جو هجوم ڏٺو.
ڪو وڏي آواز سان چئي رهيو هو.
”هو رکيو پنهنجي دليري ڏيکارڻ لاءِ سنگينن جي سامهون
ڪونه ٿي ويا.
”اها ڳالهه ياد رک.......“
”تو هنن کي ڏٺو!....“
”سپاهي هن ڏانهن وڌيا ٿي، ته به هو بيخوف سينو تاڻيو
بيٺا هئا.... ڪيئن....“
”پاشا ولاسف کي ڏٺئي!....“
”هو نئيڙو روسي، جو پنهنجي پنيان هٿ ٻڌيو بيٺو هو!“
”منهنجا پيارؤ!ــ منهنجا پيارا ماڻهوئو!“ ماءُ هجوم کي
چيريندي ۽ دانهن ڪندي چيو.
ماڻهن سندس احترام ۾ هن لاءِ هٽي رستو ڪيو.
هنن ۾ هڪ ماڻهوءَ کلي چيو:
”هن کي ڏسو، اڃا به جهنڊو هن جي هٿ ۾ آهي.“
”چپ رهو!“ ڪنهن سخت لهجي ۾ چيو.
ماءُ پنهنجي ٻانهن کي ڊگهو ڪيو، ۽ چيو:
”خدا جي واسطي منهنجي ڳالهه ٻڌو، اوهين سڀئي نيڪ
آهيو، منهنجا ٻچا! دليريءَ کان ڪم وٺو. بيخوف ٿي پنهنجي
آسپاس کي ڏسو. خوف نه ڪريو،
”اسان جا ٻچا، نئينءَ دنيا ۾ قدم رکي رهيا آهن! ها
اسان جا ٻچا!!
”اسان جي رت کي سچ لاءِ وهايو پيو وڃي، پنهنجي دل
۾ خلوص ۽ ديانت کي جاءِ ڏيئي، هو هڪ نئون رستو کولي
رهيا آهن.
هڪ سڌو ۽ صاف رستو.
”اهو رستو سڀني لاءِ آهي.“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”اهو رستو اوهان لاءِ به آهي.“

”هنن اوهان جي ٻچن لاءِ، پاڻ تي هڪ مقدس فرض عائد ڪيو آهي.“

”هو نئون ڏينهن جي سچ جي تلاش ۾ آهن، هڪ اهڙي سچ جي تلاش ۾ جو هميشه چمڪندو رهي.“

هو هڪ نئين زندگي گهرن ٿا.

”سچ، انصاف ۽ چڱائيءَ واري زندگي به“

هن جي دل ڌڙڪي رهي هئي ۽ هن جو سينو ڪشادو ٿي رهيو هو، هن جي نڙي سڪي ويئي هئي هن جي دل جي گهراين ۾ نوان لفظ جنم وٺي رهيا هئا.

محبت جا لفظ.

پنهنجي آغوش ۾ سميٽڻ وارا لفظ.

جن لفظن هن جي زبان کي جڪڙيو هو ۽ هن جي زبان آزاديءَ سان هن جي وات ۾ هلي رهي هئي-

هر طرف خاموشي ڇانيل هئي. جڏهن هجوم جو دائرو هن جي آسپاس تنگ ٿيندو ويو، تڏهن هن انهن کي ڏٺو ته هو ڪجهه سوچي رهيا هئا.

هن جي دل چئي رهي هئي ته هو انهن ماڻهن کي چوي ته اوهين سڀ منهنجي پٽ جي نقش قدم تي هلو! آندريءَ جي نقش قدم تي هلڻ جي هدايت حاصل ڪريو، جيڪي پوليس جي هٿان گرفتار ٿي چڪا هئا! ۽ هن چاهيو ٿي ته هوءَ انهن کي چوي ته جيڪي ماڻهو اڪيلا رهجي ويا آهن، تن جي پيروي ڪريو.

هن وري انهن ماڻهن کي ڏٺو، جن جو ڌيان ڏانهس ڇڪيل هو ۽ جيڪي خاموش بيٺا هئا.

هن وري پنهنجي تقرير شروع ڪئي.

”اسان جا ٻچا دنيا ۾ خوشيءَ جي طرف قدم وڌائي رهيا آهن.

”هنن جا اهي قدم اسان سڀني لاءِ آهن، هنن اها قرباني مسيح جي سچائيءَ لاءِ ڏني آهي-

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

” هنن آنهن سڀني ماڻهن جي خلاف احتجاج ڪيو آهي، جن اسان کي دغا ڏني، اسان سان فريب ڪيو ۽ اسان سان رياڪاري ۽ جعلسازي ڪري اسان کي تباهه ڪيو آهي.

” منهنجا پيارا ماڻهوؤ! منهنجي ٻچن جو خون اوهان جي اها حالت ڏسندي، ٿهڪي اٿيو آهي.

”دنيا لاءِ، دنيا جي ماڻهن لاءِ، دنيا جي مزورن لاءِ آنهن سر ڌڙ جي بازي لڳائي آهي. جڏهن اهو سڀ سچ آهي ته پوءِ اوهين ڇو ٿا انهن کان پاسو ڪريو. انهن تي الزام نه لڳايو، هنن کي اڪيلو نه ڇڏيو، اوهين پنهنجي ٻچن کي هڪ سنسان اڪيلي رستي تي نه ڇڏيو. هنن جو ڪجهه ڪيو آهي، سو سڀ انهيءَ لاءِ ته هو اوهان کي سچائيءَ جو رستو ڏيکارين ۽ اوهان کي انهيءَ رستي تي هلائين. اوهين پاڻ تي رحم ڪريو.

” هنن سان محبت ڪريو.“

’ هنن جي دلين کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو.‘

” هنن جي دلين تي اعتبار ڪريو، جن ۾ سچائيءَ جنم ورتو آهي ۽ سچائيءَ جي باهه هنن جي دلين ۾ ڀڙڪي رهي آهي. هو سچائيءَ لاءِ مري رهيا آهن.

” اوهين انهن تي ڀروسو ڪريو ....“

هن جو آواز ٽٽي پيو ........ هوءَ ڪرڻ لڳي، هن جي طاقت هن کي جواب ڏنو .... ڪنهن وڏي اچي هن کي ٻانهن مان ورتو.

” اڙي هيءَ ته ڪيڏا نه سچا لفظ بيان ڪري رهي آهي!“

ڪنهن ڀريل گلي واري آواز ۾ چيو - ” بالڪل سچا لفظ! منهنجا نيڪ دوستو!“

هڪ ٻئي آواز هن تي رحم کائي چيو، ” ذرا ٻڌو ته، سهي ته هوءَ پنهنجي پاڻ کي ڪيتري قدر نه تڪليف ڏيئي رهي آهي!“

” بيوقوف! هن پنهنجي پاڻ کي تڪليف نه ڏني آهي، پر هوءَ اسان جهڙن تي سخت ڏنڊا وسائي رهي آهي، سمجهڻ جي

ڪوشش ڪر!“ هڪ ڏڪندڙ مگر بلند آواز مجمعي جي شور ۾ اڀريو.

”سچي اعتقاد وارن جا همراهؤ! منهنجي پٽ، متيا، ڇا ڪيو آهي! هو پنهنجي پيارن سان گڏ هليو ويو آهي. نلوونا اوهان جي اڳيان سچائيءَ کي بيان ڪيو آهي. اسين پنهنجن ٻچن جو سات ڇو ڇڏيون؟ هنن اسان جو ڇا بگاڙيو آهي؟“

متيا جي ماءُ جي انهن لفظن جي سچائيءَ تي نلوونا پڙڪو کائي آئي.... ۽.... هن جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا!

”نلوونا منهنجي ماءُ، تون گهر وڃ! تون ٿڪجي پيئي آهين!!“ سيروف وڏي ۽ مٺي آواز سان چيو. هن جو چهرو زرد هو ۽ هن جي ڏاڙهي منجهيل هئي ۽ بڪا پڪ هن پنهنجا پرون سوڙها ڪندي، آس پاس جي نگاه دوڙائي، ۽ هو هڪدم ڪرڙو ٿي بيٺو، ۽ چوڻ لڳو:

”منهنجو پٽ ماتفي فيڪٽريءَ ۾ ڪم ڪندي چچرجي ويو، اوهان کي اها خبر آهي؟ جيڪڏهن هو جيئرو هجي ها، ته آءٌ جيڪر خوشيءَ سان هن کي آزاديءَ جي امنگن رکيندڙن سان گڏ فوجن جي سامهون موڪلي ڏيان ها، ۽ چوانس ها ته، وڃ ماتفي! تون سچائيءَ ۽ هڪ اوچي آدرش لاءِ وڃي رهيو آهين.“

هو يڪا يڪ رڪجي ويو، چئن ڌي پاسي هڪ عجيب خاموشي طاري ٿيل هئي، هر هڪ شخص ڪنهن عظيم طاقت جي زير اثر هو، هاڻ ڪنهن کي ڪنهن ڳالهه جو خوف نه رهيو هو.

سيروف پنهنجو هٿ مٿي ڪنيو، ان کي لوڏيو ۽ پنهنجي ڪلام کي جاري ڪيو.

”هڪ پوڙهو توهان سان ڳالهائي رهيو آهي، اوهين مونکي سڃاڻو ٿا.

٣٩ سالن کان هتي ڪم ڪري رهيو آهيان، منهنجي عمر

۵۳ سال آهي، اڄ هن منهنجي پاڻئي کي گرفتار ڪيو آهي، منهنجو پاڻيو نهايت سجهو چوڪرو آهي.

"هو به سيٺي جي اڳيان هو ۽ ولاسف سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلي رهيو هو.

"جهنڊي جي ساڄي طرف هو به موجود هو."

سيزوف هٿ کي چوريو ۽ ماءُ جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتو.

"هن عورت صاف ۽ حقيقت کي بيان ڪيو آهي. اسان جا ٻچا عزت جي زندگي گذارڻ ويا آهن، مگر اسان هنن جو ساٿ نه ڏنو ۽ هنن کان جدا ٿي پنهنجي گهرن ڏانهن هليا آيا آهيون.

"نلوونا! هاڻ تون وڃ!!"

هن ماءُ کي التجا ڪندي چيو.

"منهنجا عزيزو، ماءُ ڪجهه ڏکياري نموني ۾ چيو.

"زندگي اسان جي ٻچن لاءِ آهي، ۽ موت انهن لاءِ آهي، جيڪي انهن کي پڪڙي وٺي ويا آهن"

"وڃ نلوونا! هيءَ لٺ کڻيو وڃ، هن جي ٽيڪ تني تون گهر پهچي ويندين."

سيٺي ماءُ جي طرف ادا سائيءَ ۽ عزت جي گڏيل نگاهن سان ڏسي رهيا هئا.

همدرديءَ جي آوازن جي گونج هن جو ساٿ ڏيئي رهي هئي.

سيزوف خاموشيءَ سان ماڻهن کي هن جي رستي تان هٽائي به رهيو هو ۽ هن سان گڏ به هلندو آيو.

ماڻهن هن جي پٺيان هلڻ شروع ڪيو. رستي ۾ سيٺي پاڻ ۾ ڳالهه ٻولهه ڪندا آيا. پنهنجي گهر جي در تي پهچندي هوءَ جهنڊي جي ڪاٺيءَ تي جهڪي، ۽ هن سڀني شڪرانو بجا آندو.

"اوهان جي مهرباني!"

هن نرميءَ سان چيو ۽ ساڳئي وقت ڪن لفظن هن جي دل ۾ جنم ورتو، مهرباني، چوڻ کان پوءِ هن چيو، "اسان جو

مسيح ڪڏهن به نه اچي ها، جيڪڏهن ان واسطي ماڻهو هن جي عظمت ۽ جلال لاءِ قربانيون نه ڏين ها.

هجوم خاموشيءَ سان هن ڏانهن ڏٺو، هيءُ هڪ ڀيرو وري به هنن ڏانهن جهڪي، ۽ پوءِ گهرجي طرف هلي ويئي، سيزوف سر جهڪائي هن جي پٺيان هلڻ لڳو.

ٿوري دير تائين هجوم هنجي گهرجي دروازي تي بيٺو هو ۽ هنن پاڻ ۾ ڳالهيون پئي ڪيون، ۽ آهستي آهستي هڪٻئي کان جدا ٿي ويا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٿُو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَر جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪاٿائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)